Dear hashmat

This book titled ‘Ved Parkash’ was authored by Deep Chander Belani, and this electronic version is being sent to you for uploading by esaakhi, an ebooks section of saakhi sangat ( kitab dost, book friends ).

This pre publication version is sent for review by visitors of ur website to have their views before its publication.

Moreover any one interested for its publication is welcome and may please contact us.

esaakhi@gmail.com

# فهرست

ويدن جي اهميت :ڪالھ، اڄ ۽ سڀاڻي ـ ڇو؟

مهاڳ

رايا

# پومڪا

## منتر

1 _ گايتري منتر

2_ براين ڪان بچاءِ _ چڱائي ڏي

3 _ دئوي جيون جو نتيجو

4 _ سڌي مارگ تي هلاءِ

5 _ جيون مارگ

6 _ پاپ جي پرائشچت

7 _ ڌرم جي اِستاپنا

8 _ پاڻ ڪي پر ٻوڌ

9 _ وستار _ واڌارو

10 _ رڪشا ۽ سواها

11 _ من جو اَچڻ

12 _ جاڳ تہ لڳيئي پاڳ

13 _ جيئڻ جو ڍنگ

14_ ڪرم ڪندو رھ

15_ ديوتائن جي ٻڌي پراپت ڪريون
16 _ ندي پار ڪريو
17 _ حقيقي منش بڻجو
18 _ سنُو سوار ٿيءُ
19 _ زندگيءَ جي راھ
20 _ سڌارڪ
21 _ پنھنجا پراوا ٿيا
22 _ مئلن جي چنتا نہ ڪر
23 _ انتيءَ جي مارگ
24 _ سندر سکيا
25 _ شيوا ڪريون _ آنند پايو
26 _ آشيرواد
27 _ آتم ٻوڌ
28 _ پاڻ کي پاڻ ڻاھيو
29 _ پرتاپي ڪير؟
30_ زندگيءَ جا ڍنگ

31 _ پتا سمان سکي رکُ
32 _ اوءج _ خوشحالي
33 _ وڏندا هلو
34 _ براين جو تياگُ
35 _ سکُ شانتيءَ جي راهُ
36 _ سداچار جو رکشڪ
37 _اَشانتي ۾ شانتي
38_ پاڻ کي ڀاڳوان بڻاءِ
39 _ مهان سوءِ ڀاڳيہ
40 _ واڌاري جو مارگُ
41 _ بي ڊپائي
42 _ دويش روپي درياهُ کان پار پئو
43 _ موءت کي ٿڏيو
44 _ ڪيئن هلون؟
45 _ جيوَن يڏ
46 _ ست مارگُ تي هلون

47 _ پوتر واٽي ڪلياڻڪاري
48 _ اُنتيءَ جي راهه
49 _ دکيءَ جي پڪار
50 _ پرڀوءَ جي طلب
51 _ ڪرڻي، شڪشا ۽ جوتي ڏي
52 _ سهيوگ جي سکيا
53 _ تون ئي اسان جو ماتا پتا
54 _ ديوتا
55 _ جيئڻ وانگر جيءُ
56 _ پرڪاش جو دان
57 _ مهمان جي مهما
58 _ ڪٽنب ۽ آنند
59 _ ڪال جي مهما
60 _ ڪلياڻ مارگ تي هلو
61 _ اَن ۽ اَن دانيءَ جو پرتاپ
62 _ پرڀوءَ جي شڪتي

63 _ پاڻ تي آڌار
64 _ مهمان ٿيڻ جو مارگ
65 _ کهڙو يگيہ سڦل ٿيندو
66 _ تپسوي جيوَن
67 _ بي داغ جيوَن
68 _ کلياڻڪاري ويچارن وارو من
69 _ سوپ جو راز
70 _ ٿي رنڊڪون
71 _ خبردار
72 _ پتي پتنيءَ جا فرض
73 _ دل جو پيالو
74 _ هيڪڙائيءَ کي پراپت
75 _ پسن سان پيار
76 _ پڪار
77 _ گيان جو دان
78 _ وڏيءَ عمر جو راز

79 _ اڪيلو ڪائيندڙ پاپي

80 _ سواڏ يايہ ڪريو

81 _ خوب ڪمايو ۽ دان ڪريو

82 _ شخصيت

83 _ پرپوءَ جي پرجا ٿيون

84 _ دويہ سنديش

85 _ اعليٰ اِنسان

86 _ ٻہ پنڪہ

87 _ ودوان

88 _ گيانيءَ جو مکہ

89 _ ڪشيل زندگي

90 _ ماتا ڪهڙو پٽ جڻي

91 _ ٻہ هٿ

92 _ زيادهہ ڪلياڻ

93 _ وديا ناس نٿي ٿئي

94 _ صحيح مارگہ

95 ـ گرو کھڙو

96 ـ سلسلو جاري

97 ـ جيوَ جو اَڌڪاري

98 ـ بري جو برو

99 ـ پاپي ۽ پرميشور

100 ـ ڀڳوان ويد

101 ـ ڪرم ڦل

102 ـ تپ ۽ ديڪشا ڀلو ڪندڙ

103 ـ آتما جو آواز

104 ـ پرماتما جي کوج

105 ـ جڳياسو کھڙو هجي

106 ـ ڀلائي ڇا ۾؟

107 ـ سويم ڪرت جيوَن

108 ـ ديوي ۽ راڪشي واٽي

109 ـ ڪو دشمن نہ رهي

110 ـ جڳ موهت ٿئي

111_عزت جو راز

112_ڪاميابيءَ جو راز

113_ مٽي چڙهندڙ ٽيون

114_ مٽي چڙهندڙ جو ڏينگ

115_ اگنيءَ جي استتي

116_ مٽي چڙهڻ

117_ سندر مارگ

118_ اوچو اڏام

119_ پاپ ڪان بچاءِ

120_ بي پتا

121_ آتم لوڪ

122_ ورت جي پالنا

123_ سڪي ڪيئن ٽيون؟

124_ پٽيه لوڪ

125_ چوءِ مکي رکشا

126_ جيوَن ڏن

127_ ورڪا ڪر

128_ آتم ڏن

129_ دئت

130_ دئت لوڪ

131 _ اسانجي ڪامنا

132_ ستيہ جي ڏوري

133_ سندر سکيائون

134_ ست چوتر

135_ آتم سڌار

136_ سنجم

137_ پوترتا

138_اسانجو وهنوار

139 _نيڪيءَ بديءَ جي راهہ

140 _ پاپ ! هٿ

141 _ جيوَن جي ساڌنا

142 _ ڪام اگني

143_ سروَ ناش جا سبب
144 _ اوءج جي راهہ
145_ سکي پروار
146_ ڪيئن رهون ؟
147 _ منورٿ جي سڌي
148_ شرڌا
149 _ شانتي
150 _ تنگدلي
151_ ستيہ جي پراپتي
152 _ برهمچريہ
153_ يشسوي ٿيون
154_ پراُپڪار
155 _ سمانتا جو سنديش
156 _ شوَ سنڪلپ 1
157_ شوَ سنڪلپ 2
158_ شوَ سنڪلپ 3

159_ شوَ سنڪلپ 4
160_ شوَ سنڪلپ 5
161_ شوَ سنڪلپ 6
162_ داتا در اَر داس
163_ سنگتن سان اُنتي 1
164_ سنگتن سان اُنتي 2
165_ سنگتن سا اُنتي 3
166_ سنگتن سان اُنتي 4
167_ لوڪ پر لوڪ جو پلو
168_ برهم گيان سان مڪتي
169_ پاپ جي ڪمائيءَ کان بچو
170 _ اَرداس
171 _ ماتر پوميءَ لاءِ بليدان
172 _ اَمر سنديش
173_ سچ تہ بيٺو نچ
174 _ يگيہ مهما

175 _ ڪمزورن جي سهائتا

176 _ پراڻن سان پاپ تي سوپ

177 _ اَپاسنا جو ساڌن ۽ وقت

178 _ راشٽريہ پراٿنا

179 _ وڪارن کي مار

180 _ استتيءَ جو ڦل

---

# ويدن جي اهميت :

# ڪالهہ، اج ۽ سپاٽي _ چو؟

---

هندستان جي جهُوني ادب ويد، اُپنيشد، شاستر، پراڻ، جنگ نامہ (مهاڀارت، رامائڻ ) ۾ ٿبي هئڻ سان ان جي لافاني حسن ۽ ڏاهپ مان

عجيب لذت آفرين مشاهدي جو تجربو ٿئي ٿو.ان ذريعي بن ۾ رهندڙ شاعرن، ڏاهپ سان ٽمٽار رشين ۽ نڪتي سنج سياڻن انسانن جي ’قربت‘ جو گهرو احساس ٿئي ٿو .هي اُهي عظيم انسان هئا _ انهن ۾ اڪثر پنهنجي خواهش ۽ مرضي سان اَ_ نام رهجي ويا_جن قديم هندستان اندر ڪڏهن ٻاراڻي طريقي سان، ڪڏهن ’اندر‘ ۾ گهري فڪري جهاتي پائڻ سان، ڪڏهن جهرڻي جهڙي ولولي ۽ جوش سان آتمڪ سچاين ۽ ’وجود‘ جي رچنا جي معنيٰ جي تلاش ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري زندگي نڇاور ڪندي بہ ڪين هٻڪيا هئا.ان تلاش جو تجربو هر باشعور جي ذهن ڪي جلا بخشيندڙ آهي ڇو جو هندو سنسڪر تي نہ صرف منفرد آ بلڪ ان اندر گهڻو ڪجهہ املهہ ’مايو‘ موجود آهي جيڪو انسان ذات لاءِ هر يگ ۾ لاڀدائڪ ٿيندو رهيو آهي .درياهہ جي وهڪ جيان ايندڙ يگن ۾ بہ جاري رهندو.

ان ادب اندر اُهي انساني آدرش موجود آهن جن گذريل ساڍن ٽن هزار سالن کان هن قوم جي ذهني تربيت ڪري ان ڪي فعال ۽ سرگرم رکيو آهي .جيستائين اسين ان ڪلپنائي ادب جي گهرائي ۾ وجي انهن اندر سوچ، ساڃهہ، ڏاهپ جي بي بها هيرن، موتين، ياقوتن کي ڪين پرکينداسون تيستائين ان ديس جي ذهن ۽ روحانيت ۽ فعاليت ڪي سمجهڻ ۾ سڦل ٿي ڪونہ سگهنداسون .

هي اهو سدا ٻهڳڻو ۽ جرڪندڙ ۽ زندهہ ادب آ جنهن اندر ٽرگونا ميٽري، گرامر، لسانيات، رنگين الف ليلوي داستان، جانورن، پکين جون ڏاهپ جي موتين سان سينگاريل ڪٿائون، شطرنج ، روحاني ۽ مادي فڪر جا سدا وهندڙ جهرڻا پيئي وهيا جن صدين کان

دنيا جي بهترين ذهنن شوپنهاور، هر ڊر ، گوئٽي ،بُڪاشو ،لن يوتانگ ،ميڪس ملر ،سر ايڊون ارنولڊ،امرسن، ايسپ وغيره کي پئي متاثر ڪيو هو .

دنيا ۾ اڄوڪي ماديت پرست دور ۾ بہ هند جي ڌرتي 'ايشور' جي ٻاڻي جي نشي ۾ سڀ کان وڌيڪ سرشار نظر اچي ٿي .

اهو تاثر رگ ويد جي پرارٿنائون پڙهڻ بعد وڌيڪ پختو ٿيو وڃي ٿو _ ويندي اپنشدي ۽ بوڌي زمانن تائين، ' لگن جي اگن' پڙڪندي ڏيکارجندي رهي ٿي .ويدن جي مطالعي مان 'آتما ۽ پرماتما'جي ڇنڊڇاڻ ۽ ڳولها، اڻ ٿڪ ۽ ڌرمي جذبي سان امرتا ماڻيندي رهي آهي _۽ اڄ بہ جاري آ ! ڳولها جي اهڙي پربلتا صرف يهوديت ۾ نظر آيم.

هند جي ڌرتي تي رچيل چئن ويدن (رگ ويد،سام ويد، اٿرويد، يجرويد) مان رگ ويد پنهنجي پراچينتا، فڪر جي اُتمتا، شاعري جي گهرائي گيرائي ۽ سونهن، ڌاهپ ڀري مواد جي گوناگونيت جي لحاظ کان وڌيڪ محترم ، اُتم ۽ آريائي انسان جو پهريون شبد ليکيو وڃي ٿو .ان ويد جو مفهوم آ 'روماني گيان جا گيت'جيڪي ڏهن جلدن ۾ 1028 اشلوڪن تي مشتمل آهن !

ڊاڪٽر راڌاڪرشن، ميڪس ملر۽ داس گپتا مطابق ان جي رچنا ٻين ٽن ويدن سميت اڄ کان اٽڪل ساڍا ٽي هزار ورهيہ اڳ ٿي هئي. پرلو ڪمانيہ تلڪ مطابق 6000 سال ق.م ۾ ۽ جيڪوبي (Jacobi) چواڻي 4500 ق. م ۾ .انهن ويدن اندر قديم دور جي ڪيترن

ئي نام ۽ اَنام مهان ڏاهن رشين منين جي عرق ريزي سمنڊ جيان ڇلڪندي ڏيکارجي؛ ٿي پر ڪٽر پنٿي سوچ مطابق اهي آڪاش واڻيون ( revelations )هيون .ان اندر ايشور جي روپ ۽ سروپ ،نرگن سرگن ڏڇا، ديوتائن ۽ ديوين جي ڪاريہ وهنوارن ۽ هنن جي امر سندرتا، مهانتا، سنسار ۽ سرشٽي جي ويدانتي ويچار ،ان جي وجودي حيثيت تي کوجنا_ جنڪ وادوواد وغيره پرتاثير پيرائي ۾ ورنن ٿيل آهي .هندو فطري طور هڪ ويدانتي اڪائي ليکيو وڃي ٿو _ ويدانتي يا صوفي مت جو مقصد آتما جي پرتما سا ميلاپ جي راھ ۽ روئي جو تعين ڪرڻ آهي . منهنجي خيال ۾ ويدڪ فلسفي جو تت بہ اهو آهي . انهن شلوڪن اندر ڌرمي جذبو، سامهون ڦهليل وسيع سنسار ۽ سرشٽي ڏسي آتما جي حيرت جو اظهار، شعوري کوج ۽ تشڪيڪ جو غير مبهم ورنن جا بجا پکڙيل نظر اچي ٿو. خاص طور ’اِندر‘ جي مهما، سج ڏج ۽ ويرتا، ’پرجا پتي‘ جي رچنا جي ڏس ۾ اڏيت شڪتي، ورن ديوتا جي ٽڌاڻ بخشيندڙ چمڪ، يا سپرش جنهن کي سرشٽي سان پيٽيو ويو آهي، جي واڪاڻ ، يا رات، جيڪا پريات جي پيڻ ڪوني ويئي آ ، بابت من موهيندڙ چتر يا’ اُوشا‘ يعني پريات جي دلڪش شاعراڻا پيرائي ۾ چتر ڪاري وغيره انهن استتين، پرارٿنائن ۾ پڙهي ان دور جي انساني تصوراتي اڏام ۽ ڏاهپ ۽ شرڌا تي ڄڻ وشواس پختو ٿيندو نظر اچي ٿو _۽ يقيني پاسي ٿو تہ ماضي جي ان ڌرمي ورثي جي صورت ۾ مليل ادب ۾ ايڏي مٺيا مهانتاآ جيڪا دنيا جي ٻئي ڪنهن ورثي ۾ شايد ئي ملي سگهي .

انهن ويدن (يجر ويد،سام ويدۓ اٿرويد)کي هندومت ۾ سوامي ديانند سرسوتي مطابق آڪاش واڻين (revelations )طور مڃيو وڃي ٿو انڪري ڪين شروتي ( shruti )سان نسبت ڏني وئي آهي جيڪي پراڻي يگ جي رشين منين مٿان نازل ٿيون هيون .اهي سيئي ويد ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيا ويا آهن .پهرين ڀاڱ کي سمهيتا چئجي ٿو جنهن ۾ اصلي مواد يعني منتر ،اُستتيون ۽ پراٿنائون شامل آهن ۽ ٻئي ڀاڱ کي برهم شاستر ڪوٺيو وڃي ٿو جنهن اندر سوتر شاستر اُپنيشد اچيو وڃن ٿا.اهو ٻيو ڀاڱ اصل مواد تي ٽيڪا،تبصري تشريح يا سمجهاڻي جي حثيت رکي ٿو جنهن ڪري اهو شروتي يعني آڪاش واڻي جي زمري ۾ ڪون ٿو اچي ۽ انهن کي سمرتي ( smiriti) چيو وڃي ٿو .هندو ڌرمي شبد ۾ ويدن جي انهن ٻنهي حصن کي ڪرم ڪانڊ ٻه سڏيو ويندو آهي .جيئن ته ويدن جو گيان ڏکيو پرا سراسر مبهم ۽ باطني ساڃهه سان پر آهي انڪري مٿي ڄاڻايل سمرتين جي ضرورت محسوس ڪئي وئي هئي پر اهي سيئي علمي پندار هندومت ۾ مقدس ۽ پوتر ڄاتا وڃن ٿا ۽ انهن جو وڏي واڪي آلاپ يا ڌيان ذريعي سمرڻ انسان جي جنم جنمانتر جي چڪر کان موڪش(نجات)لاءِ لازمي ليکيو وڃي ٿو!

ويدڪ ڌرم ۾ ويدن جي گيان حاصل ڪرڻ لاءِ انهن اندر موجود ديوتائن جي اهميت سندن سڀاءُ ۽ وصفن جو علم سڀ کان اهم ليکيو وڃي ٿو.اهي ديوتائون بعد ۾ پراڻن يا ٻن عظيم جنگ نامن (مهاڀارت ۽ رامائڻ) ذريعي شامل ڪيل هندو انيڪ واد (polytheism) واري ديوتائي لمبي قطار جي پيٺ ۾ نه صرف مختصر هئا بلڪ پنهنجي ڪارج ۽ ڪاريه وهنوار ۾ ٻه گهڻو مختلف

هئا.ويدڪ ڌرم ۾ ٽي ديوتائون ان دور جي ٺمورتي سڀ کان وڏيڪ اُتم مهاڀلي ۽ اهم هئا.اگني اندر ۽ وايو سوريہ!اگني ديوتا جوسموري ڌرتي (مرتيو لوڪ )تي ڏاڪو ۽ راڄ هو ،اندر ۽ ڪنهن حد تائين وايو ديوتاآڪاش منڊل (پرلوڪ )جا ديوتا ۽ مالڪ هئا ۽ سوريہ ديوتا ان کان گهڻو اتاهين خلا اندر ديو لوڪ يا برهم لوڪ جو مهراج ۽ حاڪم ڪري پوڄيو ويندو هو.باقي ديوتا ۽ ديويون (انين صدي ق م ۾ موجود يسڪا نالي رشي مطابق ) انهن ٽنهي مهان ديوتائن جا روپ سروپ سمجهي پوڄيا ويندا هئا ۽ انهن ٽنهي لوڪن( region ) ۾ موجود اهي باقي ديوتائون پنهنجي پنهنجي مهان ديوتائن ذريعي سجاتا ويندا هئا. انهن۾ چند من موهن، سندر ۽ ٻلوان نانءُ هن پرڪار آهن: **ورن، سويتر، اَشونيٍ،اُوشا، پشن، سوم، مارُوت،ويشنو** وغيرهہ. اڳتي هلي ويدن ان تي بہ روشني وڌي هئي تہ هر لوڪ ۾ يارنهن ديوتائن جي مجتا ۽ اثر هوندو هو.۽ ان نڪتي مطابق ڪل 33 ديوتائون ۽ ديويون هيون .۽ پراڻن جي يگ ۾ انهن جو تعداد وڌي ڪري ٽيٽيهہ ڪروڙ ٿيو هو !اهو ئي ڪارڻ آ تہ ويدڪ دور جي ديوتائن ڪي ڌرمي ڌارا ،يا فلسفيانا سوچ جي انيڪ واد ۽ ايڪ واد جي خانن ۾ ورهائي ڪين سگهجي ٿو جيڪاسوچ گهڻو بعد ۾ پيدا ٿي هئي. غالبن اپنيشدن جي زماني ۾ شروعاتي دور ۾ ويدن کي ترايي (Trayi)يعني ٽي عددي بہ ليکيو ويندو هو .ان مان لڳي ٿو تہ وقت جي هڪ موڙ تي صرف ٽي ويد موجود هئا.رگ ويد،يجر ويد، سام ويد ، اٿرويد ان پوتر ڌرمي ٺمورتي ۾ گهڻو بعد ۾ شامل ڪيو ويو هو !

ترايي شبد جي تشريح هڪ ٻئي انداز ۾ بہ ڪئي وئي آهي. نرواڻ يا موڪش جا ٽي دڳ ڏسيا ويا آهن، انهن ۾ جننانا(Jnana)يعني گيان جو رستو، ڀڳتي (devotion)جو دڳ ۽ ٽيون ڪرم (Action) جي وات .رگ ويد کي گيان سان، يجرويد کي ڪرم ۽ سام ويد کي ڀڳتي جي رستن سان سلهاڙيو ويو هو .

هندستاني فڪر، ثقافت ۽ ڏاهپ کي سمجهڻ پروڙڻ ۽ پرجهڻ لاءِ ويدن اپنيشدن،گيتا، خاص طور رگ ويد جو ڀوڙهو مطالعو درڪار آهي .ان ويد اندر انيڪ ديوتائن جي موجودگي جي باوجود ڄاڻايو ويو آ تہ **”حقيقت ڪل هڪ آهي جنهن کي ڏاهن انيڪ نالا ڏنا آهن .هن کي اندر، مترا، ورن، اگني وغيره جي نالن سان ڄاتو وڃي ٿو،ديويا، گرڙ ڪائناتي پکيئڙو وغيره بہ ان ۾ شامل آهن .ڏاهاير ديوتا ۽ متري شِوَن جو نانءُ بہ ڪٽن ٿا“** .

ان مان ظاهر آهي تہ ڄاتل ڪان اڻ ڄاتل، نوس وستو ڪان تجريدي شيءِ ڏانهن ئي ويدن، خاص طور رگ ويد جي واٽ وٺي وڃي ٿي .هندستاني فڪر اندر ان جون پاڙون تمام گهريون ڪتل آهن. جرمنيءَ جي مشهور ڏاهي ۽ ودوان ميڪس ملر سچ چيو آهي تہ **”انسان جي چڱي پروڙ ۽ شناس حاصل ڪرڻ لاءِ ويد جهڙي املهہ وستو ٻي ڪا ڪانهي.“** رگ ويد ۾ جن مشهور ڏاهن (رشين) جا نالا ورتل آهن انهن ۾ **وشيشٺ، مارڪنديہ، وشوامتر، ميتري، نارد، گرستمد** ۽ هنن سان گڏ ڏاهيون عورتون بہ ڄاڻايون ويون آهن جن ۾ **لوپامدر مسوريہ، اپالا، جوهو، يامي،گهشا،** خاص اهميت رکن ٿيون .

اگر ويد شروتي آهن تڏهن بہ دانائي ۽ ڏاهپ جو انمول خزانو آهن ،جيڪڏهن سمرتي آهن تڏهن بہ گيان جو اتم ليکجي سگهجن ٿا.

رگ ويد جنهن لاءِ چيو وجي ٿو تہ اهو نانءُ رڪ(rik)شبد مان ڪڍيو ويو آ جنهن جو مطلب منتر آهي .ان ويد اندر 10589 شعر ۽ 1028اشلوڪ آهن جيڪي ڏهن منڊلن ڪتابن ۾ ورهايل آهن .ان اندر خوبصورت شعرن ۾ لافاني پراڻنائون رچيون ويون آهن جيڪي تخليق جي عمل، پرش جي مهما، ڪرياڪرم جي اپٽار وچڙي ويل آتمائن جي استتي، ڪجهہ اتم ديوتائن جي شان ۾ چيون آهن جيڪي پنهنجي سندرتا ۽ اتمتا فڪر جي گهرائي سبب پڙهڻ سان تعلق رکن ٿيون .

ان کان علاوهہ ياما ۽ يامي ۽ پروُروا ۽ اروشي وچ ۾ خوبصورت، تز ۽ سياٽپ پريل مڪالما بہ پنهنجو مٿ پاڻ آهن .

ويد خاص طور رگ ويد اندر 'انساني آدرش'، 'اتم سکيا' ۽ 'آفاقي قدرن' جو وستار سان ورنن ۽ ان کي جيون جوتي بڻائڻ تي زور ڏاڍ وڏنڊڙ ۽ پرتاثر آهي ۽ انهن ۾ سمايل نڪتا وقت جي ٻوساٽنيدڙ دز کان آزاد ۽ مڪان جي قيد کان آجا ۽ سموري انسان ذات سان لاڳو ٿين ٿا!

يجر ويد اندر منترن جي روپ کي شاعري جو سندر لباس اوڍايو ويو آ.ان جي شعري بيهڪ ۾ ترنم ۽ غنائيت آهي ۽ ان جو اڪثر مواد رگ ويد جي پرارٿنائن ۽ استتين تان ورتو ويو آهي،باقي بچيل حصو نثر ۾ ورنن ٿيل آ.يجر جو لفظي مفهوم ٻَلِي يا قرباني

آهي .ان جا اشلوڪ اڪثر يگين ۽بلين ۾جادوئي آلاپن سان لاڳاپيل آهن ۽يجرويد انساني چوٽڪاري، ڪرم واري فلسفي سان واڳيل نه آهي .

سام جو مطلب ’سُر‘ يا’ آلاپڻ‘ آهي .اهو سچو ويد سنگيت ۽ راڳ جي روپ ۾ رچيل آ ۽ شاعري جو حسن لافاني اٿس .ان جا اشلوڪ خاص طور يگيه يابلي وقت خاص پروهتن ذريعي اگني ڪنڊ جي گرد ڳاتا ويندا آهن .175 شلوڪن کان سواءِ باقي سمورا رگ ويد تان ورتل آهن .

سام ويد پنهنجي ضخامت جي لحاظ کان رگ ويد جي اڌ حصي جيترو آهي جنهن اندر 1875 منتر آهن جن جو بنياد تقريبا 4000 پراٿنائن ۽ استتين تي بڌل آهي جيڪي اگني ڪنڊ ۾ بلي جي يجن دوران وڏي آلاپ ۾ ڳايون ويندون آهن. اهو ڪاريه پروهتن جو هڪ خاص طبقو ادا ڪندو آ .اهو ويد تيرهن خاص شاخن ۾ ورهايل آهي جن مان فقط هيٺيون ٽي مروج آهن . 1. **رنايانا** 2. **ڪٿوما** 3. **جئي مَني**. پر ان جي جڙت سنگيت ۽ راڳ جي تاجي پيٽي سان ٿيل آ.ان ۾ موجود پراٿنائون اندر سوم ۽ اگن ديوتا کي مخاطب ٿي ڪيون ويون آهن .سام ويد سڀني ويدن جي پيٽ ۾ اتم پدوي ماڻي ٿو !

اڳتي هلي ڪرشن پاڻ کي **’اوم‘** سڏايندي سام ويد کي به **’اوم‘** جو روپ قرار ڏنو آهي !

**چندو گيا**، جهڙي اهم اپنيشد ۾ سام ويد جي مهما ته ڏسو: سڀني موجودات جو ست ڌرتي آهي. ڌرتي جو ست جل آهي،جل جو

ست وڻ ٻوٽا آهن، وڻن ٻوٽن جو ست منش آهي، منش جو ست شبد آهي، شبد جو ست رگ ويد آهي، رگ ويد جو ست سام ويد آهي ۽ سام ويد جو ست پروهت جو آلاپ آهي ! يعني شبد رگ ويد آ .ان جي جان سام ويد آ،۽ اوم شبد 'پروهت' آهي !

پوڄاجي راهہ پرارٿنا ۽ وشواس ،گيان جي رستي کان وڌيڪ سٺائي آهي جيڪا سام ويد ذريعي اپنائي سگهجي ٿي .

ٻين ويدن جي ڀيٽ ۾ پرارٿنا کان علاوهہ اٿرو ويد ۾ جادو ٽوڻن ،ٽوٽڪن ۽ ڪرامتن جو خوب ورنن ٿيل آهي تہ جئين 'اگني پڄن' وقت بدي ۽ برائي جو توڙ ڪري سگهجي !اٿرويد ويهي ڪتابن ياڪاندن تي رچيل آهي .ان اندر 'اندر ديوتا' کي مخاطب ٿي ڪيل استتيون بہ موجود آهن .ان سموري ويد اندر 750 استتيون ۽ 6000 شعر آهن .

سنڌي ٻولي اندر ڌرمي ادب ۾ ويد پرڪاش هڪ مثالي حيثيت ماڻڻ جوڳي رچنا آهي .مان ڀانيان ٿو تہ پهريون ڀيرو سيني ويدن جي اهم اشلوڪن کي سنڌي جامو پهرائي ارٿ ۽ سمجهاڻي سان پيش ڪيو ويو آ. ترجمو ۽ سمجهاڻي ٻئي سرل تز ۽ عام فهم آهن .

انهن اشلوڪن جي اهميت ۽ افاديت ۽ ضرورت اڄوڪي نفسانفسي ۽ ڪٽر پنٿي ڌارائن واري يگ (age)۾ ٽپا سائين آهي .پهرين تہ اهي اڄ کان ساڍن ٽن هزار ورهين کان بہ اڳ رچيا ويا هئا ۽ ڌرم اندر شروتي (shruti)۽ سمرتي (smiriti)جي حيثيت ماڻين ٿا،ٻيو

انهن جي رچنا شعري صنف يا قالب ۾ ڪئي وئي هئي ؛ جئين دنيا جي ٻين عظيم مذهبن جي مقدس صحيفن جي ٿيل آهي . جنهن ڪري انهن جو ڳاٽاپو دنيا جي 'مهان ڪلاسيڪي ادب' (ادب عاليہ)۾ ٻہ ڪيو وڃي ٿو ۽ دنيا جا ناليوارا ودوان پڻ ان اهم نڪتي تي متفق آهن ۽ ٿيون سنسار اندر پراچين يگ ۾ تاريخ نويسي جو رواج خاص طور سائنسي انداز ۾ بلڪل ڪين هوندو هو .۽ اسان جو ننڍو ڪنڊ ٻہ ان اهم علمي گهٽتائي جو شڪار هوندو هو، ان ڪري مذهبي صحيفن ۽ پوتر گرنٿن (ويدن)اپنيشدن، پراڻن، مهاڀارت ،رامائڻ وغيره جي پرک، پروڙ ۽ کوجنا وسيلي تاريخ داني جو علم وجود ۾ آيو؛ ۽ تاريخ کان اڳ واري ان دور جي سلسلي ڪي موجوده تاريخي سلسلي سان ملائڻ ،ڳنڍڻ لاءِ اڄ تائين تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ جاري .

انهن شلوڪن جي اهميت انڪري وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي تہ انهن جي پيڙهہ ۾ موجود اخلاقياتي نظام ڌرم رنگ علائقي نسل ٻولي کان گهٽو اتاهون ٿي سموري انسان ذات لاءِ هڪ اهڙو آفاقي پيغام ڏئي ٿو جنهن تي عمل پيرا ٿي ڪري ساري دنيا ڪي هرقسم جي آلودگي ،تناو .ڏڦيڙ ،نفرت ،هنسا ۽ افراتفري کان پاڪ صاف رکي سگهجي ٿو .

# مهاڳ

موجوده يگ جو منش هام هٽي ٿو ته اَڄ جي زماني ۾ اِنسان ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي ! هن وگيان(سائنس) جي وسيلي قدرت تي قبضو ڪيو آهي ۽ سڪي جيوَن گذارڻ لاءِ هر قسم جي سک ۽ سهنج ، عيش ۽ عشرت ، آنند ۽ الهاس جا سڀ وسيلا ميسر ڪيا آهن . سائنس ذريعي زندگيءَ جون سڀ سهولتون ۽ سک جا ساڌن ميسر هئڻ جي باوجود به ، ڇا اَڄ جو اِنسان سکي آهي ؟ هي هڪ بنيادي سوال آهي. حقيقت ۾ موجوده يگ جو منش سيني سکن جي ساڌن موجود هوندي به دکي آهي . جيڏانهن تيڏانهن نهار اَسنتوش ۽ اَشانتي ، دک ۽ درد ، بک ۽ بيماري ، ڪلفت ۽ ڪشمڪش ، فتور ۽ فتنو نظر ايندو . جيڪڏهن سائنس جي هيڏي ترقي هوندي به سنسار جا سڀ اِنسان پيٽ پري پوڄن نه ٿا ڪري سگهن ، ته پوءِ چئبو ته اها ترقي ناقص آهي . ڪٿي نه ڪٿي ڪو مڙيوئي نقص آهي .اَڄ دنيا ۾ اَڌ کان مٿي انسان بک ، بيماري ۽ بيروزگاريءَ جو شڪار آهن .

هيءُ ٿيو غريبن جو حال ! پر جن کي ڌن ۽ ملڪيت آهي ، سي سکي آهن ، هرگز نه ، انهن کي ننڊ به پوري نه ٿي ٿئي . شاهوڪار ماڻهو دولت دوران نرم گاديلن وارو بسترو خريد ڪري سگهي ٿو، پر هو پئسي سان گهري ننڊ خريد نه ٿو ڪري سگهي . هوُ ڌن ذريعي سنو پوڄن خريد ڪري سگهي ٿو پر هو پوڄن کي هضم ڪرڻ جي شڪتي پئسي سان خريد نه ٿو ڪري سگهي . هوُ دنيا جي ذريعي عهدو ۽ اقبال ، مان ۽ مرتبو خريد ڪري سگهي ٿو، پر آتما جي شانتي نه ! اهو ئي سبب آهي ، جو غريب ملڪن جي پيٽ شاهوڪار ديش ( يورپ ۽ آمريڪا ) ۾ آتم هتيا جا ڪيس

زيادھ ٿين ٿا . ٻين لفظن ۾ اِئين ڪٺي چئجي تہ شاھوڪار پاڻ غريبن ڪان بہ وڌيڪ دکي آھن .

اَج جو اِنسان ، اِنسان سان جيڪو اَنرٿ ، اَنياءُ (ناانصافي) ۽ اَتياچار (ظلم) ڪري ٿو، سو پسون ۾ پکي بہ نٿا ڪن . واپاري ڪاڌي جي شين ۾ ملاوٽ ڪري اِنسان جي زندگي زھر بڻائي ٿو . وڪيل وويڪ جي آواز کي دٻائي پنھنجي حرفت ۽ چالاڪيءَ سان قانون جو الٽو ارٿ ڪڇي، چورن کي ڇڏائي ، پاڳين کي ٻڌائي اِنصاف جي مٿي پليت ڪري ٿو.ڊاڪٽر غريب مريضن ڪان ڳري في وٺي سندس خون چوسي ٿو . اَج جو سياستدان پنھنجيءَ ڪرسيءَ قائم رکڻ لاءِ جيئن ساندو رنگ بدلائيندو آھي ، تيئن سياسي پارٽيون بدلائي ٿو . ھُو ووٽن جي لالچ خاطر مذھب ، ڀاشا (ٻولي) ۽ ذات جي بنياد تي ماڻھن ۾ <u>ونجوڳہ</u> (فرق) ۽ وير پيدا ڪري ، ڪين پاڻ ۾ ويڙھائي سماج ۽ ديش کي ٽڪر ٽڪر ڪري ٿو. ھو چرچ ڏئي خساود فرقيوار فساد پيدا ڪري ٿو ، پوءِ فساد ۾ شڪار ٿيل مظلوم اِنسان سان <u>مصنوعي</u> ھمدردي ڏيکاري ، <u>واگھوءَ</u> جيان ڪوڙا ڳوڙھا ڳاڙي ٿو . ھوُ اٻوجھ ۽ اڻ پڙھيل مزدورن کي پڙڪائي، ھڙتالون ڪرائي ديش ۾ <u>ڏڦيڙ ۽ ڏولائو</u> پيدا ڪري ٿو . ڪامورو رشوت وٺي پنھنجي عھدي جو <u>دراُپيوگہ</u> (غلط استعمال) ڪري ٿو .

پوليس عملدار <u>”جوءِ ڊيري گڏھ رکوال</u> “ جيان <u>پبلڪ</u> جي سنڀال ڪرڻ بدران گندن کي <u>ڇيڪ (چوٽ)</u> ڇڏي ڏئي ٿو . حاڪم کي ھيڪر سياسي ستا ھٿ اچي ٿي تہ پوءِ ھوُ اُن جو غلط استعمال ڪري پنھنجي سياسي دشمنن کي جيلن ۾ بند ڪري ٿو يا ڦاسيءَ

تي چاڙهي ٿو . هن حالت ۾ سڪن سان گڏ ساوا بہ سڙي وڃن ٿا . مذهبي رهنما ، مذهب جا نيڪيدار بڻجي ابوجهہ عوام کي مڪتيءَ (نجات) جا ڪوڙا ڏٿا ڏئي ، سندن ڪيسا خالي ڪري ٿو ، جنهن جو نتيجو پس پيش ( آخر) ابوجهہ عوام کي  ڀوڳڻو پوي ٿو . هن ڪشمڪش ۾ عوام جو هيٺيون طبقو بک، بيماري ۽ بيروزگاريءَ کان تنگ اچي، جوُئا ، شراب نوشي ، چوري ۽ ڦرلٽ جا طريقا اختيار ڪري ٿو ، جنهن جو نتيجو سڄي سماج کي ڀوڳڻو پوي ٿو .

هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي تہ مٿي بيان ڪيل اخلاقي گراوٽ ۽ ڪشمڪش ، اَسنتوش ۽ اَشانتيءَ جو بنيادي ڪارڻ ڪهڙو آهي ؟ **ڪارڻ آهي اسان جو سچي ۽ صحيح ڌرم کان منهن موڙڻ .** گيان ۽ وگيان اِنساني زندگيءَ جي گاڏيءَ جا بہ ڦيٿا آهن . وگيان جي هڪ ڦيٿي ذريعي زندگيءَ جي گاڏيءَ جو هلڻ ناممڪن آهي . **صحيح گيان سچي ڌرم دواران ئي پراپت (حاصل) ٿي سگهي ٿو .**

اڄڪلهہ جي زماني ۾ مذهبي فرقا ۽ پنٿ ايترا تہ وڌي ويا آهن ، جو رواجي ماڻهو تہ ڇڏيو ، پر پڙهيل ڳڙهيل اِنسان بہ جدا جدا مذهبي فرقن ۽ پنٿن طرفان پيدا ڪيل مونجهارن ۾ منجهي پوي ٿو.  ايتري قدر جو هوُ سچ ۽ ڪوڙ سڃاڻي نہ ٿو سگهي . اڄڪلهہ هر هڪ فرقو پنهنجي پنٿ کي سچو ۽ صحيح ثابت ڪرڻ  لاءِ ڪشمڪش ڪري رهيو آهي . مذهبي اڳواڻن جون ڀڙڪائيندڙ تقريرون ڪڏهن ڪڏهن فرقيوار فسادن جو روپ اختيار ڪن ٿيون. عجب ۽ ارمان جي ڳالهہ وري اِها آهي تہ مذهبي ليڊراُنهن فرقيوار فسادن ۽ جنگين کي نئون نالو ” جهاد “ يا ” ڌرم يڌ “ Crusade

ڏيئي جائز ۽ واجبي نهرائين ٿا ۽ اُنهن جنگين ۾ مري ويل اِنسانن کي شهيد جو لقب ڏئي مذهبي جنون جي اگ کي ڀڙڪائيندا رهن ٿا. بس ، اهڙيءَ طرح مذهب جي نالي ۾ اِنسان ، اِنسان جي خون جون نديون وهائي ٿو . هن درد شا ۾ ڪي پڙهيل ماڻهو مذهب جي نالي ۾ ٿيل خوُنريزيون ۽ فساد ڏسي ڌرم کي تلانجلي ڏيئي ناستڪ بڻجن ٿا .سندن دل ۾ ڌرم لاءِ ڌڪار ۽ نفرت پيدا ٿئي ٿي .اهڙيءَ طرح هو ڌرم کان منهن موڙي ،اَڌرم جي واٽ اختيار ڪري آخر وڃي اوڙاهه ۾ اَڙجن ٿا .هينئر اسان کي سوچڻو آهي تہ مٿي بيان ڪيل مصيبتن جو ڪارڻ ۽ علاج ڪهڙو آهي ؟ **ڪارڻ آهي سچي ۽ صحيح ڌرم جي ڄاڻ نہ هئڻ . علاج آهي هڪ ئي ايشوري ڌرم جو سهارو وٺڻ .**

ڪي سياستدان ٿورائيءَ واري جاتيءَ جي ووٽن هٿ ڪرڻ جي لالچ خاطر **ڌرم _ نرپيڪشتا يا غير ڌرمي راڄ** Secular rule جا ٻول ٻولين ٿا . هوُ پنهنجي سياسي ستا هٿ ڪرڻ خاطر سيني کي خوش ڪرڻ لاءِ ائين بہ چون ٿا تہ سيئي مذهبي فرقا ۽ پنٿ هڪ ئي منزل تي وني هلن ٿا . ذرا غور ڪري ڏسو تہ هڪ مذهبي فرقو ڳانءِ کي قتل ڪري اُن جي ماس کائڻ جي اِجازت ڏيئي ٿو ۽ ٻيو ڌرم مٿينءَ ڳالهہ جي اجازت نہ ٿو ڏئي ۽ اَهنسا جو اُپديش ڪري ٿو. هاڻي جڏهن اِهي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي بنهہ اُبتڙ آهن ، تڏهن سيئي ڌرم هڪ ئي منزل تي ڪيئن وني هلندا ؟ اِهو اِئين ٿيو ، جيئن چئجي تہ شڏ کير ۽ تتي پاڻيءَ جو ملهہ ساڳيو آهي يا پرڪاش ۽ اوندهہ ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي . **تنهن ڪري اِئين چوڻ تہ سيئي مذهبي فرقا ۽ پنٿ ساڳيءَ روحاني منزل تي پهچائين ٿا ، غلط آهي .**

To say that all religious sects lead to the same spiritual goal is wrong.

حقيقت اِها ئي آهي تہ جهڙيءَ ريت سرشٽيءَ جو سرجڻهار پرماتما هڪ آهي، تهڙيءَ ريت سموري اِنسان ذات لاءِ ايشوري ڌرم بہ هڪ آهي، ٻيا سڀ مذهبي فرقا آهن ، جيڪي جدا جدا ماڻهن جدا جدا وقتن تي پيدا ڪيا . اُهو ڌرم آهي **ويدڪ ڌرم**، جوسرشٽيءَ جي آد ۾ ايشور اُتپن ڪيو. جڏهن سرشٽيءَ جي آد ۾ هندو، مسلمان، سک، عيسائي ، پارسي ۽ يهوُدي نالا بہ نہ پيدا ٿيا هئا ، تڏهن ديالو پرماتما ڪرپا ڪري سموري اِنسان ذات کي ويدن ذريعي اُپديش ڪيو . ويدن جو ايشوري گيان چئن رشين **اگني** ، **وايوُ** ، **آدتيہ ۽ انگرا** کي پراپت ٿيو ، جن وري اُها ديوَواڻي برهما کي ڏني . اهڙيءَ طرح رشين چئن ويدن ( **رگ ويد** ، **يجر ويد** ، **اٿر ويد ۽ سام ويد** ) جو ايشوري گيان اُن وقت ڦهلايو ، جڏهن ڪوبہ منش نہ هندوُ هو ، نہ مسلم ، نہ عيسائي هو ، نہ يهوُدي . اِن مان اِهو ثابت ٿيو تہ ويد ڪنهن بہ خاص ديش يا جاتيءَ جي پوُنجي نہ آهن . **ويد سموري سنسار جي ساريءَ اِنسان ذات لاءِ لاثاني اَمر ورثو آهي .**

Vedas are the unique immortalheritahe of man kind belonging to the whole universe.

ويد سڀني جا آهن ۽ سڀ لاءِ آهن . ويد پڙهڻ جو اَڌڪار نہ فقط هندوءَ کي آهي پر مسلمان ، عيسائي ۽ يهوُديءَ کي پڻ آهي . ويد پڙهڻ جو حق شوُڌر کي بہ اوترو ئي آهي جيترو برهمڻ کي . استريءَ کي بہ اوترو ئي آهي جيترو پرش کي . اِئين چوڻ تہ ويد جهوُني زماني جا گرنٿ آهن تنهن ڪري اُنهن جو گيان موجوده ماډرن زماني سان نٿو نهڪي يا ترقي پسند ملڪن ۽ جاتين لاءِ نٿو

سونهي سراسر ناداني آهي . ويد جو ايشوري گيان سڀ لاءِ ، سڀ هندن ۽ سيني وقتن تي سدا اَمر ، سدا تازو ، سدا موزون ۽ سدا معقول آهي . **ويدن جو انادي گيان ، مڪان ، زمان ۽ گمان جي حدن کان گھٽو مٿي آهي .**

The divine knowledge of Vedas is universal. Age can not wither it, nor custom stale its infinite variety.

موجوده مصيبتن ۽ اَپدائن ، جھڳڙن ۽ فسادن ، ڪليش ۽ ڪشٽن، دکن ۽ دردن ، جنگين ۽ خُونريزين جو ڪارڻ اهو ئي آهي تہ اسان ويدن جي لاثاني ورثي کان منهن موڙيو آهي . ڪاش ! اَڄ بہ جيڪڏهن اسان ويد جي اُپديش تي عمل ڪريون تہ جيڪر سڄو سنسار سکڏام ۽ سرڳڌام بڻجي پوي . **موجوده سيني آپدائن جو فقط هڪ ئي يڪ تڪ علاج آهي ويد ڏانهن ورڻ .**

Return to Vedas is the only panacea for all ills.

سموري سنسار جي پستڪالين ۾ پراچين پستڪ ويد آهن. لکين سال گذري ويا آهن تہ بہ ويد جو گيان نت نئون نظر اچي ٿو ، ڇاڪاڻ تہ ويدڪ ويچار ڏارا اَنڌ شرڌا blind faith تي ٻڌل نہ آهي . ويد جي فلاسافي دليل ، ترڪ ۽ منطق جي بنياد تي بيٺل آهي . ويدڪ گيان وگيانڪ سڌانتن تي مبني آهي . يورپ ۽ آمريڪا جي ڪيترن سائنسدانن ۽ وردانن وقت بہ وقت اِهو رايو پئي ڏنو آهي تہ جن سائنس جي سڌانتن جي موجوده يگہ ۾ کوج ڪئي وئي آهي ، تن بابت اشارو اڳيئي ويد ۾ ڏنل آهي . ٻين مذهبي ڪتابن ۾ اهڙيون ڪي ڳالهيون بہ لکيل آهن ، جن کي اڄڪلهہ جي سائنسدان غلط

ثابت ڪيو آهي . پر ويدن ۾ اُنهن سڌانتن جو بيان آهي ، جنڪي سائنس جي ڪسوٽيءَ تي پرکي صحيح ثابت ڪيو ويو آهي .

ڪيترن مفڪرن جو اِهو رايو آهي تہ وگيان جي ڪيتر ۾ سائنسدان جيڪي جديد ايجادون ڪيون آهن ، اُنهن جي پريرڻا ڪين سڌيءَ طرح يا اَڻ سڌيءَ طرح ويدن مان ئي ملي آهي . ڪيترين نگرين بيمارين مان شفاياب ٿيڻ جا ناياب نسخا، ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن کي ويد مان کي مليا آهن . وديا جا سڀ وشيہ ، سمورا درشن ، گيان ۽ وگيان جون سڀ شاخون ويدن مان ئي ڦٽن ٿيون . سيني وديائن جا آدي مؤُل ويد ئي آهن . ويد اُننت ،انادي ۽ اوناشي گرنٿ آهن . **سچ يا ڪوُڙ ، غلط يا برابر ، ڪري يا ڪوٽي پرکڻ جي تز ڪسوٽي فقط ويد ئي آهن . ويد ئي پرم پرماڻ آهن . ويد جو مارگ ئي سچو ۽ صحيح ڌرم آهي . ويد اُپديش جي اُبتڙ هلڻ اَڌرم آهي .**

Vedas are the only reliable authority and onfallible criteria to test what is right or wrong.

ٻين گرنٿن ۾ تبديلي جي گنجائش ٿي سگهي ٿي ، مگر ويد منترن جي رچنا اهڙي تہ پڪي ۽ پختي بنياد تي ٿيل آهي جو ڪو بہ ماڻهو، چاهي هوُ ڪيڏو بہ سنسڪرت جو ودوان هجي ، هڪ پد يا ماترا بہ اُنهن ۾ ڦنبي نہ ٿو سگهي . اِئين ڪرڻ سان ويد منتر جو وزن ۽ اصلي روپ ٽٽي پوندو ۽ تبديل ڪندڙ پڪڙجي پوندو . اِهو ئي ڪارڻ آهي جو لکين سال گذري ويا آهن تہ بہ ويدن جي ڪنهن بہ هڪ منتر کي تبديل ڪرڻ جي ڪنهن کي بہ جرئت نہ ٿي آهي .

**اڄ بہ ويد پنهنجي اصلي اَوائلي شڌ روپ ۾ موجود آهي .**

Interpolationin Vedas is impossivle. It can be detected immediately by the scholars of Sanskrit.

**ويد اِنسان جا رهبر ۽ رهنما آهن . ڪامياب زندگيءَ جي ڪلا ويد ئي سيکارين ٿا . زندگيءَ جي هر مشڪل مسئلي جو حل ويدن ۾ ئي ملندو . جسماني توڙي روحاني ترقيءَ جو وسيلو فقط ويد ئي آهن. موجوده اخلاقي گراوٽ جو علاج ويدن ۾ ئي سمايل آهي . ويدن ۾ تتوَ گيان** Philosphy **، وگيان** Science **۽ ڌرم** Relgion **جو سندر سمنويہ آهي . ويد منش کي آدرشي اِنسان بڻائين ٿا . ويد اِنسان کي سادگي ۽ سداچار ، ساهس ۽ سوُرمتا ، سهڪار ۽ سهن شيلتا ، ستيہ ۽ سندرتا ، سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو پاٺ پڙهائين ٿا . ويدن جي اُپديش تي عمل ڪرڻ سان اِنسان بي داغ ۽ بي عيب زندگي گذاري ٿو . ويد ديش ڀڳتي ۽ راشٽر پريم جو سبق سيکارين ٿا ، اِنسان کي آديش ڏين ٿا تہ راشٽر جي رکشا هن جو پرم ڪرتويہ آهي . اروگيہ سماج ۽ شڪتيشالي راشٽر جو بنياد ويدن تي عمل ڪرڻ کان سواءِ اسمڀوء ( ناممڪن ) آهي .**

..............

منتر _ارٿ : _**تون راشٽر جو رکشڪ آهين** .( اٿرو ويد 3.30.16 ).

**منتر _ارٿ : _ديش مٿان جان جند گهورڻ ، ساهہ سر صدقي ڪرڻ جو سبق ويد ئي سيکارين ٿا .**

منتر _ارٿ : **شل اسين ماتر ڀوميءَ خاطر پنهنجي جان ۽ جند گهوري ڇڏيون** . (اٿرو ويد 26.1.12 ) .

**ويد منتر _ راشٽريہ شانتي ۽ وشوَ _ڪلياڻ جو سنديش ڏين ٿا. ويد سهڪار ۽ سهجيون ، پريم ۽ پيار جو پيغام ڏين ٿا . عالمگير برادري (وشوَ ڀائپي ) Universal brotherhood جو آدرش اِنسان ذات اڳيان ويد ئي رکن ٿا . ويدن جو اُپديش آهي تہ سرشٽيءَ جي سڀني پراڻين جو پتا پرماتما آهي ۽ سڀ اِنسان پاڻ ۾ ڀائر آهن . ڪو بہ منش ٻئي کان اوچ يا نيچ نہ آهي ، سڀني جو حق يا درجو ساڳيو آهي. سمانتا equality ۽ ڀائپي fraernity جو عمدو آدرش فقط ويد ۾ ئي ملي ٿو. ويد اِنسان جي من مان نفرت ۽ ناسازي دور ڪري همدرديءَ ۽ همنوائيءَ جا گڻ اُتپن ڪن ٿا .**

منتر ارٿ : **اي اِنسانو ! توهين پاڻ ۾ ڀائر آهيو ، هڪ ٻئي کي نہ ڏڪاريو .** (اٿرو ويد 3. 30 .3 )

سڀني خرابين جي جڙ ۽ مصيبتن جو مُول ڪارڻ آهي هڪ ايشوَر جي هستيءَ کان اِنڪار ڪرڻ منش کي ايشوَر جو درجو ڏيڻ يا ايشور کي منش جي روپ ۾ اَوتار سمجهڻ ۽ نراڪار پرميشور جي پوڄا ڇڏي ، منش ، بت ، مورتي ، پٿر ، پاڻي ، باهہ ، قبر ، سماڌي، پپر ، سورج ۽ چندرما جي پوڄا ڪرڻ . ويدن ۾ صاف لکيل آهي تہ اُستتي ۽ اُپاسنا پوڄا ۽ پراٿنا جي يوڳيہ صرف نراڪار پرماتما آهي. (منش ڪڏهن بہ پرماتما ٿي نٿو سگهي ۽ نہ وري نراڪار پرماتما منش جو روپ اختيار ڪري ٿو .) ايشور کي ڪو بہ روپ ، ريکہ ۽ رنگہ نہ آهي ،هن جي ڪابہ مورت يا صورت نہ آهي .

منتر ارٿ : پرماتما جي ڪابہ مورت نہ آهي .(يجر ويد 33. 2 )

ويدن ۾ ايشور جي وياكيا چٽيءَ طرح ڏنل آهي . **پرماتما اکنڊ ، اگم، اگوچر ، امر ، انوپ ، اجر ، اروپ ، اننت ، انادي ، اکالي، اجوني ۽ ابناسي آهي . هوُ نراکار ، نروکار ، نياءَ کاري ، نرمل ۽ نرليپ آهي . هوُ هرتا ڪرتا ، دانا بينا ، شميو شروتا ، اليپا ۽ اجنما آهي . هو ئي سروَياپڪ سرويشور سرجڻهار آهي . هو پرم پوجنيہ، ڪروڻاميہ ، ڪلياڻڪاري ڪرتار آهي . هن جو ذاتي نالو اوم ۽ صفاتي نالا ڪيئي آهن .**

God is Creator of Cosmos andOrigonator of all beings. He is not only Creator, but also Sustaoner and Dissolver. He is Benevolent, Beneficent, Benign, Blissful, Bestower and Benefactor. He is Supreme, Superior and Sole Sovereign of the whole universe. He is Self_effulgent, Self _existent and Self_resplendent. He is Eternal, Infinire, Unborn, Immortal Everlasting, Imperishabble, Intangible, Incorporeal, Invisible, Endless, Unfathomable, Unparalleled, Unequalled, Impartial, Illuminator, Omnipresent, Omniscient, All _powerful and dAll _pervassive, Almighty. He is Deathless, Shapeless, Birthless, Bodiless, Formless, Featureless and Flawless. He is Merciful, Magnificent, Maker and Master, Great, Grand and Glorious God.

افسوس،اَڄ ويد جا ڪوڙا ٺيڪيدار ، ڪوڙا گرو ۽ ڪوڙا اوتار مندرن ۾ نراڪار ايشور جا بت ۽ مورتيون ڪڙيون ڪري پاڻ کي ايشور جو اوتار سڏائي ، ابوجھ ماڻھن کي ڀنيلائي ، ڪين مڪتيءَ جا ڪوڙا دلاسا ڏيئي ، نہ فقط پاڻ پوڄائي رهيا آهن پر

ويساهه وسوڙن ماڻهن جا کيسا خالي ڪري رهيا آهن . هو پيٽائن جي روپ ۾ ڪارو ناڻو گڏ ڪري ارٿڪ اَسمانتا وڌائي رهيا آهن . اَڄ ڀي ڌرمي آستانن ۾ اَٽڪل اَٺ سو ڪروڙ روپيه ڪارو ناڻو جمع ٿيل آهي. ڌرم جي نالي اِنسان اَڌرم ڦهلائي ، ڪيڏو نه ڦهر ۽ ڪلور ڪري رهيو آهي . ڪاش ، ڪڏهن منش ويدن جي اُپديش تي عمل ڪري ارٿڪ اسمانتا دور ڪندو ۽ سنسار کي سرڳ ڌام ۽ سک ڌام بڻائيدو .

پراچين سمي ۾ ماڻهو تندرست ۽ ٻلوان رهي ، وڏي آورجا ماڻيندا هئا پر اَڄ جو اِنسان ڪمزور ۽ ڪاهل ، ڀوڳي ۽ روڳي ، نٻل ۽ نستو ، بيمار ۽ بي همٿ ڏسڻ ۾ اچي ٿو . اِن جو ڪارڻ صرف اِهو آهي ته هُو ويدن جي اُپديش کي وساري وينو آهي . ويد برهمچريه جو اُپديش ڏين ٿا پر اَڄ اِنسان ڪام ۽ شهوت جو شڪار ٿي پنهنجو قيمتي خزانو ( ويريه ) ناس ڪري رهيو آهي . اڄڪلهه ڪي وري اهڙا ڀه سائينءَ جا سنواريا پيدا ٿيا آهن ، جيڪي ڪام ذريعي رام، سنيوڳ ذريعي سماڌي ، شهوتي موج ماڻڻ دوران مڪتي حاصل ڪرڻ (Salvation through Sex) جا ليڪچر ڏيئي نوجوانن کي اوڙاهه ۾ گهلي رهيا آهن. **حقيقت ۾ ويد ۾ بيان ڪيل برهمچريه ، يوگ، پراڻايام ، پراڪرتڪ علاج ، هوَن ، يگيه ، قدرتي ۽ اهنسڪ غذا ۽ پراڪرتڪ جيوَن ذريعي ئي منش شاريڪ شڪتي ، مانسڪ ٻل ۽ آتمڪ اُنتي ڪري وڏي آورجا ماڻي سگهي ٿو** . اسان جڏهن کان ويدن جي وات ڇڏي هوَن ۽ يگيه ڪرڻ بند ڪيو آهي تڏهن کان ڪتي سوڪ ۽ ڪتي ٻوڏ جي اَپدا جو شڪار پئي ٿيا آهيون . **ڪاش! شل اسان ويدن جي اُپديش تي عمل ڪري ، هوَن ۽**

**يگيہ دوران ديش ۾ هڪ <u>سريڪي ورشا</u> وسائي پراڻين جو ڪلياڻ ڪريون!**

ڪي اَڄ ڄاڻ ماڻهو چوندا آهن تہ آزادي ۽ لوڪ شاهي جديد زماني جون سوغاتون آهن . هن ڪان اڳ اِنسان اُنهن ٻنهي نعمتن ڪان نراس ۽ محروم هو پر حقيقت اِها آهي تہ موجوده زماني جي ناقص آزادي ۽ ناڪامياب لوڪ شاهيءَ جي ڀيٽ ۾ ويد ڪال ۾ سچي آزادي ۽ لوڪ شاهي هوندي هئي . **يورپ جي ودوانن جڏهن پراچين گرنٿن ويدن ۾ آزاديءَ جا اُپديش پڙهيا تڏهن هو حيران ٿي ويا .**

سچا سماج وادي اُهي آهن جيڪي من ، وچن ۽ ڪرم ذريعي ڪريلن ڪي مٿي ڪڻڻ جو پتن ڪن ٿا . ويدن ۾ سماج واد جو اهڙو اُپديش پڙهي هر هڪ سمجهوُ ماڻهو سويڪار ڪندو تہ جيتوڻيڪ ويد پراچين گرنٿ آهن تہ بہ منجهن جديد زماني سان ٺهڪندڙ سکيا ڏنل آهي .

منتر ارٿ : **هي ودوانو! ڪريلن ڪي هڪ دفعو وري مٿي ڪڻو .**
( **اَٿرو ويد** 1.138.10 ).

ويدڪ فلاسافي فقط خيالي ۽ غير عملي نظرين (سڌانتن) Unpractical imaginary theories ۾ وشواس نٿي رکي . **ويد عملي جيون جو اُپديش ڏين ٿا .** ويدن ۾ ڪرم تي گهڻو زور ڏنل آهي. منش جيڪڏهن اوچ يا نيچ ، سکي ۽ دکي آهي تہ جنم ڪري نہ،

مگر ڪرم ذريعي . ڏرم جا ڪوڙا نيڪيدار ۽ ڪوڙا گرو پنهنجن ٻالن ڀولن چيلن کان دڪشڻا وٺي ڪين پاپ معاف ڪرائڻ جا دلاسا ڏيندا آهن . ويدن ۾ صاف لکيل آهي ته هر هڪ منش کي ڪرم جو ڦل ڀوڳڻو آهي . ڪڪرم ڪري گناهن جي معافيءَ جي اُميد رکڻ اِئين آهي جيئن جوَ ٻوکي ڪڻڪ لڻڻ جي آشا رکڻ يا ٻير ٻوکي اَنب کائڻ جي تمنا ڪرڻ .

ويد پڙهڻ سان اِنسان جون اکيون کلن ٿيون .ڪيس ڪوڙ ۽ سچ سڃاڻڻ جي ساڃهه نصيب ٿئي ٿي . هوُ ويد پڙهڻ بعد اِئين محسوس ڪري ٿو ته آگيان ۽ اَڌرم جي اَنڌڪار مان نڪري گيان ۽ ڌرم جي پرڪاش روپي مندر ۾ گهڙيو آهي . **ويد هر طبقي جي اِنسان لاءِ مفيد ۽ ڪارآمد گيان جو ڀنڊار آهن** . ويدن جي گونا گوني گيان مان وديارٿيءَ کي هر وشيه جي وديا ملي ٿي ، برهمچاريءَ کي برهمچريه جو گيان ملي ٿو ، گرهستيءَ کي جيون جي ڪلا ملي ٿي، سنياسي روحاني راز پروڙي ٿو ، سائنسدان کي نين ايجادن جي پريرڻا پراپت ٿئي ٿي ، ڊاڪٽر ۽ حڪيم کي نوان نسخا ملن ٿا ، فيلسوف کي فلاسافيءَ جا قيمتي نقطا هٿ اچن ٿا ، سياستدان کي راجنيتيءَ جو رهسيه حاصل ٿئي ٿو ، سوشل ورڪر سماج واد جو سبق سکي ٿو ، يوگي يوگ وديا ۽ پراڻا يام سکي ٿو ، گيانيءَ کي گيان ملي ٿو ، اَڌياتمڪ کي مارگ جي پانڌيئڙن جي آتمڪ اُج اُساٽ ٻجهي ٿي ۽ ايشور ڀڳت کي پرماتما جو درشن ٿئي ٿو .

اُهو شرف اسان جي سونهاري سنڌو ڀوميءَ کي آهي ، جتي پراچين ڪال ۾ سنڌو درياهه جي ڪنٺي تي اسانجي رشين کي ويد

جو پرڪاش ٿيو . **اسان سنڌين لاءِ اِها گوءِرو جي ڳالهہ آهي تہ ويد جي پرڪاش ، پرچار ۽ پرسار جو آرنڀ اسانجي سنڌو ڀوميءَ ۾ ئي ٿيو.** اُهو ڪهڙو نہ سنهري زمانو هو جڏهن اسان جا ابا ڏاڏا ، اسان جا پونجيہ رشي مني سنڌو مهراڻ جي ڪنڌي تي ويهي ويد منتر جو گيان ڪندا هئا ۽ سموري سنسار کي ويدڪ سنسڪرتيءَ جو سنديش ڏيندا هئا . افسوس ! صد افسوس !! اسان سنڌين غلاميءَ سبب پنهنجو اباڻو ۽ ڏاڏاڻو ورثو ( ويدڪ ساهتيہ ۽ سنسڪرتي ) وساري ڇڏيو . اسان پنهنجي ٻارن کي سنسڪرت پڙهائڻ ڇڏي ڏني. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو ، جو اسان ڪيترا سال ويد جي امرت کان وانجهيل رهياسين .

اڻويهين صديءَ ۾ پرماتما اسان جي ديش ۾ هڪ مهان پرش، مهان ودوان ۽ مهرشي پيدا ڪيو ، جنهن اسان کي ويد جي صحيح وياکيا ٻڌائي ، ويدڪ ڌرم جو سچو روپ ساسان جي اڳيان رکيو . اُهو مهرشي هو **سوامي ديانند سرسوتي** . سوامي جن جو اسان سيني تي اُپڪار آهي ، جو هن اسان کي پنهنجي اباڻي ۽ ڏاڏاڻي ورثي جو درشن ڪرايو . مهرشي ديانند سرسوتي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آريہ سماجون برپا ڪري ويدن جو پرچار ۽ پرسار ڪيو . سوامي جن جي سرڳواس پڌارجڻ بعد اهو ڪاريہ سندن ششن هٿ ۾ ڪنيو . سنڌ جي سنڌين ۾ ويد جو پرچار گهڻن ئي سنڌي ودوانن ڪيو، اُنهن ۾ **شري تارا چند گاجرا** ، **پريداس برهمچاري** ، **شري ديپچندر بيلاڻي** مشهور آهن .

هن کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪيا تي اهڙو عمدو پستڪ ڪين نڪتو آهي . شري ديپچندر بيلاڻيءَ بيشڪ ڪيرون لهڻيون ، جنهن برڌ اَوستا ۾ سواڌيايہ ڪري سنڌين لاءِ ويد پرڪاش تيار ڪيو آهي. ان لاءِ سنڌي جاتي سندس سدا اَڀاري رهندي . اِها هڪ اتفاق جي ڳالهہ آهي تہ جن ڏينهن ۾ شري ديپچند بيلاڻي ويد پرڪاش لکي رهيو هو ، تن ڏينهن ۾آءُ Philosophy of Vedas جو پستڪ انگريزيءَ ۾ لکڻ ۾ مشغول هوس . اجا آءُ پستڪ مڪمل ڪري پريس ڏانهن موڪلڻ جو ويچار ڪري رهيو هوس تہ شري ديپچند بيلاڻيءَ جو اجمير مان خط آيو تہ ، جنهن ۾ هن مون کي سندس پستڪ جو مهاڳ لکڻ لاءِ لکيو .

مون ويد پرڪاش نظر مان ڪڍيو آهي . شري ديپچند بيلاڻيءَ سرل ۽ سپڪ ، سوادي ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ ويد منترن جي سمجهاڻي ڏني آهي . زندگيءَ جي جدا جدا پهلوئن کي خيال ۾ رکي، هن ويد منترن جي چونڊ ڪئي آهي . هن پهريائين هر هڪ ويد منتر جي ڏڪين شبدن جي سرل سنڌيءَ ۾ معني لکي پوءِ ارٿ لکيو آهي. ارٿ لکڻ کان پوءِ هن ويد منتر جي چٽيءَ طرح سمجهاڻي ڏني آهي. سمجهاڻي ڏيندي هن جدا جدا پستڪن مان هندي ، سنڌي ، اردوُ، انگريزي ۽ سنسڪرت ڀاشائن ۾ حوالا ڏنا آهن جيڪي پستڪ جي سونهن وڌائين ٿا ۽ ليکڪ جي ودوتا ۽ سواد يايہ جي ثابتي ڏين ٿا. هر پستڪ ليکڪ جي اندر جو آئينو آهي . هن پستڪ پڙهڻ سان ليکڪ جي آچار ، ويچار ، وهنوار ۽ جذبات جو پتو پوي ٿو. هوُ تن من آريہ ، رڳ رڳ آريہ ۽ سنڌ سنڌ آريہ آهي . سندس دل ۾ ويد ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ اَٿاهہ پريم ۽ اَڳاڌ شرڌا

آهي . سندس من ۾ عجيب قسم جي تڙپ آهي تہ شل اُهي سدورا ڏينهن جلد اچن ، جڏهن اسان جي گهر گهر ۾ ويد منترن جو پاٺ ٿئي ۽ اسان جو ٻچو ٻچو ويد امرت جو پاٺ ڪري پنهنجي آتمڪ پياس ٻجهائي .

شري ديپچند بيلاڻيءَ تي ايشور جي اَپار ڪرپا آهي جو هن کي 13_14 ورهن جي ٻال اوستا ۾ ويد اپياس جو موقعو مليو . هوُ سنڌ ۾ رهندي ئي اخبارن ۾ ويد اَمرت سري سان ڪنهن نہ ڪنهن منتر جي وياکيا ڏيندو هو . ڀارت ۾ اچڻ بعد هوُ **آتم درشن** ، **آريہ وير** ۽ **ڦلواڙي** رسالن ۾ **ويد اَمرت** ليکہ مالها ڏيندو رهيو آهي . شري ديپچند بيلاڻيءَ 1950ع ۾ پنجاب جي يوُنيورسٽيءَ جي پرڀاڪر پريکشا پاس ڪئي ، جنهن ۾ هن سنسڪرت وشيہ ڪنئي هئي . هوُ هندي ۽ سنسڪرت جو سٺو اپياسي ٿي رهيو آهي . هن جو هنديءَ ۾ ايڏو تہ پريم آهي ، جن ڀارت ۾ اچڻ بعد هن 1958 ۾ 47 سالن جي وڏيءَ عمر ۾ گورنمينٽ ڪاليج اجمير مان ريگيولر وديارٿي رهي ، هنديءَ ۾ ايم ، اي ، پريکشا پاس ڪئي . هن کي هنديءَ ۾ ويد تي انيڪ ودوانن جي وياکيائن پڙهڻ جو سوڀاڳيہ پراپت ٿيو آهي .

مون کي آشا آهي تہ سنڌي پاٺڪ ، ودوان ، ساهتيڪار ۽ اَديب هن قيمتي پستڪ جو قدر ڪندا ۽ ليکڪ جي اهڙي قدرشناسي ڪندا، جيئن هن ۾ **ويد پرڪاش** جي ٻئي ڀاڱي تيار ڪرڻ جو اُمنگہ ۽ اُتساهہ پيدا ٿئي . شل پرماتما بيلاڻيءَ کي نروڳي ڪايا سان وڏي آورجا بخشي ، جيئن هوُ ويد ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ جو وڏيڪ پرچار ڪري ، مهرشي ديانند سرسوتيءَ جو رڻ لاهي .

18. 10 1979 ع
**ڪنعيا لعل ايم . تلريجا**
**پرنسپال چاندي ٻائي ڪاليج آف آرٽس، ڪامرس ۽ سائنس**
**سنڌونگر(الهاسنگر) الهاس نگر( بمبئي1)**

---

# پُومکا

# ويد پراچين گرنٿ

ڀارت جا آريہ چاھي ھندو سناتن ڌرمي ويد کي پنھنجو ڌرم گرنٿ ڪري مڃين ٿا ۽ ان لاءِ سندن دلين اندر پوڄا ڀاو آھي . ھوُ ويد کي ديوَ واڻيءَ جي نظر سان ڏسن ٿا . ويدڪ ڌرمي ويد کي ڀڳوان ۽ ماتا ڪونين ٿا . ھو مڃين ٿا تہ جڳت جي آد (شروعات) ۾ تپسوي رشين جي اندر ۾ اھو انترناد ٿيو ھو ، جن انھن جو اُچارن ڪيو ھو ۽ پرمپرا ڪان رشي پنھنجي شش کي اھو ڪنٺ ياد ڪرائيندا ايندا آھن . ان ڪري ان کي **شُرتي** يعني ٻڌل چيو ويو ھو .

ويد کي صرف آريہ ھندو جھوني ۾ جھونو گرنٿ ڪري ڪونہ ٿا مڃين ، بلڪ سڄي سنسار جي مھان ودوانن جو اھو رايو آھي تہ ويد ڪان ڪو پراڻو گرنٿ آھي ئي ڪونہ . ھنن جي اھا قبوليت آھي تہ **رگ ويد** سنسار جي لائبرريءَ ۾ جھوني ۾ جھونو پستڪ آھي .

اولھہ جو ودوان **پروفيسر مئڪس مولر** پنھنجي مشھور ڪتاب "پراچين سنڪرت ساھتيہ جو اتھاس " (History of Ancient Sanskrit Literature) ۾ لکي ٿو تہ " جيستائين اسين پستڪالين (لائبررين) ۽ سنگرھالين (عجائب گھرن_Museums) ۾ اڳين يڳن جون يادگيريون ڪنيون ڪندا رھنداسين تيستائين انسان ذات جي آريہ شاخا جي ليکڪن جي لکيل گرنٿن جي ڊگھي قطار ۾ رگ ويد سدائين پھريون رھندو. " اڳتي ھلي وڌيڪ لکي ٿو تہ "اسين انھن گرنٿن جي پراچينتا (قدامت) جي باري ۾ ڪھڙو بہ انومان لڳايون،

مگر ڀارتيہ ساهتيہ جو هڪ اهو حصو، جو سنسار جي اتهاس ۾ هڪڙو ئي پنهنجي ان پڪي آستان جي دعويٰ ڪري ٿو، سو نہ رڳو انهن سيني جو، پورب (اوڀر) وارن جو پر سڄي سنسار ۾ منش ٻڌيءَ جي اوچين حاصلاتن جي جيڪي جاچ پڙتال ڪن ٿا ۽ آئيندھ بہ ڪندا، انهن جو ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ اُهي شنڪائون جيڪي ڪيترن سالن کان مون کي بہ هيون تن کان آزاد ڪري ڇڏي ٿو. "

## ويد ۾ ڇا آهي؟

ويد جو لفظي ارٿ آهي گيان (knowledge) . ساڌارڻ گيان نہ پر ستيہ (سچ)، پرم رهت (شڪ کان آجو) ، اَنڀوي (آزموده)، نشچي ڪيل (فيصلائتو) پٿارث (حقيقي) گيان . ويد گيان جو ڀندار آهي. دنيا ۾ ڪوبہ پراچين خواھ نئون اهڙو گيان وگيان ڪونهي، جنهن جو بيان ڪليل روپ ۾ يا سوتر (ڳجهي) روپ ۾ ويد ۾ ڄاڻايو نہ ويو هجي. تتوَ (روحاني)گيان، نيتي ڌرم (اخلاقي ڄاڻ)، تندرستي وگيان (صحت جو علم)، راڄنيتي گيان (سياست)، سائنس، جنگي گيان، جوتش وغيره اهڙي ڪابہ وشيہ ڪانهي ، جيڪا ويد ۾ موجود ناهي .

## چار ويد

ويد اصل ۾ هڪ آهي، پر ان جا چار ڪانڊ يا ڀاڱا ڪيا ويا آهن، جن ڪي **رگ ويد** ، **يجرويد** ، **سام ويد** ۽ **اٿرو ويد** نالا ڏنل آهن.

رگ ويد گيان ڪانڊ، يجر ويد ڪرم ڪانڊ، سام ويد اُپاسنا ڪانڊ ۽ اٿرو ويد وگيان ڪانڊ آهي.

**رگ ويد** ۾ ستيہ جو، پرڀوءَ جو، آتم گيان جو ورڻن آهي . **يجرويد** انهيءَ گيان کي ڪرم جي روپ ۾ آڻڻ، **عمل** ۾ آڻڻ جو بيان آهي . **سام ويد** ۾ من جي چڻنچلتا کي دور ڪرڻ لاءِ اُپاسنا ڀڳتي ۽ سنگيت وديا جا منتر ڏنل آهن . **اٿروَ ويد** آهي وگيان سان ڀريل ،جو آهي گيان (علم) ، ڪرم (عمل) ۽ اُپاسنا (عبادت) جو ڦل .گيان بنا ڪرم ۽ ڪرم بنا گيان اڌورو آهي. ان سان گڏ ايشور ڀڳتيءَ بنا منش جيون بي رس ۽ اَشانت بڻجي ٿو .گيان ڪرم ۽ اُپاسنا جو آخرين نتيجو وگيان آهي .

---

# اَنسان ذات جو گرنٿ

---

ويد ڪو هندن ۽ آرين جو ورثو ڪونهي ، اهو ڪنهن هڪ مذهب يا جاتيءَ يا ديش جو گرنٿ ناهي، اهو تہ ساري انسان ذات جو گرنٿ آهي، عالمگير(Universal) گرنٿ آهي . ويد ۾ جيڪي ڪجهہ ڄاڻايل آهي سو ٽنهي ڪالن (وقتن_ زمانن) لاءِ سمان روپ (هڪ ئي ريت) ۾ ستيہ (سچ) آهي ۽ ايندڙ وقت (مستقبل) ۾ بہ ستيہ رهندو. ويد جي اپديش پراچين ڪال ۾ منش جو ڪلياڻ ڪيو آهي ، اڄ بہ منش جي ڪلياڻ ڪرڻ جي منجهس يوگتيا آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ بہ

ڪلياڻ ڪاري ٿيندو. ويد ۾ جيڪو ڪجھ چيو ويو آهي اهو هر انسان لاءِ آهي . ويد ۾ منش ڪي ئي سمبوڌن (سڏ) ڪيو ويو آهي. ان ۾ ڪنهن خاص جاتيءَ، خاص ديش، خاص ڌرم يا رنگ واري ڪي سمبوڌن نہ ڪيو ويو آهي .

ويد ساري انسان ذات ڪي پرماتما جا اَمرت پترڪري مڃي ٿو. ويد ڌرتيءَ جي سڀني ماڻهن ڪي پاڻ ۾ ڀائر مڃي ٿو. انهيءَ ڪري ويد ڪنهن خاص ديش ۾ رهندڙ ماڻهن جو ڌرم گرنٿ ناهي بلڪ سموري انسان ذات جو ڌرم گرنٿ آهي .

## ويدڪ سنسڪرتي _ مانوَ سنسڪرتي

ويد ۾ جنهن سنسڪرتي جو ذڪر آهي، اها بہ سموري منش ذات لاءِ آهي. انهيءَ ڪري ويد جي سنسڪرتي صرف ڀارت ۾ ناهي اها ساري دنيا ۾ آهي . ويدڪ سنسڪرتي عالمگير (Universal) سنسڪرتي آهي. انهيءَ کي ڀارتيہ سنسڪرتي انهيءَ ڪري چيو وڃي ٿو، جو ڀارت جي ماڻهن انهيءَ سنسڪرتيءَ جي خاص طرح رکشا ڪئي آهي. اصل ۾ تہ ويد سنسڪرتي مانوَ (انسان ) جي سنسڪرتي آهي. اُها سنسڪرتي سڀني ماڻهن کي اوچو ڪرڻ چاهي ٿي ۽ نہ ڪنهن خاص ديش جي ماڻهن کي .

## ويد سنسڪرتيءَ جو درشيہ

جڏهن ويد سنسڪرتيءَ جو، ويد جي ڌرم جو ساري پرٿويءَ تي ڦهلاءُ ٿي ويندو، تڏهن سنسار اُنهن سيني ڪشٽن کان ڇوٽڪارو پائي سگهندو، جنهن جو ڪجهه درشيه اولهه جي ڀوتڪتاوادي (Materialist) سنسڪرتي جي خراب نتيجن مان نظر اچي ٿو . اڄ جي ڀوتڪتاوادي ۽ ڀوڳيه وادي يورپين سنسڪرتي ۽ سڀيتا اڄ جي انسان کي خراب نموني وڪوڙي ڇڏيو آهي . ان جي چنبي ۾ اچي اڄ جو انسان پڪو ڀوڳيه وادي ۽ گهورسوارٿي ٿي ويو آهي . هو پنهنجي ڀوڳ جي پياس جي پورائيءَ ۽ خودغرضيءَ لاءِ ڪا اهڙي نيچتا، ڪو اهڙو انرٿ، ڪو اهڙو ڪڪرم ۽ ڪو اهڙو اتياچار ڪونهي، جو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نہ ٿو وڃي. انهيءَ يورپين سنسڪرتيءَ جو اثر اڄ دنيا جي ٻين حصن تي بہ پيو آهي . ٻلوان ديشن جي ماڻهن هٿان ڏرتيءَ جي عام ماڻهن کي بيان کان ٻاهر ڪشٽ ڏسڻا پيا آهن .

پر ويدڪ سنسڪرتيءَ ۾ اهي سمورا تتو پوري انداز ۾ موجود آهن. جن جي اختيار ڪرڻ سان انسان آدرشي انسان بڻجي سگهي ٿو. ويد سنسڪرتي آتما ۽ پرماتما جي ستا ۾ زنده وشواس رکي ٿو . اهو وشواس منش ۾ اَڌياتمڪتا (روحانيت ) پيدا ڪري ٿو ۽ هر انسان ۽ پراڻيءَ کي پنهنجو ياءُ سمجهڻ جي پريرڻا ڪري ٿو . اهو وشواش هي بہ سيکاري ٿو تہ آنند صرف پرڪرتيءَ پنيان ڊوڙڻ سان ئي پراپت نہ ٿو ٿئي، مگر پراڪرتڪ آنندن کان گهڻو وڌيڪ اوچو ۽ جٽادار آنند پرماتما جي ساکياتڪار سان پراپت ٿئي ٿو . انهيءَ ڪري دنيوي سکن پنيان انڌو بڻجي ڊوڙڻ جي ضرورت ڪانهي. دنيوي سکن پنيان انڌو ٿي ڊوڙڻ منش کي گهور سنڪٽ

۾ وجي اچلي ٿو. انهيءَ ڪري دينوي سکن جو سنجم (سمجھہ) سان استعمال ڪرڻ جڳائي، جنهن ڪري اهي اسان کي زواليت طرف وٺي وجي نہ سگھن .

ويد سنسڪرتي، پرڪرتيءَ ۾ ان مان نهيل ڀوَتڪ شرير جي ستا کي سويڪار ڪري ٿي، انهيءَ ڪري شرير جي ڀوتڪ (جسماني) ضرورتن جي پورتيءَ لاءِ هر پرڪار جي پراڪرتڪ اُنتِي ڪرڻ لاءِ بہ پريرڻا ڪري ٿي . مگر پرڪرتيءَ ۾ ان مان نهيل اسان جي پوتڪ شريرن جي ستا پرماتما ۾ آتما جي آڌين آهي . ان ڪري اسان جي جيون جي دنيوي انتيءَ جو نکتہ نظر اڌياتمڪ انتيءَ جي نکتہ نظر جي آڌين رهي هلڻ کپي. دنيوي ۽ اڌياتمڪ انتيءَ جو مناسب ميل ٿيڻ گھرجي . ويدڪ سنسڪرتي منش جيون کي اَدرش جيون بنائڻ لاءِ ضروري سيني اڌياتمڪ گڻن جي سکڻ ۽ ڌارڻ ڪرڻ تي تمام گھڻو زور ڏئي ٿي. اُها ٻڌائي ٿي تہ منش کي ستيا جو پورن اپاسڪ ٿيڻ گھرجي . ستيہ جي پالنا ڪرڻ تي ئي پرٿوي استر رهي سگھي ٿي ۽ ستيہ جي اختيار ڪرڻ سان ئي راشٽر اُنتي ڪري سگھن ٿا ۽ اهڙي طرح سيني کي پريم سان پورن اهنسڪ جيون گذارڻ گھرجي . اها سنسڪرتي اپريگرھ _تياڳ جي منورتيءَ سان گڏ دنيوي پدارٿن جي استعمال ڪرڻ جي جيون تي زور ڏئي ٿي يعني تياڳ سان ڀوڳ ڪريو . (يجرويد)

هي سنسڪرتي چوي ٿي تہ ماڻهن کي چوري نہ ڪرڻ جو، لوڀ لالچ کان پري رهڻ جو ۽ اهڙي طرح چوري، ڌاڙي وغيره ذريعي ٻين جي ملڪيت نہ ڦرڻ جو ۽ ٻين جو سامان ۽ اڌڪار دوکي سان نہ

هڙپڻ جو ۽ پنهنجي ئي ڪمائي تي راضي رهڻ جو جيون گذارڻ جڳائي. (يجرويد1_40) هن سنسڪرتيءَ ۾ برهمچريه تي، من ۽ اِندرين(حواسن) جي سنجم تي تمام زور ڏنو ويو آهي .

هيءَ سنسڪرتي چوي ٿي ته انسان کي پوڳ ولاس جي جيون کان جدا رهي، تپ جو، سرلتا، سادگي ۽ سهن شيلتا (برداشت) جو جيون گذارڻ گهرجي يعني **برهمچريه ۽ تپ سان ديوَ مرتيو تي جيت پائين ٿا** . (اٿرو ويد 19_11 _5)

هيءَ سنسڪرتي ڪرم شيلتا تي وشواس ڪري ٿي ۽ چوي ٿي ته منش کي 100 سال جي ڊگهي عمر پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ 100سال جي عمر جيئڻ لاءِ ڀانت ڀانت (طرح طرح) جا اُتم ڪرم ڪندو رهڻ گهرجي ، ڪڏهن به آلسي بڻجي ويهڻ نه گهرجي .

**ڪرم ڪندي 100 سالن تائين جيئڻ جي اڇا ڪريو** (يجرويد 6_40 )

هي ويدڪ سنسڪرتي، هيءَ ويدڪ ڌرم، جيون کي اوچو، پوتر ۽ اُنتيءَ وارو بڻائڻ وارن ٻين به انيڪ تتون جو اپديش ڏئي ٿو. هتي اُهي وستار(تفصيل) سان لکڻ جي ضرورت ڪانهي. ٿوري ۾ چئجي ته ويدڪ سنسڪرتيءَ ماڻهو کي پوتر بڻائي ٿي، پرشارٿي بڻائي ٿي، ٻلوان ۽ وير بڻائي ٿي. هن سنسڪرتيءَ کي عملي روپ ۾ اختيار ڪرڻ سان ڪنهن شخص يا راشٽر جي هار يا زواليت نٿي ٿي سگهي. جيستائين اسان جي ديش جا ماڻهو انهيءَ ويدڪ سنسڪرتيءَ کي شڌ روپ ۾ عملي روپ ۾اختيار ڪندا رهيا ،

تيستائين ڀارت ورش جي ڪماليت رهي . جڏهن هتان جي ماڻهن ويدڪ سنسڪرتيءَ کي ڀلائي ڇڏيو، تڏهن سندس زواليت ۽ هار ٿيڻ شروع ٿي ويئي. جيڪڏهن اسان جي ديش جا واسي ويد جي ڌرم تي هلندا رهن ها ته هو ڪڏهن به غلام ٿي نه سگهن ها .

## وئدڪ سنسڪرتي ۽ سنسڪرت ساهتيه

وئدڪ سنسڪرتيءَ کي جن کي ڏسڻو آهي انهن کي سنسڪرت ساهتيه جو ابياس ڪرڻو پوندو . سنسڪرت ساهتيه روپي سمنڊ جي مهان رتنن اُپنشدن ، گيتا، شٽ درشنن وغيره ويچار گرنٿن، رامايڻ ، مهاڀارت وغيره اتهاس ۽ ڪاويه گرنٿن ۽ منو سمرتي وغيره ڌرم گرنٿن ۾ ڀارتييه سنسڪرتيءَ جو وشال روپ ڏسڻ لاءِ ملندو .

## وئدڪ سنسڪرتيءَ جو مول

سنسڪرت ساهتيه جي مٿي ڄاڻايل گرنٿن پنهنجو آڌار ويد ٻڌايو آهي . اهي گرنٿ پنهنجي پريرڻا ويد مان پراپت ڪن ٿا ۽ هر هڪ مانيتا (نظريي) جي نشچي (فيصلي) ڪرڻ لاءِ ويد کي آخري پرماڻ (ثبوت) مڃين ٿا . اهڙي طرح اهي گرنٿ جنهن سنسڪرتيءَ جو چترڻ (چٽسالي) ڪن ٿا، انهن جو آدي مول ويد آهي . ويد ئي حقيقت ۾ اها گنگوتري آهي، جتان وئدڪ سنسڪرتيءَ جي گنگا وهي ٿي . ڀارتييه سنسڪرتي ۽ ويد سنسڪرتي هڪ ئي وستوءَ جا

ٻه نالا آهن . جيڪڏهن حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته ڀارتيه سنسڪرتيءَ جو بلڪل شڌ روپ ويد ۾ ئي ملي ٿو .

مٿي جن گرنٿن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي جيتوڻڪ ويد کي پنهنجو آڌار ۽ پرماڻ مڃين ٿا، تڏهن ٻه انهن ۾ ڪيترين حالتن ۾ انهن ڳالهين جو ورڻن (ذڪر) ڪونهي، جن جو ورڻن ويد ۾ ڪيو ويو آهي . هيڪاري ڪن حالتن ۾ انهن گرنٿن ۾ ويد جي خلاف مانيتائن جو ٻه ورڻن ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اسان کي وئدڪ سنسڪرتيءَ جو بلڪل شڌ روپ ڏسڻو آهي ته اسان کي سڌو ويد جي سواڌيايه (مطالعو) ڪرڻ گهرجي .

## ويد ايشور ڪرت (رچيل) يا منش ڪرت؟

ڀارتيه سنسڪرتيءَ ۾ ويد جي عزت ۽ مان گهڻو آهي، ان کي اٿارٽي ڪري مڃيو وڃي ٿو برصغير ۾ جيترا مهان ويچارڪ، آچاريه ۽ رشي مني ٿي گذريا آهن، اهي اڪثر سڀئي ويد جي پرماڻڪتا (اٿارٽي) سويڪار (قبول) ڪن ٿا ۽ ان کي بنا ڪنهن شنڪا(شڪ شبهي) جي ايترو پرماڻ ڪري مڃين ٿا ۽ ان کي پرماتما جو گيان ڪري مڃين ٿا ، جو پرماتما سرشٽيءَ جي آد ۾ ماڻهن جي رهبريءَ ۽ ڪلياڻ جي لاءِ اَد رشين تي ظاهر ڪيو هو . ڀارت جي ساري ساهتيه ۾ ان کي ايشور جي واڻي ڪري مڃيو ويو آهي ۽ ان کي سڀ ڪان وڏيڪ اٿارٽي ڪري ليکيو ويو آهي . ڀارتيه آرين جا برهمڻ گرنٿ، اُپنشد، درشن شاستر، سمرتيون، گيتا، ڌرم سوتر ۽ گرهيه سوتر وغيره ڌارمڪ ۽ اڌياتمڪ گرنٿ ته ويد جي اهڙي مهمان

ڳائين ئي ٿا مگر پراڻ ، ڪاويہ ۽ اَيرويد شاستر وغيره جا وگيانڪ (سائنسي) گرنٿ بہ ويد بابت اهو ئي رايو رکن ٿا . ڀارت جا آريہ ان کي انهيءَ درشٽيءَ (نظر) سان ئي ڏسن ٿا .

آرين جي گهر گهر ۾ اجا تائين ويد جي بابت اهائي ڌارڻا (نظريو) هلي اچي ٿي . ڀارت جي ساري پرمپرا ويد کي ئي پنهنجيءَ سنسڪرتيءَ ۽ چنتن جو مول وهڪرو ۽ آڌار مڃي ٿي. ليڪڪ جو بہ اهو وشواس آهي تہ ويد ايشور گيان آهي پر هتي انهيءَ بحث ۾ پوڻ جي ضرورت ڪانهي تہ ويد پرماتما جو ڏنل آهي يا پراچين رشين جي رچنا آهي .جيڪڏهن ٿوريءَ دير لاءِ مڃيو بہ وڃي تہ ويد پراچين رشين جي رچنا آهي تہ بہ ويد جي اهميت ڪجهہ گهٽ ڪانہ ٿي ٿئي . اسانجا اپنشد ۽ گيتا خواهہ انهيءَ در جي جا ٻيا انيڪ گرنٿ رشين جي رچنا هوندي بہ گهٽ اهميت ڪانہ ٿا رکن .انهن ۾ ويچارن اڳيان سنسار جا وڏا وڏا ويچارڪ (مفڪر) پنهنجو مستڪ نمائين ٿا ۽ مڃين ٿا تہ وشو جو ڪلياڻ انهن ويچارن جي سويڪارن ڪرڻ ۽ انهن پٽاندر آچرڻ (هلت) ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿو. رشين جي رچنا هوندي بہ انهن گرنٿن کي ايشور جي رچنا جهڙو مڃيو وڃي ٿو. ايڏو وشواس ماڻهن جو انهن گرنٿن لاءِ آهي .

حقيقت ۾ اعليٰ درجي جا پهتل رشي لوڪ جو ڪجهہ لکن ۽ چون ٿا ان ۾ ايشور جي پريرڻا بہ رهي ئي ٿي . اهڙيءَ طرح ويد کي ڪٽي ڪو ايشور گيان نہ مڃي تہ بہ ان ۾ ايشور گيان جهڙي شرڌا تہ رکي سگهي ٿو ويد ۾ جيڪي ڪجهہ اپديش آهن، اهي ايترا تہ اوچا

آهن جو انهن جي پريرڻا ۽ انهن جي آڌار تي اُپنشد ۽ گيتا جهڙا گرنٿ لکيا ويا آهن.

---

# غلط ڌارڻا

---

ويدن جي باري ۾ ڪن ماڻهن ۾ ڏاڍا غلط خيال ويٺل آهن. چي ويد گنوارن جا گيت آهن . ڪي وري چوندا آهن ته ويدن ۾ اتهاس ڏنل آهي، ان ڪري اهو ايشوري گيان ٿي نه ٿو سگهي . ڪي چوندا آهن ته ويد ۾ هڪ ايشور جي پوڄا نه، بلڪه انيڪ ديوي ديوتائن جي پوڄا جو ورنن ڪيل آهي . ڪن ۾ وري اها غلط فهمي ويٺل آهي ته ويد ڪنهن خاص فرقي يا سمپردايه جو ڌرمي گرنٿ آهي. مگر اهي غلط خيال تڏهن ڦهليا آهن جڏهن ويد جي گيان کان ماڻهو محروم رهيا آهن ۽ ڪيترن ۾ ويد جي ڳوڙهي گيان جي سمجهڻ جي گهربل لائقي نه رهي آهي .

حقيقت ۾ ويد جو هڪ هڪ منتر اعليٰ گيان سان ڀرپور آهي. جيئن ته سرشٽيءَ (ڪائنات) جي آد ۾ رشين پاران اهو ويد روپي گيان ايشور لوڪن کي پردان (عطا) ڪيو، ان ڪري ويدن ۾ اتهاس جو هئڻ مڃڻ هڪ وڏي اڻ ڄاڻائي آهي . نه وري ويد ۾ هڪ ايشور بجاءِ گهڻن ديوي ديوتائن جي پوڄا جو ورنن آهي. اگني، وايو، اندر، شوَ، وشنو وغيره به ايشور جا ئي صفاتي نالا آهن. ويد ته ڏونڪي جي چوٽ سان هڪ ئي نراڪار پرماتما جي اپاسنا ڪرڻ جي آگيا ڪئي آهي. ويد کي ڪنهن خاص فرقي يا سمپردايه جو گرنٿ مڃڻ به هڪ ناداني آهي، ڇاڪاڻ ته ويد ۾ ڪٿي به ڪنهن خاص مت يا فرقي

جو ذڪر ڪونهي .ويد تہ مانوَتا (انسانيت) سيڪاريندڙ گرنٿ آهي . ويد جي تہ اها ئي سکيا آهي تہ سچو انسان ٿيءُ .

# ويد سڀني جو ۽ سڀني لاءِ

ڪي تنگ خيال ماڻهو ائين مڃيندا آهن تہ استرين (عورتن) ۽ شودرن کي ويد پڙهڻ جو اڌڪار (حق) ڪونهي ،پر اهو غلط پرچار آهي . ويد ۾ تہ صاف چيل آهي تہ هي ڪلياڻڪاري واڻي سڀني لاءِ آهي . حقيقت ۾ ويد گيان سڀني لاءِ آهي ، ڪنهن خاص جاتي يا خاص ديش لاءِ ڪونهي . هي تہ اهڙي طرح سڀني لاءِ آهي جهڙي طرح هوا ۽ پاڻي سڀني لاءِ آهي . بيوقوفيءَ کان تنگ خيال ۾ ڪٽر پنڊتن چيو تہ هينينءَ ذات جا ماڻهو ويد کي ڇهندا تہ اُهي اَپوتر ٿي پوندا. سچ تہ ائين آهي تہ ويد جو گيان ڪنهن کي ڇهي (سمجهہ) ۾ اچي تہ اهو ڪيترو بہ ڪٽي اپوتر هجي تہ بہ هو پوتر ٿي پوندو .

ويد تہ ايشور گيان آهي، اهو ڪنهن جي ڇهڻ سان اپوتر ٿي پوندو، ائين مڃڻ بلڪل بي سمجهيءَ جو نتيجو آهي. اڻويهين صديءَ جي مهاودوان ۽ ڌرم اڌارڪ **مهرشي ديانند سرسوتيءَ** تہ ايتري قدر چيو تہ ”ويد سڀني ست وديائن (علمن) جو پستڪ آهي، ان جو پڙهڻ پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ ٻڌائڻ سڀني آرين جو پرم ڌرم آهي. “ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ويد سڀني لاءِ هڪ جهڙو ڪارائتو ۽ ڪلياڻ ڪندڙ آهي .

# ويد جي مهما

ويد جي مهما (اعلي) فقط هندو ودوانن نہ بلڪ پرديهي ودوانن بہ ڪليءَ دل سان ڳائي آهي، چاڪاڻ تہ ويدن جو گيان محدود ماڻهن لاءِ نہ، بلڪ سڄي انسان ذات لاءِ آهي. اهي انسانيت جي راهہ ٻڌائين ٿا، اتمڪ آنند جو مارگ ٻڌائين ٿا ۽ انهن جو گيان موجوده سائنس پٽاندڙ بہ کرو ثابت ٿو ٿئي .

جيئن ڏهيءَ ۾ مکڻ، ماڻهن ۾ برهمڻ، دوائن ۾ امرت ،ندين ۾ گنگا ۽ پسن ۾ ڳانءِ سريشٽ آهن، نيڪ اهڙيءَ طرح سموري ساهتيہ ۾ ويد سڀ کان سريشٽ ۽ سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو آهي .

ويد ويدڪ سنسڪرتيءَ جو مول آڌار آهن. سڪيائن جا ڀنڊار ۽ خزانو آهن. ويد سنسار روپي ساگر کي پار ڪرڻ لاءِ جهازسمان آهن. ويد ۾ انساني جيون جي سڀني مسئلن جو حل ڏنل آهي.ويد دنيوي دکن کان تتل هردن لاءِ سيتل ملم آهن. آگيان جي انڌڪار ۾ ڀيل انسانن لاءِ روشن مينار(Light House) آهن، جي ڀليل ڀٽڪيل ماڻهن کي ست مارگہ ڏيکارين ٿا . ويد نااميديءَ جي ساگر ۾ ٻڏندڙ لاءِ آشا جو ترورو آهن. اهي روحاني پانڌيئڙن لاءِ ڀريو پراپتيءَ جي ساڌنن جو اُپديش ڏين ٿا . ٿوري ۾ چئجي تہ ويد اَملهہ رتنن جو ڀنڊار آهن .

# پارتي ودوانن جا رايا

**مهرشي ديانند سرسوتي** : ويد سڀني ستيہ وديائن جو پستڪ آهي .

**مهرشي منو** : ويد ڌرم جو مول پستڪ آهي .ناستڪ اهو آهي جيڪو ويدن جي نندا ڪندڙ آهي .

**رشي اتري** : ويد کان وڏيڪ ڪو اتم شاستر ڪونهي .

**سوامي ويڪا نند** : ويدن بابت هندن جي اها ڌارڻا آهي تہ اهي پراچين ڪال ۾ ڪنهن خاص شخص جي رچنا يا گرنٿ ناهن . اهي انهن کي ايشور جو اننت (لامحدود) گيان جو خزانو مڃين ٿا، جو ڪنهن وقت ظاهري ۽ ڪنهن وقت لڪل رهي ٿو. ويد جي رچيندڙ کي ڪڏهن ڪنهن نہ ڏٺو آهي، ان ڪري ان جو خيال ڪرڻ بہ ناممڪن آهي. رشي لوڪ انهن منترن يا سناتن نيمن جي صرف کوجنا ڪندڙ هئا .انهن آدي ڪال (شروعاتي وقت) کان قائم گيان ڀنڊار ويدن جو ساکياتڪار(ظاهري طور ڏسڻ) ڪيو هو .اهي ويد ئي اسانجا اڪيلا پرماڻ آهن ۽ انهن تي سڀني جو اَڌڪار آهي .

**مهاتما نارائڻ سوامي** : ويد ڀاشا کان اڳ ڪابہ ڀاشا ڪانہ هئي. ايشور ۽ پرڪرتيءَ وانگر جيو بہ نتيہ آهي .انهيءَ ڪري ان جي ڪلياڻ لاءِ ڏنل گيان (ويد) جو بہ نتيہ هئڻ لازمي آهي .

**شري ماڌو اَچاريہ** : سيني ودايائن خاص ڪري ويدن جي گيان ڏيڻ وارو خود وشڻو ڀڳوان آهي .

**شري سايڻ اَچاريہ** : مان انهيءَ وديا روپي تيرٿ مهيشور ڪي نمسڪار ڪريان ٿو، جنهن جي ساهہ مان ويد پيدا ٿيا ۽ انهن ويدن مان سارو جڳت پيدا ٿيو .

**شري ڪپل مني** : ويد ايشوري شڪتيءَ دواران پرگهٽ ٿيو آهي، انهيءَ ڪري اهو سوَتہ (خود بہ خود ) پرماڻ آهي .

---

# شاسترن جا رايا

---

**ويدانت شاستر** : ( سوتر 1_ 1_ 3) رچيندڙ **شنڪر آچاريہ** : رگ ويد آدي جيڪي چار ويد آهن، تن ۾ انيڪ وديائون سمايل آهن. اهي ويد سڄ جيان سڀي ارٿ جو پرڪاش ڪن ٿا . سندن ناهڻ وارو ڄاڻي ڄاڻُٺهار برهم کان سواءِ ٻيو ڪو ڪونہ آهي .

**يوگ درشن سماڌي پاد 26 سوتر)** رچيندڙ **رشي پاتنجلي** : ايشور نت گيان (ويد) جو ڏيندڙ هئڻ ڪري اڳين پوين سيني جو گرو آهي .هن کي ڪال ڪاٽي نہ ٿو سگهجي .

**پورو ميمانسا** رچيندڙ **مني جئمني** :جنهن ڳالهہ جي ويد آگيا ڏئي سو ڌرم آهي .جيڪي ويد جي خلاف هجي سو اڌرم آهي .

**نياءُ درشن** (2_1_28) رچيندڙ **گوتم مني** : ويد پرم آپت يعني پرماتما جي وچن هئڻ ڪري پرم پرماڻ آهي .

**وئشيشڪ درشن** (1_ 1_ 30) رچيندڙ **ڪڻاد مني** : ويد پرم پرماڻ آهي .

**شريمد ڀڳوت گيتا** (اڌ ياءُ ٽيون 14_15ب شلوڪ ) : پراڻين جو جيون ان تي مدار رکي ٿو. مينهن جي دوارا اَن پيدا ٿئي ٿو. بادل يڳيہ دوارا پيدا ٿيندا آهن. يڳيہ پورڻ ٿيندو آهي ڪرم دوارا. ڌرم ڪرم جي ڄاڻ ويد دوارا ٿيندي آهي. ويد اکر (اوناشي پرميشور ) مان اُتپن ٿئي ٿو .انهيءَ ڪري ائين سمجهو تہ يڳيہ ۾ پرميشور سدائين موجود آهي .

**مهاڀارت** (شانتي پرو اڌ ياءُ 232،شلوڪ 4) : ويد انادي (ازلي) آهي، اهو نت آهي، ناس ٿيڻ جو ناهي .خود ڀڳوان انهيءَ واڻيءَ روپ جوتيءَ جو پرڪاش ڪيو هو .انهيءَ دوارا ئي منش پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ لڳن ٿا .

**منڊڪ اُپنشد** (2،1،4): اگني ڀڳوان جو مٿو آهي، سج ۽ چنڊ سندس اکيون آهن، دسائون ۽ طرف هن جا ڪن آهن. ويد سمجهو تہ سندس واڻيءَ مان نڪتل آهن .

**برهدارڻيڪ اُپنشد** (4،5،11) : رگ ويد ،يجرويد ،سام ويد ۽ اٿرويد انهيءَ پرماتما جي پراڻن مان نڪتا آهن .

**منو سمرتي** (12،64) : رچيندڙ **منو مهاراج** : ديون ،پترن،منش لاءِ ويد انادي رتن ڏيڪاريندڙ اک جيان آهي. (2.6) ۾ ڏيڪاريل آهي تہ ويد ساري ڌرم جو مول آهي .

**ياگيہ ولڪيہ سمرتي**، رچيندڙ **مني ياگيہ ولڪيہ** : ويد شاستر ڪان وڌيڪ ڪو ٻيو شاستر ڪونہ آهي. ٻيا بہ شاستر سناتن ويد مان ئي نڪتا آهن .

**اتري سمرتي** : ويد ڪان وڌيڪ ڪوئي شاستر ڪونهي .

---

# مهاتما گوتم بڌ جا ويچار

---

مهاتما گوتم بڌ لاءِ ڪن ليکڪن جو رايو آهي تہ هُو نڪي ايشور ڪي مڃيندو هو نہ ڪي ايشور جي واڻي ۾ سندس وشواس هو پر هن ويچار ڌارا جي اُبتڙ ڪيترن ودوانن جو خيال آهي تہ ڀڳوان بڌ رشي ديانند جيان هڪ سڌارڪ هو .هن جو ڀڳوان ، ويد ۽ پرمپرائن ۾ پورو وشواس هو. اُهي هينيان پرماڻ پيش ڪندا آهن :

1. **ست نپات**(29) ۾ لکيل آهي تہ ”جيڪي ودوان ويدن جي دوارا ڌرم جو گيان پراپت ڪندا آهن ،انهن جي اُستا (يقين) ڊانوا ڊول ڪانہ ٿيندي آهي “ .

2. للت وستار ست نپات 322شلوڪ ۾ اچي ٿو تہ ”جيڪو ويد ڄاڻڻ وارو آهي، جنهن ساڌن ڪيو آهي، جنهن گهٽو ڪجهہ

ٻڌو آهي ۽ جنهن ڌرم کي نشچي روپ سان ڄاتو آهي اهو پاڻ گياني ٿي، ٻين اڌڪارين کي گيان ڏئي ٿو ."

3. ست نپات ( 458) ۾ مهاتما ٻڌ چوي ٿو تہ "مان چوان ٿو تہ جنهن جي اَهوتي ڏيڻ سمي ويد جو ڄاڻو اچي پهچي ٿو، تنهن جو يگيہ سڦل ٿئي ٿو .

# گرو جن جا ويد بابت ويچار

گرو گرنٿ صاحب ۾ گرو جن جي ٻاڻي آهي، هن جو ارادو ڪنهن بہ نموني ٻي ڌرم پيدا ڪرڻ جو ڪونہ هو . هنن هندو جاتيءَ ۾ آيل وچين زماني جي دوشن کي هٽائي ڪين پوتر شد خالص ۽ وير ٻٽائڻ جو يتن ڪيو. هيٺ ڏنل مثالن مان ڏسندا تہ ويد بابت گرو جن جا کهڙا نہ اُتم ويچار هئا :

1. **اونڪار ويد نرمائي** ( راڳ رام ڪلي ، محلا پهلا )

**ارٿ** : اونڪار ويد ناهيا .

2. **اسنڪہ گرنٿ مکہ ويد پاٺ** (جپ صاحب پوُڙي 17)

**ارٿ**: گرنٿ انيڪ آهن ، انهن ۾ مکيہ هي ويد جو پاٺ .

3. **ڪل ۾ ايڪ مان ڪر پانڌ ، جاهہ جپي گت پاوءِ ،**
**اور ڌرم تاڪي سم ناهن، اس وڌ ويد بتاوءِ.**
(راڳ سورٺ محلا 5)

**ارٿ** : ڪلجڳ ۾ جيڪو رڳو ڪرپانڌان جو نالو جپيندو، تنهنجي ڳنتي ٿيندي . انهيءَ (جپ) جي برابر ڪو ٻيو ڌرم ڪونہ آهي . اِها وڏي (طريقو) ويد ٻڌائي آهي .

**ديوا جلي انڌيرا جائي ، ويد پاٺ مت پاپا کائي !**
**اڳوي سور نہ جاپئي چنڊ ، جهان گيان پرگاس اگيان مٽنت .**

**ارٿ** : جيئن ديپڪ جي ٻرڻ سان اوندھ ناس ٿيندي آهي تيئن ويدن جي پاٺ ڪرڻ سان پاپ مئہ ٻڌي ناس ٿيندي آهي. جتي گيان جو پرڪاش ٿئي ٿو ۽ اگيان مٽجي وڃي ٿو، اتي سج ۽ چنڊ جي روشني بہ نہ ٿي پهچي .

ڏهين پاتشاهي **گرو گوبند سنگھ صاحب** بہ ويد جي ساراھ ۾ گهڻا ئي وچن لکيا آهن. ”وچتر ناٽڪ “ جي چوٿين اڌياءَ جي پجنگہ پرپات ڇند ۾ لکيل آهي تہ جن ويد پڙهيو تنکي ويدي ڪري ڪونيائون ۽ انهن ڌرم ڪرم جي نيڪ ريت هلائي . اڳتي ائين بہ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن انهن اپديش ڪيو ۽ لوڪن جو پاڻ ۾ وير مٽايو .انهيءَ ڇند جي اندر رگ ، يجر ، سام ، اٿرو ويدن جا نالا صاف صاف اچن ٿا .

# سنتن ۽ ڪوين جا ويچار

**ڪبير صاحب** جو هيٺيون وچن گرو گرنٿ جي راڳ پر ڀاتي شبد ٿيئن ۾ ڏنل آهي :

**ويد ڪتيب ڪهه مت جهوٺي _ جهوٺا جو نه وچاري .**

مطلب ته ويد شاستر سڀ سچا آهن .ڪوڙا آهن اهي ماڻهو ،جيڪي ان جو پورو ويچار نه ٿا ڪن .

**گوسوامي تلسيداس** سنت لفظ جي وياڪيا هن ريت ڪئي آهي :

**"سنت اهو آهي جنهن کي ويد ۽ پراڻ جو يٿارٿ (حقيقي) گيان آهي ."**

سنڌ جي ڪوي شري **چئنراءِ بچومل "سامي"** جا انيڪ شلوڪ رچيل آهن .ساميءَ جي شلوڪن ۾ هيٺ ڏنل وچن موجود آهن :

1. **ڇهه اٺارهن چار _ ڳالهه چون ٿا هڪڙي .**

**ارٿ** : ڇهه آهن درشن گرنٿ ،اٺارهن (18) پراڻ ۽ چار ويد آهن رگو ويد ،يجر ويد ،سام ويد ،اٿرو ويد

2. **چاريئي ٿا چون _ هل هيٺاهين وانڱي .**
3. **ويدن جو ويچار _سو سنڌيءَ ۾ سڻايو .**
4. **انئي پهر اُچار_ٿا ويد ڪرن وستار .**
5. **ويد جي واٽي _توکي سنڌيءَ ۾ سڻايان .**

**ڪاويہ پرڪاش** گرنٿ ۾ آيل آهي تہ ”هي شرتي! توکي نمسڪار هجي ،جنهن کي پد پد تي رشين ،شاسترڪارن ۽ ڪوين پنهنجي پنهنجي ويچار موجب پئي ڏنو آهي. “

# هڪ پارسيءَ جو رايو

اسانجي ديش جي مشهور پارسي نگرواسي فردون چانجي دادا لکيو آهي تہ ”ويد گيان ۽ سچاٽپ جا گرنٿ آهن، منجهن سرشٽيءَ جو پستڪ ،پرارٿنا جو پستڪ ۽ آچار وهنوار جو پستڪ سڀ سمايل آهن . ويد شبد جو ارٿ آهي عقل،وديا،گيان ۽ سچاٽپ .سچ پچ تہ ويد ۾ نوس گيان موجود آهي .“

# هڪ مسلمان جو رايو

عربستان جي لابيءَ نالي شاعر يارت کي مبارڪ باد زمين ڪونيندي لکيو آهي تہ : انهيءَ ملڪ ۾ ئي ايشور پنهنجو سچو علم ظاهر ڪيو هو “هن چئني ويدن جا نالا ڏيئي، ائين بہ لکيو آهي تہ ” اهي چارئي الهامي پستڪ کهڙي نہ پوتر، منوهر ۽ سيتل جيوتي اسانجي هردي جي اکين کي پهچائين ٿا. اهي چار گرنٿ ڏٽيءَ پنهنجي پيغمبرن (رشين ) تي هند ۾ نازل ڪيا. “

# وديشي ودانن جا رايا

## 1. پروفيسر هيرن (Prof. Heeren)

The Vedas stand alone in their solitary splendor serving as beacon of divine light for the onward march of humanity.

جهڙي طرح ويد پرڪاش سان چمڪندڙ آهن اهڙيءَ طرح ٻيو ڪو گرنٿ نٿو چمڪي .اهي انسان ذات جي انتيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ دويہ پرڪاش (روشن مينار) جو ڪم ڏين ٿا .“

## 2. لارڊ مارلي

What is found in the Vedas exists nowhere else

”جيڪو ڪجھ ويد ۾ ملي ٿو ،اهو ٻئي ڪنهن هنڌ ناهي .“

## 3. پروفيسر پال ٿيما (اُبنگن يونيورسٽي) :

The Vedas are noble documents: documents not only of value and pride to India but to the entire humanity because in them we see man attempting to lift himself above the earthly.

”ويد اهي پوتر گرنٿ آهن ،جيڪي نہ فقط ڀارت ورش لاءِ، بلڪ ساري سنسار لاءِ قيمتي آهن .ڇاڪاڻ تہ اسان انهن ۾ انسان کي دنيا کان مٿي اُٿڻ (موکش پراپت ڪرڻ ) جو يتن (ڪوشش) ڪندو ڏسون ٿا .“

## 4. هويلر ولوءِ کس (امريڪن استري) :

We have all heard and read about the ancient religion of India. It is the land of the great Vedas _ the most remarkable works containing not only religious ideas for a perfect life but also facts which all the science has since proved true.

Electricity, Radium, Electric trains, Airships, all seem to be known to the seers who found the Vedas.

”اسان پراچين ڀارت جي ڌرم جي وشيہ ۾ پڙهيو ۽ ٻڌو آهي.جي انهن مهان ويدن جي ڀومي آهي ،جيڪي تمام عجيب گرنٿ آهن .انهن ۾ نہ فقط مڪمل زندگيءَ لاءِ ڪارائتن ڌارمڪ تتون جو ئي بيان آهي ، بلڪ انهن حقيقتن جو بہ بيان آهي ،جن کص سائنس ستيہ ثابت ڪيو آهي. بجلي ، ريڊيم ، اليڪٽرانس ۽ هوائي جهاز وغيره ايجادون سڀيئي ويدن جي درشٽا رشين کي معلوم ٿيل نظر اچن ٿيون. “

## 5. شري ايڊورڊ ڪارپينٽر :

” ڪنهن نئينءَ دارشنڪ ويچار ڌارا جي نہ اسان کي اميد ڪرڻ گهرجي ۽ نہ اچا ئي ، ڇاڪاڻ تہ اتهاس جو اڀياس اسانکي انهيءَ نتيجي تي پهچائي ٿو تہ پراچين زماني کان وٺي **شوپنهار ۽ وٺمن** تائين ويد ۾ جيڪي ٻيج روپ ( سوتر روپ ) ۾ ويچار ڏنل آهن ، اُهي ئي ويچار هر هڪ ڌرم ۽ هرهڪ درشن شاستر جا پريرٽا ڪندڙ سڌ ٿيا آهن ۽ هاٺوڪو گيان ، انهن اَنادي سڌانتن (اُصولن) لاءِ

درشٽانتن ۽ شد رچنا جو هڪ نئون ڪپڙو تيار ڪري رهيو آهي.
(يعني هاٽوڪي سائنسي پيد منترن جي فقط وياڪيا ئي آهي ) .“

## 6. **پروفيسر ايمرسن :**

”ويد اسان جي جيون کي اوچو ڪري سگهن ٿا .يورپ جا سمورا درشن ۽ گيان اُنهن اگيان تيچ (خسيس ) آهن انهيءَ ڪري ويدن طرف وڃو .“

## 7. **شري ڊايسن :**

”ويد جي چيل سچائيءَ کي گرهڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن مان ويد پڙهان ٿو ، تڏهن مون کي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ آتمڪ هوا ڦڦڙن مان لنگهي رهي آهي .“

## 8. **شري ٽالسٽاليہ :**

”ويد ڌرم تمام پراچين ۽ سمپورڻ ڌرم آهي ۽ سنسار جي ڌرمن جي قطار پهريون حصو جڳهہ ان جي آهي . مان چاهيان ٿو تہ ان جي منوهر ۽ دلپسند اُپديشن ۽ ويچارن جو مختصر سنگرهہ تيار ڪريان ،جيئن اهي آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهون .“

## 9. شري مورس مئٽلڪ :

”اسان سمجھي وينا آهيون تہ ويدن جا رشي آگياني هئا ، مگر ويد ۾ اسان کي اهڙيون ويچار _روشنيون نظر اچن ٿيون، جيڪي اسان جي ٻڌيءَ کي حيران ڪري ڇڏين ٿيون .اُهي ايتري همت ۽ وشواس سان ڳالهائين ٿا، جيڪو اَڄ بہ اسان ۾ ناهي ۽ جيڪڏهن ڪيترين اهڙين وشين بابت، جن تي هاٽوڪو وگيان، پٺڪي پٺڪي ويد مارگہ تي آيو آهي،انهن جا ويچار، اسانجي ويچارن بنسبت وڏيڪ نيڪ ثابت ٿيا آهن تہ ڇا اِهو مناسب نہ ٿيندو تہ انهن سڌانتن جي باري ۾ بہ، جن بابت اُهي نشچي پريل اُپديش ڪن ٿا ۽ جيڪي اسانجيءَ سمجھہ ۾ بہ نہ آيا ، اسان سندن واٽيءَ کي وڏيڪ پرماڻت مڃون ؟ ڇاڪاڻ تہ انهن رشين جي اَپار ٻڌيءَ ۽ بيحد گيان جو اندازو لڳائڻ بہ اسان لاءِ مشڪل آهي .“

## 10. پروفيسر مئڪسمولر :

”جيسين هن پرٿويءَ تي پهاڙ ۽ سمنڊ قائم هوندا ، تيسين رگ ويد جي مهما لوڪن ۾ ڦهلجندي رهندي .“

## 11. شري جيڪو ليٿ :(فرانس) :

” جيڪي بہ الهامي ( ايشور گيان ) جا پستڪ آهن، انهن مان رڳو هندن جو ئي ايشوري پستڪ آهي ، جنهن جا ويچار اڄڪلهہ

جي سائنس سان پوريءَ ريت نهڪي اچن ٿا . ويد گهوشٽا ڪري ٿو تہ هيءُ سنسار آهستي آهستي قدم قدم ڪري جڙي راس ٿيو آهي ."

## 12. شري جيمس ڪزنس :

"آدرشن سيپتا ، ڀارت جي ويدڪ سيپتا آهي، چاڪاڻ جو ان ۾ منش ماتر لاءِ مڪتيءَ جو مارگ ٻڌايل آهي. انهيءَ سبب ڪري ئي يورپ انهيءَ نڪتہ نظر کي تلانجلي ڏيئي ، ڀارت جي طرف تڪي رهيو آهي . يورپ انهيءَ نقط نظر جي کوج ۾ آهي ، جيڪو سندس ويچار ڪان وڏيڪ پڪو ۽ وڏيڪ دلائل تي ٻڌل هجي .جيڪا سندس ويچار ڌارا آهي ، سا تہ خاص سروَ ناش جو ڪارڻ آهي . ويدڪ آدرش وروڌ جي ڪارٽن کي ناس ڪري ٿو . اهو آدرش همدرديءَ جي امگن تي پيدا ڪري نفرت کي سنسار مان ڀڄائي ڇڏي ٿو . اِها ڳالھ ممڪن آهي تہ هن ويدڪ آرشن جي آڌار تي ئي نئين دنيا کي سڪڌام ٻڻائي سگهجي ."

## 13. شري برائون :

" ويد فقط هڪ ايشور کي مڃي ٿو . اهو پوريءَ طرح وگيانڪ ڌرم جو بيان ڪندڙ آهي ، جنهن ۾ ڌرم ۽ سائنس هٿ ۾ هٿ ملائين ٿا . ان جو ڌرم سائنس ۽ درشن فيلسوفيءَ تي ٻڌل آهي."
ويد جي مهانتا جي باري ۾ دنيا جي انيڪ اعليٰ انسانن ۽ ودوانن پنهنجا ويچار ڏنا آهن ، جي سڀ جاءِ تي تنگيءَ ڪري هتي ڏيئي نہ ٿي سگهجن .

## رشي ديانند جو اُپڪار :

ويدن جو خزانو پارتواسي وڃائي ويٺا هئا . اهڙو وقت به آيو جو پارت ۾ ملڻ به مشڪل ٿي پيو ! وري به شڪر آهي جو اڻويهين صديءَ ۾ پارت ۾ رشي ديانند جنم ورتو، جنهن پنهنجو سڄو جيون ويد جي اُپياس ۽ پرچار ۾ لڳايو . ڪيس ويد جرمنيءَ مان گهرائڻا پيا. هن پراچين ويدڪ ساهتيه جو منٿن (چڱي طرح اپياس ) ڪري ، ويدن کي سمجهڻ جي صحيح طريقي جو پتو لڳايو ، نه ته **سايڻ آچاريه جهڙا** ودوان ويد جو الٽو ارٿ ڪري رهيا هئا ، جنهن ڪري اسانجي دنيا جي ودوانن اگيان ڪنڌ هيٺ ڪرڻو ٿي پيو . رشي ديانند جو اُپڪار آهي ، جنهن ويدڪ ڌرم جو، ويدڪ سنسڪرتيءَ جو سچو روپ لوڪن جي اڳيان رکيو . هن گنڀير واڻيءَ ۾ چيو ته ”جيڪڏهن پارت ورش ۽ سنسار جا لوڪ پنهنجو ڪلياڻ چاهين ٿا ته کين ويد ۽ ان جي سنسڪرتيءَ کي اختيار ڪرڻو پوندو. رشيءَ جو هن يڳ لاءِ اهو ئي سنديش هو ته” وري ويدن طرف هلو !“

**پروفيسر مئڪسمولر** : رشي ديانند جي ويدن بنسبت ڪيل ڪم کي سارهائيندي لکي ٿو ته ” سوامي ديانند سرسوتيءَ هندو ڌرم جي سڌاري جو نهايت وڏو ڪاريه ڪيو آهي . هو پنهنجي ويچارن کي ويدن تي آڌار رکندڙ ۽ انهن کي رشين جي گيان تي ٻڌل مڃيندو هو . هن ويد تي وڏا وڏا پاشيه ڪيا ، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته هوُ پورن ڄاڻو هو . سندس سواڌ يايه تمام وياپڪ هئي . “

**شري مونيمروليم** : جو لکڻ آهي تہ ” سوامي ديانند هڪ ايشور کي مڃيندڙ ، ويد موجب پنهنجن سڌانتن کي مڃيندڙ هو .“

**يوگيراج اروند گهوش** : رشي ديانند جي ويد بنسبت ڪيل شيوائن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ”ويدن جي ڀاشيہ ڪرڻ بنسبت منهنجو وشواس آهي تہ چاهي تہ آخرين پورن مطلب ڇا بہ هجي ، مگر انهن ڳالهين جو شرف ديانند کي ئي حاصل ٿيندو . هن سڀ ڪان پهريان ويدن جي وياڪيا لاءِ بي عيب مارگ جي ڪوج ڪئي هئي. رشي ديانند انهن دروازن جي ڪنجي حاصل ڪئي هئي ، جيڪي جڳن کان بند هئا ۽ هن بند ٿيل جهرڻن جو منهن کولي ڇڏيو . “

**رشي ديانند** ويدن جو تمام شيدائي هو .هن ويدڪ ڌرم جي پرچار لاءِ آريہ سماج قائم ڪئي ۽ آريہ سماج جي ٽئين نيم لازمي نهرايائين تہ ” **ويد جو پڙهڻ ، پڙهائڻ ، ٻڌڻ، ٻڌائڻ سيني آرين جو پرم ڌرم آهي .** “

**جڏهن ميڊم بلئوٽسڪي ۽ ڪرنل الڪاٽ** ڀارت ۾ آيا، تڏهن رشي ديانند سان بہ گڏيا هئا . ڪين سندس خيال ڏاڍا پسند آيا . پرهن جيڪا ويدن کي تمام گهٽي اهميت ٿي ڏني ، ان تي هنن کي ڪجهہ اعتراض هو . هنن ڪيس چيو تہ اسان توهان سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر آريہ سماج جي ٽئين نيم ۾ ”ويد سڀ ست وديا جا پستڪ آهن .“ انهيءَ لکڻ بجاءِ لکو تہ ويد بہ سڀ ست وديا جا پستڪ آهن .“ ڪيڏي نہ شرڌا هئي ويدن لاءِ رشي ديانند کي ! سچ پچ انهيءَ ڪرپا جو نتيجو آهي، جو اَڄ ويد جي پرچار نہ صرف ڀارت ۾ پر وديشن ۾ بہ ڦهلجي رهيو آهي .

# سک جو ساڌن

مهرشي ديانند جي ويد ۾ انڌ شرڌا ڪانہ هئي، هو تہ اهائي ڳالھ قبولڻ لاءِ تيار ٿيندو هو جيڪا ترڪ (دليل بازيءَ) تي ڪري ثابت ٿئي . رشيءِ مشرق ۽ مغرب جي لاڙن کي ڏٺو، جاچيو ۽ سمجهيو تہ دنيا ۾ ماڻهو سک تڏهن پراپت ڪري سگهندو، جڏهن ويدن واري مڌيم واٽ وٺندو يعني نہ **اتي ڀوڳيہ ۽ نہ اتي تياڳہ** .

جيستائين اسانجو جسماني شرير اسانجي آتمائن سان لڳل آهي ، تيستائين شرير جي بکہ ۽ اڃ کي مٽائڻ جو بندوبست هئڻ ئي گهرجي ، تيستائين گرميءَ سرديءَ کان رکشا وغيره ۽ شرير جون ٻيون ضرورتون جدا جدا قسمن جون پرڪرتيءَ جي پدارٿن سان پوريون ٿين ٿيون . انهيءَ ڪري انيڪ قسمن جي پرڪرتيءَ جي پدارٿن جي اتپادن ، نرماڻ ، ورڇ ۽ گڏ ڪرڻ جو بندوبست بہ ٿيڻ ئي گهرجي . ٻين لفظن ۾ چئجي تہ منش جيون جي جسماني حصي يعني سندس شرير جي جسماني ضرورتن جي پورائي لاءِ ضروري دنيوي انتي ڪندي ، اها ڳالھ ڀلجڻ نہ کپي تہ اسان سڀئي انهيءَ امر پرماتما جا پتر آهيون ۽ ان ڪري اسان پاڻ ۾ ڀائي ڀائي آهيون .

اسانکي سدائين ياد رکڻ گهرجي تہ اسان سڀني جي سکہ ۽ دکہ جو احساس سمان آهي ۽ سڀني ۾ سکہ پراپت ڪرڻ ۽ دکہ کان بچڻ جي تمنا بہ سمان آهي . انهيءَ ڪري اسان کي پنهنجي سکہ ۽ آرام لاءِ ٻين جو سکہ ۽ آرام ڦرڻ نہ گهرجي . اسان کي پنهنجو دکہ گهٽ ڪرڻ لاءِ ٻين جي جيون کي دکي بڻائڻ نہ گهرجي . اسانکي

پنهنجي سوارٿ لاءِ ٻين جا اڏڪار لتاڙڻ نہ گهرجن .پنهنجي ڀلي لاءِ ٻين تي اتياچار نہ ڪرڻ گهرجي . شريرن جي ڀنيان وينل آتمائن ڏانهن بہ نهارڻ گهرجي ۽ سنجم ڪان ڪم ونڻ ڪپي .

اسانکي سيني کي پاڻ جهڙو سمجهي، سيني جي سک جو ڌيان رکندي، اسانکي هر پرڪار جي پراڪرتڪ ( دنيوي ) اُنتي ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ اُنتيءَ ۾ ملندڙ پڌارٿن جو يوڳہ ڪرڻ جڳائي .

ويدڪ سنسڪرتي چوي ٿي تہ اسان کي پنهنجي جيون ۾ سک جي ماترا وڌائڻ لاءِ دنيوي اُنتي بہ پوريءَ طرح گهرجي ، پنهنجي جسماني حالتن سڌارڻ سان سک جي ماترا وڌندي . ويدڪ سنسڪرتي پرڪرتيءَ کي بلڪل دڪدائڪ ڪانہ ٿي مڃي . پرڪرتي پنهنجي سر تہ سکدائڪ آهي ۽ نہ دڪدائڪ . سک دک تہ اسان جي ذريعي ان جي سني خواهہ بري استعمال تي مدار رکي ٿو .جيڪڏهن اسان خبرداريءَ سان پرڪرتيءَ جو سنو استعمال ڪريون تہ اُها سکدائي ٿئي ٿي . دنيوي سک سان گڏ جڏهن اَڌياتمڪ سک جو ميل ٿيندو تڏهن اسانجي حقيقي اُنتي ٿيندي ، صرف دنيوي اُنتي تہ ڪيرائيندڙ آهي .برهم ساڪياتڪاري ئي آنند جو سرچشمو آهي . شل ويدن جي انهيءَ سکيا پٺاندڙ هلي ، پنهنجو جيون سک ميہ بڻايون .

## مشڪلات:

ڪن کي ويد انهيءَ ڪري مشڪل لڳن ٿا ، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ سوتر روپ ئي ويچار ڏنل آهن ۽ گهاگهر ۾ ساگر ڀريل آهي.

انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ عام ماڻهن کي ودوانن جي ڪيل وياکيا ( ڪول ) پڙهي منترن جو راز سمجهڻ گهرجي.

جڏهن وديشن جا ودوان بہ ويدن جي مهما محسوس ڪن ٿا تہ پوءِ اهو ڪيئن ٿو سونهين تہ اسان سناتني ۽ ويدڪ ڌرمي سڏائيندڙ پاڻ کي ويدن جي گيان کان محروم رکون ؟

## ويد ڏانهن ورون :

هن وقت جڏهن سنسار ۾ ڏکہ درد وڌي ويو آهي ، شانتي ۽ سکہ جي پراپرتيءَ لاءِ لوڪ هٿوراڙيون ڏيئي رهيا آهن ، هڪ ماڻهو جو ٻئي سان ، هڪ سماج ۽ جاتيءَ جو ٻئيءَسماج ۽ جاتيءَ سان ،هڪ قوم جو ٻئي سان ، هڪ ديش جو ٻئي ديش سان وير ورود وڌندو وڃي ٿو ، هڪ ٻئي کي چوسڻ لاءِ جنگيون جهيڙا زور وٺندا وڃن ٿا تڏهن انهن سيني جي دور ڪرڻ، دنيا جي پاونائن کي موڙ ڏيڻ، سنسار ۾ صلح سازي ، سچي سک ۽ شانتيءَ جي استاپن ڪرڻ لاءِ ضرورت آهي ويد جي گيان جي پرچار جي ، ويدن ڏانهن ورڻ جي، ڇاڪاڻ تہ ويد کي سنگهٽن جو سنديش ڏيندڙ آهن ، اهي ئي سچي انسان ٿيڻ ۾ هڪ ٻئي سان شانتيءَ ۾ رهڻ جي سکيا ڏيندڙ آهن .

شل لوڪن ۾ساڃهہ اچي، جو پنهنجي ڪلياڻ لاءِ گيان سان ڀريل ويدن ڏانهن ورن، انهن جو اڀياس ڪري ، منجهن ٻڌايل مارگہ تي هلي پنهنجو جيون سڦل بڻائين .

- **ديپ چندر بيلاڻي**

# ويد پرڪاش

## 1. گايتري منتر

ويدن جي هڪ هڪ منتر کي پنهنجي اهميت آهي مگر گايتري منتر پنهنجو مٿ پاڻ آهي . چئني ويدن ۾ 20 هزار 300 منتر چيا وڃن ٿا انهن مان هڪ منتر اهو چونديو ويو آهي جنهن کي گر منتر چيو وڃي ٿو ان کي **مهامنتر** بہ چيو ويندو آهي .

**شري شنڪر اچاريہ** گايتري منتر کي جڳت جي ماتا چيو آهي. راجا جنڪ گايتري کي پاپ ناشڪ سڏيو آهي .پيشم پتا مهہ چيو،

”جتي گايتري جو جاپ ٿئي ٿو اُتي بالڪ مري نہ ٿو، اگني جلائي نٿي ۽ گايون وڏيڪ کير ڏيڻ لڳن ٿيون .“ شرنگي رشيءَ گايتريءَ کي موڪش جو مکيہ وسيلو ٻڌايو . وياس منيءَ گايتريءَ ۽ برهم ۾ ڪوبہ تفاوت ڪونہ سمجهيو. منُو ڀڳوان گايتري منترکي برهم جو ڪردار لکيو آهي .

**مهارشي ديانند** لکي ٿو تہ " گايتري مها منتر جي ارٿ تي ويچار ڪرڻ ڪپي . هن منتر جي وسيلي وشوَ کي اتپن ڪرڻ واري پرماتما جي تيج جو ڌيان ڪرڻ سان بُڌيءَ جي ملينتا دور ٿي وڃي ٿي، ڌرم ۾ شرڌا ۽ ڪاريہ جي يوگتيا پيدا ٿئي ٿي . ٻئي ڪنهن بہ مت ۾ پرارٿنا جي منترن ۾ اهڙي گهرائي ۽ سچائي نہ آهي ."

**پاراشر مني** لکي ٿو تہ "هر پرڪار جي جپ کان گايتري جپ اُتم آهي. پرماتما جي اُپاسنا جو سڀ کان سڌو مارگ گايتري جپ آهي."

**سوامي رام ڪرشن پرمهنس** جو رايو آهي تہ "گايتريءَ جي جپ ڪرڻ سان منش کي گهٽي کان گهٽي شڪتي ملي ٿي ."

**سوامي وويڪانند** جو چوڻ آهي تہ "سنيءَ ٻڌيءَ جو وسيلو گايتري منتر آهي . ڀڳوان کان گهرڻ جهڙي وستو فقط سني ٻڌي آهي. سني ٻڌي مان ئي سچو ۽ صحيح مارگ ملندو آهي ."

**لوڪمانيہ تلڪ** جو مت آهي تہ " گايتري منتر ئي آهي، جنهن جي جاپ ڪرڻ سان غلط ۽ صحيح جي پروڙ ٿئي ٿي .ان وسيلي ئي آتما کي پرڪاش حاصل ٿئي ٿو ."

**پنڊت مدن موهن مالويہ** جو چوڻ آهي تہ " ايشور کي پراپت ڪرڻ جا ويچار پيدا ڪرڻ جي شڪتي گايتري منتر ۾ آهي ۽ سنساري اَپاون کي دور ڪرڻ جي شڪتي بہ هن ۾ آهي ."

**مهاتما گانڌي** لکي ٿو تہ " ايڪاگر چت سان گايتري جو پاٺ منش جي سيني ڪشٽن ۽ سنڪٽن کي دور ڪرڻ جي يوگيتا رکي ٿو . آتما جي اُنتيءَ لاءِ گايتريءَ جو جپ وڏيڪ لاڀدائڪ آهي ."

**ڪوي ٽئگور** چوي ٿو تہ " ان ڳالھ ۾ ڪنهن بہ قسم جو متڀيد ٿي نہ ٿو سگهي تہ هي منتر ڀڳوان سان اسانجو سنبنڌ جوڙڻ ۾ اڻ گس آهي ، رام باڻ آهي ."

**ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن** لکي ٿو تہ " اسانجي جيون کي سڦل بڻائڻ لاءِ هي هڪ قسم جي لگن شيل پرارٿنا آهي ."

سنسار ۾ ٻڌي اِنسان کي حيوان کان اوچو بڻائي ٿي .ٻڌي نيڪ رهي تہ لوڪ توڙي پرلوڪ سڌري ويندا .گايتري منتر ۾ ايشور کان ٻئي ڪنهن ڌن دولت جي طلب نہ ڪري صرف ٻڌيءَ جي بخشيش گهري ويئي آهي . اسانجي رشين، منين، وڏڙن، سنتن، مهاتمائن هن منتر جي ذريعي ئي سڦلتا پراپت ڪئي آهي .اڄ بہ شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاو سان جيڪو هن دوا جو استعمال ڪندو ،پڪ ئي پڪ هن جا دک دور ٿي ويندا ۽ لوڪ پرلوڪ سڌري ويندس .

گايتري منتر وسيلي ئي مهرشي ديانند ۽ گرو ورجانند پنهنجو جيون چمڪايو .ان نموني شري رام ، ڀڳوان ڪرشن ، رشي وشوامتر، راجا جنڪ ، ڊاڪٽر راجيندر پرساد ۽ ٻين ڪيترين ودوانن گايتري منترجي مهما ڳائي آهي . **مهرشي ديانند** پنهنجي امر گرنٿ "**ستيارٿ پرڪاش**" ۾ لکي ٿو :

”ايڪانت استان تي وجي ساوڌانيءَ سان جل جي پرسان ويهي، گايتري منتر جو جاپ ڪريو . ارٿ گيان تي ويچار ڪري ،ان موجب پنهنجو آچرڻ بنائڻ سان من ۾ آنند پيدا ٿئي ٿو . پر اهو جاپ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ضرور ڪجي . سڌ يا اُپاسنا بہ ضرور ڪجي .“

گايتري منتر ۾ اکرن جو ميلاپ اهڙي نموني ٿيل آهي، جو ان جي اُچارڻ سان هڪ قسم جون لهرون اٿن ٿيون ، جي بڌي من، مولاڌار چڪر ۽ هرديہ تي وجيو سڌي چوٽ ڪن . جيئن ويڻا جي تار کي ڇيڙڻ سان منو آواز نڪري ٿو ، انهيءَ نموني هن مها منتر جا لفظ اندر وجي هردي روپي ويڻا جي تارن کي ڇيڙين ٿا ۽ اندر ئي اندر منو رس وارو آواز پيدا ڪن ٿا . ساڌڪ کي پوءِ ڪنهن بہ قسم جي گهبراهٽ نہ ٿي ٿئي . انهيءَ چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو ، جي ڇيو وجي تہ سنساري دکہ ايندا ئي ڪونہ . ايندا ضرور، وڏن وڏن يوگي مهاتمائن تي بہ دکہ اچن ٿا ، ڪشٽ اچن ٿا ، پر گايتري جو پوجاري دکن ۽ ڪشٽن ۾ بہ سدائين شانت چت رهندو . پڳت ۽ رواجي انسان ۾ اهو ئي ڀيد آهي .

گايتري منتر جو ورنن چئني ويدن ۾ آيو آهي . يجر ويد ۾ تہ ٽي دفعا اهو منتر آيل آهي . هاڻي اچو تہ گايتري منتر جي ارٿ تي ويچار ڪريون .

**اوم ڀوُر ڀوَه سوَه . تَت سِوَ تُر وريڻيم ڀَرگو ديوَسيہَ ڌي مَهي.**

**ڌِيو يو نَهہ پرَ چود يات. (يجر ويد 3_36)**

**اکري ارٿ** :

اوم = ايشور جو مکيہ نالو، هرهنڌ وياپڪ ،سيني جو رکشڪ .ڀُور (ڀُوه) = پراڻن جو داتا ، ست، گيان . ڀوه = دکہ ناس ڪندڙ، چت، ڪرم . سوه = سکہ سروپ ، آنند روپ . سوتر = جڳت کي پيدا ڪندڙ . ديوَسيہ = دويہ گڻن واري پرميشور جي . تت= انهيءَ. وريڻيم = گرهڻ ڪرڻ يوگيہ ،سريشٽ ،ڀرگو =شڌ گيان سروپ تيج. ڌي مهي =اسان ڌارڻ ڪريون. يو = جو پرميشور . نہ =اسانجي. ڌيو=ٻڌين کي .پرچوديات =پريرت ڪري شڀ ڪرمن ۾ لڳائي .

**ڀاو ارٿ** :

هي سچدانند ! پراڻ داتا ! دکہ ناس ڪندڙ ! سکن داتا ! ساري سنسار کي پيدا ڪندڙ ! پرڪاش ڏيندڙ ۽ ورڻ يوگيہ ! پاپ کي ناش ڪندڙ ۽ پوتر بڻائڻ وارا ! اسان توهانجي مهان تيج جو ڌيان ڪريون ٿا . توهان اسان جي ٻڌين کي پرڪاشوان بڻائي ، شڀ ڪرمن ۾ لڳايو .

## ڪوتا ۾ ڀاو ارٿ :

1_ تو ڪيو پيدا اسان کي دکہ هريندڙ اي پتا ،

هر سميہ ٿو پراڻ ڦوڪين سکہ سروپ تون سرودا ،

2 _ تيج تنهنجو آهہ جڳ ۾ ديو هرجاءِ ٿو وسين ،

سنسار جي ڪڻ ڪڻ اندر تون سمايل ٿو رهين ،

3 _ تا مگُون تنهن جي ديا ۽ ڌيان تا تنهن جو ڌريون ،

ڌي ٻڌي کي پريرڻا جئن، شڀ ڪرم نت پيا ڪريون .

## انگريزي ۾ ڀاو ارٿ:

Oh Almighty God, the source of all beings, Dispeller of distress and darkness and Bestower of bliss .Thou art Omnipotent, the Supreme Being and creator of the whole Universe. We dedicate ourselves to Thee and Thy meditation. We entreat Thee to pervade, and enlighten our minds and always guide them to correct path.

**سمجهاڻي** : ويد جي آرنڀ ڪرائڻ وقت ويد جو سارو روپ هن منتر جو اپديش گرو شش ڏيندو آهي ۽ سندس ستل گيان شڪتين کي جاڳرت ڪري سندس جيون جو نئون نرماڻ ڪندو آهي .هن منتر جي استتي اُپاسنا ۽ پراٿنا (ڀڳتي) ٽيئي ڪيل آهن .پهرين "ڀور ڀوهه سوهه " چئي ايشور جي استتي ڪئي ويئي آهي .ان کي پراڻ کان پيارو دک ناس ڪندڙ ۽ سک سروپ چيو ويو آهي .استتي ڪندي اسان کي پاڻ ۾ انهن گڻن جي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ جڳائي ته ٻين جا دک ناس ڪندڙ ۽ سک پهچائيندڙ بڻجون .

**"تت سويتر وريڻيه ڀرگو ديو سيه ڌي مهي "** چئي اپاسنا ڪئي ويئي آهي .ڀڳوان کي ويجهو ٿي چيو ويو آهي ته توهان ساري

سنسار جا نرماڻ ڪرڻ وارا سڀ جا ماتا پتا ، پرڪاش ڏيڻ وارا آهيو. توهان ئي ورڻ يوگيہ اپاسنا ڪرڻ يوگيہ آهيو . توهانجي پاپن ڪي ناس ڪندڙ تيج جو اسان ڌيان ڪريون ٿا .

**”ديو يو نهہ پچو دايات“** يعني اسانجي ٻڌي ۽ ڪرم ۽ وچن کي شڀ پريرڻا ڏيئي ست مارگ تي وٺي هلو . اها **پرارٿنا** آهي . ڀڳتيءَ جو ارٿ آهي شيوا ۽ شيوا ڪندڙ کي سڏيو ويندو آهي شيوڪ . شيوڪ سچو سو، جو سواميءَ جي آگيا موجب ڪم ڪري .

**استتي اپاسنا ۽ پراٿنا ڇو ڪرڻ گهرجي** ؟ ان جو جواب ڏيندي **مهرشي ديانند ستيارٿ پرڪاش** ۾ لکي ٿو تہ **” استتي ڪرڻ سان پرڀوءُ ۾ پريت، پراٿنا مان نئڙت ۽ اپاسنا مان پرڀوءَ سان ميل ٿئي ٿو.“**

پرڀوءَ جو درشن سچي پريمي ۽ گيان سان ڀريل ٻڌيءَ واري کي ئي ملندو آهي . ان ڪري ضروري آهي تہ پرڀوءَ جي انيڪ گڻن مان ڪجهہ گڻ اپاسڪ پاڻ ۾ آڻي . ان ڪان پوءِ ئي ساڌڪ وڏي آشنا رکي پراٿنا ڪري سگهندو .

هن گايتري منتر ۾ ٽيئي انگ استتي اپاسنا ۽ پراٿنا سمايل آهن . ان ڪري هن منتر وسيلي پريمي ۽ پريتم جو ميلاپ جلد ٿئي ٿو . هن منتر ۾ اها شڪتي آهي جو ساڌڪ جي من جي ورتي نيڪ رکي ٿي ۽ ان جي ٻڌي وڪارن رهت بڻائي ساڌڪ کي سدائين شانت، سم رس ۽ پرسن چت بڻائي ٿي .

جڏهن ٻڌي جي ملينتا دور ٿئي ٿي ، تڏهن ڏن ڪمائڻ، سنساري سک حاصل ڪرڻ ۽ ٻين سان وهنوار ڪرڻ جي لائقي منش ۾ اچي ٿي . هن گايتري منتر ۾ پرماتما کان فقط هڪ ئي شيءِ گهري وڃي ٿي تہ اسانجي ٻڌي کي پريرڻا ڏيو ، جيئن توهان ڏانهن جهڪي توهان جو گڻ گان ڪري ، توهان جو پريم روپي رنگ ۾ ئي رڱجي وڃي .

سنسار ۾ ٻڌي ئي سڀ کان مٿي آهي . منش جي خوبي بہ ٻڌيءَ جي ڪري ئي آهي . **گوسوامي تلسيداس** ئيک لکيو آهي :

**جهان سمت تهن سمپتي نانا ، جهان ڪمت تهن وپت وڏانا .**

**گيتا** جي اڏ پاءُ ٻئي جي 36 شلوڪ ۾ صاف چيل آهي :

**"ٻڌي جي ناس ٿيڻ سان سڀ ڪجهہ ناس ٿي وڃي ٿو "**

گايتري جو اشتقاق آهي گيہ + تر. گيہ جو ارٿ آهي اِندرين ۽ پراڻ جو ٻل. تر جوارٿ آهي رکيا ڪرڻ وارو. سڄو مطلب آهي اِندرين ۽ آتما جو اهو ٻل، جيڪو سنسار جي هر هڪ وڪار کي جلائي، اپاسڪ جي رکيا ڪري . پراڻ نرٻل تہ موت نزديڪ سمجهڻ گهرجي .

پرميشور منش کي شرير روپي رٿ ئيک استان تي پهچائڻ لاءِ ڏنو آهي ، جنهن ۾ اندرين روپي ڏهہ گهوڙا جوٽيل آهن ۽ انهن ۾ من روپي لغام لڳل آهي ۽ ٻڌيءَ روپي سارٿي (ڪوچوان) پنهنجي

ساميءَ آتما جي آگيان پٽاندڙ نيڪ استان تي پهچائڻ لاءِ رٿ کي وڏائي رهيو آهي .

## گايتري جپ جو طريقو

پهريائين اوم جو اچارڻ ڊگهي آواز ۾ ڪريو، جڏهن پورو ٿيڻ تي اچي، تڏهن اوم اکر کي هرديه ۾ رکي ان جي ڌيان ۾ مگهن ٿي وڃو. ڪجهه وقت انهيءَ اوستا ۾ رهي، وري اوم جو اچارڻ ڪريو .

”ڀوُ“ شبد جي اچارڻ وقت اهو انيوهه ڪرڻ گهرجي ته پرماتما سان هن آتما جو سنبنڌ ٿي رهيو آهي ۽ مونکي نئون جيون ملي رهيو آهي. ”ڀوهه “ چوڻ وقت اهو سنڪلپ پڻ ڪرڻ گهرجي ته منهنجا سمورا پاپ سمورو مئل ۽ وڪار اندر مان نڪري رهيا آهن.. مان پوتر ٿيندو پيو وڃان ۽ منهنجا سڀ ڏک دور ٿيندا پيا وڃن .

”سوهه “ شبد جو اچارڻ ڪندي اهو ويچار ڪرڻ گهرجي ته سک سروپ پرماتما منهنجي مٿان سکن جي برسات وسائڻ شروع ڪري ڇڏي آهي . چوءِ طرف کان سک ئي سک ايندا پيا وڃن .”سوتا “ (سوتر) شبد ايندي ئي انيوهه ڪرڻ گهرجي ته هڪ نرمل جوتي منهنجي رستي کي پرڪاشوان ڪري،منهنجي من ۽ بڌيءَ کي پريرٽا ڪري رهي آهي .

” وريڻيم “ ڪرڻ سان سڀ ڪجهه پريوءُ کي آرپڻ ڪري ڇڏجي .پوءِ ائين محسوس ڪجي ته مان ”ڀرگ “ ( پرڪاش ) جو

پنهنجين دويہ اکين سان ديدار ڪري رهيو آهيان ۽ پڇاڙيءَ ۾ ائين انيوهہ ڪري تہ مان پنهنجي ديو کي اها ئي پرارٿنا ڪريان ٿو تہ منهنجي ٻڌي ، منهنجي ڪرم ۽ منهنجي وچن کي پاڻ ڏانهن وٺي هل.

گايتري منتر جو ارٿ هردي ۾ ويهاري گايتريءَ جو جپ شروع ڪريو . ڪلاڪ گذرڻ بعد جپ بند ڪري ڌيان مستڪ ۾ آڻيءَ اتي پرڪاش ڏسڻ جي ڪوشش ڪريو. ڌارڻا ڪريو تہ پرڪٽيءَ ۾ پرڪاش آهي. اهڙو مضبوط وشواس رکندي هڪ نہ هڪ ڏينهن جوتي پيدا ٿيندي . انهيءَ نموني لڳاتار اڀياس ڪريو .

## گايتري جپ ڪندڙن لاءِ ضروري ڳالهيون

1. ساڌڪ کي گايتري منتر جو پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ ارٿ دل ۾ ويهاري ، پوءِ جپ ڪرڻ گهرجي .

2. ساڌڪ پنهنجي جيون ۾ يم نيم يعني اهنسا ، ستيہ ، استييہ (چوري نہ ڪرڻ ) برهمچريہ ،اپگرهہ (ضرورت کان وڌيڪ گڏ نہ ڪرڻ ) شوچ ( پوترتا ) سنتوش ، تپ ، سواڌيايہ ۽ پرڻيڌان (ايشور ۾ ڌيان لڳائڻ ) وغيرهہ گڻ ڌارڻ ڪندو رهي. انهن کان سواءِ فقط گايتري منتر جي جپ مان پورو لاڀ نہ ملندو .

3. جپ شڌ ۽ پوتر ٿي ڪرڻ کپي. پرڀات جو ويلو ۽ سج لهڻ کان پوءِ جو وقت جپ لاءِ سٺو آهي .

4. من جو جپ اُتم مجيو ويو آهي . ڪن جو چوڻ آهي تہ آواز نہ ڪرڻ سان من ڪٿي جو ڪٿي ڀٽڪي ٿو . ان لاءِ ڪٿي آواز ايترو آهستي ڪجي، جو ٻيو ڪو ٻڌي نہ سگهي .
5. جپ ڏهاڙي نيم سان ڪرڻ کپي ۽ شڪتيءَ اَنوسار مقرر انداز پڪو سنڪلپ ڪري ضرور ڪرڻ گهرجي .

## 2 براين کان بچاءِ _ چڱائي ڏي

**ارٿ: هي ساري سنسار جا پيدا ڪندڙ پرميشور ! اسانجون سموريون برايون ،دک ، درگڻ ، دور ڪر .جيڪي ڪلياڻڪاري پدارٿ آهن ،اهي اسان کي پراپت ڪرايو .**

**سمجهاڻي**: هن منتر ۾ اپاسڪ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو تہ تون اسان جي سيني درتن يعني براين حرص حوسن، عيبن کي هٽاءِ ۽ چڱايون ست گڻ اسان ۾ آڻ . هتي شنڪا اٿندي تہ براين جي دور ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڇو ڪئي ويئي؟ چونہ رڳو چڱاين آڻڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي وجي ها؟ انجو جواب اهو آهي تہ لڏ واري ڪٽوري ۾ کير وجهبو تہ گندو ٿي ويندو ۽ پيئڻ جي لائق نہ رهندو . ان ڪٽوري ۾ کير پيئڻو آهي تہ اول ان مان گندگي ڪڍي ان کي بلڪل صاف ڪري پوءِ کير وجهبو . هردي روپي ڪٽوري مان پهريان برايون ڪڍي ڇڏبيون، تڏهن ان ۾ ست گڻ رهي سگهندا .

ڪنهن ماڻهو ڪي شرير ۾ ڦٽ آهي ته سياڻو ڊاڪٽر اول ان مان روڳ رت ڪڍي ، پوءِ ملم پٽي ڪندو ته بيمار جلد تندرست ٿي پوندو پر جي ڦٽ ۾ روڳ پريل رهندو ۽ مٿان ملم وغيره رکبي ته فائدو ڪين ٿيندو . ان ڪري اسان کي جيڪڏهن پوتر ۽ گڻوان ٿيڻو آهي ته پنهنجي اوگڻن ۽ براين کي تلانجلي ڏيڻي پوندي .

سنسار ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو ٿين ٿا . هڪڙا اهي جي سنسار جي براين ۽ اوگڻن کي برايون ۽ اوگن ڪين ٿا سمجهن . هو ائين چوندا ٻڌبا آهن ته اهي سيئي سياويڪ آهن .ڪين انهن ڪرڻ ۾ پاپ ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي .

ٻيا اهي آهن جي انهن اوگڻن کي  اوگڻ ته مڃين ٿا ۽ اهو به محسوس ڪن ٿا ته انهن اوگڻن جي ڪري اسانجي گراوٽ ٿي رهي آهي، سمجهندي ۽ چاهيندي به ان کي الڳ ڪري نه ٿا سگهن. جيتوڻڪ اهي ڏسن ٿا ته سندن برايون اهڙيون ڪونه آهن جيڪي الڳ ڪري نه سگهجن چاڪاڻ ته سنسار ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي انهن اوگڻن کان بچيل آهن . ٽيان ماڻهو آهن ديوَ ۽ ودوان جن انهن براين کان پاڻ کي الڳ ڪري سگهي ۽ شانت بڻايو آهي .
هن منتر ۾ اهي ئي جگياسو پريوءَ کي سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪن ٿا ، جيڪي اُنتي ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجون برايون دور ڪري ديو ۽ ودوان بڻجن ٿا .

سوال اٿي ٿو ته درت ڇا آهي ۽ اهو اسان ڪيئن سڃاڻون ؟ درت يعني جنهنجي ڪرڻ کان پوءِ اسان کي دک پراپت ٿئي ، جنهن

۾ ڪاريہ بعد اسان جي درگتي ٿئي ، اهو درت يعني برائي آهي.
سواڌيايہ ڪرڻ چڱي آهي پر حد کان وڌيڪ پڙهڻ ۾ لڳو رهڻ ”جنهن ڪري اکين جي جوت گهٽ ٿئي ۽ بدني صحت بہ چٽ ٿئي تہ اهو بہ درت آهي . جيڪڏهن ٿوري سواڌيايہ اسان جي جيون جو انگ بڻجي اسان لاءِ شرير سان تندرست ۽ من سان شانت ۽ آتما کي ترپت ڪرڻ واري آهي تہ اها سنو نتيجو پيدا ڪرڻ ڪري ڀدر (چڱائي ) آهي .

اپاسڪ هتي سيني قسمن جي درگڻن، برن افعالن ۽ براين کان بچڻ چاهي ٿو، جنهن جو ڦل ڪيس دک ڪشٽ ۽ ڪليش ملي ٿو. سچي اپاسڪ کي سوڪيم برائي بہ ڀاسڻ لڳي ٿي ۽ هو پرماتما جو آڌار وني ان کان بہ ڇٽڻ چاهي ٿو ۽ ڀدر جي پراپتيءَ لاءِ اتاھ سان اڳتي وڌي ٿو . جيئن جيئن هو براين کي دور ڪري ٿو تيئن تيئن هو ديو جي ڪرپا جو پاتر ٿيندو وجي ٿو ۽ نرمل ٿيندو وجي ٿو . هو پرماتما کي سيني اوگڻن لاءِ پرارٿنا ڪري ٿو ، چاڪاڻ تہ هو ڄاڻي ٿو تہ جيڪڏهن هڪ بہ برائي روپي سوراخ هوندو، اهو ڀلي ڪٽي ننڍو بہ هجي تہ بہ تباهي ڪري ڇڏيندو ، جيئن سنهي سوراخ سان ڀريل گهڙو خالي ٿي وجي ٿو . ان ڪري اُپاسڪ پريوءَ کي اهائي پرارٿنا ڪري ٿو :

## دور ڪرڪي هر برائي , ڪو ڀلائي ديجئي

هي ويد منتر رشي ديانند کي نهايت پريہ هو . گايتري منتر کان پوءِ هن منتر کي ئي رشي ديانند پنهنجين لکيتن ۾ گهڻو ڪم آندو آهي، تہ اچو تہ : سنڪلپ ڪريون تہ پاڻ ۾ جيڪي بہ برايون آهن

سي تياڳي، چڱائي اختيار ڪنداسين ۽ پنهنجو جيون آدرشي ۽ سگهڙائي بڻائينداسين .

## 3 دئوي جيون جو نتيجو

**ارٿ: دويہ گڻن واري ديوَ پرش جي اِڇا ڪندڙ اسان پنهنجي ڪنن سان شڀ ڳالهيون ئي ٻڌون، پوتر يڳيہ ميہ جيون چاهيندڙ اسان پنهنجين اکين سان شڀ شيون ئي پسون؛ پرماتما جي اُستتي اُپاسنا ڪندڙ اسان اِسٿر يعني مضبوط ٻلوان انگن ۽ شريرن وارا ٿي، اُها آيوُ (عمر) پراپت ڪريون، جيڪا ديوَ پرشن جي هتڪاري ٿئي. (يجر ويد)**

**سمجهاڻي**: هن منتر ۾ جيون کي ديون جو جيون، دويہ جيو بڻائڻ جو هڪ نسخو ٻڌايو ويو آهي، جيڪو عمل ۾ آڻيندا سين تہ اسانجو سڦل ۽ ڪلياڻڪاري جيون بڻجي پوندو. دئوي جيون (Divine Life) لاءِ وڏي عمر ماڻڻ ضروري آهي. ويد ڀڳوان عام طرح انسان جي عمر 100 سال ٻڌائي آهي. ويد ۾ ٻئي هنڌ چيل آهي تہ ” جيويم شردهہ شتم“ يعني سو سالن کان وڌيڪ بہ اسان زندهہ رهون. ويد ۾ جتي بہ جيون جو پرسنگ آيو آهي، اتي اڪثر سو سالن تائين جيئڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي يعني اسانکي سو سال تہ جيئڻ گهرجي. انهي ڪري ويد موجب دئوي جيون جي پهرين سجاڻپ آهي تہ 100 سال

عمر ماڻيون. جيڪو سو سالن کان گهٽ جيئي ٿو، انجي جيون ۾ ڪٿي نہ ڪٿي غلطي آهي، ڪٿي نہ ڪٿي جيون جي نيمن جو النگهن ڪيو ويو آهي.

تڏهن سوال اوٿي ٿو تہ 100 سالن جي وڏي عمر ڪيئن پراپت ٿئي؟ انهي لاءِ هن منتر ۾ چيو ويو آهي تہ پنهنجي شرير ۽ انجي انگن کي مضبوط ۽ ٻلوان بڻايو. ائين 100 سالن جي عمر ٿي سگهندي. ان لاءِ ويد ۾ ٻين هنڌ بيان ڪيل اُتم جل ، اُتم اَن، شد ۽ ڪلي هوا ۽ سج جي ڪلئي پرڪاش ۽ گرمي جو واپرائڻ، نيمائتو ويايام (ڪسرت) ۽ برهمچريہ جي پالن وغيره جا جيڪي شڪتي ۽ صحت وڌائيندڙ اپديش ڏنا ويا آهن، انهن جو پالن ڪرڻ گهرجي. انهي ڪري اسان جا شرير مضبوط ۽ ٻلوان ٿيندا. اهڙي طرح دئوي جيون جي **ٻي سچائپ آهي ٻلوان ۽ تندرست رهڻ**.

انهيءَ بعد سوال اٿي ٿو تہ اُها طاقتور ۽ سو سالن جي عمر ڪهڙن ڪمن ۾ لڳائي وڃي؟ انهيءَ لاءِ هن منتر ۾ چيو ويو آهي تہ آيوُ ديو هتڪاري ٿيڻ گهرجي. آيوُ اهڙي هجي، جنهن ڪري ديوَ پرشن جهڙين سنين ڳالهين جو هِت (ڀلو) ٿيندو هجي، انهن جو واڌارو ٿيندو هجي ۽ راڪشي ڳالهين جو ناس ٿيندو هجي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ اسانجي جيون ذريعي رام وغيرهہ ديوَ پرشن جهڙا سنا ڪم ٿيڻ گهرجن. دئوي جيون جي **ٽين سچائپ آهي ديوَ پرشن جهڙا دويہ يعني تمام اتم ڪم ڪرڻ.**

اسان مڪ اهي ڪندا آهيون، جهڙا اسان اندر ۾ هوندا آهيون. اسان اندر ۾ اهڙا هوندا آهيون، جهڙا چوويهہ ڪلاڪ اسان جي من ۾ ويچار ٿيندا آهن. ويچار اسانجي من ۾ اهي اٿندا آهن،

جهڙي اسان سنگت هوندي آهي. جي اسان جي من ۾ هر وقت ديون جهڙا ئي ويچار اٿندا رهن ۽ جنهن سان اسان ديون جهڙا ڪم ڪندا رهون. ان لاءِ اسان کي دئوي سنگت هئڻ گهرجي. اها ڪيئن پراپت ٿئي؟ ان لاءِ هن منتر ۾ چيو ويو آهي تہ توهان سدائين پرماتما جي اپاسنا ڪندا ڪريو. سدائين پراتهہ ۽ سنڌيا ٻئي وقت ان جي سنگت ۾ وهنوار ڪريو. پرماتما جي اپاسنا ۾ ويهي ان جي ستيہ ،نياءَ ،ديا،ٻل ، گيان، نيم پالن ۽ سنجم وغيره گڻن جو چنتن ڪري ، اهي گڻ پنهنجي اندر ۾ ڌارڻ ڪريو . پرماتما ديو آهي، اپاسنا جي ذريعي ان جي سنگت ۾ وهڻ سان اندر دئوي ويچار پيدا ٿيندا جن سببان توهان جو اچرڻ ( هلت) بہ دئوي بڻجي پوندو . اهڙي طرح دئوي جيون جي **چوٿين سجاڳ آهي پرماتما جي اپاسنا ڪرڻ** .

پرماتما جي اپاسنا وقت جيڪي دئوي اتم ويچار اسانجي من ۾ اٿپن ٿين ٿا اهي قائم ڪيئن رهن ؟ اپاسنا تہ اسان ڪلاڪ اڌ ڪنداسين پر دنيوي ڪمن ۽ ڌنڌن ۾ تہ اسانڪي سارو ڏينهن لڳو رهڻو پوي ٿو . انهيءَ سنساري جيون جا اثر جيڪڏهن اپاسنا وقت پيدا ٿيل اسان جي دئوي ويچارن کي دٻائي راڪشي ويچار پيدا ڪندا رهن تہ ؟ انهيءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ توهان چوويهن ئي ڪلاڪن جي حالتن کي اهڙو بڻايو جو ان وقت جيڪي اثر توهانجي آتما تي پون، اهي اپاسنا وقت جي دئوي ويچار کي پشٽ ڪندڙ ئي ٿين ،ان کي ناس ڪندڙ نہ ٿين . حالتن جو اثر اسان جي پنجن ئي اندرين ذريعي آتما تي پون ٿا . اسان کي پنهنجون حالتون اهڙيءَ خبرداريءَ سان چونڊي اتم نموني جون رکڻ گهرجن جو انهن دوران اندرين تي جيڪي بہ ڀاو پون سي اتم ئي هجن . مثال طور اسان پنهنجي ڪنن

سان جيڪي ڪجهه ٻڌون اهو شيِ ئي هجي ، اتم ويچار پيدا ڪندڙ ئي هجن . اسان پنهنجي اکين سان جيڪي ڪجهه ڏسون سو اهڙو هجي جنهن جي ڏسڻ سان اسان جي من ۾ اتم ويچار ئي پيدا ٿين،اهڙي طرح ٻين اندرين کي شيِ وشين ۾ لڳائڻ گهرجي ۽ نه اَشيِ وشين ۾. دئوي جيون لاءِ **پنجين سجاڳيِ اهي ته اسان جون اندريون شيِ ٻڌن، ڏسن وغيره .**

متي ڄاڻايل پنجن ڳالهين پٽاندڙ جيڪي ماڻهو پنهنجو جيون ٺاهيندا، اهي يگيه جيون وارا ٺڄي ويندا،اهي ديو ٺڄي ويندا،سندن جيون دئوي جيون ٺڄي پوندو .

---

## 4.سڌي مارگ تي هلاءِ

---

**ارٿ : هي گيان سروپ پربو ! اسان کي ائشوريه پراپتيءَ لاءِ سٺي مارگ سان وٺي هل .هي دويه گڻن جا داتا پرڪاش سروپ پرم ديو! توهان سڀني ڪرمن کي ڄاڻڻ وارا آهيو .اسان جي پاپ ڪرمن کي ناس ڪريو .اسان توهان جي وار وار استتي ڪريون ٿا .** (**يجرويد**)

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ آدرش پرارٿنا ڪيل آهي .ايشور کي پنهنجين ٿيچ تمنائن کي پوري ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ نه گهرجي .منتر تي ويچار ڪرڻ سان ٽن ڳالهين تي پرڪاش پوي ٿو :

1.نايڪ کي ايشوريه پراپتي لاءِ پوئلڳن کي سٺي مارگ تان ئي وٺي وڃڻ گھرجي.
2. جن ست مارگ جي ڪرمن سان ائشوريه جي پراپتي ٿيڻ گھرجي، انهن جو گيان اسان کي هئڻ گھرجي .
3. خراب مارگ کي هٽائڻ جي شڪتي ان ۾ هئڻ گھرجي .

گنيپرتا سان ويچار ڪرڻ تي معلوم ٿئي ٿو ته گيان سروپ پرميشور ئي اسان جو نايڪ آهي ۽ منجهس خراب مارگ کان هٽائڻ ۽ سٺي مارگ تي وٺي وڃڻ جي اننت گيان ٻل ڪريا روپي شڪتي سپاويڪ آهي . هو اسان جي هردي ۾ براجمان آهي ۽ سدائين سٺي مارگ تي وڌڻ ۽ ڪمارگ کان هٽڻ جي پريرڻا ڪندو رهندو آهي . پر شردا جي ڪميءَ سبب اسان انهيءَ سچائيءَ جي پيروي نه ٿا ڪري سگھون ۽ راهه کان ڀرشٽ ٿي وڃون ٿا .

جيئن اگني سنساري ڪمن جي ڪرڻ ۾ اڳري ٿئي ٿي ۽ وڌيءَ ان انجو انشنان ڪرڻ سان اها رتن وغيره انيڪ اتم ۾ اتم پدارٿن جي ڏيڻ واري ٿئي ٿي، تيئن شرتيءَ ته ان کي پراڻي ماتر جي ڀلائيءَ ۽ تمام اعليٰ ڪاريه يگيه جو پروهت ئي چيو آهي . هونئن به اڌياتمڪ مارگ تي وڌائن لاءِ اگني ديو پرميشور تي اسان جو اڳواڻ (نايڪ) آهي، جيڪو اسان جي هرديءَ ۾ سدائين براجمان آهي . اسان کي ان جي آگيا موجب کي هلڻ گھرجي ، پر سنساري ترقي لاءِ اگني ديو جي مٿين گڻن سان ڀرپور ساٿيءَ کي پنهنجو نيتا مڃي شرڌا سان ان دوارا مقرر مارگ جي پيروي ڪرڻ گھرجي . منتر ۾ ڏيڪاريل ٽيئي ڳالهيون نيتا ۾ هئڻ گھرجن . جيڪڏهن نيتا ۾ پنهنجي

پوئلڳن ڪي ڪمارگ تان هٽائڻ ۽ سڌي رستي تي هلائڻ جي شڪتي ناهي تہ ان ڪي پاڻ ڪي نيتا نہ سمجھڻ جڳائي ، نہ ڪي پنهنجو اهڙو نيتا بڻائڻ گھرجي . منزل تي پهچڻ لاءِ صحيح رهبري هئڻ ضروري آهي .

## 5.جيون _ مارگ

**ارٿ : اسان ،آسان پاپ رهت مارگ تي سدائين هلندا رهون .ان رستي تي هلڻ سان ماڻهون سيني دويش پاون کي دور ڪري ٿو ۽ ائشوريہ پراپت ڪري ٿو** .( **يجرويد** )

**سمجهاڻي** : توهان سدائين اها ڪامنا ڪريو تہ "اسان سدائين اهڙي رستي تي هلنداسين جيڪو آسان هجي ، پاپ کان پري هجي ، جنهن ڪري سڀيئي دريش پاو دور ٿين ۽ ائشوريہ (ڌن، دولت ، اوج ) پراپت ٿئي .

هتي مارگ جو مطلب ڪو شاهي رستو يا سڙڪ ڪونہ آهي. هتي مارگ جو مطلب زندگي جو ڍنگ آهي . توهان جو جيون اتم گڻن، ڪرم ۽ سڀاو وارو هوندو تہ توهان سدائين تندرست ۽ پرسن رهندي جيون مارگ تي هلندا رهندا .

توهانجو جيون پاپ رهت هئڻ بہ ضروري آهي. جو جو خراب آهي، خراب وچن ،خراب ويچار ، برو ڪم آهي، اهو سڀ پاپ آهي .

نہ توهان جي ويچارن ۾ پاپ هجي نہ کي توهان جي ڪمن ۾ پاپ هجي. جيڪو ٽنهي قسمن جي پاپن کان رهت ٿيندو آهي ، ان کي ئي پاپ رهت (نشپاپ ) چوندا آهن .

آسان ۽ نشپاپ جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ آهي . جتي سنائي هوندي اتي پاپ ڪيئن پير پائي سگهندو ؟ جتي سنائي آهي ۽ پاپ ناهي، دويش ڀاو پيچي وڃن ٿا . سنائي هئڻ ۽ پاپ کان پري هئڻ جا گڻ دويش ڀاو کي ناس ڪري ڇڏين ٿا . جتي پاڻ ۾ دويش آهي اتي پڪ ئي پڪ پاپ نواس ڪري ٿو. توهان جيڪڏهن سنائيءَ، آسانيءَ سان ۽ پاپ رهت ٿي ، جيون مارگ تي هلندا تہ توهان ۾ پريم جو واسو ٿيندو ، توهان ايڪتا جي ڏاڍي ۾ ٻڌجي ويندا . توهان جڏهن ويد جي هن آگيا موجب هلندا، تڏهن توهان ائشوريہ جا مالڪ ٿيندا. جيڪڏهن توهان هر پرڪار جي ائشوريہ جا مالڪ ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ضرور سنائيءَ سان پاپ رهت ٿي ، ايڪتا سان زندگيءَ جي راهہ ۾ هلو .

---

## 6. پاپ جو پرائشچت

---

**ارٿ : جيڪو ڳوٺ ۾، جيڪو بن ۾ ،جيڪو سڀا ۾ يعني سڀني جي سامهون ،جيڪو پنهنجي اِندرين سان يعني پنهنجو پاڻ ۾ لڪل روپ ۾ پاپ _ برو ڪم اسان ڪيو آهي ،اسان اهو برو ڪم دور ڪريون ٿا ؛ اهو اسان جو ستيہ سنڪلپ آهي . ( يجروید )**

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ماڻهو ظاهر يا لڪل روپ ۾ برو ڪم ڪري ٿو . بري ڪم جو ڦل پڪ ئي پڪ دک ٿئي ٿو ، ان ڪري جيڪو دک کان بچڻ چاهي ٿو ، ان لاءِ اهو ضروري ٿئي ٿو ته هُو آئينده لاءِ انهيءَ بري ڪرم کي صفا ڇڏي ڏي . ڪيل پاپ ڪرم تي پڇتاءُ ڪري ، اهوئي سندس پرائشچت آهي .

جڏهن ڪيل ڪرم تي سچي دل سان انسان پڇتاءُ ڪندو تڏهن هو پڪ ئي پڪ اڳتي اهو ڪرم نه ڪندو . پرائشچت ظاهر چاهي لڪل ٻنهي نمونن سان ٿيندو آهي . پر لڪل جي ڀيٽ ۾ ماڻهن جي اڳيان ڪليل روپ ۾ پرائشچت ڪرڻ وڌيڪ ڪارگر ٿئي ٿو . ان سان ان جي آتما ٻلوان ٿئي ٿي ۽ لوڪ لڄا سببان اڳتي هو زياده خبردار ٿي هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ آئينده لاءِ هو پاپ ڪرم ڪرڻ کان هو بچي پوي ٿو .

هن منتر ۾ پاپ کان بچڻ جو رستو ٻڌايو ويو آهي ۽ اهو رستو آهي پرائشچت. پرائشچت ڪري آئينده لاءِ بري ڪم کان بچجي ٿو ۽ اڳيان برا سنسڪار به آهستي ميٽبا وڃن ٿا .

# 7.ڌرم جي اِستاپنا _ اَڌرم جو ناس

**ارٿ : ڊڄ نہ ،گهٻراءِ نہ . ڌيرج ،اتساهہ ، همت ڌارڻ ڪر . ٻڌي ۽ پاونا! مضبوط ٿيندي ٻئي پختيون ٿيو . شڪتي ڌارڻ ڪريو .پاپ ناس ٿئي ۽ نہ سوم يعني پڇ _ ڌرم . ( يجرويد )**

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ ڌرم جي استاپنا ۽ آڌرم جي ناس ٿيڻ جي زبردست پريرڻا سمايل آهي . جيتوڻيڪ هن منتر جر مکيہ وشيہ آهي ڌرم جي انتي ۽ اڌرم جي پاڙ پٽڻ ، تڏهن بہ هن ۾ بيان ڪيل سکيا ۽ پريرڻا جي سهاري انسان ڪنهن بہ ڪيتر ۾ سوپ ۽ سڦلتا پراپت ڪري سگهي ٿو .

”**پاپما هتو نہ سومهہ** “ يعني پاپ ناس ٿئي ، اَڌرم ناس ٿئي، ڌرم جي هاجي نہ ٿئي .” اَڌرم جي ڪئہ ۽ ڌرم جي جئہ “ اهو ويد جي پوئلڳن جو نعرو آهي ، آدرش واکيہ (ماٽو) آهي .

پاپ ڇا آهي پڇ ڇا آهي، آڌرم ڇا آهي ۽ ڌرم ڇا آهي ؟ ڪا ڳالهہ ڪنهن جي درشٽيءَ ۾ پڇ . ڪو ڪم ڪنهن لاءِ ڌرم آهي تہ ڪنهن لاءِ اَڌرم، اهڙي قسم جي منورتي ئي سيني سماجڪ براين جي ماءُ آهي. اهڙن ويچارن سان مانوَ جاتيءَ،انسان ذات ۾ پاپ، دراچار ۽ پرشٽا چار ڦهليو آهي .

اهو نيڪ آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن خاص بيماري ۽ جي دور ڪرڻ لاءِ زهر به دوا طور ڪم آندي ويندي آهي . پر انهيءَ ڪري ڪو زهر کي لاڀدائڪ ڪري نهرائي ڪين سگهبو.عام طور چيو ويندو آهي ته زهر کي زهر سان ماربو آهي . پر انهيءَ کان وڌيڪ ائين چوڻ صحيح آهي ته امرت سان زهر کي ناس ڪيو ويندو آهي. زهر سان آخر شرير ۾ خرابي ڦهلجي ٿي پر امرت سان زهر جي ناس ڪرڻ سان شرير ۾ امرت جو سنچار ٿئي ٿو ، جو ئي ڪلياڻڪاري آهي.

ڌرم ،ارٿ ،ڪام ۽ موڪش مانوَ سماج روپي وڻ جا چار ڦل آهن. انهيءَ وڻ جي پاڙ آهي ڌرم . ڌرم سان ارٿ يعني ڌن ڪمائجي ۽ ڌن سان ڪام (ڪامنا جي پورتي ) ۽ ڪام دوارا موڪش جي پراپتي. ڪام جو مطلب وشيه ڪامنا ڪانهي، بلڪه يگيه ڪامنا، لوڪن جي ڀلي جي ڪامنا يا پراپڪار آهي . ڌرم سان ڌن ،ڌن سان يگيه ،يگيه سان موڪش . موڪش جو ارٿ آهي پنهنجو ۽ ٻين جو،سڀني جو دکن کان ڇوٽڪارو. سماج جي موڪش ۾ شخصي موڪش به سمايل آهي .

سماج ۾ جڏهن اَڌرم وڌي ٿو تڏهن ڪو مائيءَ جو لعل اٿي ٿو ، انهيءَ پختي نشچي سان ته اَڌرم جو ناس ٿئي ، ڌرم جو نه. اَڌرم جي ڪئه ٿئي ، ڌرم جي جئه ٿئي . اَڌرم جي ناس ڪرڻ ۽ ڌرم جي استاپنا ڪرڻ لاءِ هو جدوجهد ڪري ٿو . سڄو سنسار ان جو وروڌ ڪري ٿو . پنهنجا پراوا ٿي وڃن ٿا ، پر هو اڪيلو به پوئتي نه ٿو هٽي. سندس اندر مان ئي آواز اٿي ٿو ته ڊڄ نه گهبراءِ نه . بي ڊپو

ٿي، مخالف حالتن جو مقابلو ڪر . رنڊڪن ۽ مشڪلاتن کي چُور چُور ڪندو اڳتي وڌ ۽ ڌرم جي استاپنا ڪر .

”ڊڄ نہ ، گهٻراءِ نہ. “ انهن ٻن ويدڪ واڪين ۾ هڪ مهان شڪتي سمايل آهي . جتي ڌرم آهي اتي جئہ آهي . پوءِ ڊپ ۽ گهٻراهٽ ڇاجي؟ ڌرم استاپن ڪندڙ ڊپائڻ سان ڊپبو ڪين ، مٽائڻ سان مٽندو ڪين، هٽائڻ سان هٽندو ڪين .

ڌرم جي استاپنا ڪندڙ کي گهرجي تہ خوف ۽ گهٻراهٽ کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏئي . خوف جي پرويش ڪرڻ سان ماڻهوءَ جي دل ۽ دماغ هڪ دم ڌڪي ٿين ٿا ۽ هو پنهنجو توازن (Balance ) وڃائي وهي ٿو . سندس ٻڌي ۽ ياونا شڪست ڪائي ٿي . انجو نتيجو اهو نڪري ٿو جو اتساهہ ۽ همت جي ٽٽڻ سان نااميدي پيدا ٿئي ٿي ۽ نااميدي ساڌنا کي سماپت ڪري ڇڏي ٿي .

بي ڊپائيءَ ۽ دليري سان مستڪ ۽ هردي جو ميزان تہ سمان ئي رهي ٿو ، ٻڌي ۽ ياونا بہ پختي رهي ٿي . بي ڊپي انسان جي ٻڌي ۽ ياونا تمام بلوان ٿئي ٿي . اهو ئي سبب آهي جو سوامي شنڪر آچاريہ ۽ رشي ديانند جهڙا ڌرم سنستاپڪ بي ڊپا ۽ دلير هئا، جن گهور وروڌين جو بي ڊپائيءَ سان مقابلو ڪري سوي جو سهرو ٻڌو .

ڌرم جا استاپنا ڪندڙ ديرج ، اتساهہ ۽ همت ڌارڻ ڪري پنهنجي ساڌنا کي سڦل ڪري ٿو .تڏهن اي ساڌڪو ! ويد جي آگيا

موجب ، ڊپ ۽ گهٻراهٽ ڇڏي ، ٻڌي ۽ پاونا کي مضبوط ٻڌائي ، ڌرم جي استاپنا ۽ اَڌرم جي ناس ڪرڻ لاءِ مرد ٻڻجي ميدان ۾ نڪري پئو ۽ ڌيرج، اتساهه ۽ همت سان پنهنجي ساڌنا ڪندا هلو ته اوهان جي جئہ ضرور ٿيندي .

## 8. پاڻ کي پرٻوڌ

**ارٿ : تون چت آهين ، تون من واري آهين، ٻڌي آهين ، تون هوشياري جو پندار آهين، ڪشتريا (ڌرم ۽ آتما جو آڌار) آهين، يگين_سريشٽ ڪرمن جو گڏ ڪندڙ ٻڻجين ٿي ،تون دينتائن کان مڪت آهين. تون ٻن سرن واري آهين .اُها تون اسان لاءِ سنو اوپر ۽ سنو اولهه آهين .اڏ يڪش اِندر لاءِ توکي پراڻ ساڌنا ۾ ٻڌي، من مارگہ کان بچائي. (يجر ويد)**

**سمجهاڻي** : وير آتم سئناني ۽ جي هي ۽ آتم پڪار آهي . زندگي ۽ جي راهه ۾ هلندي ،انسان جي هڪ طرف موهني مايا پنهنجي بيشمار سئنائن جو چڪرويوهه رچي بيني آهي ، ٻئي طرف بينو آهي اڪيلو ڌرم ، برهم ڪوچ ڌارڻ ڪري ۽ پڃ هٿيار سنيالي .

مايا ناز مان چوي ٿي ته ”اي اِنسان ! مون طرف اچ . منهنجي ۽ شيوا ۾ حاضر رهه . ڌس هيڏانهن ڪهڙي نہ موج آهي،

هتي وشيہ سک آهي ،پوڳيہ ولاس آهي ، ڪامني آهي ، ڪنچن آهي، ڌن دولت ۽ اوج آهي .“

انسان موٽ ۾ جواب ڏئي ٿو _ ”مايا! مان انسان آهيان . هن برهمانڊ ۾ برهم جي پوتر رچنا آهيان . نہ مان تنهنجي شرن ايندس،نہ تنهنجي اپاسنا ڪندس ، نہ تنهنجي اڳيان جهڪندس . مان ڌرم جي طرف آهيان ۽ انسانيت جي پاسي ۾ قائم آهيان .“

مايا مشڪندي چيو تہ ”پاپ، واسنائن ۽ وڪار ورتين جون منهنجون انيڪ سئنائون آهن . جڏهن مان پنهنجي سمورين سئنائن سان توتي حملو ڪنديس ، تڏهن تنهنجو ڌرم تنهنجي رکشا ڇا ڪندو؟ “

” ڌرم منهنجي رکشا ڪري ٿو، اهو محفوظ آهي. “ انسان هڪدم جواب ڏنو . مايا پنهنجو زوردار حملو ڪيو . انسان خبردار ٿي پنهنجي طاقت جاچڻ لڳو . هن پنهنجي آتما کي ويد منتر پڙاندڙ چيو تہ تون چيتن آهين ، تو ۾ چيتننا آهي ، هيءَ اَچيتن جڙ مايا تنهنجو مقابلو ڇا ڪندي؟ اچيتن جي ڇا مجال جو چيتن کي شڪست ڏئي سگهي ! تنهنجيءَ چيتنا جي اڳيان هيءَ جڙ مايا هڪ ڪن بہ بيهي ڪانہ سگهندي .

جيستائين انسان آتما کي وساري ويهي ٿو ، تيستائين ئي سندس ڪايا بہ مايا ۾ ڦاٿل رهي ٿي ۽ سندس گيان اِندريون ، من ۽ بڌي مايا طرف ڇڪجي وڃن ٿا پر آتما چيتنا ، آتم بوڌ ، آتم سمرتيءَ

سان انسان جي ڪايا ۽ آتم ساڌڪا بڻجي وڃي ٿي ۽ آتما جو ساٿ ڏئي ٿي .

مايا جي سخت حملن کي سهندي ۽ پنهنجو آتم ٻل اَنيو ڪندي، انسان پنهنجيءَ ڪايا کي پڪاري چيو تہ ”منهنجي ڪايا! تون من واري آهين ، تون ئي جيئرو جاڳندو من سمايل آهي ، جو تيز رفتار وارو ۽ جوتين جي جوت آهي . جنهنجي سهائتا سان ماڻهو ست ڪرم ڪري ٿو ۽ ڌيرج وارا انسان جيون يوڳيہ ئي وجيہ پائين ٿا . تو وٽ اهو شو سنڪلپ من آهي جو سڀني گيان وگيانن جو مول آهي، جيڪو جيون روپي رٿ جو سنو سارٿي آهي .

منهنجي ديهہ ! تون ٻڌيءَ واري آهين . تو وٽ ٻڌي آهي. جنهن دوارا مايا منجهان پيدا ٿيل سڀئي برايون دور ٿين ٿيون .

منهنجي ديهہ ! تون هوشياريءَ جو پندار آهين . تنهنجيءَ هوشياريءَ سان مايا مان پيدا ٿيل مڙئي وڪار مات ٿي وڃن ٿا.

منهنجي جيوني ! تون ڪشتريا آهين .تون سٺي من ، سٺيءَ ٻڌيءَ ۽ هوشياريءَ سان پرپور ٿي ، مايا مان پيدا ٿيل سڀني هاجين جي ڪٽ ڪري ڌرم ، آتم ،۽ آتم راڄ جو آڌار ۽ آسرو آهين .

منهنجي جيوني ! تون يڳيا آهين، ڪڪرمن کي پچائي، يڳين ئي ست ڪرمن ڪندڙ بڻجين ٿي .

منهنجي جيوني ! تون اڏينا آهين . تون سڀني ديوتائن کان مکت ٿي وڃين ٿي .

هي جيوني ! تون ٻنهي طرف ٻن سرن واري آهين . تون لوڪ پر لوڪ ٻنهي طرف جهدوجهد ڪندڙ آهين . اَڌرم جو ناس ۽ اِستاپنا ڪندڙ آهين . ٻنهي طرف لڙائي ڪري سوڀاري ٿيندڙ آهين .

مايا کي پوري طرح مات ڪري ، هن ٻنهي لوڪن کي جيتيو. سچ ۽ چنڊ وانگر ڌرم جي ست مارگ تي هلندي ، هن برهم لوڪ پرويش ڪيو . انهيءَ آدرش انسان جي اَدرشن سان ڇڪجي ، ٻئي انساني جيوت کي پڪاريو تہ جيوني ! تون اسان سڀني لاءِ سڻو اوپر ۽ سڻو اولهہ آهين .

اوپر کان سج ايرندو آهي. اولهہ کان سج لهندو آهي .ايرڻ ۽ لهڻ جي وچ ۾ سج ساندهہ پرڪاش ڏيندو رهي ٿو . اوپر اُديہ اوستا آهي ۽ اولهہ است ( غائب ٿيڻ جي ) اوستا آهي . اديہ ۽ است جي وچ ۾ پرڪاش اوستا آهي . انسان جو جنم اديہ استا آهي ۽ موت است اوستا آهي . اسان جي جيون جي سڻي پرپات ٿئي ۽ اسان جو موت بہ شاندار ٿئي .

هرانسان پنهنجي ديهہ طرف لڪش ڪري چوي ٿو تہ منهنجي پياري جيوني ! اندر اڏيکش لاءِ پراڻ توکي ساڏنا ۾ ٻڌي ۽ من توکي بريءَ راهہ کان بچائي . اِندرين جو سامي هٹڻ ڪري آتما کي اِندر

چيو ويو آهي . پراڻ منتر هي . پراڻ دوست وانگر جيونيءَ (ديهہ) کي جيون سان ڀرپور رکي ٿو .

هيءَ من پوشا آهي يعني جيونيءَ جو پوشڪ آهي. من ڏاڍو بلوان آهي . من سان جيوني بلوان بڻجي ٿي . من جي ڪمزور ٿيڻ تي تندرست ۽ مضبوط ديهہ بہ پراڪرم رهت ٿي وڃي ٿي . من جي مضبوط ٿيڻ تي ڪمزور ڪايا بہ پراڪرم واري ٿي پوي ٿي .انهيءَ ڪري من کي پُوشا يعني پشٽ ڪندڙ چيو ويو آهي .

پراڻ جي ساڌنا سان سنبنڌ آهي . پراڻ ساڌنا جو نشان آهي. پراڻ جي ساڌنا سان ئي جيوني جيوت رهي ٿي .جيڪڏهن هڪ ڪن لاءِ بہ ساڌنا بند ڪري تہ يڪدم جيوني سماپت ٿي وڃي ۽ اِندر ( آتما) هليو وڃي . آتما کي گهرجي تہ اهو پنهنجيءَ جيونيءَ سان پراڻ وانگر ڀٽي ساڌنا ڪري . پنهنجي من کي بلوان ۽ شوَ سنڪلپ وارو ڪري ، جيون ۾ اڳتي وڌي . اُهي اَنسان ڌنيہ آهن ، جيڪي پنهنجيءَ اَملهہ مانوَ جيونيءَ سان پراڻ وانگر سدائين ساڌنا ڪن ٿا ۽ پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندا رهن ٿا . شل اسين هن ويد منتر جو آواز ٻڌي، پنهنجي اُنتي ڪريون .

# 9. وستار واڌارو

**ارٿ : وستار شيل (واڌارو ڪندڙ )!نانگ نہ ٿئي .بگهڙ نہ ٿئي .تو لاءِ نمن _ نمرتا ضروري آهي .ايمان رهت ٿي ،تون اڳتي وڌ، واڌارو ڪر، گيهہ (سنيهہ ) جي ڌارائن جو آسرو وٺي ،رت (ستيہ) جي مارگن موجب وڪاس ڪر .(يجرويد )**

**سمجهاڻي** : وستار يا واڌارو (وڪاس) جيون جو لڪشڻ آهي .جڏهن اوستا ۾ ئي وستار، جيون جو واڌارو ٿئي ٿو، جڏهن ڪنهن شخص، سماج، جاتي يا راشٽر جو واڌارو رڪجي وڃي تڏهن سمجهڻ گهرجي تہ اهو مرڻ هارڪو آهي .

هن منتر واڌارو ڪندڙ لاءِ جيڪا پهرين چيتاوني ڏني وئي آهي ، اها آهي تہ وڪاس جي اڇا رکندڙ ! نہ نانگ ٿي نہ بگهڙ .نانگ زهر جو نشان آهي ۽ بگهڙ نشان آهي هنسا جو . پاپ ، دوش ، وڪار وغيره سيئي زهر آهن . ايرکا ، دويش ،ٻئي جو نقصان وغيره مڙئي هنسا آهن. وڪاس واڌاري لاءِ ساڌڪ (جڳياسو) پنهنجي جيون کي نردوش نشپاپ ۽ نروڪار رکي ۽ سيني سان پريم، پلي ۽ پنهنجائيءَ سان هلي .

اڪثر ائين ٿيندو آهي جو سڦلتا ۽ وڏائي پراپت ٿيڻ تي ماڻهو نانگ ۽ بگهڙ بڻجي پوندو آهي .ان ڪري واڌاري ڪندي انهن کان خبردار رهڻو آهي .

وستار لاءِ ٻيو چتاءُ ويد ڏئي ٿو تہ مان تو لاءِ نمن ، نمسڪار لازمي نهرايا ٿو . ايمان وڪاس ۽ وستار جو سڀ ڪان وڏو شترو آهي. سڦلتا ۽ سمرڌي پراپت ڪرڻ تي اڪثر ماڻهو ۾ اهنڪار جو سلو پيدا ٿيندو آهي . جيڪڏهن ان ڪي پاڙ ڪان پٽيو نہ وجي تہ اهو ڦهريان پنهنجي ساراهہ ۽ پوءِ ايمان جو روپ ڌارڻ ڪري ٿو . ايمان جي معني سروناش ! نمهہ جا ٻہ ارٿ آهن _ نمسڪار ۽ نمرتا . انسان کي گهرجي تہ انتي ڪندي سدائين پرپوءِ کي نمسڪار ڪندو رهي ۽ پرپوءَ ۽ جنتا جي اڳيان سدائين نماڻو رهي . نماڻو ۽ نهنو ڪڏهن بہ نوڪر نہ ٿو ڪائي ۽ انتيءَ جي راهہ ۾ پختائيءَ سان وڌندو هلي ٿو. مگر ايماني نوڪر تي نوڪر ڪائي ٿو ۽ ذليل ٿئي ٿو .

انروا جو ارٿ آهي بنا گهوڙي هلندڙ ، پيدل هلندڙ . انروا هڪ وئدڪ مهاورو آهي . انتي ڪندي منش کي گهوڙي تي سوار نہ رهڻ گهرجي ، پومي تي هلڻ کپي .” گهوڙي تي سوار رهڻ “ جو مطلب آهي زمين تي پير نہ رکڻ . انروا جو مطلب آهي ايمان نہ ڪرڻ. وڌندي ماڻهوءَ کي اَڪڙ نہ ڪرڻ گهرجي .

گيهہ ۾ چڪانائي ٿيندي آهي . گهرت کي سنيهہ بہ چيو ويندو آهي . سنيهہ جون ڌارائون وهائيندي، انسان کي پنهنجو واڌارو ڪرڻ جڳائي .سيني سان ميل جول سان هلڻ کپي .

رت چئبو آهي ستيہ کي . صرف اهو ستيہ نہ، جيڪو زباني جمع خرچ تائين محدود آهي مگر جيڪو آتم انيو ڀٽاندڙ آهي. اِندرين کان پري آتما سان ساکيات ڪيل گيان آهي . رت وڪاس ۽ وستار

ڪندي ماڻهو ڪي ستيہ مارگن تي هلڻ گهرجي . ستيہ جي ساڌنا جو تياڳ ڪندي جيڪو واڌارو ۽ وستار ڪيو وڃي ٿو اهو حقيقي واڌارو نہ آهي . وڪاس جي مارگہ تي اهوئي سدائين هلي سگهي ٿو، جيڪو سنيهہ ۽ ستيہ جي ٻن پيرن سان وڪہ کڻندو .

18.11.10

## 10. رکشا ۽ سواها

**ارٿ : نہ ناس ٿيندڙ، سڀ ۾ وياپڪ اگني! تير (پاپ) کان مون کي بچاءِ، ٻنڌن کان رکشا کر، برائيءَ کان بچاءِ، خراب ڪاڌي کان رکشا کر. اسان جي اَن _ پوڄن _روزگار کي زهر رهت کر. سنيءَ جوڻ ۾ سواها، ديهہ پتي اگنيءَ لاءِ، پش، پيڳتي، سرسوتيءَ لاءِ سواها.**(**يجرويد**)

**سمجهاڻي** : ڪوريئڙي ڄاري ناهي، ان لاءِ تہ هو ٻين جيو جنتن کي ڦاسائي، اهي کائي گذر ڪندو . پر پنهنجيءَ ڄاريءَ ۾ ڪوريئڙو پاڻ ڦاسي پيو ! انسان بہ ڄار رچيو رشيہ ولاسن ۽ سک پوڳن لاءِ ۽ ان ۾ انيڪ پراڻين ، جيو جنتن ۽ ماڻهن وغيرهہ کي ڦاسايائين .وشيہ ولاسن ماڻڻ لاءِ هن انيڪ برا ڪرم ڪيا ۽ سکن پوڳڻ لاءِ هن انيڪ دولت گڏ ڪئي . نتيجي طور ڪيس پوڳن بجاءِ مليا انيڪ روڳہ ۽ دولت مان مليا انيڪ دک .تڏهن انسان محسوس ڪيو تہ هو پنهنجي ئي رچيل ڄار ۾ خوب ڦاسي پيو آهي . هن ڏنو تہ وڪار ۽ وشيون ڪيس رات ڏينهن تڙڦائي رهيون آهن .

هاڻي اهو چار ٽئي ڪيئن؟ تڏهن هو پرڀوءَ کي ٻاڏائي چوڻ لڳو تہ مون کي پاپ روپي تير کان بچاءِ . پيانڪ دک ۽ پيڙا کان بچاءِ. مون کي خراب ڪاڏي کان بچاءِ .اسان جو اَن پوتر ڪر .

جواب مليس تہ تون هيلتائين سواها بجاءِ ڪواها ڪندو رهيو آهين . تنهنجي جيون ۾ بدبوءِ ڦهلجي وئي آهي .ان ڪري ئي تون دکي آهين ۽ ٻنڌن ۾ پئجي ويو آهين . پنهنجي رکشا ڪرڻ چاهين تہ پنهنجو اُلٽو اَچار ڦيري سنئو سڌو ڪر. هينئر تون سک سان وهڻ لائق جوڻ ۾ آهين ، پنهنجي جيون روپي سٺي گهر ۾ سٺيون آهوُتيون ڏي تہ تنهنجي جيون جي سڳند ايندي . تڏهن ئي تون سکي ۽ مکت ٿيندين .

هيل تائين تون فقط ديهہ لاءِ اَهوتيون ڏيندو رهئين .تون وساري ٿو ويهين تہ ديهہ نہ آهين ، پر ديهہ پتي اگني . انهيءَ پل سبب تون دکي ٿي رهيو آهين . هاڻي تون ديهہ پتيءَ اگنيءَ لاءِ اَهوتيون ڏي. اتم ساڌنا ڪر ، اتم ٻود پراپت ڪر .

تنهنجي اندر ۾ سرسوتيءَ (اَڌياتم ڌارا _ پڪتيءَ ) جو وهڪرو بيهي ويو آهي . تنهنجو جيون رس رهت ٿي پيو آهي،انهيءَ ڪري تون وياڪل آهين .سرسوتيءَ جي اَتم آهوتين سان تون سکي ۽ مکت ٿي ويندين .

هن منتر جا ٽي حصا آهن : . پهرين ڀاڱي ۾ پرارٿنا آهي تہ مون کي بچاءِ .ٻئي حصي ۾ پرارٿنا آهي تہ اسان جو اَن زهر رهت

ڪر . ٽئين ڀاڱي ۾ پرارٿنا آهي سواها ڪرڻ جي . پهرين حصي ۾ ويڪتي (شخص) لاءِ پرارٿنا آهي . ٻئي ڀاڱي ۾ ويشٽي (ڪل ڪائنات) لاءِ پرارٿنا آهي .ٽئين ڀاڱي ۾ سواها جي ڀاونا آهي .

سڌاري جي سلسلي ۾ پهريون استان آهي اَهم (مان) ۽ مم (منهنجو) جو ۽ ٻيو استان آهي ويم (اسان ) جو . (اهم)"مان سڌران " پوءِ (ويم) "اسان سڌرون " پهريان مم ( منهنجو ) سڌار ٿئي .پوءِ (ويم ) اسان جو سڌار ٿئي ."مان "سڌري ته هوند سارو سنسار سڌري وڃي .پنهنجي پنهنجي جيون کي سڌارڻ سان سموري سماج سڌري وڃي ٿي . پر پاڻ کي نه سڌاري ، جڏهن هر شخص سماج جي سڌاري جو نعرو هڻي ٿو ، تڏهن سماج سڌارڻ بدران وڌيڪ بگڙندي وڃي ٿي.

جنهن جي آيوُ (ستا) ڪڏهن ناس نه ٿئي، اهو آتما آهي يا پرماتما آهي. پر هتي پرماتما لاءِ ڪم آندل آهي . پاپ ورتي ٻڌڻ واري، جڪڙڻ واري آهي . پاپي ٻنڌن ۾ ۽ نهه پاپ مڪت رهي ٿو. پاپ ڪان پري ٿيڻ تي ئي ماڻهو سڪرم ڪندو . پاپ ورتيءَ سبب ئي ماڻهو خراب ڀوڄن ڪندڙ ٿئي ٿو . پاپي ئي بي گناهه پراڻين کي ماري ماس آهار ڪري ٿو . پاپ ورتيءَ سبب ئي ماڻهو شراب ۽ سگريٽ وغيرهه واپرائي ٿو . پاپي جو روزگار به ملين ٿئي ٿو . پاپي رشوت وٺي ٿو . بي گناهه کي ستائي ٿو . پاپ ڀاونا ڇڏڻ تي ئي ماڻهو سندر ۽ ساتوڪ ڀوڄن ڪندڙ ٿئي ٿو . ان ڪري پراٿنا ڪيل آهي ته پربو! خراب ڀوڄن ڪائڻ کان ڇٽڪارو پائڻ لاءِ مون کي پاپ ڀاونا کان بچاءِ.

پوءِ سمشٽي ڀاونا سان پرارٿنا ڪيل آهي ته اسان جو اَن زهر رهت ڪر . آتما ڪان سواءِ شرير ۾ جيڪي ڪجهه آهي، اهو ان _ ميه آهي . اَنتهڪرڻ ۽ شرير سيئي اَن سان بڻجن ۽ پشٽ ٿين ٿا . ماڻهو جهڙو ڀوڄن ڪري ٿو ، اهڙو اَن جو جيون بڻجي ٿو . تامسي ڪاڌو ڪائڻ سان ماڻهو بيڪار بڻجي ٿو .

اِهو ياد رهي ته ڪاڌو صرف مکه سان نه ، پر اکين ، ڪنن، نڪ سان به ورتايو ويندو آهي . اکين سان درشن آهار ڪيو ويندو آهي . ڪنن سان شبد آهار ۽ نڪ سان پراڻ آهار ڪيو ويندو آهي .هر پرڪار جو ڀوڄن جڏهن زهر رهت ٿئي ٿو، تڏهن ئي ماڻهو پورن ريت سان ساتوڪ سريشٽ بڻجي ٿو . روزگار جو وسيلو به شڌيءَ لاءِ ضروري آهي . ان ڪري پرارٿنا ڪئي وئي آهي ته هي پرڀو! اسان جو ڀوڄن ،اسان جو روزگار زهر رهت نردوش بڻاءِ .

ويڪتي، سمشٽي ۽ سماج جي سڌاري سان ئي سني ساڌنا ڪري سگهجي ٿي . سواها اُهچاڻ آهي يگيه ڪرڻ جو . يگيه ڀاونا، پوتر ۽ نهه پاپ منش ۾ ئي جاڳي ٿي . چرتروان شخص ئي لوڪ جو پالن ڪندڙ اگنيءَ لاءِ ، بليدان ، تياڳ ڪن ٿا . پاڻ ڪي لوڪ اگنيءَ ۾ سواها ڪن ٿا.

سرسوتيءَ جو نواس ستيه جي سڀ ڪان اوچيءَ چوٽيءَ تي ٿئي ٿو. سنسڪرتيءَ کي به سرسوتي چئبو آهي .سرسوتيءَ جو واڌارو جس جي واهپي سان ٿئي ٿو . سرسوتيءَ جس ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن چيز جو واهپو نه ڪندي آهي . جن جاتين جا آدرش ، آچار ۽

وهنوار جس وارا ٿين ٿا ، انهن جي سرسوتي وڏي ويجهي ٿي ،انهيءَ جي سرسوتي دنيا ۾ ڦهلجي ٿي . نردوش ۽ نهپاپ ناگرڪ ۽ سماج ئي سرسوتيءَ جي رکشا ۽ وڌاري لاءِ پنهنجي آهوتي ڏيندي اُتم ساڌنا ڪن ٿا . هن منتر ۾ پرارٿنا جي بهاني ڪيترا سندر راز کوليا ويا آهن.

## 11. **من جو اڇڻ**

**ارٿ: تنهنجو من وري اڇي وجي. (ڇا لاءِ ؟ ) ڪرتوَ (ڪرم ) لاءِ، هوشياري ،يوگيتا ،ٻل جي واڌاري لاءِ ،آتم ٻل واري جيون لاءِ ۽ گهڻي سمي تائين سج کي ڏسڻ لاءِ. (رگ ويد ۽ يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : شخص شخص ٿي سماج نهندي آهي ۽ سماج ۾ انيڪ شخص ٿيندا آهن . جيڪڏهن هر شخص جو من وري اڇي وجي تہ سماج جو من وري ازخود اڇي ويندو . جيڪڏهن سماج جو من وري اڇي وجي تہ هر شخص جو من ازخود اڇي ويندو .

شخص جو من ڪيڏانهن هليو ويو آهي ، ان ڪري رگ ويد چوي ٿو تہ تنهنجو من موٽي اڇي وجي . سماج جو من ڪيڏانهن هليو ويو آهي ، انهيءَ ڪري يجرويد چوي ٿو تہ اسان جو من موٽي اڇي وجي .

سوال ٿو اٿي تہ ڇا من جي هلئي وڃڻ سان ڪو نقصان ٿئي ٿو ، جو شخص ۽ سماج جي من کي واپس گهرايو پيو وڃي ؟ ها، ڏاڍو نقصان ٿئي ٿو . جڏهن شخص يا سماج جو من هليو وڃي ٿو، تڏهن اُن جي ڪرڻ جي شڪتي، يوگتيا ، جيون ۾ رچي گهٽجي ٿي وڃي . رچي گهٽجڻ سان شخص ۽ سماج بلڪل دين هيڻ ڪيڻ ٿي وڃن ٿا . من رهت شخصن ۽ سماجن جو سارو اوج ۽ واڌارو نہ فقط رڪجي وڃي ٿو ، بلڪل ناس ٿي وڃي ٿو .

جڏهن ارجن جو من ساٿس گڏ هو ، تڏهن هو نهايت چستيءَ سان لڙائيءَ جون تياريون ڪري رهيو هو، جنگ ۾ ويرتا ۽ ٻل ڏيکارڻ لاءِ ڪيس گهڻو اتساهہ هو ، ڪيس پنهنجي هٿيارن پنوهارن ۾ ڏاڍي دلچسپي هئي . ڪيس پنهنجيءَ يوگتيا ۽ سوڀ ۾ پورن وشواس هو . هو سوڀ بعد ايندڙ سکدائي جيون جا روشن سپنا ڏسي رهيو هو. سڄ جي پرڪاش ۾ ڪيس قدرت جي سوڀيا وڻندڙ معلوم ٿي رهي هئي .

مهاڀارت جي يڌ ۾ جڏهن ارجن جو من هليو ويو ، جڏهن ارجن جي من سندس ساٿ ڇڏي ڏنو ، تڏهن ارجن جي سموري ڪرم جي شڪتي ، سندس يوگتيا ، سندس زندهہ جيون جو اوج ۽ ان جو سنسار سنبنڌي نڪتہ نظر سڀئي غائب ٿي ويا . وير ارجن گهڙي ساعت ۾ ڪانئر ٻڻجي چوڻ لڳو _ ”منهنجا لڳ ڪاندارجي رهيا آهن، منهنجو من سڪي رهيو آهي ، منهنجي شرير ۾ ڏڪڻي آهي ، گانڊيو منهنجي هٿ مان ڪري رهيو آهي ، منهنجي چمڙي سڙي رهي آهي ، مان بيهي نہ ٿو سگهان . نہ مون کي راڄ کپي نہ مون کي

سکھ ڪپي . مونکي نہ ڀوڳن ۾ رچي آهي ۽ نہ جيون سان پيار آهي، هيءُ سنسار اَسار آهي.“

شري ڪرشن جي اپديش سان جڏهن ارجن جو من وري اچي ويو تہ ارجن جي ڪم ڪرڻ جي شڪتي ،يوگتيا ،جيون شڪتي ۽ سنسار _ درشٽي مڙيئي وري جاڳرت ٿيون . من جي موٽي اچڻ تي ارجن وري وير بڻجي ويو . هن لڙائيءَ ۾ پنهنجو ڪرم شڪتيءَ ۽ يوگيتا جي ساکي ڏني . هن سوپ پاتي ۽ هو زندهہ شخص جيان جيئڻ لڳو . هن سچ جي پرڪاش ۾ سنسار کي پسنديءَ سان ڏٺو ۽ ان کي سار ڀريو سمجيو .

سنسار ۾ اهو سدائين احساس ٿئي ٿو تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو من هليو ويو يا ساٿ ڇڏي ڏنائين تہ اهو ڪرم هيڻ ، هوشياريءَ رهت ۽ اداسين درشٽيءَ وارو ٿي پوي ٿو . جڏهن ان جو من موٽي اچي ٿو ، تڏهن ان ۾ پرشارٿ ،يوگيتا ،زندهہ جيون ۽ جاگرتا جو جلوو اچي ٿو . هونئين بہ چئبو آهي تہ من لڳائي ڪم ڪر تہ ڪاميابي پائيندين يا اَن منو، بي منو ٿي پڙهڻ سان ڪجهہ بہ ياد نہ ٿيندءِ .يعني ان وقت من سچ پچ ٻئي پاسي هليو وجي ٿو . من جو موٽي اچڻ ڪاميابي ڏئي ٿو ۽ من جو هليو وڃڻ ناڪاميابيءَ جو ڪلنڪ مڙهي ٿو .

**من ۾ ڪمزوريءَ جو اچڻ ئي من جو وڃڻ آهي .**

جڏهن من ۾ اعليٰ ويچار ۽ اُدار ڀاونائون پرويش ڪن ٿيون، تڏهن ارجن وري اَتساهت ٿي پنهنجا استر شتر سنڀالي ٿو . منجهس لاثاني تيج ڀرجي وڃي ٿو . اهو ئي من جو موٽي اچڻ آهي .

## آيل (استر) من ۾ چار سڌيون سمايل ٿين ٿيون :

(1). ڪرتوَ = ڪرم ، يڳيہ ، ٻڌي . سانڌهہ ساڌنا ، مقرر ڪمن ۽ ورت نيمن جي پالنا ،اهي ٻہ پاو بہ ڪرتوَ لفظ ۾ آهن .

(2) . دڪش = ٻل ، ترقي ، يوڳيتا ، هوشياري .

(3) . جيوس = جيو شڪتي ، آتم ٻل .

(4) . سوريہ درشن = سوريہ ، چندر ، جل ، بن ، پربت وغيرهہ ڏسڻ جهڙن قدرتي نظارن ۾ رچي ۽ انيوتي .

جڏهن من هليو وڃي ٿو تڏهن ڪرم ڪرڻ جي شڪتي، يوڳيتا, اتم ٻل ۽ سنسار ۾ رچي غائب ٿي وڃe ٿي . جڏهن من اچي ٿو ، تڏهن ساڌنا ، يوڳيتا ، اتم ٻل ۽ رچيءَ جي پراپت ٿئي ٿي .

من جي وري وري وڃڻ ۽ وري وري اچڻ سان ساڌنا جي تار ٽٽي پوي ٿي ۽ ساڌنا ۾ وگهن پوي ٿو . ان ڪري گهرجي تہ پرارٿنا، ايشورآراڌنا، سواڌيانہ ، ستسنگ ، اپاسنہ ، پراڻايام ، ويايام ،اتم نريڪشڻ ۽ درڍ سنڪلپ سان من کي سدائين استر رکي ، منوٻل جٽادار رکڻ گهرجي ، اهو ئي ڪلياڻ ۽ ڪاميابيءَ جو مارگ آهي .

## 12. جاڳ تہ لڳيئي ياڳ

**ارٿ : جيڪو جاڳي ويو، انکي رچائون (استتيون) چاھين ٿيون. جيڪو جاڳي ويو آھي ،ان کي ئي سمتائون (سم اوسٿائون ) پراپت کن ٿيون . جيڪو جاڳي ويو ان لاءِ ھي سوم چوي ٿو ،مان تنهنجي مترتا ۾ مقرر آھيان .(رگ ويد).**

**سمجھاڻي** : اھا ڳالھہ عام آھي تہ "**جو سروت ھئہ ،سو کروت ھئہ .**" جيڪو ياتري ياترا ۾ سمهي پوي ٿو ، ان جو سامان گم ٿي وڃي ٿو. جيڪي سمهن ٿا تن جي تہ گهرن مان چوري بہ ٿي وڃي ٿي . جن گنرايو آھي ، تن سمهي ئي گنوايو آھي . انھن جي سامان جي ئي رکشا ٿيندي آھي ،انهن جي حڪومت جي رکشا ٿيندي آھي . انهن جي ئي اُتم ڏن جي رکشا ٿيندي آھي ، جيڪي جاڳندا رھن ٿا.جيڪي سمهندا بہ آھن تہ اھي خبرداريءَ سان جاڳرت رھندي سمهندا آھن .

رچھ جو ارٿ آھي استتيون . جنهن اُتم جاڳرڻ ڪيو آھي، سموريون استتيون ان جي ڪامنا ڪن ٿيون . سڀئي ساراھون ان کي چاھين ٿيون . جاڳرت آتما واري شخص جي استتي ۽ ساراھ ڪئي وڃي ٿي. سموريون وڀوتيون ، وڏيون ، سڌيون ، سوڀيائون آتم جاڳرڻ جا سپاويڪ ڪرڻا آھن . آتم جاڳرڻ سان اھو آتم اُديہ ٿئي ٿو جنهن جي پرڪاش ۾ شريبہ ۽ پريبہ جون جوتيون چمڪڻ لڳن ٿيون. آتم جاڳرڻ اھا اگني آھي ، جيڪا بڌي ، من ، اِندرين سڀني کي تيز ۽

روشن ٻڻائي سگهي ٿي . يوگيہ جا سيئي انگ تڏهن سڌ ٿيندا ، جڏهن توهانجي آتما جاڳندي.

رڇهہ چئني ويدن جي منترن ڇئبو آهي . آتم جاڳرڻ ٿيڻ تي ويد منتر توهانجي ڪامنا ڪرڻ لڳندا . هر منتر ازخود توهان تي پنهنجو ارٿ ، ڀاءُ ۽ راز ظاهر ڪرڻ لڳندو . جاڳرت آتما جي ويد ڀاشيہ ۽ ويد وياڪيائون ئي ويد منتر جو ٻٽارٿ وگيان ظاهر ۽ پرڪاشت ڪن ٿا .

”**جو جاڳت هئہ ،سو پاوت هئہ** .“ انهيءَ ۾ ڪو وڏاءُ ڪونهي. جنهن جيڪي ڪجهہ پاتو آهي . اهو ئي ويد منتر ڪي پراپت ڪري ٿو. سمهيلن ڪي ويد مان ڪهڙو لاڀ ٿيندو ؟ سمهيلن ئي ويد ڪي غائب ڪري ڇڏيو هو . جاڳندڙن ئي وري ويد جو پرچار ڪيو. سمهندڙن جي وديا اجائي وڃي ٿي . جاڳندڙ ٿوريءَ وديا مان بہ چمتڪار ڪري ڏيکارين ٿا .

سام جو ارٿ آهي سمتا . سام جي ابتڙ آهي وشاد (دکہ) . سام اها اوستا آهي جنهن ۾ ماڻهو نہ گهٻرائي ٿو ، نہ دکي ٿئي ٿو ۽ نہ ڊڄي ٿو، نہ شڪ ڪري ٿو. هر حالت ۾ شانت ۽ خوش رهي ٿو .اها اهڙي اوستا آهي ، جنهن ۾ نہ هوش نہ شوڪ ، نہ وڪار ، نہ واسنا ، نہ موهہ ، نہ ممتا . انهيءَ جاڳرت آتما پرش جو من ، ٻڌي ۽ شريرن جي اثرن کان ۽ دنيوي نتيجن کان بلڪل آجو رهي ٿو . سدائين سم ۽ شانت رهي ٿو .

هيءُ سوميہ سنسار سوم آهي . ساري وشوَ جو پتي سندر برهم سوم آهي . ساري دنيا جاڳرتا آتما جي وندنا ڪري ٿي . خود برهم جاڳرت آتما جي مترتا ۾ مقرر ٿي ، سدائين ان سان ايڪاڪار رهي ٿو . سوم ڪٿي ناهي ؟ هر هند آهي .جاڳندڙ جو يوڳ سڦل ٿئي ٿو . جاڳندڙ ڪي ئي برهم جو ساڪيا تڪار ٿئي ٿو .

آتم جاڳرڻ ڪان سواءِ ويد جا سيئي اَنگ اُپانگ اَسار آهن. سمورا ڪرم اجايا آهن ، يوگيہ جون ڪريائون ڍونگ آهن . آتم جاڳرڻ سان ئي برهم جي پراپتي ٿئي ٿي .

آتما جاڳرڻ جي مهما سمجهو . اُٿو ،جاڳو ! آتم جاڳرڻ ڪري چاهيل جي پراپتي ڪريو ، لاشڪ توهانجي جيون جي اها مبارڪ گهڙي ٿيندي ، جڏهن توهان جاڳرتا آتما ٿي ڳائيندا . انڪري ئي چيو ويو آهي تہ "**جاڳ تہ لڳ ياڳ** ."

---

## 13. جيئڻ جو ڍنگ

---

**ارٿ : ديوَن ڪي پراپت ڪرائيندي جڳياسا ڪرڻ سان گڏ شنڪا رهت گتي ڪريون .ويجهي ۽ وسن (پراڻ ،لوڪ ،ائشوريہ ) جو وسو پتي ائين ڪري جو اسان سدائين سٺي من وارا رهون ،اسان ايرندڙ سج ئي ڏسون .(رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : دنيا ۾ جيئڻ تہ سڀڪو ٿو چاهي ، پر جيئڻ بہ هڪ ڪلا آهي . جيئڻ ڪيئن گهرجي ،اهو ڪي ورلا ئي ڄاڻن ٿا . هڪڙي اردو شاعر چيو آهي :

**” جب وقت نکل گيا ، تب جيني کا ڍنگ آيا ! “**

هن ويد منتر ۾ آدرش جيون جو ڍنگ ٻڌايو ويو آهي. ضروري آهي تہ ان تي چڱيءَ طرح غور ڪري عمل ۾ آڻيون. صحيح نموني جيئڻ جو ڍنگ سکون ."**وسُو پتي وسُو نام** “ لفظ گهري ڀڳتي ڀاونا جو اظهار ڪندڙ آهن . وسُو چئجي ٿو لوڪ ، ائشوريہ ۽ پراڻ کي .

لوڪ ۾ پراڻيءَ جو جيون پراڻ تي آڌار رکي ٿو ۽ پراڻ پراڻيءَ جو پرم پيارو ڌن آهي . پراڻ ئي جيون آهي . پراڻ ناهي تہ جيون بہ ڪونهي . لوڪ بہ ڪونهي تہ ڌن ائشوريہ بہ ڪونهي . انهيءَ ڪري چيو ويو آهي تہ پراڻ ئي پراڻيءَ جو سڀ کان مٿي ڌن آهي. پراڻي پنهنجي پراڻ کي ئي سڀ کان زيادهہ پيار ڪري ٿو . آدرش جيئڻ جي ڍنگ جي مهما سمجهندڙ اُتم ڪامنا ڪندا آهن تہ پراڻن جو پراڻ پتي ائين ڪري ، اهڙي ڪرپا ڪري . پرم پوتر پرڀوءَ کي پراڻن جو پراڻ پتي چيو ويو آهي . اها پرڀو پريم جي وڏي حد آهي . هر صبح جو اپرندڙ سج جو درشن ڪندي ، هن منتر جو اچارڻ ڪيو وڃي تہ آتما جي بيان ڪرڻ کان ٻاهر حالت ٿيندي .

دويہ ماڻهن جي سنگت سان ئي دويہ گڻن جي سمپتي پراپت ٿيندي آهي . دويہ انسانن جي سنگت بنا دئوي گڻن جي پراپت هرگز ڪانہ ٿي ٿئي .

اُتم شرڌا سان دويہ ماڻهن جي ساهتيہ جو اڀياس ۽ جڳياسا ياوَ سان دويہ ماڻهن جي ساکيات سنگت ڪرڻ ، اهي ٻہ ساڌن ئي دويہ گڻن جي پراپتيءَ جا آهن . ائين پرم ديو پرماتما جي هن دويہ سرشٽيءَ ۾ هر پراڻ ۽ پدارٿ ۾ ڪو نہ ڪو گڻ ضرور آهي . جنهن ۾ جيڪو دويہ گڻ ڏسڻ ۾ اچي ،اهو پنهنجي جيون ۾ جوڙڻ گهرجي.

طوطي ۾ اناسڪتي (موهہ نہ رکڻ ) جو گڻ آهي . ڪتي ۾ وفاداريءَ جو، ٻليءَ ۾ بنا کڙڪي هلڻ جو ، چور ۾ خبرداريءَ جو، ڌاڪوءَ ۾ همت جو ، نہ رڳو هرهڪ انسان ۾ پر هرهڪ پدارٿ ۾ هڪ نہ هڪ دويہ گڻ سمايل آهي . اهو ڪڍڻ سان اسان جو جيون دويہ ۽ ڏسڻ جهڙو ٿي پوندو . جيئڻ جي ڍنگ جو اهو پهريون (چرڻ ) قدم آهي .

هن منتر ۾ (اوهہ) لفظ ٻہ اچي ٿو ، جنهنجو ارٿ آهي رکشا، گتي، ٻوڌ ، تيج . ڌرم جي هلت ڪرڻ سان ئي جيون جي رکشا ٿئي ٿي . رکشا ،گتي ، ٻوڌ ۽ تيج سان جيون جي راهہ تي هلڻ زندهہ جيون آهي . جيون جو هڪ آدرش ڍنگ آهي . جيون جي ڍنگ جو اهو ٻيو چرڻ آهي .

سمنس _ جو ارٿ آهي سنو من ، شڌ من . اسان سدائين سٺي ۽ شڌ من وارا رهون ، سندر ۽ پوتر من وارا ٿيون .

سمنس جو ٻيو ارٿ آهي پرسنتا . اسان سدائين پرسن رهون. اسان مايوس ۽ دکي نہ رهون . پرسن رهڻ ۽ مرکڻ ۾ سيئي ساٿ

ڏيندا ، پر مايوسيءَ ۾ دکہ ۾ تہ کوبہ ساٿ نہ ڏيندو . جنهنجو من سنو آهي سياوڪ اهو ئي پرسن رهندو . جنهنجو من خراب ٿئي ٿو ،اهي ناخوش رهندا ۽ اڪيلا ئي روئندا .

سمنس جو ٽيون ارٿ گل . جنهنجو من پوتر ٿئي ٿو اهي ئي سدائين گلن وانگر، ٽڙيل، موهيندڙ ۽ خوشبودار رهن ٿا. سمنس (گل) جو من سنو آهي ،ان جي هردي ۾ ماڪي ۽ خوشبوءِ جو واسو آهي ان ڪري هو سدائين ٽڙيل رهي ٿو .اسان جي منن ۾ بہ ميناج ۽ سڳنڌ هوندي تہ تہ اسان پشپ وانگر سدائين پرسن رهي سگهنداسين . اهو جيئڻ جي ڍنگ جو ٽيون چرڻ آهي .

ايرندڙ سج جو ئي درشن ڪرڻ گهرجي نہ لهندڙ جو . ايرندڙ سج جي درشن مان انيڪ شاريرڪ لاڀ تہ ٿين ئي ٿا ، ان سان گڏ مانسڪ لاڀ بہ پراپت ٿين ٿا . ايرندڙ سج ڏانهن نهارڻ سان تيج پرڪاش جي پريرڻا ملي ٿي .

اسان جو جيون جي هر کيتر ۾ اُيرندڙ سج وانگر ايرون ،سج سمان تيجسوي رهون . سج سمان پرڪاش ڦهلايون ۽ سڀ ڪان مٿي پنهنجي ئي مرڪز تي رهي پرم گتي (ترقي) ڪريون . ٻيا سيئي سج جي چوطرف ڦرن ٿا ، پر سج ئي آهي جيڪو ڪنهنجي چوڌاري نہ ٿو ڦري ۽ پنهنجي مرڪز تي ڦري ٿو . اهڙي طرح اسان بہ پاڻ ۾ اسٿت رهي ، آڳتي وڌون . جيئڻ جو ڍنگ جو اهو چوٿون چرڻ آهي. شل هن ويد منتر تي عمل ڪري ،جيئڻ جو ڍنگ سکون .

## 14. ڪرم ڪندو رهه

**ارٿ : جيو کي گهرجي تہ هو ڪرتويہ ڪرم ڪندي ئي هن سنسار ۾ سو سالن تائين جيئڻ جي اڇا ڪري .اهڙي طرح اُن کان جدا ٻيو ڪو مارگ ڪونهي .ائين ڪندي تون جيو ۾ ڪرم لپت نہ ٿيندا . ( يجرويد )**

**سمجهاڻي** : ويد ڪڏهن بہ ڪرم کان پڇڻ جي پريرڻا ڪانہ ٿو ڪري. ان هميشہ ڪرم شيل ٿيڻ جي آگيا ڪئي آهي . سنسڪرت ۾ ڪرم لفظ فقط ڪرتويہ ڪرم لاءِ ڪم ايندو آهي ۽ نہ سنڌيءَ وانگر ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جهڙن ٻنهي قسمن جي ڪمن لاءِ .

هن ويد منتر ۾ بہ فقط ڪرتويہ ڪرم ڪرڻ جي آگيان ڪئي وئي آهي . ڪرتويہ ڪرم ڪندي بہ هدايت ڪئي وئي آهي تہ سدائين ڦل رهت ٿي ڪريو . ائين ڪرڻ سان ئي ماڻهو سنساري ٻنڌن کان بچي سگهي ٿو . چاڪاڻ تہ ڪرم جي ڦل جي ڪامنا کان رهت ٿي ڪيل ڪرم ٻنڌن جو ڪارڻ نٿو ٿئي . مثال طور توهان پٽ کي پاليوءِ نپايو ۽ تڪليف سهي پاڙهيو .ان وقت جيڪڏهن توهان اهو سڀ ڪجهہ پنهنجو فرض سمجهي ڪيو ۽ ڪيل شيوائون ۽ ڪشٽ وساري ڇڏيو تہ نيڪ پر جي توهان انهيءَ مراد سان پٽ جي پالنا ڪئي تہ هو وڏو ٿي ، شيوا ڪندو تہ پوءِ جيڪڏهن پٽ ائين نہ ڪيو تہ توهان کي نهايت ڏکہ رسندو . پر جي پٽ جي پالنا نشڪام ٿي

ڪئي هوندوَ تہ پٽ جي شيوا نہ ڪرڻ تي بہ توهان کي دڪہ ڪين ٿيندو .

ٻيو مثال وٺو . توهان ڪنهن دکي انسان کي 20، 10 روپيا سهائتا ڪريو ٿا . جيڪڏهن ڏيڻ وقت توهان جي اها اڇا هوندي تہ اِهي روپيا هن کان واپس وٺڻا آهن ،پوءِ جيڪڏهن هو پيسا نہ ٿو موٽائي ڏئي تہ  توهان دڪہ محسوس ڪندا . پر ڏيڻ وقت توهان جي اها ڀاونا نہ هوندي ۽ سهسائي ڏنا هوندوَ تہ پيسن نہ موٽڻ تي بہ توهانکي دڪہ نہ ٿيندو . بس اهو ئي نشڪام ڪرم جو راز آهي .

ٻنڌن جو مول ڪارڻ ڀاونا ئي آهي . انهيءَ ڪري جيڪو انسان ويدڪ اگيا جي ابتڙ اَڪرتويہ ڪرم ڪري ٿو يا ڦل جي ڪامنا رکي ڪرم ڪري ٿو ، اهو ڪڏهن بہ سکي رهي نٿو سگهي .

هن ويد منتر ۾ سو سالن تائين جيئڻ لاءِ بہ چيو ويو آهي ،پر خبردار ڪيو ويو آهي تہ اَڪرمي تي نہ جيءُ ، ڪرم ڪان پڄڻ بزدل ۽ اَگياني ءَ جو ڪم آهي . ان ڪري اسان کي سو سالن تائين جيئرو رهي ، پنهنجا ڪرتويہ ڪرم نشڪام ڀاوَ سان ڪرڻ گهرجن ،انهيءَ ۾ ئي سيني جو ڀلو آهي .

## 15. ديوتائن جي ٻڌي پراپت ڪريو

**ارٿ : ديوتائن (ودوانن ) جي ڪلياڻ ڪرڻ واري اُتم ٻڌي ڏڪين وشين ڪي سرل ٻڻائي ڇڏي ٿي .دان شيل ودوانن جي دان جو طريقو اسان کي سيني گڻن سان پرپور ڪري ٿو ڇڏي .اسان ودوانن جي مترتا ويجهائيءَ کان پراپت ڪريون يعني چڱيءَ طرح حاصل ڪريون. ودوانن اسان جي عمر کي وڏيءَ آورجا لاءِ پو ريون ڀانهون ڦهلائين. ( يجرويد )**

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ وڏي عمر لاءِ بنيادي چئن ڳالهين ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي . وڏي عمر ماڻڻ آريہ جيون جي هڪ خاص خوبي رهي آهي . ننڍيءَ عمر ۾ موت هڪ وڏو سراپ آهي .انهيءَ ڪري ويد ۽ شاسترن ۾ ڪيترن هندن وڏيءَ آورجا لاءَ پراٿنائون ڪيل آهن ."پشييم شرد ھ شتم " (سو سال ڏسون ۽ سو سال جيئون) اها آرين جي روز جي پراٿنا آهي . آريہ جيون لاءِ سو سال عمر تہ گهٽ ۾ گهٽ آهي .

هن منتر ۾ وڏيءَ عمر لاءِ چئن ڳالهين جو بيان ڪيو ويو آهي . اُهي آهن .( 1 ) ديو ٻڌي (2) ديو دان شيلتا ( 3 ) ديو مترتا (4 ) ديو ڪرپا. ان جو مطلب ٿيو تہ ماڻهو وڏي عمر ماڻي ،ان لاءِ ضروري آهي تہ ست ٻڌي هجي . اَناڙي ماڻهو پنهنجيءَ مورکتا سبب نہ ڪائڻ

جهڙا ڪاڏا ڪائي ۽ نہ واپرائڻ جهڙيون شيون واپرائي ، جلد ئي موت جو بکہ ٿئي ٿو . پهاڪو بہ آهي تہ " **عقل ريءَ عذاب ،گهڻا پسنديڻءَ جندڙي**."

وڏي عمر لاءِ جيڪا ٻي ڳالھ گهربل آهي سا آهي ديون جي دان شيلتا يعني ماڻهو سوارٿ تياڳي پراُپڪاري ٿئي .هن ڪي اندرين تي خاص طرح ضابطو رکڻ گهرجي . هو ڏن جو ٿورو حصو پاڻ لاءِ خرچ ڪري ، باقي پرمارٿ ۾ لڳائي .

ٽين ڳالھ آهي ديوتائن جي مترتا يعني ودوانن ۽ ست پرشن جي سنگت ڪرڻ . "**سنگ تاري ،ڪسنگ ٻوڙي** " تہ مشهور چوڻي آهي . چڱن جي سنگہ جو چڱو ئي اثر ٿئي ٿو . بري سنگہ سان اچار بہ برو ٿيندو . ماڻهو وشيہ وڪارن جو شڪار ٿئي ٿو ۽ وشئي ماڻهو وڏي عمر ماڻي ڪين سگهندو .

انت ۾ چوٿين ڳالھ چئي وئي آهي ديو ڪرپا ، ودوانن ،ست پرشن جي آسيس بہ عمر وڌڻ ۾ هٿي ڏئي ٿي . وڏڙن جي آسيس ۽ ڪرپا تڏهن ٿيندي جڏهن سندن شيوا ڪبي ۽ سندس ٻڌايل ست مارگہ تي هلبو .

وڏي عمر تي زور انهيءَ ڪري ڏنو ويو آهي جو پنهنجي مقصد پراپت ڪرڻ لاءِ خاصو عرصو ملي ويندو . جلد ئي موت اچڻ سان ماڻهو گهربل واڌارو ڪري ڪين سگهندو . ياد رکڻ گهرجي تہ پاپ سان پريل وڏي عمر بہ ڪھ پيئي . ست ٻڌي تہ پهريون شرط

آهي. ان ڪري اسان کي ويد جي ٻڌايل مٿين چئن ڳالهين کي جيو ۾ آڻي، پنهنجي وڏي عمر ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي .

## 16 . ندي پار ڪريو

**ارٿ : پٿرن ،چپن واري ندي زور سان وهي رهي آهي .هي ساٿيو ! اُٿو گڏجي هڪ ٻئي کي سهارو ڏيو ۽ هي ندي چڱي طرح تري وڃو. اچو جيڪي اسان جا غير ڪلياڻڪاري ، سنگرهہ (جمع ڪيل پدارٿ) آهن، انهن کي اسان هتي ئي ڇڏي ڏيون ۽ ڪلياڻڪاري سک، ٻل ۽ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ اسان هن ندي ڪان پار ٿي وڃو.** ( **يجرويد، رگ ويد ۽ اٿر وويد** )

**سمجهاڻي** : سنسار سندي ندي ڏاڍيءَ تکہ مان وهي رهي آهي . اها جڏهن پار ڪنداسين تڏهن ئي اسان سچو سکہ پراپت ڪري سگهندا سين .هن ويد منتر ۾ ٻہ رستا ٻڌايا ويا آهن. هڪ آهي سنسار ڪتا (Materialism) جو ۽ ٻيو آهي اَڌياتمڪتا (Spiritualism)جو .

رواجي طرح اسان جڙواد (مادي پرستيءَ ) جي وهڪ ۾ لڙهي وڃي رهيا آهيون . دنيا جا ڀوگہ وشيہ وڪار ڀوڙيندڙ آهن .جيڪڏهن اسان کي ترڻو آهي ، سچو آنند پائڻو آهي تہ ٻيو رستو روحانيت جو اختيار ڪرڻو پوندو . اهو تڏهن هٿ ايندو ، جڏهن دنيوي ڀوڳن

سنديءَ نديءَ کان نڪري ٻاهر ٿينداسين . ان کان ٻاهر ٿيڻ آسان ٻه ڪين آهي ، چاڪاڻ تہ ان ۾ يوڳ پدارٿن روپي لسا پٿر اسان جي پيرن کي هڪ هنڌ بيهڻ نٿا ڏين . انهن چپن جي نوڪر ڪاٽي قدم قدم تي ڪري پوڻ جو خطرو آهي ، هوڏانهن نديءَ جو تيز وهڪرو اسان کي وهائي وڃي ٿو .

انسان اهڙو موڳو ٿي ويو آهي جو سنسار ندي پار اُڪرڻ جي ڪيس اون ئي ڪانہ آهي . دنيا جي يوڳن ۾ ئي مست ٿي ويو آهي. دنيا سندي گهاٽي ۾ ڏڳي وانگر وهي رهيو آهي. روحانيت يعني ايشوري راهہ کان هو بي خبر ٿي رهيو آهي . اهوئي ڪارڻ آهي جو ڪيس ڪو چين نہ ملي رهيو آهي . ڀلا دنيا جي يوڳن مان ٻہ ڪو ڏاڻو آهي ؟ انهن مان ڪنهن آنند پاتو آهي ؟ مهاراجا پرترهريءَ خوب يوڳ يوڳيا ، پر آخر هن کي ٻہ نراس ٿي چوڻو پيو :

**”يوڳا نہ يڪتا ويميو يڪتا ،ترشٽا نہ جيرٽا ،ڪالو نہ ياتو ويميو ياتا “**

”اسان يوڳ ڪين يوڳيا پر يوڳن اسان کي يوڳي ڇڏيو . ترشٽا ٻڍي ڪانہ ٿي پر اسان ٻڍا ٿي وياسين . وقت ڪين گذريو پر وقت اسان کي گذاري ڇڏيو .“

کهڙو نہ عجيب تماشو ! انهيءَ هوندي ٻہ يڳوان کي يلائي دنيوي نديءَ ۾ تڙڳي رهيا آهيون ۽ تچ يوڳن جي سواد ۾ ڦاسي ويا آهيون .ڪنهن اردو شاعر نيڪ چيو آهي :

**خدا کو ڀول گئي لوگ فکرِ روزي مين ،**
**خيالِ رزق هئہ رازق کا کڇ خيال نهين .**

هاءِ روٽي ، هاءِ ڏن ، هاءِ عيش! بس انهيءَ ڀنيان پئجي پريشان ٿي رهيا آهيون . جنهن سچي آنند پراپت ڪرڻ لاءِ هن سنسار ۾ آياسين ، اوڏانهن ڪنهن جو خيال ئي نہ ٿو وڃي .نتيجو اهو ئي آڏو آهي جو سيڪو سور سلي رهيو آهي . ڪو بہ هام ڀري ائين نہ ٿو چئي سگهي تہ مان سکي آهيان ! ڪويءَ جي لفظن ۾ حقيقت اِها آهي :

**” قول چنني آيا ٿا باغ حيات مين ،**
**دامن کو خار راز ۾ الجها کي رهہ گيا .“**

انسان هن حياتي روپي باغ ۾ تہ گل يعني سک گڏ ڪرڻ آيو پر پنهنجيءَ بيوقوفيءَ سبب پنهنجو پلاند ڪندن ۾ اٽڪائي ويهي رهيو يعني هو وشيہ وڪارن ، ڪامنائن ۽ ڀوڳن ۾ ڀاڻ ئي ڦاسائي وينو . سوال ٿو اٿي تہ انهيءَ نديءَ مان جنهن ۾ ٽپي ٽپي تي ترڪي ٿو وڃجي ،تنهن مان ڪيئن پار پئجي ؟ ويد انهيءَ لاءَ اهو ئي طريقو ٻڌايو آهي تہ هڪ ٻئي جو سهارو وٺي اڳتي وڌو . برساتي نديءَ ۾ جيتوڻيڪ پاڻي ٿورو ٿيندو آهي پر وَ هڪ تيز هوندي اٿس ، جا ماڻهو خواهہ جانورن کي وهائي ويندي آهي ، پر ماڻهو هڪ ٻئي کي پڪڙي اها پار ڪري ويندا آهن . سماج ۾ هڪ ٻئي جي سهاري ۽ سهڪار کان سواءِ هلي نہ ٿو سگهجي .اهو ئي سبب آهي جو ويد سهڪار ۽ ايڪتا جو اپديش ڏنو آهي .

سنسارڪتا جي نديءَ ۾ وَهڪ تيز ، پٿر لسا ۽ گسٽڪا ،اُن ۾ ماڻهو سر تي بار ٻہ کڻي هلي تہ اُن جي پار پوڻ جي ڪيئن ٿي اميد رکي سگهجي؟ ويد ۾ صاف چيل آهي تہ جيڪي ڪلياڻڪاري سامان نہ آهن ، انهن جو تياڳ ڪريون . ماڻهن کي ميڙ ميڙ جي اڇي لڳي آهي . ڌن ، مال ميڙڻ جي پنيان ڊوڙ آهي ،جن مان ڪو خاص ڪلياڻ بہ ٿيڻو ڪين آهي پر اسان رڳو ميڙُو مل تي پنهنجي ٻڌڻ جو سامان گڏ ڪري رهيا آهن . نہ ٿا سوچيون تہ اسان هتي دائما رهڻ وارا ڪين آهيون .ڪنهن ڪويءَ نيڪ چيو آهي :

**آگاهہ اپني موت سي ڪوئي بشر نهين ،**
**سامان سو برس ڪا ڪل ڪي خبر نهين .**

ان ڪري هن دنيا ۾ اهو ئي سامان رکو ن جو تمام ضروري هجي . يوڳن جي اڃائن ، خراب سنسڪارن ، اُڌرم جي واسنا ۽ پاپن جي ٻوجهہ اسانکي دٻائي ڇڏيو .انهيءَ ڪري ئي اسان جو پار پوڻ مشڪل ٿي پيو آهي . ساٿيو! اچو تہ اسان پهريائين انهن سيني اَڪلياڻڪاري وستن کي هتي ئي اڇلي ڇڏيون . انهن کي ڇڏي هلڪا ٿيون جيئن ندي پار پوڻ لاءِ آسانيءَ سان پنهنجي پوري شڪتي لڳائي سگهون . جيڪي شيِ ڪلياڻڪاري ٻل ، گيان ۽ يوڳہ آهن سي تہ اسان لاءِ گهڻي انداز ۾ نديءَ جي پرينءَ پر موجود آهن .اهي اسان جو انتظار ڪري رهيا آهن پوءِ اسان بيوقوفيءَ ڪري انهن هاجيڪار وستن کي ڇو ڍوئي رهيا آهيون ؟ انجو ٻوجهو تہ اسان کي ٻوڙڻ جو باعث ٿيندو .ان ڪري جڳائي تہ انهن سيني اَڪلياڻڪاري وستن جو ٻوجهي کان ڇوٽڪارو پائجي. اسان کي هڪ ٻئي جي سهاري جي

ضرورت آهي .اچو سڀئي همت ڪريون ۽ ڪچري جي ڳنڙين ڪي اُڇلي ڇڏيون ۽ هڪ ٻئي جي مدد سان هيءَ ڀينڪر ندي پار ڪريون .

## 17 . حقيقي منش بڻجو

**ارٿ : سنسار جي سوُتر جو وستار ڪندي پرڪاش جي پيروي ڪر. ٻڌيءَ سان ٺايل پرڪاش سان پريل مارگن جي رڪشا ڪر. گيان سان ڪرم ڪرڻ وارن جي ڪرمن ڪي بنا رڪاوٽ وڏاءُ. منن شيل منش ٿيءُ .ديون جي هتيشي _گهٽگهري انسان ڪي پيدا ڪر** (**رگ ويد**)

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ ڀڳوان آگيا ڪري ٿو تہ هي انسان ! سنسار جي سوتر جو وستار ڪندي ، پرڪاش جي پيروي ڪر . منش اهو ئي آهي جيڪو منن سان ڪم ڪري . **سوڪٽ ڪار** منش جو ارٿ ڪندي چوي ٿو تہ ”جيڪي ويچار ڪري ڪرم ڪن ٿا اُهي منش آهن.“ **مهرشي ديانند سرسوتيءَ** منش جي وياڪيا ڪندي چيوآهي تہ ”جيڪو بنا ويچار ڪم نہ ڪري ،اهو منش سڏجي ٿو .“

سرشٽيءَ ۾ انسان کي اشرف المخلوقات يعني سيني پراڻين ۾ مٿي چيو ويو آهي . **منو مهاراجا** چوي ٿو:

”يوتن ۾ پراڻي سريشٺ آهي ۽ پراڻين ۾ ٻڌي جيو يعني ٻڌيءَ سان جيئندڙ ، ٻڌيوانن ۾ منش ۽ منشن ۾ برهمڻ يعني برهم

طرف ويندڙ سريشٽ آهي. برهمڻ ۾ ودوان يعني ست است جا وويڪي، ودوانن ۾ ڪرت ٻڌي يعني ڪاريہ ڪرڻ جو نشچو ڪندڙ، ڪرتويہ جو فيصلو ڪندڙ، ڪرت ٻڌين ۾ ڪرتا يعني ڪرتويہ ڪرم ڪندڙ ۽ ڪرتائن ۾ برهم ويتا _ برهم گياني سريشٽ آهن . "

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ منش پنهنجي گيان ۽ ڪرتويہ پالڻ سان انتي ڪندي برهم گياني ٿي وڃي ٿو ۽ برهم جي آنند کي پراپت ڪري ، اَتل شانتي پراپت ڪري ٿو . **شري ويد وياس** منش جي مهانتا انيو ڪندي ،سار روپ ۾ چيو آهي تہ " منش ڪان سريشٽ ٻيو ڪو ڪونهي ."

اِنسان ۾ لاثاني شڪتيون سمايل آهن ،اهو انهن جو وڪاس ڪري ،اوچو ٿي سگهي ٿو پر انهن جو وڪاس صحيح ڏس ۾ ٿيڻ گهرجي، ٻي حالت ۾ ان جي گراوٽ ٿئي ٿي ۽ هو منش جي درجي ڪان ڪري پوي ٿو . وڏي ڀاڳ سان منش جنم پراپت ٿئي ٿو پر اهو پراپت ڪري بہ جيڪڏهن هيٺ ڪري ٿو تہ ان ڪان وڌيڪ ان لاءِ بدقسمتي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ان ڪري پرڀو هن منتر ۾ انکي خبردار ڪندي دويہ سنديش ڏئي ٿو :

هي منش ! تون حقيقي منش ٿيءُ ۽ دويہ جن (ماڻهن) پيدا ڪري يعني منش جو نرماڻ ڪر .پر اڄ تہ انسان ويد جي هن دويہ سنديش کي ڀلائي ، سنسار جي ٻين انيڪ قسمن جي نرماڻ ۾ لڳل آهن ۽ انهن کي ئي پنهنجيءَ انتيءَ جو پرم لڪش سمجهن ٿا. جيڏانهن ڏسو، تيڏانهن وڏن وڏن ڪارخانن جو نرماڻ ٿي رهيو آهي.

ضرورتن جي **پورتيءَ جي نالي تي ڏينهن رات هيڪاري وڏيڪ ضرورتن کي وڌايو پيو وڃي** .جيون جا ساڌن بلڪل درلڀ ٿيندا پيا وڃن، مگر چاندي سون جي چمڪ دمڪ ڏينهن ٻيڻي رات چوڻي ٿيندي پيئي وڃي ، جيڪا منش کي انڌو بڻائي ، مارگ کان ڀرشٽ ڪري رهي آهي . منش منش جو رڪشڪ نہ ٿي ، ڀڪشڪ بڻجي رهيو آهي . ائٽم بم ۽ هئڊروجن بم جهڙي نرماڻ سان ڪروڙين بي گناھ پراڻين جو ناس ڪيو پيو وڃي . شانتيءَ جي نالي تي اَشانتيءَ جو بول بالا آهي .انسانيت جي نالي تي حيوانيت ڇانئجي رهي آهي. پرجاتنتر جي نالي تي دل بنديءَ جو راڄ آهي .

ڪرتويہ ڀلائي ، ڪوري اڌڪار جي طلب ٿي رهي آهي ، سڪيا جو نڪتہ نظر بدلجي ويو آهي . تپ، تياڳ ۽ سادگيءَ کي ڍونگ سمجهيو وڃي ٿو . ماتا پتا ،گروءَ ۽ وڏن لاءِ آدر جي ڀاونا ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي ۽ بدانتظامي وڌي رهي آهي .اهڙيءَ طرح ويڪتي (شخص) ۽ سماج جي زواليت تيزيءَ سان ٿي رهي آهي.

ڳالھ ٿا ڪن تہ هڪ ڀيري ولي فقير ڏينهن ڏني جو ڏياٽي ڪٽي، بازار ۾ هر دڪان تي وينل ۽ بينل ماڻهن جي منهن ۾ ڏياٽيءَ سان ڇتائي نهاري رهيو هو . ماڻهن پڇيس تہ اهو ڇا ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائين تہ ڏسان ٿو تہ ڪو اِنسان بہ آهي ؟ ماڻهو وائڙا ٿي پڇڻ لڳا تہ هي سڀئي ماڻهو نہ آهن !

ولي جواب ڏنو تہ برابر اهي سڀ صورت ۾ تہ انسان آهن، مگر سيرت ۾ ڪي ورلا انسان آهن . انسان اهو جنهن ۾ انسانيت هجي .

گراوٿ ڪان بچڻ لاءِ اسان ڪي ويد جي سناتن سنديش ڪي من، واڻي ۽ وچن سان اَپنائڻ گهرجي . هن ويد منتر ۾ پنج آگيائون ڏنيون ويون آهن :

(1) سنسار جي سوتر جو وستار ڪندي ، پرڪاش (گيان) جي پيروي ڪريو .
(2) بڌيءَ دوارا سوچي ويچاري بڻايل پرڪاش پريل مارگن جي رڪشا ڪريو .
(3) گيان سان ڪاريہ ڪندڙن جي ڪرمن ڪي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي اڳتي وڌايو .
(4) منن ( ويچار ) ڪندڙ منش ٿيو .
(5) ديون جي هتڪاري اِنسانن ڪي پيدا ڪريو .

سڀ ڪان اول ماڻهو ڪي انسان بڻجڻ لاءِ آگيا ان ڪري ڏني ويئي تہ هو منن ساڻ ڪرتويہ ۽ اڪرتويہ ڪي سمجهي خود ڪرتويہ پالڻ دوارا پنهنجو نرماڻ ڪري ئي ، پنهنجيءَ سنتان جو نرماڻ ڪري سگهي ٿو . جنهن جو پنهنجو جيو ئي نہ نهيو آهي ،اهو ٻئي جو جيو ڪيئن ٿو بڻائي سگهي ؟ چيل بہ آهي تہ جيڪو خود ڪريل آهي، اهو ٻئي ڪي بہ ڪيرائيندو . انهيءَ ڪري ماڻهوءَ ڪي اول پنهنجو نرماڻ ڪرڻ گهرجي .

منتر جي شروعات ۾ چيل آهي تہ سنسار جي سوتر جو وستار ڪندي، پرڪاش جي پيروي ڪر . اهو آهي بہ تہ نيڪ . چاڪاڻ تہ ڪپڙي جي ناهڻ لاءِ ڌاڳن جو تاڃي پٽيو پرڪاش ۾ ئي ڪڍيو ويندو آهي ۽ نہ انڌڪار ۾ . اونڌهہ ۾ تاڃي پيٽو ڪڍڻ سان ڪپڙو نهي نہ ٿو سگهي، جي نهي بہ تہ اهو سندر نہ ٿو ٿئي . اهڙي طرح منش پنهنجي ڪاريہ روپي تندن سان پنهنجي شرير ۽ سنتان روپي سنسار جو نرماڻ ڪري ٿو.ان جي سندر نرماڻ لاءِ گيان روپي پرڪاش جو هئڻ ضروري آهي.

گيانن جي سنگہ ۽ سندن اپديش ذريعي پنهنجي بڌيءَ کي روشن ڪري ، ڪرتويہ ڪرمن کي سجاڻن ڪپي ۽ پوءِ شرڌا سان ان جي پيروي ڪندي، پنهنجي سنسار کي روشن بڻائڻ گهرجي .

رستي تي بنا رڪاوٽ هلي سگهجي ،ان لاءِ انهن تي پرڪاش جو پورو پربڌ ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جي سلامتيءَ جو بہ خاص بندوبست ڪيو ويندو آهي . پرم پتا پرماتما اِنسانن جي جيون مارگن کي روشن ڪرڻ لاءِ ستيہ سناتن ويد گيان ڏنو .

پريم ،شرڌا ۽ شڪتيءَ سان ماتا پتا ۽ آچاريہ کي پرسن ڪندڙ تپسوي ، تياگہ پتر ئي سچا پتر آهن . اهي ئي سماج ۾ پنهنجي گيان، وهنوار ۽ آچار سان سکہ شانتيءَ جو واڌارو ڪن ٿا .

شل اسين سچيءَ معنيٰ ۾ منش بڻجون ۽ ٻين کي بڻائڻ ۾ مددگار ٿيون .

## 18. سنو سوار ٿيءُ

**ارٿ : هي جيو ! تنهنجي انتي ئي ٿئي ،هيٺ گراوٽ ڪڏهن بہ نہ ٿئي ، تنهنجي جيون ڪي ٻل وارو ڪران ٿو .هن امرت سان ڀريل،سڪدائڪ رٿ تي نشچيہ ئي تون چڙهہ .پوءِ ٻڍاپي ۾ بہ گيان جو پرچار ڪندو رهہ.** (**اٿرووير**)

**سمجهاڻي** : هي انسان ! تون هر سرشٽيءَ ۾ ڪومايل ۽ اداس طبيعت جو ٿي ڇو ٿو رهين ؟ تون اٿ . توکي تہ ڏينهون ڏينهن انتي ڪرڻ گهرجي . تون هن سنسار ۾ انهيءَ لاءِ آيو آهين تہ ڏينهون ڏينهن انتي ڪندو رهين . تو ڪي جيون ذريعي آتما جي شڪتين جو پرڪاش ڪرڻ گهرجي .

ايشور اسان جي جيون ۾ ٻل پروان ڪيو آهي .اهو ٻل پراپت ڪري توکي اُنتي ڪندو رهڻ گهرجي . پاڻ ڪي پتت بڻائڻ ڪيتري قدر مناسب آهي ؟ همت نہ هار . تون مليل ٻل ڪي جاڳائيندو ويندين تن تنهنجو جيون هڪ آنند ڏيندڙ ياترا ٿي ويندو. ان ڪري تون ٻلوان ٿي ، هن شرير روپي رٿ تي سوار ٿي ءُ. شرير ڪان پاڻ تي سوار ٿيڻ نہ ڏي. اٿ، تون شرير جو مالڪ آهين .هيءُ رٿ تنهنجو آهي ،ان ڪي پنهنجي وس ۾ رکي هلاءِ تہ پوءِ پتو پوندءِ تہ هي رٿ ڪيئن نہ آسانيءَ ۽ سک سان هلي ٿو . پوءِ تنهنجي شرير جي ڪليش، دکہ ۽ بيماريءَ جو توتي اثر نہ ٿي سگهندو . بلڪہ تنهنجي اثر سان هيءَ

شرير بيماري وغيره کان آجو ٿي نوبنو رهندو . نہ رڳو ايترو پر تون انهيءَ رٿ جو پورو سوار ٿيندين . تنهنجي آتما پراڻ ٻل جي ذريعي انهيءَ رٿ کي امرت بہ بڻائي سگهي ٿي . انهيءَ ڪري تون اٿ . تون هن سڪڪاري امرت رٿ تي چڙهہ ۽ انهيءَ ذريعي لاڳيتي انتي ڪندو هل. انهيءَ رٿ تي چڱي طرح سوار ٿيڻ کان پوءِ تون ڪري نہ سگهندين. پراڻ ٻل وڌندو ئي رهندو. سياويڪ ٻڍاپي اچڻ تي بہ تنهنجي شڪتي گهٽ نہ ٿيڻ ڪپي . لاڳيتو وڌندڙ پراڻ ٻل تي پيريءَ ۾ پوري طرح وڪاس ڪري ٿو .

جيئن پراڻ پندار سوريہ هرهنڌ پنهنجا ڪرڻا ڦهلائي ٿو، تيئن تون پيريءَ ۾ شڪتي هيڻ نہ ٿي ، پنهنجي وشال انڀو ۽ گيان ذريعي ساري انسان ذات لاءِ لاڀ ڏئي . ٻين جي ڀلي ۾ بہ تنهنجو ڀلو آهي .

---

## 19 . زندگيءَ جي راهہ

---

**ارٿ : اتساهت ٿي راهہ جي چڙهائي ڄاڻندي، وري وري اڳتي وڌندو هل. مٿي چڙهڻ ۽ اڪرمڻ (اڳتي وڌڻ) هر هڪ انسان جو مارگ ( مقصد ) آهي. ( اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** : انسان هن دنيا ۾ آيو آهي تہ ڪيس اهو سمجهڻو آهي تہ سندس اچڻ جو مقصد ڇا آهي ؟ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو مقصد مٿي

چڙهڻ ۽ اڳتي وڌڻ آهي . جيو جي هر ڏس ۾ هر طرح جو واڌارو ڪرڻ ئي انساني زندگي جي سڦلتا آهي . چڙهڻ جو ارٿ آهي انتي ڪرڻ ۽ اڪرمڻ جو ارٿ آهي بنا بيهڻ جي ترقيءَ جي راهه تي چڙهي هلندو هلڻ ، بنارڪاوٽ انتي ڪندو رهڻ . ڪيتري به انتي ڪري رهڻ تي وڌيڪ ۽ وڌيڪ انتي ڪرڻ لاءِ سدائين ڪافي ڪيتر ۾ وجهه آهي. انتي جو ساڌنا ۾ خاتمو ڪٿي به ۽ ڪڏهن به ڪونه ٿو ٿئي .انتي جي پهاڙ جي اوچي چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ ساندهه چڙهائي ۽ لاڳيتو حملو ڪندا ئي رهو .

انسان ڪي وگهن ، وروڌ ۽ رنڊڪن ڪان ڪڏهن به شڪست ڪائڻ نه گهرجي . حالتون ڏکيون هجن، ته به ٿورو به نراس نه ٿيڻ گهرجي . محنت ڪان ٽڪجي چڙهڻ ۽ اڪرمڻ ڇڏيو نه . اٽتڪ ڪوشش ڪندا هلو . اوج ۽ انتي ڪان منهن نه موڙيو . آخري دم تائين شاريڪ، آتمڪ ، دماغي ، تعليمي ، مالي ، ڌرمي ، پنگتي ۽ قومي هرطرح جي ترقي ڪندا ،اڳتي هلندا هلو .

نظر سدائين اڳيان رکو . نه ترسو ۽ نه آرام وٺو ، نه ڪي پنٽي هٽو . نوڪرن ۽ چوٽن ڪان گهبرايو نه . هر هڪ ناڪاميءَ سان توهان جي ڪاريه جو طريقو سڌرندو. هر ڪا نوڪر توهانجي خبرداري ۽ سجاڳي وڌائيندي . هر ڪا چوٽ توهان جي سهن شيلتا ۾ اضافو آڻيندي . اهو نه وساريو ته هرڪا ناڪاميابي توهان ڪي ڪاميابيءَ طرف وني وجي رهي آهي . هر ڪا نوڪر توهان جي راهه روشن ڪندي .

ڪرو تہ تپ ڏئي اُٿو ۽ نئين اُمنگ ۽ اُتساھ سان جيون جي راھ جي چڙھائي طرف نظر رکو ۽ وري وري چڙھائي ۽ اڪرمڻ ڪندا هلو . چڙھندا هلو ، وڌندا هلو ، نہ بيهو ۽ نہ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. اهو توهانجو مکيہ مقصد ٿيڻ گهرجي .

Arise , Awake and Stop not till the goal is reached .

”اُٿو جاڳو ۽ بيهو نہ ، جيسين مقصد حاصل نہ ٿيو آهي . “

---

## 20 . سڌارڪ

---

**ارٿ : مها مانوو ! توهان پوتر آچار ڪندڙن جو جيون _ هويون (سامگري ) پوتر آهن .مان شڌ جيون _هوين سان ئي يگيہ جي پوتر تا کي سمرڌ ڪريان ٿو .ستيہ پرتگيہ ڪندڙ پوتر جنما ،پوتر سڌارڪن، ستيہ آچرڻ (هلت ) ذريعي ستيہ کي اسٿاپت ڪيو .**

**( اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي**: ڳالھ ڪجھ ڳوري معلوم ٿيندي پر آهي سچ . اڄ سنسار ۾ هڪ بہ اهڙو سنستان ڪونهي، جنهنکي شڌ ، پوتر سنستان چئي سگهجي. جڏهن خود سنستائون ئي شڌ نہ آهن ، تڏهن انهن ذريعي سنسار جو سڌار، ڪلياڻ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ حقيقت ۾ سنستائون اُهي دڪان آهن، جن کي من چلا جوان ، مها پرش جي نالي سان هلائيندا ۽ پنهنجا سوارٿ سڌ ڪندا آهن . اهو غلط آهي تہ منش جو ڪلياڻ سنستائون ڪنديون آهن. منش جاتي جو سڌار تہ مها مانو ئي

ڪندا آهن. سنستائن ڪڏهن بہ مها مانو تيار نہ ڪيو آهي . مها مانو جي نالي تي سنستائون پيدا ٿيون آهن . ٻڌي جي نالي تي سنستائون ڪڙيون ٿيون، پر سيئي ٻڌ سنستائون هڪ بہ ٻڌ تيار ڪري نہ سگهيون ! شنڪر جي نالي تي مٺ قائم ٿيا پر سيئي شنڪر مٺ هڪ بہ شنڪر ٻڻائي نہ سگهيا ! ديانند جي نالي تي آريہ سنستائون ڪليون پر آريہ سنستائون هڪ بہ ديانند ٻڻائي نہ سگهيون .

مانو جو سڌار سدائين مها مانو ئي ڪندو آيو آهي ۽ مها مانو ئي ڪندو . جڙ سنستائن سان نہ ، چيتن مانو سان ئي سڌار جي آشا ڪريو . شاهوڪار سنستائن جي نہ ، مها شخصيت جي پوڄا ڪريو. نياءَ، ستيہ ۽ ڌرم جي استاپنا سنستائون نہ پر سچا ۽ چرترواڻ سڌارڪ ئي ڪندا آهن . سنستائن اڪثر انسان کي چوسيو آهي ۽ انسانيت کي ٽڪو لاتو آهي .

مهامانو ! توهان پوتر آچار ڪندڙن جو جيون هويون پرم پوتر آهن. سنسار کي سڳنڌت ۽ انسانيت کي خوشبودار ڪرڻ لاءِ پنهنجي جيون هوين جون آهتيون ڏيو . مها پرشو ! ٻڌو پرپو ويد واڻي ۾ چوي ٿو تہ مان شڌ جيون هوين سان ئي يگيہ کي، مانو سماج کي، پوترتا کي اوچو ڪريان ٿو.

اِنسانو ! توهان مهان سڌارڪن جو سواگت ڪريو ، ست پرشن جو پوڄن ڪريو ، چاڪاڻ تہ ستيہ ، پرتگيا ڪندڙ ، پوتر جمنا، پوتر ڪرتا _ سڌارڪ ئي ستيہ اچرڻ ذريعي ستيہ ، نياءِ ۽ ڌرم جي استاپنا ڪن ٿا .

# 21 . پنهنجا پراوا ٿيا

**ارٿ : منهنجا اُهي پراڻ پيارا وويڪ رهت ٿي ويا آهن .مگر ورڻ ڪرڻ جهڙا پرماتما ! تون مون کي پائين ٿو .هي راجن ! ستيه کان استيه کي الڳ ڪندي ، منهنجي راشٽر (جيون ) جي حڪومت ڪر. ( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : هڪ ڳائيندڙ هينيون گيت گنگنائيندو رهندو هو :

**ناو ميري ڪئسي اُتريگي پار ، جيِيا ڪو سوچ پيو ،**
**اپني ٿي سو پئي بواني ، دشمن هوگئي يار ،**
**جيا ڪو سوچ پيو ، ناو ميري ڪئسي اُتريگي پار .**

اهو گيت ڳائيندي هن جي اکين مان لڙڪ لڙي پوندا هئا .خبر ناهي ته هن جي من ۾ ڪهڙي پيڙا هئي . ٿي سگهي ٿو ته سندس ويجهن عزيزن ساڻس وشواس گهات ڪيو هجي . انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته جڏهن پنهنجا پراوا ٿي پوندا آهن تڏهن مسئلو ڏاڍو ڀيانڪ ٿي پوندو آهي .

هن ويد منتر جو جيو _ راشٽر جو مسئلو درپيش آهي. آتما اُتم ساڏنا ۾ اڳتي وڌي ٿي ۽ اها ڏسي ٿي ته پنهنجا به پروا ٿي رهيا آهن . من ،چت ، ٻڌي ،گيان اندريون ۽ ڪرم اندريون جيڪي آتما

ڪي ڏاڍيون پياريون آهن ، اهي ئي اتم ساڌنا ۾ آتما جي راھ ۾ رنڊڪ ٿي رهيون آهن . چت چنچلتا ڪري رهيو آهي . ٻڌي وشين جو ڌيان ڪري ٿي . من وڪار وارو ٿي رهيو آهي . اندريون وشين ڏانهن ڊوڙن ٿيون . سيئي آتما کي پريوءَ ڪان ومڪ ڪري رهيا آهن. پاڻ کي بي وس جاڻي ساڌڪ ڪان پڪار نڪري وجي ٿي . اُف ! جيڪي منهنجا پراڻ پيارا آهن ،اُهي وويڪ رهت ،مورک ۽ پرائي هئڻ جي ڏيکار ڏيئي رهيا آهن .

مايا سندا يوڳ سيئي استيہ (بي جٽا ، ڪڻ ڀنگر ) آهن . برهم ئي ستيہ ۽ سدائين قائم آهي . مگر دنيوي يوڳن جي مرگ ترشنا ۾ آتما ڪوشش ڪندي بہ وري وري ستيہ ڪان هٽي استيہ طرف هلي وجي ٿي . پاڻ کي بلڪل بي وس جاڻي ساڌڪ ورڻ ديو کي پڪارڻ لڳي ٿو تہ هي ورڻ ! هنن اندرين جي موھ ۾ مان توکي ڀلجي وجان ٿو، مگر تون مون کي پانئي رهيو آهين . سدائين چاهي رهيو آهين. تون مونکي ڪڏهن بہ ڀلائين ڪين ٿو .

۽ ساڌڪ وري پراٿنا ڪرڻ لڳي ٿو تہ راجن ! ستيہ کان استيہ کي الڳ ڪري منهنجي جيون _ راشٽر جو سنچالن ڪر . منهنجي جيون راشٽر ۾ بغاوت ٿي رهي آهي . منهن جي سموري پرجا باغي ٿي رهي آهي . جيون _راشٽر بربادي‌ءَ ڏانهن وجي رهيو آهي .هاڻي تہ تون خود هن راشٽر جي سنچال ڪر، تڏهن ان جو سنو انتظام، انوشاسن ايندو . تڏهن ئي منهنجو نيتارو ٿيندو . تون پاڻ هن ٻيڙيءَ جو ملاح ٿيءُ ،نہ تہ هيءَ ٻيڙي ٻڏي ويندي . 28.11.10

# 22. مُئلن جي چنتا نہ ڪر

**ارٿ : مئلن جي چنتا نہ ڪر جيڪي پري وئي وڃن ٿا .انڌڪارن کي ڇڏي مٿي چڙهہ ،پرڪاش کي پراپت ڪر ،اڄ، تنهنجي هٿن کي زور وارو ڪريون ٿا . (اٿرو ويد ) .**

**سمجهاڻي** : زندگي ۽ موت جو چڪر ڏينهن رات هلي رهيو آهي.ٻئي هڪ سڪي جا ٻہ پاسا آهن .سنسار ۾ جيڪڏهن موت نہ هجي تہ جيون ۾ رس ئي نہ رهي .پراڻي دنيا ۾ آيو آهي تہ هڪ ڏينهن ناسونت شرير ڇڏي وري ٻيو جنم وٺندو .آتما تہ اَمر آهي .موت شرير جو ٿئي ٿو نہ آتما جو .جڏهن جيون جو انت موت آهي تہ پوءِ موت تي ماتم ڪرڻ مناسب ڪيئن چئبو ؟ ان ڪري ويد جي هن منتر ۾ چيو ويو آهي تہ مئلن جي چنتا مان ڪو لاڀ ڪونهي .اهي هاڻي اسانجو اپڪار يا برائي ڪري نہ ٿا سگهن ۽ نہ اسان ئي انهن جو ڪجهہ سنواري يا بگاڙي سگهون ٿا .پوءِ انهن جي چنتا ڪرڻمان ڪهڙو سُود ؟

,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,

**؟پنڊت لوڪ گياني انهن مئلن جر جنتا نہ ڪندا آهن** .“

زندگي ڇا آهي ؟ شرير ۽ آتما جو ميل .شرير سان آتما جو سنبنڌ هئڻ تي جيون جو اُهڃاڻ پراڻ بہ شرير ۾ اچي ديرو ڄمائي ٿو .آتما شرير ڇڏي ڏنو يا آتما کان شرير ڇڏايو ويو تہ پراڻ بہ هليو يو .ان جي آتما سان پريت هئي .پريت نہ رهيو تہ اهو رهي ڇا ڪري ؟ ان

ڪان سواءِ اهو ڪري به ڪجهه نه ٿو سگهي .آتما ۽ پراڻ هليو وڃي ته هاڻي شرير! اهو سندر جوڀن وارو شرير ،مٽ ڪن مٽي ٿي رهجي ويو ! جيون ليلا سماپت ٿي ويئي .پيار ڪري ته ڪنهن سان ڪري ؟آتما جي رهندي شرير کي سينگاريون ٿا ،آتما جي وڃڻ تي شرير کي جلايون ٿا .پوءِ ڪوبه ان شرير کي گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار ناهي.

مئلن جو جنتن جيون ڪان دور وٺي وڃي ٿو .جيون پرڪاش آهي .موت انڌار آهي .انهيءَ ڪري ويد جو اپديش آهي ته انڌڪار کي ڇڏي پرڪاش تي سوار ٿيو ويد پرڪاش جو اپديشڪ آهي . ويد جو ارٿ آهي گيان .گيان پرڪاش آهي ۽ اُگيان اَنڌڪار آهي .برهمڻ گرنٿ ۾ آيل آهي ته ”تمسوما جيوتر گميه “ مونکي انڌڪار مان ڪڍي ،پرڪاش ڏانهن وٺي هل .چاڪاڻ ته انڌڪار ته الوُءَ يا انجهڙن کي پسند پوندو آهي .

انڌڪار ۾ اڳتي وڌڻ ناممڪن آهي .لڪير جي فقيري اوندهه آهي .اڳتي وڌڻ لاءِ جوتيءَ جي ضرورت آهي . نقل ڪرڻ يا ٻين جي پونيان هلڻ ته مورڪتا جي نشاني آهي .آتم چيتنا سان اڳتي وڌڻ جوتيءَ جو لڪشڻ آهي .جڙ هئڻ ڪري پرڪوتي انڌڪار آهي .چيتن ۽ گيان ميه هئڻ ڪري آتما جوتي آهي .ابن ڏاڏن جي غلاميءَ جو تياڳ ڪرڻو آهي ۽ دنيوي ڀوڳن ڪان هٽي آتم جوتيءَ تي چڙهڻو آهي .پاڻ تي ڀاڙي آتم جوتيءَ جو سهارو وٺي اڳتي وڌ .

ويد ۾ منش ٻڌڻ لاءِ پهريون ساڌن ”پرڪاش جي پيروي ڪرڻ “ ٻڌايو ويو آهي .ڀلا مئلن جي پيروي ڇا ڪبي ؟جيئرو گرو

ئي مئلن کي سڌاري سگهي ٿو .جيون جوتي آهي ۽ جوتي جيون آهي .جوتي ۽ جيون ڪرڻ لاءِاُدم ڪرڻ گهرجي .السي ته پرڪاش پراپت ڪري به انڌڪار ۾ رهي ٿو ،ان ڪري ويد چوي ٿو ته گتي ڪر ،هر طرف هل .پريم گياني گرو چوي ٿو ته اچ ،اچ ،اسان تنهنجي هٿن کي زور وارو ڪريون ٿا .

جيڪو پرشار ٿي آهي ،ان جا سيئي سهائڪ ٿين ٿا . سنسار جون سيئي شڪتيون سندس ساٿ ڏين ٿيون .ان ڪري تون به پرشار ٿ ڪر .

مرڻ وارا ته مري ويا ،انهن ڏانهن نهارڻ ۾ ڇا ورندو .انهن جي وري ويچا ڪراڻ موت جو شڪار بڻائيدو آهي .جيئرو ماڻهو سون پلاين جو انپو ڪرائيندو آهي ، انهيءَ ڪري ويدڪ رشي وڏي عمر جي پراپتيءَ لاءِ يتن ڪندا هئا . اهي ڪال کي للڪاري سگهندا هئا .انڪري مئلن جي چنتا ڇڏي ، جيئرن جو ڌيان ڪر ،انهن جو سک سهنج جو سامان گڏ ڪر ،انهيءَ ۾ نتيجو پلو آهي .

## 23. انتيءَ جو مارگ

**ارٿ :. اِندر جيتائي ٿو ،هارائي نہ ٿو ،مهاراجا (اندر ) راجائن ۾ جڳمڳائي ٿو .منش ! تون هتي اُدم شيل ساراهہ جوڳو ،ودنان ڪرڻ جو ڳو ،اُپاسنا ڪرڻ جوڳو ۽ نمسڪار ڪرڻ جوڳو بڻج** (**اٿرو ويد** ).

**سمجھاڻي** :. هن ويد منتر ۾ اندر يعني آتما جي وڏائي جاڳائي وئي آهي .اندر ڪڏهن بہ شڪست ڪونہ ٿو ڪائي .اندر جو راجا اندر آهي. جيڪڏهن اسان پاڻ کي اندرين جي حوالي ڪنداسين تہ اهي اسان کي اوڙاهہ ۾ وجي هٽنديون ۽ اسان جيو ۾ سوپارا ٿي نہ سگھنداسين .

دنيا ۾ پاپ،سئنا جو انت ڪونهي ، بيشمار برا ويچار ،بريون ورتيون ،اَڪيچار خراب پاونائون ،جهجهيون گنديون واسنائون اهي سڀ پاپ روپي سئنا جا سپاهي آهن .

اپنشدن ۾ هڪ ڪٿا اچي ٿي : هڪ ڀيري پاپ سموري فوجي شڪتيءَ سان ديون تي حملو ڪيو .ديون سيا ڪئي .گھڻيءَ واد وودا ۽ صلاح بعد غلبہ راءِ فيصلو ڪيائون تہ ٻڌيءَ روپي سئنا پتيءَ جي اڳوانيءَ ۾ پاپ سان لڙائي ڪئي وجي .پر پاپ دليلبازيءَ ،ڪيڏبازيءَ

۽ چترائيءَ سان ٻڌيءَ کي پرشٽ ڪري ڇڏيو ،ان ڪري ديون جي هار ٿي .

ديون وري سيا ڪئي .گھڻي صلاح مصلت بعد نيتر کي سئنا پتي ٻڻايائون ،پاپ روپ ۽ سوپيا سان نيتر کي چٽي پرشت ڪيو .ان ڪري ديون کي وري شڪست آئي .

ديون وري سيا ڪئي ۽ گھڻي بحث بعد ڪن کي سئنا پتي ٻڻايو .پاپ گندن ۽ فاحش لفظن سان چيري ڪن کي پرشٽ ڪيو ،ان ڪري ديون جي سخت هار ٿي .

ديون وري سيا ڪئي ۽ گھڻي ويچار بعد زبان کي سئانا پتي مقرر ڪيائون .پاپ نہ ڪائڻ جھڙن ڪاڌن ۽ پيئڻ جھڙن پيجن، بدفضيلت ۽ ڪوڙ سان چٽي زبان کي پرشٽ ڪيو ۽ ديون شڪست کاڌي .

ديو وري سيا ڪئي .گھڻي غور بعد فيصلو ڪري پراڻ کي سئنا پتي ٻڻايائون .پراڻ تہ بي وشيہ ۽ نراڪار ٿئي ٿو .پاپ ڪنهن بہ نموني پراڻ کي جيتي نہ ٿي سگھيو مگر اندرين جي وشيہ ۾ ڦاسڻ ڪري پراڻ ڪمزور ٿيو ۽ ديون جي وري هار ٿي .

ديون وري سيا ڪئي هن پيري هنن نہ بحث مباحثو ڪيو ۽ نہ ويچار ڪيو .ديو انتر مک ۽ مون تي ڌيان ۾ وينا .سيئي هڪ هڪ جھڙي انتر پريرڻا ٿي ۽ سيني اندر کي سئنا پتي مقرر ڪرڻ لاءِ

چونديو .اندر جي سئنا پتي پٽي هيٺ ديون پاپ ۽ پاپ جي اکيچار فوج کي کن پل ۾ ئي ماري ڀڄايو ۽ ديون سوپ جو سهرو ٻڌو .

اندرين وارو هئڻ کري آتما اندر آهي .جيکي پنهنجي جيون ۾ آتما جي حکومت قائم کن ٿا ، اهي کڏهن ٻ شکست نہ ٿاکائين .جيکي پنهنجي زندگيءَ جي لڙائيءَ ۾ آتما کي سئنا پتي ٻڻائين ٿا ،انهن ۾ کڏهن ٻ هار نہ ٿي ٿئي .اندر آتما جي راڄ ۾ جيون ۾ اها چمک دمک ۽ نور نظر اچي ٿو ،جو انسان راجائن جو راجا ٻڻجي وڃي ٿو .

جنهنجو جيون آتمک جيون ٿئي ٿو ،اهي آدرشي ،شڀ کرم کندڙ ۽ کرم کرڻ ۾ کشل ( چتر) ٿي پون ٿا .سنسار سندن آدرش کرمن جي پيروي کري ٿو ۽ هو ادرٽييہ ٻڻجي وڃن ٿا .

هي انسان ! تون اندر جي اندر پٽي کي سڃاڻ ۽ پنهنجي هار کي ٻ سوپ ۾ بدلائي ڇڏ .تنهنجي جيکڏهن هار ٿي رهي آهي تہ صرف انکري جو تنهنجي جيون روپي سلطنت ۾ اندرين تي اندر جي حکومت کانهي .پنهنجي اندرين کي اندر جي اَڏين کري ،اندر کي اندرين جو مهاراجا ٻڻاءِ .

جتي اندرين جو شاسن ٿيندو ،اتي ڀوڳيہ ولاس ۽ نيچ کرم ئي ٿيندا ۽ نراشا ۽ شکست کان سواءِ کو ٻيو نتيجو کونہ نکرندو .جتي اندرين تي اندر جو شاسن ٿيندو ،اتي سنجم ،سداچار ۽ شڀ کرم ئي ٿيندا ،جنهنکري چوطرف ساراهہ ،سوپ ۽ سلڦا جي پراپتي ٿيندي .

انسان ! تڏهن سمجهہ ۾ پنهنجي اندر ۾ اندر جي حکومت قائم کر .

## 24 . سندر سکيا

**ارٿ : اگني ! تنهنجا ٻل اوچا اُٿن .تنهنجي چمڪ سونهن اوچي اٿي. تو تڪڙو هلندڙ جا زور مٿي اٿن .وڏندو تون اچو چڙهه پر هيٺ جهڪ .سيئي پراٽي ،ڏن اچ تنهنجي ويجهو وهن .( رگ ويد)**

**سمجهاڻي:** هر انسان نر هجي يا ناري ،ڪارو هجي يا گورو ،هن لوڪ يا ٻئي لوڪ ۾ ويد ماتا جو پتر يا پتري آهي .پنهنجي پتر کي ويد ماتا نهايت سندر سکيا ڏيئي رهي آهي .

ٻڌي ٻل ،گيان ٻل ،جَن ٻل ،شرير ٻل ،من ٻل ،پد ٻل ،راج ٻل وغره تنهنجا جيترا ٻه ٻل آهن ،انهن سڀني جي سهاري سان تون خود اوچو اٿ ۽ ٻين کي اوچو اُٿار .ٻلن جو ٻلوان ٿي ،تون پنهنجي ۽ سڀني جي انتي ڪر .

ٻلوان بڻجي تون انسان ۽ انسانيت جي رکشا ڪر .نياءَ ۽ نيم جي رکشا ڪر .سداچار ۽ ڌرم جي رکشا ڪر .تنهنجي طاقتن جو اسعمال گراوٽ لاءِ نہ پر انتيءَ لاءِ ٿئي .

چمڪ ۽ سونهن جي سندرتا سندر ڪرمن ڪرڻ سان آهي سندر ،اهو آهي جيڪو سندر ڪرم ڪري ٿو .سندر بڻجي ،تون.

ڪوجها ڪرم نہ ڪر .تنهنجي سوپيا تو ڪي خواهہ ٻين ڪي اوچو ٻڻائيندڙ هجي .

تنهنجي تڪڙي هلڻي ۽ زور سان تنهنجي پريوار ،سماج، راشٽر ۽ سنسار جو واڌارو ٿئي .تنهنجي جوش سان گڏ هوش بہ هجي ۽ تنهنجي چستيءَ ۽ ڦڙتيءَ ۽ وسو جي ڪلياڻ جي اعليٰ اَٻلا ڪان سمايل هجي .

جيئن جيئن تون چڙهندو ۽ وڌندو هلين ،تيئن تيئن تون نمي هلين .تنهنجي سچي وڏائي انهيءَ نمرتا ۾ آهي .ميوي دار وڻ جهڪيل رهندو آهي .مهان شخص نهنائي ٿيندا آهن .نمرتا مهانتا جو ڳهڻو آهي .مهانتا ايمان ڪان آجي رهندي آهي .

تنهنجو جيون انهيءَ سڪيا پٽاندڙ هوندو تہ ڏينهون ڏينهن سموري مانو سماج توڪي پائيندي ۽ تنهنجي پرڪرما ڪندي .تون سيني جو ٿيندين ۽ سيئي تنهنجا ٿيندا ،جتي جن ،اتي ڏن .سڀ ماڻهو تنهنجاآهن ۽ سڀ ڏن تنهنجا آهن .ويد جي هيءَ سڪيا هندايون تہ ان ۾ اسان جو ڀلو آهي .

# 25. شيوا ڪريو _ آنند پايو

**ارٿ : روانا ٿيو ،اتي پهچو ،تمام تيز هلندڙ سوارين سان سنگهڙائيءَ سان جنڪي ڪجهہ ڪونهي ،اسهاءِ آهن ،انهن لاءِ توهانجون شيوائون آهن ؟ اتي خوب آنندت (خوش) رهو ،چڱي طرح آنند پراپت ڪريو.**
**(رگ ويد)**

**سمجهاڻي** :. هن منتر ۾ "ڪٺويش" لفظ آيو آهي .ڪٺو ڌاتوءَ جو ارٿ آهي ڪنجهڻ ۽ سڏڪا پرڻ ،ڪٺوان يعني ڪنجهندڙ ۽ سڏڪا ڀريندڙ، دکي ،پيڙت ۽ اپاو وارو .

ڇا ڪٺون جي توهان شيوا ڪئي آهي ؟ دنيا ۾ ڪيترا نہ دکي ۽ سڏڪا ڀريندڙ انسان آهن ،جي ڪنجهي رهيا آهن ۽ دکن سبب زار زار روئي رهيا آهن .ڇا ڪين تندرست ۽ سکي بڻائڻ لاءِ توهان جون شيوائون انهن تائين پهچي رهيون آهن ،ڇا توهان انهن جي خدمت ڪري رهيا آهيو؟جيڪڏهن جواب "هائو " ۾ آهي تہ چئبو تہ توهان ڌرماتما آهيو ،آريہ آهيو ،ويدڪي مجيندڙ آهيو ،سڀ ڪجهہ اهيو .جيڪڏهن جواب " نہ " ۾ آهي تہ توهان پاپي ،اَڻ آريہ ،دئت، راڪشس آهيو .

تڏهن روانا ٿيو ،اڳتي وڌو ۽ نهايت تيزيءَ سان اتي پهچو ،جتي جتي ستايل ،دين دکي انسان پرچار بيمارين سبب ڪنجهي ڪرڪي رهي آهي ۽ دکن سبب سڏڪا ڀري رهي آهي .وڃو، وڃي کين تندرست ،تعليم يافته ،سکي ۽ پرسن ڪريو .

ويد جا پوئلڳو ! جلد ڪريو ،تيز سوارين سان ،جيٽ ومانن سان، ٽرينن سان ،ڪارين سان ،بسن سان ڊوڙي وڃو ،دير نه ڪريو. هڪ گهڙي جي دير نقصانڪار ۽ ستم ڪندڙ ٿي سگهي ٿي .ويد مشنريون ! توهان جي شيوا جا صحيح استان اهي ئي آهن ،جتي ستايل انسان دکھ سان ڪنجهي رهيا آهن ،جتي انهن جو ڏينهن سڏڪن سان ۽ رات اُباهين ۾ گزري رهي آهي ،جتي اڻ هوند جي ڏکن سان هاها ڪار متل آهي .توهان جي خدمت جا ڪيتر اهي آهن جتي اتي ،لٽي ۽ اجهي سڀ جي ڪمي آهي ۽ دکي انسان ٻاڪاري رهيا آهي .توهان جي خدمت جا بيشمار ڪيتر ڪٽون (دکين ) ۾ ئي آهن .

هن ويد منري ۾ سيوا جي اهميت ٻڌائي وئي آهي .رڳو ٻوڪن ڪرڻ ۾ شيوا ڪانهي ،شيوا واٽيءَ جي ٻه ٽئي ٿي پر اها معمولي آهي .سچي شيوااها آهي ته عملي طرح دکين جي خدمت ڪجي .اهو ئي سبب آهي جو رشي ديانند چيو ته سنسار جو اپڪار ڪرڻ ريه سماج جو مکيه اُديش آهي يعني شاريرڪ ،آتمڪ ۽ سماجڪ انتي ڪرڻ .

ٻين مها پرشن بہ شيوا تي نهايت زور ڏنو آهي .شيوا سان ئي انن د ملي ٿو .اهو بہ هن منتر ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سنيءَ شيوا ۾ اُتم آنند سمايل آهي .جڏهن دکي جيو سکي ٿي ،توهان کي آسيس کندا ،تڏهن جيکو آنند توهان کي ملندو ،اهو ئي سچو آنند ٿيندو ،اهو ئي سچو برهمانند ٿيندو .آنندرڳو اوم اوم چوڻ يا پوڄا ڪرڻ سان ڪونہ ٿو ملي ،اهو گهرجائن ۽ مسڪينن جي ڳوڙهن اگهڻ ،همدردي ڪرڻ ۽ شيوا ۾ سمايل آهي .جيڪڏهن توهان سکي ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ٻين کي سکي ڪري شيوا ڪريو ،پر نمرتا سان ۽ سچي دل سان ،۽ نہ ڏيکہ لاءِ .ويدڪ سکيا جو سار تہ اهو ئي آهي تہ پهريائين پيار ڪريو .پوءِ شيوا ڪريو ۽ ان بعد اپديش ڪريو. انگريزيءَ ۾ بہ ساڳئيءَ طرح چيل آهي :.

First love , then serve, then teach.

---

## 26. **آشيرواد**

---

**ارٿ** : ( **منهنجي جيوني** ! )**سنو هٿ ،سني آڱر ۽ سني ٻانهن تيجسوي سوتا شڪتيءَ سان توکي اوچو ڪري .پيڙا رهت رهندي تون پرٿويءَ تي آشائن دشائن** (**طرفن** ) **کي پري ڇڏ** .(**يجر ويد** )

**سمجهاڻي** : ديا ڪرپا ۽ آشيرواد انهن ٽن پوتر چيزن جو تمام بد استعمال ٿي رهيو آهي .انسان اڪثر ٻين تي ديا ڪرپا ڪندا آهن ۽ ٻين کي ئي آشيرواد ڏيندا آهن پر نہ پنهنجو پاڻ تي ڪو ديا،ڪرپا ڪندو آهي ۽ نہ پنهنجو پاڻ تي آشيرواد ڪندو آهي .ماڻهو کي کپي تہ ٻين تي ديا ڪرڻ کان اڳ هو پنهنجو پاڻ تي ديا ،ڪرپا ڪري ،ٻين کي آشيرواد ڏيڻ کان اڳ هو پنهنجو پاڻ کي آشيرواد ڏئي .ماڻهو کي گهرجي تہ پرڀوءَ کان ديا ڪرڻ جي طلب ڪرڻ کان اڳ خود پاڻ تي ديا، ڪرپا ڪري ۽ ان بعد پرڀوءَ کان يا ٻئي ڪنهن کان ديا ڪرپا جي طلب ڪري .اهڙي طرح انسان پرڀوءَ يا ٻئي ڪنهن کان آشيرواد گهرڻ کان اڳ پنهنجي آشيرواد سان پاڻ کي فيض ياب ڪري .

هڪ تماڪ واپرائيندڙ جڏهن تماڪ واپرائيندو هو ،تڏهن کيس ڏاڍي زور سان گهنگهہ ٿيندي هئي .هڪ واري تيز گهنگهہ ٿيڻ تي هن پراٿنا ڪئي ،پرڀو ! ديا ڪر ،پنهنجي ڪرپا ڪر ،مونکي گهنگهہ جي بيماري کان ڇڏاءِ .

پرڀو اندر مان آواز ڏنس تہ "پهريان تون خود پنهنجو پاڻ تي ديا ميا ڪر ۽ تماڪ واپرائڻ جو بيماري پرڀو حرص تياگ ."هڪ جواري پراٿنا ڪئي تہ " پرڀو ! آشيرواد ڏئي تہ مان خوشحال ٿي پوان ." انکي آواز آيو تہ "تون اول پنهنجو پاڻ کي آشيرواد ڏي ۽ تون جوئاجي سروپ کان پاڻ کي آجو ڪر ."

ديا ،ڪرپاءِ آشيرواد جي راز کي سمجهندڙ اُتم ساڌڪ هن منتر ذريعي پاڻ تي ديا ڪرپا ڪندي ،پنهنجي جيونيءَ کي هتي آشيرواد ڏئي رهيو آهي ."منهنجي جيوني !ديو سوتا توکي اوچو ڪري ! ويچار سان، آچار سان ، پاونا سان ،وهنوار سان ،ڌرم سان، ڪرم سان ،چوتر سان ،سداچار سان ،شڪتيءَ سان ،يڳتيءَ سان،يوڳيہ سان ،اُدم سان تون بلڪل اوچي ٿيءُ ،تنهنجو سدائين اُٿان (اُنتي ) ٿيندو رهي .ڪڏهن بہ تنهنجي ڪنهن بہ طرح گراوٽ نہ ٿئي .ڪماليت ڏانهن وڌندڙ جيون ئي ڏنيہ جيون آهي ."

هٿ سان ئي سڀ ڪم ڪيا ويندا آهن .هٿ سان ئي ڪمايو ويندو آهي ۽ دان ڏنو ويندو آهي .هٿ بهبنا آڱرين بيڪار ٿيندو آهي .آڱريو جي سهڪار سان ئي سيئي ڪم پرشارث ڪيا وجن ٿا .هٿ ۽ آڱريون ئي ٻانهن کي ڪارائتو ڪن ٿا .

هن منتر ۾ هٿ ،آڱر ،ٻانهن انهن ٽن اندرين جو اُهجاڻ ماتر نالو ڪنيو ويو آهي .مطلب اهو آهي تہ جيونيءَ جون سموريون اندريون سنيون ٿين ،مستڪ سنو ٿئي ،ويچار سنا هجن ،نيتر سنا هجن ،درشتي سني هجي .مکہ سنو ٿئي ،وچن سنا وچن ٿين ،زبان سني ٿئي .ڪاڌو سنو ٿئي ،پيٽ سنو ٿئي .هردو سنو هردو ٿئي، پاونائون سنيون ٿين .پيرپ سنا ٿين ،چال سني ٿئي .سيئي اندريون سنيون اندريون بڻجن ،ان جو وهنوار سنو بڻجي .
جتي جيوني انتيءَ ڏانهن وڌندڙ ٿئي ٿي ۽ مڙيئي اندريون سنيون آهن ،اتي نہ ناس ٿيندڙ شڪتيءَ جو پندار پريو ئي رهي ٿو .تڏهن بہ اُتم ساڌڪ جو سارو وهنوار اهڙو رهڻ گهرجي ،جو ان جي جيوني

آخرين دم تائين ٻلوان ۽ يوگيہ بڻي رهي .نيمائتو جيون ،نيڪ اَهار وهنوار ،شانت سڀاءُ ،خوش مزاج هلت ،ورزش،پراڻايام ،منالش ،يوگہ اڀياس ،تپ .اُدم سنجم ،وغيره اهي ساڌن آهن ،جنهن جي سهاري سان يوگي سدائين شڪتيءَ سان ڀرپور رهن ٿا .

آشا سان ئي منش دشائن (طرفن )ڏانهن نهاري ٿو .جنهن ڀرف ڪان آشا جي پورتيءَ جو امڪان رهي ٿو ،انهيءَ طرف ڏانهن هو پنهنجي درشٽي ڦهلائي ٿو .پرٿويءَ تي هرطرف سڀني ڏسائن ۾ سڀني جون آشائون پوريون ڪندڙ جيوني ئي ڏنيہ جيوني آهي .ترقي اندرين جو سنو هئڻ ۽ شڪتيءَ جو فائدو ئي ڪهڙو ،جيڪڏهن انهن سان ڀرپور جيوني سڀني ڏسائن ۾ سڀني جون آشائون پوريون نہ ڪري .

هي منهنجي جيوني ! جيڪڏهن سنسار توڪان آشائون ڪري تو تہ تون ڏکي نہ ٿيءُ .ڏکہ رهت ٿي ،تون سڀني جون آشائون پوريون ڪر .جيڪڏهن سنسار سوار ٿي آهي تہ تون بي آرام نہ بڻج .شانت ۽ اڏول رهندي ،تون سڀني جي سوارٿن جي پورتي ڪر .هرطرف آشائن جي پورتي ڪندي ،تون سدائين پرسن رهہ .آنند انهيءَ ۾ آهي .ماءُ پيءُ ،ڀاءُ ڀيڻ ،ڪٽنب پريوار ،سماج ۽ قوم ،ديش وديش جون آشائون پوريون ڪر .اها ئي تنهنجي سچي مهما آهي .اهو ئي ڪلياڻ مارگہ آهي .منهنجي جيوني !شريہ ۽ پريہ جي اها ئي راهہ آهي .

## 27. آتم پوڌ

**ارٿ : توں دوش جو دور ڪندڙ آهين ،شستر جو شستر آهين، وجر جو موجر آهين .سر ڪي لنگهہ .تمام سريشٽ ڪي پراپت ڪر.
(اٿرو ويد)**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ خبردار ڪيو ويو آهي تہ پنهنجي سروپ ڪي سڃاڻ توں ديهہ ناهين ،توں شرير ناهين پر شرير ڪي ڌارڻ ڪندڙ آهين .توں مرڻ وارو نہ بلڪ امر آهين .توں اَشڌ نہ بلڪ شڌ آهين .توں ديهہ جو داس نہ پر ڌاري آهين .توں اندرين جو مجموعو نہ پر اندرين جو سوامي آهين .توں نرڪ پتر نہ پر امرت پتا جو امرت پتر آهين .

پنهنجي سروپ ڪي سڃاڻي،پنهنجي اڌڪار ۽ شڪتيءَ ڪي سڃاڻ .توں ديهہ جو اڌشناتا آهين ،شرير جو هلائيندڙ آهين ،جيون پريءَ جو نواس ڪندڙ پرش آهين .توں نردوش آهين .تنهنجو نواس استان ،هيءُ ديهہ پري بہ شڌ ،پوتر ،پاپ ڪان پري ۽ بي عيب ٿيڻ گهرجي .

سروپ ۽ پنهنجي شڪتيءَ ڪي سڃاڻ .توں شڪتي رهت نہ پر شڪتيوان آهين .ديهہ پريءَ ۾ گهڙي آيل درشن ڪي هٽائڻ جي تو ۾ طاقت آهي .توں درشن ڪي دور ڪندڙ آهين .سيئي وڪارن

واسنائن،وشين ،پاپن ،برن ويچارن ۽ پاپ ورتين کي پنهنجي جيون روپي قلعي مان ڪڍي ٻاهر ڪر .

دوش کي دور ڪري تون اڳتي وڌ .تون شسترو (هٿيارن) جو شستر ۽ وجرن (تيز ڌارن ) جو وجر آهين .بيمارين سيبارين کي چيريندو ،وگهنن ۽ رنڊڪن کي چور چور ڪندو اڳتي وڌ .سم کي لنگهي تمام سريشٺ کي حاصل ڪري ،انهن جي سمانتا وارو ٿيءُ. ان بعد وڏيڪ سريشٺ کي پراپت ڪري ،انهن جي به برابر بڻج.اهڙي طرح تون سريشٺ مان تمام سريشٺ بڻج.پريه (دنيوي سک )کي پار ڪري ،شريه (آتمڪ آنند ) پراپت ڪر .نه رڳو ايترو پر تون پريه ۽ شريه کان به اوچو چڙهي انهن پرم ڌام ۾ پرويش ڪر ،جنهن ڪري تو لاءِ ٻيو ڪجھ مهان ۽ پري نه رهي .

اي جيو ! اڪيون ڪول ۽ هن ويد منتر مان پريرڻا حاصل ڪري ،اڳتي ۽ اڳتي وڌندو هل پر مقصد کي پراپت ڪري ،پنهنجو جيون سڦل ڪر .

# 28. پاڻ کي پاڻ ناهيو

**ارٿ : هي گيان ڪريا شڪتيءَ سان ڀريل جيو !خود پنهنجي شرير کي شڪتيوان بڻاءِ .خود يگيہ کي ۽ خود ئي پريم سان اُنجو سيون (استعمال )ڪر .تنهنجي مهما ٻئي ڪان پراپت ڪرائي نہ ٿي سگهجي.( يجرويد )**

**سمجهاڻي** :. هن منتر ۾ ڀريو آگيا ڏئي ٿو تہ هي منش ! تون گيان، ڪريا ۽ شڪتيءَ سان ڀريل آهين .تون پاڻ پنهنجي شرير جي پوريءَ طرح نرماڻ ڪر ۽ خود ديو پوڄا ،سنگتي ڪرڻ ،دان وغيره شڀ ڪرمن جر پيروي ڪر .خود پريم سان انهن جي ڦلن جو سيون (استعمال )ڪر .توکي پنهنجي مهما ٻئي ڪان پراپت ٿي نہ ٿي سگهي.

انسان جي جوڻ ڀوڳہ ۽ ڪرم جي جوڻ آهي ،هو پنهنجي ڪرمن موجب انيڪ قسمن جي ڀوڳن کي پراپت ڪري ٿو .پسن پکين وغيره ساهوارين جي پيٽ ۾ ماڻهو ۾ ئي گيان جي خوبي آهي ۽ هو گيان سان پنهنجي فرض کي سمجهي ،اُنهن کي نڀائيندي اُنتي جي چوٽيءَ تي پهچي سگهي ٿو .جيڪڏهن ماڻهو انتيءَ جا سپنا ئي ڏسندو رهي ۽ ان لاءِ ڪنهن قسم جو جتن نہ ڪري تہ اهو اُنتي نہ ڪري سگهندو .اهو نمونو تہ آهي ”بن ڪمائيءَ نانڪا ،مونکي ساڏن جهڙو ڪر .“منش جي ڪماليت ۽ زواليت سندس ڪرڻيءَ تي مدار رکي ٿي .انسان ڪرڻ ۾ آزاد آهي ،پر ڀوڳہ ڀوڳڻ ۾ پراڏين آهي .اِن

ڪري پنهنجي ڪرمن ڪي اُتم بڻائڻ گهرجي .بنا اُتم ڪرمن جي اُتم يوڳ پراپت نہ ٿا ٿين .هو جهڙو ڪندو ۽تهڙو ڀوڳيندو .

گيتا ۾ اهو ئي امر اپديش آهي :

شپ خواهہ اَشپ ڪيل ڪرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوندو. گيتا ۾ ائين بہ چيل آهي :

ڪرم ۾ ئي تنهنجو اڌڪار آهي ڦل ۾ ڪڏهن بہ نہ .هن ويد منتر ۾ چيو ويو آهي تہ منش پنهنجي مهما ڪي پنهنجي ذريعي ئي پراپت ڪري سگهي ٿو ۽ نہ ٻئي ڪنهن دوارا .

گروءَ تي ڀاڙڻ بہ غلطي آهي .گرو بہ راهہ ڏيکاريندو .پنڌ تہ پاڻ کي ئي ڪرڻو پوندو ۽تڏهن پنهنجي منزل تي پهچي سگهبو .

انسان لاءِ اهو ضروري آهي تہ پنهنجي شرير کي تندرست ۽ مضبوط رکي .شرير نيڪ هوندو ۽تڏهن ئي انسان ڪرم ڪري سگهندو .”شرير ڌرم جو مکيہ ساڌن آهي .“چوڻ بلڪل نيڪ آهي. شرير کي تندرست ۽ ٻلوان بڻائي ۽ ساڌن پاڻ گڏڪري يگيہ وغيره سريشٽ ڪرمن جي پيروي شرڌا ۽ پريم سان ڪرڻ گهرجي .پاڻ کي ڪڏهن بہ تيڄ سمجهڻ نج گهرجي .منش ۾ وڏي شڪتي سمايل آهي. ڪيس پنهنجي فرضن جو ڪڏهن بہ تياگ نہ ڪرڻ ڪپي .بلڪل ائين هو پنهنجو جيون مارگ روشن ڪندو هلي .ويد جي آگياآهي :

”ڪرمن ڪندي ئي سو ورهن تائين جيئڻ جي اڇا ڪر .“رشين سنديش ڏنو آهي تہ .....هلندو هل ،هلندو هل .پرشار تي ٽيڻ ئي پرش جو ڌرم آهي .گيتا ۾ چيل آهي تہ ”پنهنجي پرشارٿ سان ئي پنهنجو اڌار ڪر ،پنهنجو پاڻ کي دکي نہ ڪر .“

”اي انسان !ڪرم پنهنجي ساڄي هٿ ۾ رک تہ جئہ کاٻي هٿ سان اَوس ئي پائيندين .“ويد جي انهيءَ اتساھ وڌائيندڙ وچنن کي هندائي پنهنجي اُنتيءَ جي ڪاريہ ۾ لڳي وڃڻ کپي .انسان جي قسمت ۾ رچنا سندس پنهنجي ڪرمن سان ئي ٿئي ٿي .”جيڪي هوندو ڀاڳ ۾ ،سو وهي پوندو ڀاڳ ۾ .“اهو چوڻ تہ ڪاهلن ۽ ڪمزورن جو آهي .ويد جو اهو چتاءُ هرگز نہ وسار تہ ”تنهنجي مهما ٻئي ڪان پراپت ڪرائي نہ ٿي سگهجي .“

---

## 29. **پرتاپي ڪير؟**

---

**ارٿ : جنهن ڪيو نہ (پر جيڪو )ڪرڻ ۾ سمرٿ هو يا ڪري سگهيو ٿي ،پدر (ڪلياڻ يا ڀلو )ڪيو ،اهو پرتاپي آهي .(اترو ويد )**

**سمجهاڻي** :. هن ويد منتر ۾ پتت (ڪريل ) ۽ پرتاپيءَ جو ڀيد ٻڌايو ويو آهي .ڪريل اهو آهي جو ڪري سگهيو ٿي .پر جنهن ڪيو ڪين، اهڙي اپوتر ماڻهوءَ گويا پنهنجا پير ۾آڱريون کپي ڇڏيون.

”پير آڱريون ڪپڻ “اهو هڪ ويہ مهاورو( اصطلاح ) آهي، جنهنجو مطلب آهي پنهنجي اندرين جي ڪم ڪرڻ جي شڪتي ناس ڪري ، پنهنجو جيون گنوائڻ يا ڪم نصيبي گڏ ڪرڻ .

سچ پچ اهو پتت پرشٺ آهي ،جيڪو پاڻ ۽ ٻين لاءِ انيڪ سنن ڪمن ڪرڻ جي لائٽي رکي ٿو پر ڪري نہ ٿو .جيڪو پدر (سنو) ڪري سگهيو ٿي پر جنهن نہ ڪيو ،انهيءَ جٽڪ پنهنجي هٿين خوش نصيبيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو .اهو ڪهڙو نہ بدنصيب آهي جيڪو پنهنجي ڪلياڻ ڪري سگهيو ٿي پر ڪيائين ڪين .ڏنيہ آهي اهو ۽ خوشنصيب بہ ،جيڪو قدم قدم تي ڪلياڻ پلو ڪري ٿو .
ماڻهو پير سان هلي ٿو ۽ هٿن سان ڪم ڪري ٿو . هٿن جي سموري ڪم ڪرڻ جي شڪتي هٿن جي آڱرين ۾ آهي .جيڪڏهن هٿن جون آڱريون ڪپجي وڃن تہ ماڻهو ڪجهہ نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن هن جا پير ڪپجي وڃن تہ اهو هلي چلي نہ ٿو سحي .منتر ۾ پاد جو مطلب صاف صاف پيرن سان آهي ۽ آڱر جو مططلب هٿ جي اڱرين سان آهي .

اَڏ يا پڪن جو ڪاريہ صرف ڪتاب پڙهائڻ جو نہ آهي.وديارٿين جو جيون نرماڻ ڪرڻ بہ آهي .هو چاهين تہ پنهنجو جيون آدرشن بڻائي ،ودرياٿين جو جيون ٺاهي سگهن ٿا .پر جيڪي ائين نہ ٿا ڪن ،اهي پرشٺ ۽ ڪم نصيب آهن .اهڙي طرح اُپديشڪ ،سرڪاري ڪرمچاري ،ماءُ پيءُ ۽ هر هڪ شخص لوڪ ،پلائي ۽ جن سڏار جا انيڪ ڪم ڪري سگهن ٿا .رات جو سمهڻ ڪان اڳ پاڻ ڪان

حساب پڇو ،اُتم نريکشڻ ڪريو تہ اهڙو ڪو چڱو ڪم هو ،جو توهان ڪري سگهيا ٿي ،پر توهان نہ ڪيو .ياد رکو تہ توهان غريب آهيو يا شاهوڪار ،وداوان آهيو يا اودوان ،طاقتور آهيو يا ڪمزور، ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ انيڪ اهڙا سٺا ڪم آهن ،جيڪي توهان ڪري سگهو ٿا تہ پوءِ اهي توهان ڇو ڪين ڪريو ؟

ڪنهن گمراهہ کي توهان رستو ڏيکاري سگهيا ٿي ،پر بہ قدم وڌي آڱر سان اشارو ڪري ان کي توهان راهہ ڏيکاري ،ڪنهن اسهاءِ کي سهائتا ڪري سگهيا ٿي پر اوهان نہ ڪئي ،ڪنهن دکي جو دکہ دور ڪري سگهيا ٿي پر توهان دور نہ ڪيو ، ڪنهن بي صبر کي ڌيرج ڏياري سگهيا ٿي پر اوهان نہ ڏنو ،ڪنهن سدي ڪم ۾ دان ڏئي سگهيا ٿي پر توهان ڪونہ ڏنو تہ چئبو تہ توهان پنهنجا هٿ پير ڪپي ڇڏيا.

هن منتر ۾ ”تپن “ لفظ آيو آهي جنهن جي معني آهي سوريہ .جيڪو پنهنجي تيج سان تپي ٿو .تپن پرتاپيءَ کي بہ چئبو آهي .

پرتاپي ڇاکي چئبو آهي ؟ اهو جنهن پنهنجي لاءِ ۽ اسان لاءِ پدر ڪيو هجي .پرتاپي اهو ڪونہ آهي جنهن وٽ جنهنجي دولت آهي يا جنهن وٽ گهڻي زمين يا گهڻيو جايون جڳهيون آهن .اهو بہ پرتاپي نہ آهي ،جنهن وٽ نوڪر چاڪر آهن يا وڏي پد تي آهي .پر نر هجي چاهي ناري ،غريب هجي يا ساهوڪار جيڪو اسان لاءِ بہ ،پاڻ لاءِ بہ ،پنهنجو بہ ،ٻين جو بہ ،ڀلوڪري ٿو ،ڪلياڻ ڪري ٿو سکہ ڏئي ٿو . اهو ڀڳوان آهي جڳت ۾ ڀائي ،سو پر جو ڪيو ڀلو نيڪي ڀلائي.

پنهنجي ۽ ٻئي جي ڀلي ڪرڻ ۾ شڪتي آهي .تن ،من ۽ ڌن سا ن مطلب تہ ڪنهن بہ نموني پنهنجو ۽ ٻين جو ڀلو ضرور ڪريو ۽ پنهنجو جيو سڦل ڪريون .اهو خوش نصيب آهي جو هر حالت ۾ شويا ۽ سڌار ڪري ٿو .سچ چيل آهي :.

جيئڻ ڀلو آهي ان جو ،جيڪو جيئي ٿو ٻين لاءِ ،
مرڻ ڀلو آهي ان جو جيڪو جيئي ٿو پاڻ لاءِ .

ان ڪري هن ويد منتر ۾ جيو سڦل ڪرڻ جي راھ ٻڌائي وئي آهي .اچو تہ انهيءَ راھ ۾ پنڌ ڪريون .پاڻ سڪي ٿيون ۽ ٻين کي سکي بڻايون .

---

## 30. زندگيءَ جو ڍنگ

---

**ارٿ : آتما غير جسماني ۽ امر آهي ۽ هي شرير ڀسم ٿيڻ وارو آهي، ڀسم ۾ ملڻ وارو آهي ،ناسونت آهي .ڪرتو ،(آتما ) ! تون اوم سمر. ڪلبي ( نپنسڪتا ) کان مڪت رهڻ لاءِ سمرڻ رکہ .ڪرتم سمر يعني مقصد کي سمرڻ رکہ .(يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : وايوءَ جو ارٿ آهي گتي شيل .گتي شيل هئڻ ڪري پون کي وايو چوندا آهن .آتما ۾ گتي شيل آهي ،ان ڪري ان کي بہ وايو چئبو آهي .هن منتر ۾ وايو لفظ آتما لاءِ ڪم آيو آهي .

آتما غير جسماني آهي .شرير ( پوتڪ ) جسماني آهي ،ان ڪري اهو مرندڙ آهي .

آتما ۽ شرير جي ميل جو نالو ئي جيون آهي .جيون ۾ آتما اجر ،امر ۽ ابناسي آهي پر شرير ڀسم ٿيندڙ ۽ ناسونت آهي .

ڀسم سي پيدا هئا توُ ڀسم ۾ مل جائيگا ،
ڪداپ ائسا ڪها گيا تا نهين امر آتما ڪي لئي .

آتما جي امر هئڻ جي سدائين يادگيري رکڻ لاءِ آتما سدائين نرڀيہ ،نرمل ،نروڪار ،جيون مڪت بڻيو رهي ٿو ۽ ڪڏهن بہ ڪلئبيہ ڪي يعني نپنسڪتا ڪي پراپت نہ ٿئي ،سدائين بهادري،ويريہ،پراڪرم ۽ ڪرم سان ڀرپور رهي ٿو .

آتما جي امر هئڻ ۽ شرير جي يادگيري ڏياريندي ،هن ويد منتر ۾ اوم جي سمرڻ ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي ،منتر ۾ جيو ڪي ڪرتو نالي سان پڪاريو ويو آهي .ڪرتو چئجي ٿو سدائين ڪرم ڪندڙ ڪي .ڪرتو انهيءَ منش ڪي چئجي ٿو ،جيڪو سدائين تمام مشغول رهي ٿو ، جنهن ڪي ايترو تہ ڪم آهي ،جو مرڻ جي بہ فرصت نہ اٿس .هن ۾ چيل آهي تہ ڪم ڪر پر ساڻ گڏ سدائين اهو بہ ياد رهي تہ هن جڳت ۾ جيڪي ڪجھ آهي ،انهيءَ سڀ ۾ جڳت پتي ايش ،جنهنجو نج نالو اوم آهي ،سو رمي رهيو آهي .هيءُ سڀ ايشور جو ڪارخانو آهي ۽ هتي جيڪي ڪجھ ڪم آهي ،اهو سمورو ايشور جو ئي آهي .انهيءَ ڪري ڪرتو (آتما )! ڪرم ڪر

مهما جي سمرڻ ۾ گرڀاٽيءَ. سمر اوم ۽ کندي ارام. سمر اوم،
ڏيکاريل آهي ”سمر سمر سڪ پاوھ .“

آتما امر آهي شرير ناسونت آهي .اوم سيني جو ايشور آهي.
انجو سمرن ڇا لاءِ کيو وڃي ؟کلبي ( کان مکت رهڻ ) لاءِ سمرڻ
رکہ .کلبي ڇئجي ٿو نپنسکتا ،گيدپائي کانئرتا ۽ ديتنا کي .اوم
کي وسارڻ لاءِ ماڻهو کلئبيہ (کانئرتا )کي پراپت ٿيندو رهي ٿو ۽
کانئرتا موت ،وير تا جيون آهي .ويرتا نہ هئڻ کري انسان شوڪ ۽
موھ جو شکار ٿي شڪست ۽ ناکامي حاصل کري ٿو .جيکو
انسان پاڻ کي شرير نہ سمجھي ،آتما ڄاڻي ٿو ۽ اوم کي ياد کندي
سنسار ۾ مقابلو کندي ،نپنسکتا کان آزاد رهي ٿو ،هر کيتر ۾
وجئہ سندس چرڻ چمندي رهي ٿي .

هن ويد منتر ۾ مقصد کي ياد رکڻ لاءِ بہ چيو ويو آهي .کرتم جو
ارٿ آهي کرم ،ساڌنا ،مقصد ،پکش ،پريوجن .هتي هن لفظ جو
استعمال اديش (مقصد ) ،لکش جي ارٿ ۾ ٿيو آهي .جيون سنگرام
(جنگہ ) ۾ مشغول هوندي آتم ساڌنا دوارا برهم ۾ پرويش کري
برهم موکش جي پراپتيءَ جي لکش جو سدائين سمرڻ رکڻ گهرجي
.هي سنسار تہ عارضي نواس استان آهي .آتما جو سناتن نواس استان
تہ اهو برهم ڌام آهي ،جتي دائما جوتي ۽ نہ ناس ٿيندڙ آنند آهي .آتما
کي انهيءَ کري پنهنجي منزل جو سمرڻ کري ،ان ڏانهن وڌندو هلڻ
گهرجي .جن منزل کي وساريو ،سي ماڳ تي کيئن پهچندا ؟

هن ويد منتر ۾ زندگي ڪهڙي ڍنگ سان گزارجي ،ان جو ورنن ٿورن مگر چيدن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي .جيڪڏهن انهيءَ نموني پنهنجو جيون ناهيو وجي ته ته پڪ آتما آسانيءَ سان پنهنجي منزل مقصد تي پهچي انند ماڻيندو .

## 31. پتا سمان سکي رک

**ارٿ : ۽ آنن دڏيندڙ ديو 1 مان ڪچائيءَ ڪارڻ تنهنجي نيمن کي ٿوڙيندو رهان ٿو ۽ تون پتر لاءِ پتا سمان پنهنجي ئي انند ۾ وناش کان الڳ ڪري اسان کي بلڪل سکي رک .تون مهمان آهين.** ( **رگ ويد** )

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ هڪ سندر ۽ ڪومل ڀاونا سمايل آهي .ڀڳت هتي پتي بڻيل آهي .سوُن (خالي ) چئبو آهي پتر کي ،اهو پٽ نه جيڪو سمرٿ آهي ،بلڪ اهو پتر ،جيڪو ٻالڪ وانگر جيڪو بي سمجهه ۽ معصوم آهي ۽ پتا جي آڱر پڪڙي هلي ٿو .

ڪوئي ڪيترو به گياني دياني ۽ ساتوڪ چونه تي وڃي، جاڻي،جاڻٺهار پريوءَ جي اگيا ته اهو درحقيقت خاليءَ ڪان وڌيڪ جهه ناهي.مهان مهان رشي به انهيءَ آنند دائي ديو جو هڪ ابوڌ ٻالڪ ئي آهي .پٽ گهر ۾ اڪثر راند ڪندي گهر جا ٿپڙ هيڏانهن هوڏانهن

ڪري ڇڏيندو اهي ٻالڪ انيڪ پيرا نيم اورانگهيندو آهي .پتا خفي نہ ٿي پٽ جي ٻاراڻين حرڪتن تي مشڪندو آهي ۽ پيار سان انکي روڪيندو آهي .

اَگيان وس ڪوئي پنهنجي گيان جو اهنڪار ۽ پنهنجيءَ وديا جو ايمان ڪيترو بہ ڪري پر حقيقت تہ اها آهي تہ گهڻو ڪجهہ ڄاڻندي بہ اسان ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻون ۽ جڏهن حالت اها آهي تہ اسان اها دعويٰ ڪين ٿا ڪري سگهون تہ اسان پرم پتا جي ورت نيمن جي پوريءَ طرح پالنا ڪري رهيا آهيون .پتر گهر مان نڪري چاهي جيڏانهن وڃي ،ان کي صحيح ۽ غلط رستي جو ڪجهہ پتو ناهي .پتا پٽ جي آہر پڪڙي ،ان کي صحيح مارگ تي وٺي ويندو آهي .اسان بہ اڄ ڄاڻ تي هيڏانهن هوڏانهن هلي رهيا آهيون .ان ڪري ئي تہ پراڻنا ڪئي وئي آهي تہ ” اگني نيہ سپٿا “ هي پربهو ! سٺي رستي تي هلاءِ.

اصلي ڳالهہ تہ اها آهي تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي اهنڪار ۽ اَيمان ۾ پرجي ،جيون مارگ ۾ هلنداسين تہ اسان راهہ ڇڏي ،غلط راهہ تي تہ ويند اسين ،پر پرم پتا جي پيار ۽ مارگ درشن کان بہ محروم ٿي ويند اسين .جيڪڏهن اسان ٻالڪ جيان ايمان رهت پرم پتا جي هٿ ۾ پنهنجي آڱر پڪڙائينداسين تہ پوءِ اسان ورتن جي پنگ ٿيڻ يا جيون مارگ ۾ ڀٽڪڻ کان بچي سگهنداسين .

# 32. اوج _ خوشحالي

**ارٿ : مالش ( انجن _ سرمو ) سڳنڌ ،سون ،تيج ، اُها پوترتا ،اهو ئي اوج خوشحالي آهي .جيڪڏهن سيئي پوترتائون اسان مان چوترف ڦهلجن _ ظاهر ٿين ته نه اپاءُ ( اوٽائي ) دٻائي ۽ ڪنجوسي _ دان نه ڏيڻ. ( اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پرماتما جا پتر پتريون چا ڪن ،هو اوج ۽ خوشحاليءَ کي پراپت ڪن .خوشحالي اتي ئي واسو ڪري ٿي ،جتي پنج ساڌنائون ڪيون وڃن ٿيون .

1. مالش : خوشحالي جي پهرين ساڌنا آهي مالش .مالش سن ئي شرير پورنتا کي پراپت ٿيندو آهي .شرير جي تندرست ۽ تيجسوي ٿيڻ لاءِ وياپام ( ورزش ) ،پراڻيام ،۽ گهمڻ وغيره انيڪ ڪرپائون آهن .پر مالش کان سواءِ انهن ۾ لاڀ حاصل نه ٿو ٿئي .مالش سان شرير سندر ،تندرست ،مضبوط ۽ ڊولائتو بڻجي ٿو .ٻار کي ڄمڻ کان سال سوا تائين ته باقاعدي روزانه مالش ڪئي ويندي آهي ته جيئن هو تندرست ،سندر ۽ ڊولائتو ٿئي .مالش سان رت جو دورو سنو ٿئي ٿو .ڪي ماڻهو مالش ڪندڙن کي ٿوڪيندا آهن ته ته اوهان شرير پوڄا ۾ لڳي ويا آهيون پر شرير کي ناهڻ ۾ ڪجهه وقت ڏيڻ ئي بهتر آهي ،ان ۾ ڪو مهڻو ڪونهي ،تيل ميسر نه هجي

تہ هٿن سان ئي هر عضوي کي مهٽجي .مالش سلاءِ ترن جو تيل سٺو آهي .انجن سرمي کي بہ چئبو آهي .اکين جي نيڪ رهڻ لاءِ سرمو بہ چڱو ساڌن آهي .

2. سڳنڌي ( خوشبو ءِ ) : خوشحالي جي ٻئي ساڌنا آهي سڳنڌي.هون يگيہ سان ويون منڊل خوشبوئدار رهي ٿو ۽ ان مان شاريرڪ ۽ مانسڪ جهجها لاڀ ٿين ٿا .ڦلواڙيون ۽ باغ بہ وايون منڊل سڳنڌت بڻائين ٿا،جنهن ڪري چت ۾ پرسنتا پئدا ٿئي ٿي .خوشبوءِ سيني کي وڻي ٿي پر بدبوءِ کان سڀ ڪو نڪ موڙي ٿو .ان ڪري خواهہ ٻاهر جي پوترتا بہ اها خوشبوءِ آهي ،جنهن ڪري انسان آنند سان پُر رهي ٿو .اهو ياد رهي تہ تيز خوشبوئدار عطر ۽ تيل ايترو آنند دائڪ نہ ٿا ٿين ،جيترو هلڪي خوشبوءِ وارا .ڌوپ ۽ اگر بتين جي جلائڻ سان بہ مانسڪ صحت جي ترقي ٿئي ٿي .

3. سون : خوشحاليءَ جي ٽين ساڌنا آهي سون ، ڌن .سون ائشوريہ ( ڌن دولت ) جو اهڃاڻ آهي .ڌن سنسار ۾ خوشحاليءَ جو هر هنڌ مکيہ ساڌن مڃيو ويو آهي .سون جي برتڻن ۾ ڀوجن ڪرڻ بہ صحت لاءِ فائديمند آهي .چوندا آهن تہ ڌن رکہ ڌوڙ ۾ تہ چمڪا ڏئي نور ۾ .

4. تيج : خوشهاليءَ لاءِ چوٿون ساڌن آهي تيج .مالش ،سڳنڌ ۽ سون (ڌن ) ٽيئي تيج ڏيندڙ آهن .تيج ۾ ئي سندرتا جو نواس آهي .تيج ئي اثر ،انتي ۽ مهانتا جو اهڃاڻ آهي .تيج خوشحاليءَ جو لکشڻ آهي .ٻار کان ٻڍي تائين سيني کي تيج ۽ مهانتا سان پر ٿيڻ جڳائي .

5. پوتر تا : مٿي ڄاڻايل ساڌنائون صرف دنيوي خوشحاليءَ جا ذريعا آهن .انيڪ پوترتا ۽ اڏيا تيمڪ جيون ساڌارڻ ڪرڻ سان پرلوڪ جي خوشحائي پراپت ٿئي ٿي .خوشحاليءَ لاءَ مٿي جيڪي چار ڳاليون ٻڌايون ويون آهن ،انهن ۾ پوترتا هجي صفائي هجي ۽ ساتو ڪتا هجي ،اوترتاِ ا مينتا نہ هجي .خوشحالي ءَ ۾ ويچارن ۽ ڀاونائن جي شڌتا هجي .انهيءَ ڪري اوج جي ،خوشحاليءَ جي پنجين ساڌنا آهن هر طرح جي پوترتا ،جنهن بنا مٿي ڄاڻايل چاريئي ساڌنائون بلڪل بيڪار ٿي وجن ٿيون .نردوش ،نهپاپ ،نهڪلنڪ ،نرمل ۽ پوتر جيون ۾ ئي باقي چار 4 ساڌنائون سڦل ٿين ٿيون .جتي جيون ۾ پوتر تا ناهي ،اتي سڀ ڪجهہ هوند بہ ڪجهہ ناهي .

منتر جي پڇاڙيءَ ۾ ڪامنا ڪئي وئي آهي تہ اسان مان پوترتائون پرگهٽ ٿي ،هر طرف ڦهلبيون رهن .سوال آهي تہ ڇا پوترتائون بہ انيڪ ٿينديون آهن ؟،جيئن تہ ويچارن جي پوترتا ،چنتن جي پوترتا ،درشٽيءَ جي پوترتا ،پوجن ۽ ڀاشڻ جي پوترتا ،هردي ۽ وهنوار جي پوترتا ،هردي جي سنڪلپن ۽ ڀاونائن جي پوترتا ،ڪٽنبي ۽ سماجڪ پوترتا .اسان جو پريوار ، اسان جي سماج ۽ اسان جي سيئي ايترو پوتر ٿيون ،جو اسان جي جيون مان هر هنڌ پوترتا ڦهلبي رهي .

خوشحال پرشن پريوار کي هميشہ اها ڪامنا ڪرڻ گهرجي تہ اسان مان چوطرف پوترتائن جو ڦهلاءُ ٿيندو رهي .جيڪڏهن ائين ٿئي تہ پوءِ هوند سماج ۾ نہ غريبي رهي ۽ نہ ڪنجوسي .خوشحال ماڻهو کي سدائين اُدار رهڻ گهرجي .

جڏهن اهڙي قسم جي خوشحالي ٿيندي ،اُوج ٿيندو تڏهن اسان جي پريوار سماج ،راشٽر ۽ سنسار ۾ نہ ڪائي آفت ايندي ۽ نہ ڪنهن قسم جو اپاءَ (اوٽائي ) ٿيندي .اُپاءُ ۾ ئي اَپدا آهي ، ڪنجوسي آهي .اُدارتا ۾ داڻ نہ ڏيڻ جو ويچار ئي ڪين ٿيندو ۽ نہ ڪڳنجوسي ئي ستائيندي .شل اسان ويد ڀڳوان جي فرماڻ موجب پنج ساڌنائون ڪري پنهنجو جيون ،پريوار ،راشٽر ۽ سنسار خوشحال بڻايون .

---

## 33. وڌندا هلو !

---

**ارٿ : ڏينهن جهڙو ( پرڪاش ٿي ويو ) .يگيہ لاءِ روانا ٿيا .ياتريءَ وانگر اُتم (ٻل) سان رستي تان وڌندا هلو.** ( **رگ ويد** ) .

**سمجهاڻي** : مسافرو ! صبح ٿي ويو . ڏينهن جهڙو پرڪاش ٿي ويو. موهہ ، نند ڇڏي يگيہ سروپ ڏانهن ،پريتم جي پُريءَ ڏانهن روانا ٿيو .جيون روپي ڏينهن تيزيءَ سان سماپت ٿي رهيو آهي .سنڌيا ويجهي اچي رهي آهي .جلد ڪريو . مهانشا جي اچڻ ڪان ال ئي منزل تي پهچو .گهور انڌڪار ڇانئجڻ ڪان پهريان ئي پريءَ ۾ پرويش ڪريو . ياتريون ! هيءَ ياترا جو اسٿان آهي .ڌرمشالائن ۽ پڙاون سان موهہ نہ رکو .ياتريءَ وانگر رستي تي هلو .

منزل دور آهي . ياترا لنبي آهي پر نا اميد نہ ٿيو . طاقت سان راهہ ۾ وڌندا هلو .اُتم ٻل سان اَ ٽڪ رفتار سان هلندا هلو .

## 34. براين جو تياڳ

**ارٿ : خراب خوابن ،اجايئن ابلائن کان ، خواب جيون کي ، راڪشسن کي ،آتم هيٽنائن کي ،نرڏنتائن کي (ڪنگالين ) کي ، برين واٽين گارين کي ، انهن سڀني کا اسن پاڻ مان ناس ، الڳ ڪريون ٿا . (اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ انسان جيون کاءِ ڇهہ برايون (درت ) تمام نقصان ڪار بتايون ويون آهن .ماڻهو کي گهرجي تہ پنهنجي جيون مان انهن کي بلڪل ناس ڪري ڇڏي .براين کي تياڳيڳ تہ چڱايون ڊوڙنديون اينسيون ۽ پوءِ انسان سچو ،سٺو ۽ مهان ٿي سگهندو .جنهن انسان ۾ اهي برايون هونديون ،سو نيچ ،ڪريل ،دشٽ انسان ٿيندو .

(1) جاڳرت ،سوپن ۽ سشو پتي اهي تي اوستائون آهن سوپن ( سپني ) جي اوستام ۾ سموريون اندريون بناگتيءَ (تحرڪ )۽ مورڇت رهن ٿيون ۽ اڪيلو من اندر سيئي ڪم ڪري ٿو ۽ سپني وشين جو واس وني ٿو .جاڳرتا اوستا ۾ ماڻهو جيڪي ڪجهہ سوچي ،ڏسي ،ٻڌيءِڪري ٿو سو سمورو سوڪيم سمرتيءَ (ياد ) جي ڪٽن ۾ چٽجي وجي ٿو .

سپن اوستا ۾ سوڪيم هردو تي سمورو وهنوار ڪندي نظر اچن ٿا ،سوپن اوستا منش جي جاڳرتا جي ڊتر ماتر آهي .جهڙو

جاڳرت ،اهڙو سپنو ،سني جاڳرتا سان سنا سپنا اچن ٿا ۽ خراب جاڳرتا سان برا سپنا اچن ٿا.

سپين جو ٻيو مشهور ارٿ اڀلاکا آهي .جيئن هڪ شخص چوي ٿو تہ ”ديش کي آزاد ڏسڻ جو منهنجو سپنو ڪڏهن پورو ٿيندو “ هتي سوپن جو جو ارٿ صاف صاف اڀلاکا آهي ۽ هن منتر ۾ سوپن انهيءَ ارٿ ۾ ايو آهي .اوچ ۽ نيچ انسان پنهنجي اڀلائن مان ڄاتا وڃن ٿا .منجهن اڀلاکائون جيتريو نيچ ۽ اپوتر ٿين ٿيون ،اوترو ئي اهي نيچ ٿين ٿا .جن جو اڀلاکائون جيتريون اعليٰ ۽ پوتر ٿين ٿيون ،انهن جون اوتريون ئي زندگيون اعليٰ ۽ شڌ ٿين ٿيون .

(2) دهہ جيوتيہ جو مطلب آهي جيون جي خراب حالت ،آلس، سستي ،پرشارٿ ۽ اُتاهہ جو نہ هئڻ ،بيماري، آشرڌا، ناستڪتا، اوشواس ،چئنچلتا ،چنتا وغيرهہ خراب زندگيءَ جا اهڃاڻ آهن ۽ سني جيون جا اهڃاڻ آهن اتساهہ ،امنگہ ،پرشارٿ ،تندرستي ،شرڌا ،اَتم وشواس ،ڌيرج وغيرهہ خراب جيون سان زواليت ٿئي ٿي ۽ سني جيون سان ڪماليت .

(3) منش جيون جا راڪش آهن راڪشي ڀاونائون .جيئن تہ ڪام ،ڪروڌ ،لوڀ ،موهہ ،مد ،ايرکا دويش ،هنسا ،ڪوڙ ،چوري ،وڇار ،اسنتوش وغيرهہ ،سنجم ،سنيهہ ،پوترتا ،سانتي ،ڪوملتا سيتلتاوغيره دئوي ڀاونائون آهن راڪش جي جتي نراس آهي ،اتي پنهنجي خواهہ ٻئي جي هاڃي ٿئي ٿي ،جتي ديو جو نراس آهي ،اتي پنهنجو ۽ ٻئي جو ،سڀني جو ڀلو ٿئي ٿو .

(4) پو چئجي ٿو ٻل کي ۽ اَپوُ چئجي ٿو آتم هيٺٽا کي .اپو مان هيجڙائي اچي ٿي ۽ پوُ مان مردانگي ،اپو وارو انسان قدم قدم تي شڪست کائي ٿو ۽ ڪنهن ٻہ ڪيتر ۾ اڳتي وڌي نہ ٿو سگهي .

(5) هن منتر ۾ نرڌنتا لاءِ (ارايہ )شبد آيو آهي .رايہ جو ارٿ آهي ڌن .ڌن انيڪ آهن .سون ،چاندي ،روپيہ ،پيسا ڌن آهن .رتن ،جواهرات ،لعل ،موتي ،ڌن آهن .گهوڙا ،گايون ،اَن ،ڌن آهي .ڌن بيشمار آهن .جيتري قسمنن جي ڌنن جو اياءُ (ڪمي ) ٿئي ٿو ،اوترن ئي قسمن جون نرڌنتائون مجيون وجن ٿيون .نرڌنتا مان دکہ ،ترسڪار ،تيج رهت ،تيڻ پراپت ٿئي ٿو ،مگر ڌنن جي پراپت تيڻ سان سکہ ستڪار ،اوج ملي ٿو .ڌنن سان ڌرم جو واڌارو ۽ ڪلياڻ جو مارگہ روشن ٿئي ٿو .س

(6) نيج ۽ بي آڪاهيو شخص تي برا وچن ۽گاريون ڪڍندو آهي. سپيہ ۽ آڪاهيو ماڻهو جوش ۾ اچڻ يا رسٽتي ٻہ پنهنجي ملہ مان برا وچن نہ ڪڍندو آهي .اسپيہ ماڻهو ئي گاريون ٻڪندا آهن .سپيہ ماڻهو پنهنجي دشمن جو نالو ٻہ شانائتن ۽ عزت وارن لفظن ۾ وٺندا آهن ۽ فهميندن ۾ مئي ان جي باري ۾ ڪجهہ چوندا آهن .

شل اسين ويد منتر ۾ متي ذڪر ڪيل ڇهن براين جو تياگہ نڪري پنهنجو جيون عليٰ ۽ سکي بڻايون .

## 35. سک سانتي جي راهہ

**ارٿ : منهنجي نيتر جو ،هردي جو يا من جو جيڪو گهٽو ڦاٽل سوراخ (ٽونگ) آهي ،برهسپتي ( جيڪو جڳ جو سوامي آهي) منهنجي انهيءَ سوراخ کي بند ڪري ڇڏي تہ اسان لاءِ سک شانتي ٿئي. (يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : ڪنهن ۾ بہ سوراخ هئڻ وڏو نقصان جو باعث آهي. ٻيڙي ۾ چڙهي ملاح ان کي هلائي رهيو اهي ،ياتري جل ياترا جل آنند وني رهياآهن ،اچتو ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ٿي وجي ٿو .ملاح يڪدم پڪاري ٿو تہ ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ٿي پيو آهي .سيئي ياتري گهٻرائجي وڃن ٿا .ٻيڙي ياترين سميت پاڻي ۾ ٻڏي وڃي ٿي .ڪهڙو نہ پيانڪ آهي ٻيريءَ ۾ ٽونگ ٿيڻ !

جل ٽاريندڙ بہ آهي تہ ٻوڙيندڙ بہ .جيڪڏهن ٻيڙي ۾ ٽونگ ناهي تہ ٻيڙي پاڻيءَ ۾ ترندي .جيڪڏهن ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ٿيو تہ ان ۾ پاڻي پرجي ويندو ۽ ٻيڙي ٻڏي ويندي .پاڻي ٻيڙيءَ جي ٻاهر ۽ هيٺ رهي تہ ٻيڙي پار پهچائي ٿي .پر پاڻي ٻيڙيءَ جي سوراخن مان ٿي ،ٻيڙي ۾ گهڙي ويو تہ ٻيڙي ٻڏي ويندي ۽ سيني وينلن کي ٻوڙي ڇڏيندي .

هي منش ديهہ هڪ ٻيڙي مثل آهي ،جنهن ۾ ويهي اُتم ياتريءَ کي ڀوساگر جي پرينءَ پهر پهچڻو آهي ،جتي سندس پنهنجي برهم ، متر سان ميلاپ ٿيڻو آهي ،جتي پهچي ان کي سناتن سک ۽ شانتي پراپت ٿيڻي آهي .

سنسار ساگر سخت ڇولين سان هڪ لنبي ياترا آهي .هيڏانهن منش ديهہ هڪ ننڍيءَ ٻيڙيءَ مثل آهي ،جنهن ۾ سوراخ ٿيا تہ اها پڪ ٻڏي ويندي .

جيڪڏهن گهر جي ڇت ۾ سوراخ ٿي ويا تہ برسات پوڻ تي پاڻي ٽپ ٽپ ڪري اندر ايندو .شيون آليون ٿي وينديون .ڪٿي سمهڻ جي سهولت نہ رهندي .ڏسو تہ سوراخ ٿيڻ ڪهڙو نہ دکدائڪ آهي .

ڇٽيءَ ۾ ٽونگ ٿين ٿا تہ اس ۽ برسات کان بچاءُ نہ ٿو ٿئي.کير جي برتن ۾ ٽونگ ٿئي ٿو تہ سڄو کير ناس ٿي وڃي ٿو.سچ پچ تہ ڪٿي بہ سوراخ ٿيڻ بلڪل نقصانڪار آهي .زندگي ۾ سوراخ ٿين ٿا ۽ زندگي جي دولت ناس ٿي وڃي ٿي .پلاند جي ٽونگن وارو هئڻ خراب آهي .جنهن جو پلاند ڦاٽل آهي ،اهو ڪجهہ بہ گڏ ڪري نہ ٿو سگهي .اندرين ۾ ٽونگ ٿيا تہ جيون ۾ ڪا ڪمائي نٿي ڪري سگهجي .جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ توهان جي جيون ياترا سک پوروڪ ٿئي ۽ هن پار ۽ هُن پار توهان سک ۽ شانتي پراپت ڪريو تہ پنهنجين جيون روپي ٻيڙين کي بنا سوراخ (دوش ) جي رکو .

هن ۾ نيتر لفظ ٻاهرين سيني اندرين لاءِ ڪم آندو ويو آهي ۽ هردو ۽ من انتهڪرڻ لاءِ ڪم آندل آهي يعني اندر ۽ ٻاهر بي عيب (بنا سوراخ ) هئڻ تي ئي منش جيون ۾ سک ۽ شانتي پراپت ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ٻي طرح .

ٻڌيءَ هوندي بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ويچار نہ ٿو سگهي تہ اهو سندس ٻڌيءَ ۾ گويا ٿونگہ آهي .نيترن جي هوندي بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏسي نہ ٿو سگهي تہ چئبو تہ هن جي اکين ۾ ڪو سوراخ آهي .ڪنن جي هوندي بہ جي هو ٻڌي نہ ٿو سگهي تہ ضرور سندس ڪنن ۾ ڪو نقص (ٿونگہ ) آهي .هردي هوندي نہ جيڪڏهن ڪو ڪنور آهي تہ چئبو تہ سندس هردو سوراخن سبب ڦاٿل آهي .ويراڳي ۽ ودوان هوندي بہ جيڪڏهن ان ۾ ايرکا ، دئيش آهي تہ اهو ڏيکاري ٿو تہ سندس جيون ۾ ٿونگہ آهن .

اڪثر ماڻهو چوندا آهن تہ ٻڌل اُپديش جلد وسري وڃي ٿو ۽ ان تي عمل ٿئي ڪونہ ٿو اهو سوراخ ٿيڻ جو اهڃاڻ آهي .جنهن ياتري ۾ سوراخ هوندا آهن ،ان ۾ موڏل شيءِ ٻاهر نڪري ويندي آهي .اهڙيءَ طرح جنهن جيون ۾سوراخ ٿين ٿا ،ان ۾ ڏنل ۽ ٻڌل قائم نہ ٿو رهي .جيون ۾ ٿونگہ آهن ،تڏهن تہ سکيائون ۽ اپديش ياد نہ ٿا رهن ۽ اُهي عمل ۾ اچي نہ ٿا سگهن .

انسان ،سک ۽ شانتي چاهين ٿا ،پر ڪين اهو پتو ڪونهي تہ سک سانتي ڇا آهي ۽ ڪٿي آهي .اندرين جي بي عيب (بنا ٿونگہ) هئڻ تي ئي سک شانتي ملي ٿو .

جيون جي سوراخن کي برهسپتي ئي پري سگهي ٿو .برهسپتي چئجي ٿو مهان (ويد واڻي واري ) ودوان کي .ويد جو ودوان اپديش ئي انسان جي سوراخن کي بند ڪري سگهي ٿو .سوراخ (عيب )بند ٿين ،ان لاءِ ماڻهن کي گيانين جو سنگ ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي سکيائن موجب ساڏنا ڪرڻ گهرجي .

گيانين جي ڪرپا سان جڏهن انسانن جا جيون ، سوراخ بند ٿي وڃن ٿا ،تڏهن ئي انهن تي سنسار جي پتي پڳوان (برهسپتيءَ) جي ڪرپا سان سک ۽ شانتي جي ورکا ٿئي ٿي .شل اسان جيون جي سوراخن (دوشن ) کي مٽائي ،سک ۽ شانتي پراپت ڪريون .

## 36. سدا چار جو رکشڪ

**ارٿ : سداچار جو رکشڪ سٺا ڪرم ڪندڙ ،ڏبڄڻ لاءِ نہ ٿيندو آهي .انهيءَ هرديءَ ۾ ٿي پوتر پاوناٺون ڏارڻ ڪيون آهن .اهو انيوهہ ڪري ٿو تہ سروگيہ (سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ )پريو سيني لوڪن کي هرهنڌ ڏسي رهيو آهي .اهو نہ ڏارڻ يوگيہ ورتن کي اوڙاهہ ۾ ڪيرائي ٿو . ( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : رت سداچار ۽ ستيہ کي چئبو آهي .ستيہ پرم تتوَ آهي. کوڙ يا دراچار جو جيڪي وهنوار ڪن ٿا ،اهي دئت آهن .رت يا سداچار جو جيڪي وهنوار ڪن ٿا ،اُهي آريہ آهن .هن منتر ۾ ساچار ۽ سداچاري (آريہ )جي مهما جو سندرو ورنن ڪيو ويو آهي .

سداچار ستيہ جو رکشڪ ڪنهن ڪان بہ ڊڄي نہ ٿو ،ڊبجي نہ ٿو .سداچار جي رکشا ڪندڙ ،سداچار جي راهہ ۾ هلندڙ سدائين نڊر، ڪنهن ڪان نہ ڊڄندڙ ٿئي ٿو .ڪوبہ ان کي ڪيترو بہ دٻائي ڪيترو بہ ستائي ،ڪيترو بہ هيسائي ،پر ان جي پيشانيءَ ۾ ڪوبہ گنج نٿو پوي .هو وڏين وڏين تڪليفن کي بہ گلن وانگر سمجهي ٿو. سهيوگہ ساڌن ۽ ڌن جو نہ هئڻ ان کي پوئتي نہ ٿو هٽائي .لالچون ان کي موهي نہ ٿيون سگهن .ڪنڪ (سون) ۽ ڪامني ان کي ايمان ڪان هٽائي نہ ٿا سگهن .ايرڪا دئيش انکي ڇهي ڪين ٿو .سداچار جو مکيہ لکشڻ آهي نہ دٻجڻ ن، ويرتا .سداچاي شيل ۽ سيہ ٿئي ٿو پر دٻو نہ ٿو ٿئي .سداچار نهنو ۽ نمرتا وارو ٿئي ٿو پڻ نڊر ،نرڀيہ ۽ همت وارو ٿئي ٿو .

وقت ،حالت يا مند جي ڇا مجال آهي ،جو سداچاري کي دٻائي سگهي .اَتياچارين ۽ مصيبتن جي ڇا مجال ،جو سداچاري جو مکہ موڙي سگهن .سداچار جو دم هٽندڙ ڪن ڪولي ۽ دل تي هٿ رکي ٻڌن ويد جي هيءَ سوُڪتي " رتسيہ گوپا نہ ديايہ " يعني سداچاري ڊڄي نہ ٿو ،هٽي نٿو ،مٽجي نٿو .دنيا سداچارين جو مکہ ڦيري نہ ٿي سگهي ،پر سداچاري دنيا جو مکہ ڦيري ڇڏين ٿا .

سدا چار جو رکشک چڱا ڪرم ڪندڙ ٿئي ٿو .سداچار سڪرم جو جوڙو آهي .اهي ٻئي سدائين هڪ ٻئي سان گڏ رهن ٿا .جتي سداچار هونو آهي ،اتي سڪرم ضرور هوندو آهي .سڪرم اتي هوندو آهي جتي سداچار هوندو آهي .سداچار سان ڪڪرم جو ڪو سنبنڌ ڪونهي .ڪڪرم دراچار جو پاءُ آهي يا ائين چئجي تہ سڪرم سداچار جي ڇايا آهي ۽ ڪڪرم دراچار جي .سداچار مرندو مري ويندو پر ڪڏهن بہ ڪڪرم جو سهارو پڪڙي ،پنهنجي رکسا نہ ڪندو .سداچاري سوين سختيون سهندو پر ست ڪين ڇڏيندو .

سداچار جو رکشڪ نہ ڊپو ،نہ ڪڪرم ڪندو .ڇاڪاڻ تہ هن هردي ۾ ٽي پوترتائون ڌارڻ ڪيون آهن .هردي ۾ ڌارڻ ڪرڻ جهڙيون ٽي پوترتائون آهن : آتما جي پوترتا ،چت جي پوترتا ۽ من جي پوترتا .انسان ڪڪرم تڏهن ٿو ڪري ،جڏهن سندس من ،چت ۽ آتما ۾ اَپوترتا رهي ٿي .نرمل من ،چت ۽ آتما وارو ئي سڪرم ڪري سگهندو .ماڻهو نڊر بہ تڏهن رهي شگي ٿو ،جڏهن هو سڪرم ڪري ٿو .بدچال ماڻهو بي ڊپو ٿي نہ ٿو سگهي .

نہ ڊڄڻ ( بي ڊپائي )،سڪرم ۽ پوترتا انهن ٽنهي جي ميلاپ جو نالو ئي رت يا سداچار آهي .سداچار جا اُهي ٽي آڌار آهن .سداچاريءَ ٽي لڪشڻ آهن .سداچري ننڊر هوندو ، سڪرمي هوندو ۽ پوتر هوندو .اهو کهڙو نہ سياويڪ سلسلو آهي .جيڪڏهن ڪنهن ۾ اهي ٽي گڻ ناهن تہ سمجهڻ گهرجي تہ اهو سداچاري ناهي .

سداچار جو رکشڪ سمهي ٿو تہ اهو سروگيہ پرپيو سيني لوڪن کي ،استانن کي يا هر هنڌ کي ڏسي رهيو آهي .ڪنہ نہ ڪنہ لوڪ يا استان ۾ جڏهن انهيءَ سرگيہ سرو شڪتيمان جي شڪتي کيس ڏسي رهي آهي تہ اهو ڪٿي بہ ڪنهن کان بہ دٻيو ڪين ،ڊڄندو ڪين .اهو سداچار جو پتلو لاوارث يا اَناٿ ناهي .پرپيو ساڻس آهي ،پوءِ هُو ندبر ڇو ڪين ٿئي ؟پوءِ هنڪي ڪنهن بہ قسم جو دٻپ يا الڪو ڪين ٿو ٿي سگهي ؟سداچار جو پريمي جڏهن جڏهن اهو وشواس رکي ٿو تہ اهو سروگيہ پرماتما سندس من جا سنڪلپ ۽ وچن سندس مستڪ جا ويچار بہ ڄاڻي وٺي ٿو تہ پوءِ هو سرگيہ جي اڳيان ڪنهن ڪکرم جو ويچار بہ نہ ٿو ڪري سگهي .جڏهن هو انهيءَ سروگيہ ۾ پوري نشٺا رکي ٿو ،تڏهن هنجي هردي ۾ اپوترتا ڪيئن ٿي رهي سگهي ؟

ايشور سپ ڪجھہ ڄاڻي ٿو ۽ هرهنڌ سمايل آهي ،اها ڀاونا ئي سداچار جو مول آهي .سداچار جي پتلي کي وشواس آهي تہ سچي ۽ دائمي وجيہ جي ئي ٿئي ٿي .اهو ڄاڻي ٿو تہ بنا ندبرتا جي سداچار جي ورت جو پالن نہ ٿو ٿي سگهي .هو ڄاڻي ٿو تہ اپوترتا جو ذرڙو بہ سداچار جيشاندار محل کي ڪيرائي ڇڏيندو .ان ڪري هن اهو ورت ورتو آهي تہ هو پنهنجي هردي کي ،پنهنجي ،من کي ،پنهنجي چت کي سدائين پوتر رکندو .هن ورت ڌارڻ ڪيو آهي تہ هو پنهنجا ويچار ،وچن ۽ وهنوار ،سدائين پوتر شڌ رکندو .

سداچار جي ساڌڪ اهو يليءَ يت ڄاتو آهي تہ ورت پٽي پريو ورت ڌارڻ ڪندڙ کي سداچار جي چاڙهيءَ تي چاڙهي ٿو ۽ ورت کان

ڪرندڙ ڪي گراوٽ جو منهن ڏيڪاري ٿو .سداچار جي رڪشا سپ ڪان اُتم ۽ ڪنن ساڌنا آهي .جيڪو انهيءَ ساڌنا کي پنهنجي جيون جي ابلاڪا بڻائي ٿو ،جيڪو انهيءَ ساڌنا ۾ سڦل ٿئي ٿو ،اهو ستيہ کي پراپت ڪري ٿو ،ستيہ سروپ ۾ اِستٿ رهي ،هو سنسار ۾ ستيہ ۽ سداچار جي جوتي جڳمڳائي ٿو ۽ شرير تياڳڻ تي پريم گتي پائي ٿو.

## 37. اَشانتي ۽ شانتي

**ارٿ : من (جنجو) ڇهون ساٿي آهي .اهڙيون اهي پنج اندريون آهن،جن سان ئي منهنجي هردي ۾ گهور اَشانتي پيدا ٿيندي آهي ،وويڪ ذريعي اُنهنجي پوتر ٿيڻ تي ئي اسان لاءِ سانتي ٿئي. (اٿرو ويد)**

**سمجهاڻي** : هن جيون ۾ سيني اَشانتيءَ ڪان آجا ۽ سانتيءَ سان سدائين پرپور ٿيڻ چاهين ٿا .اڪثر هرڪو انسان اسانت آهي ۽ شانتيءَ جي کوج ۾ آهي .اَشانتيءَ ۽ شانتيءَ جو اهو سلسلو اڄ ئي بلڪ ايامن ڪان هلندو آيو آهي .پراچين سمي وانگر انسان هاڻي بہ شانتي جي کوج ۾ آهي .سوال آهي تہ اَشانتي ٿئي ڇو ٿي ۽ ان جا کهڙا ڪارڻ آهن ؟

عريب ائين سوچي ٿو تہ مان ڪنگال آهيان .انهيءَ ڪري اَشانت آهيان ۽ ڌنوان ٿيڻ مون کي سانتي ملندي .هو سرتوڙ

ڪوشش ڪري ڏن ڳڏ ڪرڻ چاهي ٿو .پر ڏن ميڙڻ سان ڳڏ سندس اَشانتي وڌندي وڃي ٿي پر ڪيس وشواس آهي تہ شاهوڪار ٿيڻ سان سندس اندرين جي پياس پوري ٿيندي ۽ هو سانتي پراپت ڪندو .پر جڏهن هو ڏنوان بڻجي ٿو ،تڏهن بہ هو ڏسي ٿو تہ ڪيس شانتي ڪانہ ملي ! ڏنوان جي اِن ميڙيل ڏن جي رکيا لاءِ ننڊ بہ ڦٽي پوي ٿي ۽ سندس رات آڱرين ڳڻيندي گزري ٿي .

ماڻهو جڏهن وديار ٿي هو ،تڏهن سوچيندو هو تہ ”پڙهائي ختم ٿئي تہ نوڪري ملي وڃي تہ ڪا مون کي شانتي ملي “ پڙهڻ بعد ڪيس سني نوڪري ملي پر تڏهن بہ هن کي سانتي نصيب ڪانہ ٿي !

ماڻهو اڪيلو هو هن سوچيو تہ ”ڪو جيون جو ساٿي بڻجي تہ مون کي سانتي ملندي .بہ تہ ٻارنهن .پوءِ هڪ ٻئي جا حال ڀائي ۽ مددگار ٿينداسين “انهيءَ خيال کان هن شادي ڪئي .ڪجھ وقت بعد ٻئي پتي پتني سوچڻ لڳا تہ ” گود ڀرجي ،اولاد جو منهن ڏسون تہ سانتي ملندي .“ پي ٿيو انجي ايتڙ .هن ڏنو تہ سنتان جي صورت ۾ هڪ مان اَنيڪ ٿي بہ ڪيس سانتي ڪانہ ملي !اَشانتيءَ ئي جي اڇي نرگهٽ کان پڪڙيو !

غلام مالڪ جا ناگرڪ سوچيندا آهن تہ ” راڄ ملي وڃي تہ گهر گهر سانتيءَ جو راڄ قائم ٿي ويندو .“سو راڄ آيو آزادي ملي مگر ٻيا مسئلا اٿي کڙا ٿين ٿا،جي ماڻهن جي شانتي ڇٽ ڪري ڇڏين ٿا .هر هڪ آدمي اَشانتيءَ جي پڪارڪري ٿو .

اپاويڪ سوال اٿي ٿو تہ شانتي ڪٿي آهي ؟ان ڄاڻڻ کان اڳ اهو سمجهڻ گهرجي تہ شانتي آهي ڇا ؟ان کان بہ اول اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ اَشانتي ڇا آهي ؟

چنتا ۽ ويا ڪلتا ۽ بي آراميءَ جي هئڻ جو نالو ئي اَسانتي آهي .چنتا ۽ وياڪلتا سدائين گڏ رهن ٿا .چتا تہ ماڻهوءَ کي مئي جلائي ٿي مگر چنتا تہ جيئري ئي جلائيندي رهي ٿي ۽ وياڪلتا کيس پاڻيءَ بنا هئڻ تي مڇيءَ وانگر تڙپائر ٿي .چنتا دماغ سان واسطو رکي ٿي ۽ وياڪلتا هرديءَ سان .چنتا دماغ جو ميزان ٽوڙي ٿي ۽ ويا ڪلتا هردي جي سمتا کي ناس ڪري ڇڏي ٿي .چنتا سمان ماڻهوءَ جي چنتن ، شڪتي ڇٽ ٿي وڃي ٿي ۽ وياڪلتا هردي جي ڀاوناڻن کي ناس ڪري ٿي .نہ رڳيو ايترو پر چنتا ۽ وياڪلتا سان ماڻهو جي ننڊ ،ڪاڏو ،آرام ۽ ضابطو چارئي سندس سات ڇڏي ڏين ٿا. چنتا سان ننڊ ڦٽي ٿي .ننڊ ڦٽڻ سان هاضمي جي طاقت ختجي وڃي ٿي .هاضمص گهٽجڻ سان بک گهٽ لڳي ٿي .بکہ گهٽ ٿيڻ سان آرام موڪلائي وڃي ٿو .اهڙي حالت ۾ شانتي سپني ۾ بہ پراپت ٿي نہ ٿي سگهي .

بي فڪري پرسنتا جو نالو آهي شانتي .مستڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي چنتا نہ ٿي ٿئي تہ ازخود ماڻهوءَ جي دل بهار بهرا ٿي وڃي ٿي .

چنتا ۽ وياڪلتا جي اُتپتي ٿئي ٿي اِندر جو اجهل ٿيڻ ۽ آيوگيہ وهنوار سان .اندرين جو سنجم کان نکرڻ ۽ اَيوگيہ وهنوار ڪرڻ جو

ڪارڻ آهي بگڙيل دماغ ۽ بگڙيل هردو .دماغ ۽ دل جي سنجوڳ ڪي ئي من چئجي ٿو .

هن منتر ۾ پنجين اندرين جو مطلب آهي اکيون ،ڪن ، نڪ، جڀ ۽ چمڙي .انهيءَ پنجين گيان اندرين جون وشيون آهن روپ، شبد، رس ،گنڌ ،(بوُءِ )۽ سپرس ( ڇهاءُ ).پنج ڪرم اندريون آهن _ جڀ ،هٿ ،پير ۽ مل موتر جون اندريون .من انهيءَ ٻن قسمن جي پنجن اندرين ڪي پريرڻا ڪري ٿو .ان ڪري ئي چيل آهي تہ اندريون من پنيان ڊوڙن ٿيون .اهو ڪجهہ سچ آهي ،پر پورو سچ ناهي .پورو ستيہ تہ اهو آهي تہ اندريون من پنيان ڊوڙن ٿيون تہ من بہ اندرين جي پنيان ڊوڙي ٿو .اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهو جو من نہ ٿو چاهي تہ هو شراب پئي .پر جڏهن اندريون شراب پيئڻ لاءِ اتاوليون ٿين ٿيون، تڏهن مجبور ٿي من بہ انهن جي پنيرائي ڪري ٿو ۽ ماڻهو شراب پئي ٿو .گهڻي سنتان وارو جوڙو اڪثر برهمچريہ پالنا جو سنڪلپ ڪري ٿو پر وقت اچڻ تي اندرين جي ڇهاءَ سان جوڙو ڪام ڪريڙا ۾ لڳي وڃي ٿو ۽ من اسهاءَ ٿي ،اندرين جي پورائي ڪري ٿو .

اهو سچ آهي تہ من گيان اندرين ڪي پريرڻا ڪندڙ آهي پر اهي اندريون بہ من ڪي پريرڻا ڪن ٿيون .فقط من جي ساڌنا سان ڪم نہ هلندو پر گيان ۽ ڪرم اندرين ڪي سانت سيتل پوتر ، ضابطي هيٺ رکڻو پوندو آهي نہ تہ اندرين من ڪي پنيلائيندڙيون رهنديون .هردي مستڪ دل ۽ دماغ جي ساڌنا سان من جو سنو ۽ صحيح نرماڻ ٿي سگهي ٿو .

انسان جو پنهنجو جيون ئي سانتي جو ڌام آهي ،جيڪڏهن سندس من شانت آهي ۽ اندرين جو وهنوار وڪار رهت آهي ته ان ۾ شانتي نواس ڪري ٿي .جيڪڏهن جيون ۾ ئي ان جو من سانت آهي پر سندس اندرين جو وهنوار وڪار وارو آهي ته ان ۾ سانتي اچي ديرو ڄمائي ٿي .

پنهنجي من ڪي سنسار جي اصليت جو پورو گيان ڪرايو .پوءِ ڏسو ته توهان جي چنتا ۽ وياڪلتا توهانجي دل ۽ دماغ مان هميشه لاءِ پري ڪري اڏامي ويندين ۽ توهان شانتيءَ جي سلطنت جا سوامي بڻجي پوندا .توهان جو وويڪ جاڳي اٿندو .وويڪ پيدا ٿيڻ تي سک دک ،نفي نقصان ،فتح شڪست ،ڪاميابيءَ ناڪاميابيءَ، خوشيءَ غم جا اَڏا اُبتا جوڙا غائب ٿي ويندا ته پوءِ شانتي توهان جا شرن چمندي .

## 38. پاڻ کي پاڳوان بڻاءِ

**ارٿ : ايشوريه وان ! تون اداسائيءَ ۾ ڦاٿل آهين ،پريرٽا ڏي سوم جي رکشا ڪر .ايشورين جي رکشا ڪر .اڇائن کي يگيه ميه بڻاءِ .(يجرويد)**

**سمجھاڻي** : پنھنجي درياڳ (ڪم نصيبيءَ ) پوري طرح نہ تہ گھڻيءَ حد تائين اِنسان خود ئي جوابدار ٿئي ٿو .جڏھن منجھس اداسينتا گھر ڪري وجي ٿي ،ھو بي اُتساھ ٿي پوي ٿو ،تڏھن ھو ڏينھن ڏينھن ذليل اوستا ڪي پراپت ٿيندو وجي ٿو .

جڏھن ماڻھو اداسينتا ۽ اُتساھ ھيٺتا ڪي ڇڏي ،پرشارث، اُتساھ ڌارڻ ڪري اُنتي طرف وڌي ٿو ،تڏھن ھو ھر روز ھر گھڙيءَ تي ترقيءَ ڪي پراپت ڪري ٿو ۽ اھڙي طرح ھو پنھنجو ڀاڳ ٺاھڻ لڳي ٿو .اُپ يام جو استعمال ھن منتر ۾ اداسينتا ۽ مانگر مڇ جي معني ۾ ٿيو آھي .تنھنجي ڪم نصيبيءَ جو ڪارڻ اھو آھي ،جو تون اداسينتا جي روپي مانگر مڇ ذريعي جڪڙيل آھين .تنھنجي روڪيل اُنتيءَ ۽ ڪريل حالت جو اھو ئي ڪارڻ آھي .اداسين ۽ جڪڙيل ھئڻ ڪري ئي تون دين ۽ ڪنگال بڻيو آھين .ٻيءَ طرح پنھنجي جنم ۽ سروپ سان تہ تون ڌنوان ،ائشوريہ وان ،سندر،ڌن ڌانيہ جو مالڪ آھين .ڌنوان ھوندي بہ تون لوڌن يا ڪنگال اِن ڪري آھين ،جو تون اداسينتا سبب درياڳ ( ڪم نصيبيءَ )جو شڪار ٿي رھيو آھين .

ھن منتر ۾ وڏيہ چيل آھي تہ ڪريل اوستا ڪان ڇوٽڪارو پائي مٿي ٿئي ۽ پنھنجي سوم جي رڪشا ڪر .انتھ جو ھتي مطلب آھي انتھڪرڻ ،اندر جي پريرڻا ،ٻڌي ،ھرديہ ڀاونا ،منو ٻل يا آتم ٻل. ھي انسان ! تون ائشوريہ وان آھين .تنھنجي جيون ۾ اَننت ۽ اڪيچار ائشوريہ ڀريل آھن .تنھنجو ھي جيون سوم آھي ،رس ۽ آنند سان ڀريل دل لڳائي ،اُتم ٻل ڌاري ،پنھنجي سوم جي رڪشا ڪر. پنھنجي جيون _ ڌن جي رڪشا ڪر .پنھنجي جيون ڌن جي رڪشا ڪر،

جيون ۾ سمايل ائشورن جي رکشا ڪر .تنهنجيءَ هن مڌو شالا ۾ بيشمار دويہ مڌو پريل آهن . ان جي رکشا ،ان جو استعمال ڪر .انهن سان وشواس رکہ تہ پنهنجو ڀاڳيہ وڌاتا آهين ،پنهنجي ڀاڳ قسمت جو نرماڻ تون پاڻ ڪري سگهين ٿو .جيڪڏهن تون ڀاڳوان ٿيڻ چاهين ٿو تہ پنهنجي اڃائن اُيلاسائن کي يگيہ ميہ بڻاءِ .جيڪڏهن تون ترقيءَ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ چاهين ٿو تہ تون پنهنجي ويچارن ڇي سنو بڻاءِ. انتظام رکہ .ياد رکہ تہ يوگيہ ميہ ايلاشائون تون کي چوٽيءَ تي رسائينديون .وشواس رکہ تہ تو کي سنا ويچار اُنتيءَ تي پهچائيندا .

---

## 39. مهان سوء ڀاڳيہ

---

**ارٿ: واجن !ائشوريہ (ڌن دولت )ڏيندڙ ! مهان سوڀاڳيہ (خوشنصيبيءَ )لاءِ هن آرام استان کان اوچو چڙهہ ،اڳتي وڌ. اسان هن پرٿويءَ جي گود ۾ اگني ڪوٽيندي ،سمتيءَ ۾ رهون. ( يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : واج چئجي ٿو جوتي ،شڪتي ۽ سنگرام (لڙائي ) کي، هڪ ئي لفظ جا اهي ٽي ارٿ هڪ ٻئي جي پورائي ڪندڙ آهن.

دنيوي سنگرام هجي يا اڌياتمڪ ،ڪنهن بہ لڙائيءَ ۾ سوب _ سڦلتا پراپت ڪرڻ لاءِ جوتي ۽ شڪتي ٻنهي جي ضرورت آهي.

جوتي هجي ۽ شڪتي نہ هج تہ بہ سوپ حاصل ٿي نہ ٿي سگهي. واجن پڪارڻ ٻوڌ ڪرائي رهيو آهي تہ جيون سنگرام ۾ جئہ پراپت ڪرڻ لاءِ جوتي ۽ شڪتيءَ سان پرپور ٿيڻو پوندو .

جوتي ۽ شڪتي جي سهاري جدوجهد ۾ سڦلتا پراپت ڪندڙ واجي ئي ائشوريہ گڏ ڪري انسان ذات کي ڌن دولت بخشين ٿا. ”واجن !ائشوريہ ڏيندڙ !مهان سوپاڳيہ لاءِ هن آرام استان کان اوچو چڙهہ ۽ اڳتي وڌ .“سوپاڳيہ انيڪ آهن ۽ هن سوپاڳيہ جو ڪيترو اننت ۽ اپار آهي .منزل جيستائين طئہ نہ ٿي چڪي آهي ،تيستائين ان کان مٿي چڙهڻو آهي ۽ اڳتي وڌڻو آهي .

سوپاڳيہ جي چاڙهيءَ تي اوچي چڙهڻ ۽ وڌڻ واري کي رڳو اڪيلو نہ، بلڪ سيني کي ساڻ وني اوچو چڙهڻو ۽ اڳتي وڌڻو آهي .خود اوچو چڙهندي ۽ اڳتي وڌندي ان کي ٻين کي اوچو چاڙهڻو ۽ اڳتي وڌائڻو آهي .انهيءَ لاءِ منتر جي ٻئي حصي ۾ چيو ويو آهي تہ توسان گڏ اسان هن پرٿويءَ جي گود ۾ اگني ڪوٽيندي ،سمتيءَ ۾ رهون .اسان سيئي گڏجي هن پرٿويءَ جي گرميءَ سان گرم رهندي، ان جي ڪاٽين مان سمتيءَ سان ائشوريہ ڪنو ڪريون .هيءَ پرٿوي رتنن جي کاڻ آهي ،انهيءَ تي ائشوريہ ڪني ڪرڻ جي اگني جلدي رهندي .اسان سوپاڳيہ پراپت ڪريون ۽ ائشورين جا سوامي بڻجي، سمتيءَ سان پرپور رهون .

## 40 . واڌاري جو مارگ

**ارٿ : بيشڪ منش ڌن هر طرح چاهي ،نمرتا پوروڪ رِت ( ستيہ ) جي مارگ سان عمل ڪري پنهنجي ڪرم سان يٿارٿ ( نيڪ نيڪ ) ٻولي .سريشٽ ٻل من دوارا گرهڻ ڪري . ( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : ڌن ڪمائڻ برو ڪونهي ،جي ويد جي پٽاندڙ آهي .ويد ڪٿي بہ ڌن جي نندا نہ ڪئي آهي ۽ نہ ڪي ڌن ڪمائڻ کان منع ڪئي آهي .ويد تہ ائشوريہ جو سوامي ٿيڻ لاءِ چوي ٿو .

منش ڪي ڌن جي ڪامنا ڪرڻ گهرجي .فقط روپيا ۽ پيسا ئي ڌن نہ آهي .ڳايون گهوڙا ،ڀوُمي،اَن گهر وغيره بہ ڌن آهن .خود جيون بہ تہ ڌن ئي آهي ۽ ان جو گزر بنا ڌن جي ناممڪن آهي .ماڻهوءَ ڪي گهرجي تہ ڌن ڪمائي ،خوب ڌن ڪمائي ،جنهنجو ائشوريہ ڳڏ ڪري .انسان ۽ حيوان ۾ رت ( )جو ئي فرق آهي .ٻيون سيئي پرتيون ۽ ڀوڳ ٻنهي ۾ سمان آهن .ويدڪ ساهتيہ ۾ رت جا 50 ارٿ آهن جن مان تمام مشهور ارٿ آهن _ ستيہ ،گيان ،يگيہ (شڀ ڪرم ) ،سداچار ،نياءُ ،ڌرم ،پرڪاش ،وويڪ .

رت انسانيت آهي ۽ انرت حيوانيت .اِنسان ئي رت ڪي سمجهي سگهي ٿو ،ان جي ساڌنا ڪري سگهي ٿو ۽ رت چاري

(ستيوادي ،سداچاري )ٻڌجي سگهي ٿو .جنهن ماڻهوءَ ۾ رت ناهي، اهو انسان روپ ۾ پسوُن آهي .

پريو ٻہ تہ ايش ،ڌنوان ۽ پڳوان آهي .جڏهن پريو پاڻ ڌنوان آهي تہ سندس پرجا ٻہ تہ ڌنوان ٿيڻ گهرجي .پريوءَ جو سمورو ڌن پرجا لاءِ ئي تہ آهي .انهيءَ ڪري ويد سيني ڌن پتي ٿيڻ لاءِ چيو اهي .انسان کي گهرجي تہ خوب ڌن ڪمائي .منش ڌن ڪمائي ،پر ڌرم پٽاندڙ ۽ ڌرم جي مارگہ تي هلندي ،ڪمايل ڌن ذريعي نمرتا سان ڌرم جي شيوا ڪري .ڌرم سان ڌن ڪنو ڪري ۽ اهو ڌرم ڪارين ۾ ئي خرچ ڪري .رت ستيہ ،گيان ،يگيہ ،سداچاري ،ڌرم ،پرڪاش ۽ وويڪ جي رستي تي هلي ،ائشوريہ گڏ ڪري .انرت (استيہ،اگيان ،ڪڪرم ،پرشتا چار ،انياءَ ،انڌڪار ۽ وويڪ )جي رستي تي نہ هلي ،رت لاءَ ئي انجو استعمال ڪري .

ماڻهو نمرتا سان ،ڌرم سان ڌن ڪمائي ۽ سلڇڻائيءَ ڌرم پوُروڪ سيني جي شيوا ۾ ڌن ڪمائي .ڌن پوپت ڪري ماڻهو نهنو نماڻو رهي ۽ ايمان نہ ڪري .

ڪي ماڻهو اهي خيال ڦهلائين ٿا تہ ڌن براين جو مول آهي. پر اها ياونا ويد جي خلاف آهي .پل ڪتي آهي ،اهو ڏسڻ گهرجي .ڌن هڪ ساڌن (ذريعو ) آهي ۽ جيون ساڌيہ آهي .ڌن جيون لاءِ آهي ،نہ پوڳن پوڳڻ لاءِ .لڪش نيڪ آهي ،نڪتہ نظر صحيح آهي تہ هو وستوُ وردان ثابت ٿئي ٿي نہ تہ سراپ .

رتا چاريءَ (ستيوادي سداچاري وغيرهہ )کي ئي اپديش ڏيڻ جو اڌيڪار آهي .ٻين کي سداچاري بڻائڻ لاءِ ئي اپديش ڪيو ويندو آهي .جيڪو پاڻ سداچاري ناهي ،ان کي سداچاري جي اوديش ڏيڻ جو ڪهڙو اڌڪار آهي ؟ جيڪو سداچاري ناهي ،ان جي واٽيءَ ۾ پرياءُ تي ڪهڙو ٿيندو ؟ڪرٽيءَ ۽ ڪٿنيءَ (چوٽيءَ) ۾ ميل هئڻ ضروري آهي .ماٿهو کي گهرجي تہ چرم (چرم)جي واٽيءَ سان ڪرم جي واٽيءَ سان بہ ٻولي .

چرم جي واٽيءَ ڪان ڪرم جي واٽي وڌيڪ اثرائتي ٿئي ٿي. ڪرم رهت واٽي اشرڌا، اوشواس ،انيتيءَ  کي وڌائيندڙ ٿئي ٿي. سڪرم واري واٽي شرڌا،وشواس ،سداچار ۽ نيتيءَ وارو ڪري ٿي .

رت اپديش (ستيہ اُپديش ) ڏاڍو مشڪل ڪاريہ آهي .اپديش ڪندڙ کي پهريائين رتاچاري ۽ سداچاري بڻجڻ گهرجي .سداچاري سيني جو ڪلياڻ چاهي ٿو ،برائيءَ جي بدلي ۾ پلائي ڪري ٿو .منش من سان ،سچي من سان پنهنجو ٻل وڌائي پر سريشٽ ٻل ئي وڌائي.ٻل وڌائڻ ڪپي ۽ ضرور وڌائڻ ڪپي ،مگر سريشٽ ساڌنن سان ٻل وڌائڻ ڪپي ۽ شپ ۽ سريشٽ ۾ ئي ٻل جو استعمال ڪرڻ جڳائي .منش ستيہ پاو انتي ڪري ،هر طرح انري ڪري پنهنجي ۽ ٻين جي انتي ڪري ۽ اوچائيءَ لاءِ ئي انتي ڪري .

## 41. بي ڊپائي

**ارٿ : مون کي متر کان ڊپ نہ ٿئي ،دشمن کان بہ ڊپ نہ ٿئي. جيڪو معلوم ٿي ويو آهي ،ان کان (ڄاتل ) کان ڊپ نہ ٿئي ۽ جيڪي اڳتي آهي ،اڻ ڄاتو آهي ،ان کان بہ ڊپ نہ ٿئي .سڀني طرفن جا رهندڙ پرڻي منهنجا متر ٿين .( اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ اَڀيہ (بي ڊپي ) ٿيڻ جي سکيا ڏنل آهي. ڊپ ماڻهوءَ جو وڏو ويري آهي .ڀوُ ماڻهوءَ کي ڪمزور ڪري ڇڏي ٿو. ڊڄڻو ماڻهو پنهنجي پاڇي پر ڊڄندو .ڊپ ٿئي ڇو ٿو ؟ان جو ڪارڻ آهي ،اگيان ،ڀرم ۽ سچائيءَ کان وري رهڻ .

نهر ۾ گهرڻ کان اهو ڊڄندو ،جنهن کي ترڻ نہ ايندو هوندو. امتحان ڏيڻ کان اهو ڊڄندو،جنهن انهيءَ وشيہ جي پوري ڄاڻ حاصل نہ ڪئي هوندي .انهيءَ حالت ۾ اگيان سندس ڊپ جو ڪارڻ ٿئي ٿو. وقتي ڀرم سبب ماڻهو کي ڊپ ويڙهي ويندو آهي .جيئن تہ ڪيترا ماڻهو اونده ۾ يا رات جو مساڻ ۾ وڃڻ کان ڪنبندا آهن .چاڪاڻ تہ منجهن جنن ڀوتن هئڻ جو ڀرم هوندو آهي .سچائيءَ جو نہ هئڻ تي ڊپ جو وڏو ڪارڻ آهي .سنسار ۾ ڏٺو ويو آهي تہ سچو ماڻهو بي ڊپو ٿئي ٿو .ڪوڙو ماڻهو ئي هر ويل ڪنبندو رهي ٿو ،چاڪاڻ تہ ڪيس ڊپ رهندو آهي تہ متان منهنجو پول کلي پوي .سچي کي ڊپ نہ ٿو رهي .چوڻي بہ آهي تہ ” سچ تہ بيٺو نچ .“

جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته هر حالت ۾ بي ڊپا رهو ن ته جڳائي ته ڪوڙ ڪپٽ کان ڪنارو ڪريون .اڳيان ۽ پرم کي اندرين مان تڙي ڪڍون .

ڪنهن کان ڊپ نه ٿئي ته ان لاءِ ضروري آهي ته ماڻهوءَ ۾ ايشور وشواس هجي .ڊپ ڪرڻ معني ناستڪ ٿيڻ آهي ،ايشور مان وشواس وڃائڻو آهي .اسان کي من جي ڪمزوري ڇڏي ،اپڻه رهڻ جو ورت وٺڻ گهرجي .دريه نشچو ڪرڻ جڳائي ته مان ڪنهن به ڊپ سڄي آڏين نه رهندس .انسان ڊپ نه تياڳيندو ته هو سنسار ۾ ڪري ڪجهه ڪين سگهندو ،سچ جي مارگ ۾ هو هلي ڪين سگهندو. ماڻهو ائين ،هلي جيئن ڪيس ڪنهن به ماڻهوءَ کان ڊپ نه ٿئي .نه متر کان پوُ ٿئي ۽ نه دشمن کان .سچيءَ راهه ۾ هلندي ڪيس نه مترن جي ناراضگيءَ جو ڊپ ٿئي ۽ نه دشمن کان ڏکه ملڻ جو .

ڪمزور من ئي ڪيترن واقعن کي برو سمجهي ،پو ۾ اچي ڏکي ٿئي ٿو ."اڳتي نه ڄاڻا ڇا ٿيندو " "منهنجو هيءَ ڪرم سڦلو ٿيندو ريا نه " "متان هن جو نتيجو برو نڪري " اهڙيب قسم جو ڊپ ماڻهوءَ لاءِ آتم گهاتي ٿئي ٿو .اسانکي رات هجي يا ڏينهن ،هر حالت ۾ اَپيه رهڻ گهرجي ،هر حالت ۾ ،هر طرف مون کي ڊپ ڏيڻ جو باعث نه بڻجي .هر هنڌ مترتا ئي مترتا هجي .ڪلياڻ ئي ڪلياڻ هجي .

اِها ڳالهه پلائڻ نه گهرجي ته انسان پاڻ ئي پنهنجو دشمن آهي پنهنجي اوڻائي ئي آڏو اچي ٿي .ٻئي کي ڏوهه ڏيڻ پل آهي .اهڙي.

طرح سنسار ۾ سوچي سمجهي هلبو تہ ڪنهن ڪان پوُ نہ ٽيندو ۽ سيئي متي ٽي سڪہ ڏيڻ وارا ئي ٽيندا .

## 42 . دويش روپي درياھہ ڪان پار پئو

**ارٿ : هي سيني طرف مڪہ وارا پرماتما ! جيئن ٻيڙي هلائيندڙ ملاح ٻيڙيءَ ذريعي ياترين ڪي سڪہ سان نديءَ جي پار پهچائيندو آهي ،تيئن ئي توهان اسان ڪي دويش روپي وڏي درياھہ ڪان پار پهچايو .هي پريوُ ! توهان جي ڪرپا سان اسان جو پاپ اسان ڪان دور ٿي ناس ٿي وڃي .** ( **اٿرو ويد ۽ رگ ويد** )

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ دويش سندي درياھہ ڪان پار ٿيڻ ۽ پاپن ڪان بچڻ جو اپديش ڪيو ويو آهي .پرماتما ڪي سيني طرف مڪہ وارو چيو ويو آهي ،يعني پوڳان جي نظر هر طرف ڪان اسان تي پوي ٿي .هو سيني پراڻين جي شڀ اَشڀ ڪرمن ڪي ڄاڻي ٿو ۽ هو ڪين چتائي ٿو تہ برن ڪرمن ڪان ڪنارو ڪريو .

جيڪو انسان سچيءَ دل سان اِهو اَنيوُ ڪري ٿو تہ سڀ هنڌ سمايل پريو منهنجن سيني ڪمن ڪي ڄاڻي ٿو ۽ ڪائنس لڪائي مان ڪوبہ پاپ ڪرم ڪري نہ ٿو سگهان ،اهو سيني خراب ڪمن ڪرڻ ڪان بچي وڃي ٿو .

سنسار ۾ انيڪ اهڙا موقعا اچن ٿا ،جڏهن اِهو نرنئہ ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا نہ ڪرڻ گهرجي .ان وقت سيني جو اَنتر يامي ڀڳوان هر هڪ جي هردي اندر اُپديش ڪري ٿو تہ توکي هيءَ ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ هيءُ نہ ڪرڻ گهرجي .جيڪو اِنسان پريو جي انهيءَ اندرين آواز تي ڌيان ڏيئي ،ان موجب اچرڻ ڪري ٿو ،اهو پاپن کان سدائين بچيو رهي ٿو .پاپن کان بچڻ لاءِ هن منتر ۾ سيني طرف مکہ واري پريوءَ کي ئي پراٿنا ڪئي ويئي آهي .

دويش جتي خود هڪ پاپ آهي ،اُتي اُهو اَنيڪ مهاپاپن جو مُول ڪارڻ بہ آهي .دويش جي اَڌين ٿي اِنسان هن سنسار انيڪ نہ ڪرڻ جهڙا ڪم ڪري وهي ٿو .انهيءَ ڪري منتر ۾ خاص طرح دويش روپي وڏي درياهہ کان پار پرڻ لاءِ پريوءَ کي پراٿنا ڪئي ويئي آهي .

## 43 . موءت کي ٽڏيو

**ارٿ : هي منشو ! جڏهن توهان موت جي پير کي ٽڏيندا هلندا ،تڏهن توهان ڊگهيءَ وڏيءَ عمر کي ڌارڻ ڪندڙ ۽ پرجا ۽ ڌن کان ترپت ٿيندا . ان لاءِ ٻاهران شڌ ،اندر ۾ پوتر ۽ يگيہ جيون وارا ٿيو** . ( **رگ ويد** )

**سمجهاڻي** : سنسار ۾ هر هڪ پراڻيءَ تي موت پير رکي چڙهيو آهي. جنهن ڏينهن ان جي اِڇا ٿئي ٿي ،ان ڏينهن هوَ اهو پير دٻائي پراڻيءَ کي ڪچلي ٿو ڇڏي ،ختم ڪري ٿو ڇڏي .پر هي منشيو ! توهان ۾ اها شڪتي آهي ،جنهن سان توهان موت جي انهيءَ پير کي ٽڏي اَمر بڻجي سگهو ٿا .

هن دنيا ۾ توهان مئلن وانگر نہ رهي ،نہ سڙي ،اَمر پترن وانگر مضبوُطيءَ سان هلو ،شڌ ،پوتر ۽ يگيہ ڪندڙ ٿيو .ائين بڻجڻ سان توهان ۾ اها آتم شڪتي جاڳندي ،جو موت جي انهيءَ پير کي ٽڏي ڦٽو ڪري سگهندا .

نيڪ ڪاڏو ،ڪسرت ،تپسيا وغيره ذريعي شرير کي شڌ رکو ۽ اندر کي پوترتا ،سرلتا وغيره اَنتهڪرڻ سان پوتر رکو .پوءِ هن شرير ۽ من سان يگيہ _ ڪرم ئي ڪندا هلو .ائين ڪندا تہ توهان ضرور امر ٿي ويندا .اهو سچ آهي تہ يگيہ ڪرمن سان موت مري وڃي ٿو .تڏهن ماڻهوءَ جي عمر سوسالن تائين هلندڙ ٿي وڃي ٿي .

اسان مئل انسان تي ايڏي عمر ڌارڻ نہ ٿا ڪريون ،مگر عمر جي بوجي کي جيئن تيئن ڍوئي رهيا آهيون .جڏهن آتما شرير کي ڌارڻ ڪندي رهي ٿي ،تڏهن آتما شرير کي پوُرن سوسالن تائين اَکنڊ هلڻ جي آگيا ڏئي ٿي .هوُ هن جيون جي پوجا کي پيدا ڪرڻ دوارا ،ڌن وڌائڻ دوارا ،پنهنجي وڪاس جي اِڇا کي ترپت ڪري ،يگيہ کي پوُرن ڪري ٿو .آتم شڪتيءَ جي پرڪاش ڪرڻ لاءِ ئي آتما شرير کي ڌارڻ ڪري ٿي .انهيءَ ڪري شرير ڌارڻ ڪري هت جڳت ۾ ڪجهہ

ڪمائتي وستو پيدا ڪرڻ ۽ جڳت جي سچي اَئشويه (ڌن ) ڪي وڌائڻ ضروري آهي .

سنسار ۾ آيل سيئي مهان آتمائون هن سنسار ۾ جڳت جڳ پلو ڪندڙ ڪا وَستوُ پيدا ڪري ۽ جڳت ڪنهن اعليٰ اَئشوَريه ڪي وڌائي وجن ٿيون .هي اِنسانو ! اُٿو ،موت وارو جيون ڇڏيو .شڌ ،پوتر ۽ يگيه ڪندڙ ٿيو ۽ موت جي پير ڪي پري هٽائي ،پنهنجو امر ٿيڻ ثابت ڪريو .

---

## 44. ڪيئن هلون ؟

---

**ارٿ : هي دويه گڻن وارا مهاتمائو ! نه ڪي ته اسان هنسا ڪيرون ٿا، نه منصوبا ڪريون ٿا ۽ نه وري قُوت وجهون ٿا ،بلڪ منتر جي شروڻ (ٻڌڻ )موجب هلت ڪريون ٿا.ڪڪن وانگر تڇ ساٿين سان به هڪ ٿي ،هڪ مت ٿي ،زور سان ڪاريه ڪريون ٿا .(رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : ويد هنسا ۽ منصوبن جي خلاف آهي .رواجي جيون ۾ ويد ڪي هنسا پسند ناهي .حقيقت ۾ هنسا اَڪثر براين جو ڪارڻ آهي .انهيءَ ڪري ئي رشين يم جي انگن ۾ اَهنسا کي پهريون اِستان ڏنو آهي .يوگين جو سدانت آهي ته ستيه ،اَستيه (چوري نه ڪرڻ )

،برهمچريہ ۾ اَپريگرهہ (سنگرم نہ ڪرڻ) اَهنسا ڪي ئي روشن ۾ پوتر ڪرڻ لاءِ آهن .

منش سماجڪ پراڻي آهي .هن ڪي پنهنجي جيون ياترا هلائڻ لاءِ سماج ٺاهي رهڻو پوي ٿو .سماج رچنا ان لاءِ ڪئي ويئي ،جيئن انسان جو چومکي وڪاس ٿي سگهي .انسان جا سڀاءَ نرالا نرالا آهن. ڪي خراب سڀاءَ جا ماڻهو پنهنجيءَ ڏنگائيءَ سبب سماج ۾ گڙٻڙ پيدا ڪن ٿا ،انهيءَ ڪري قوت پيدا ٿئي ٿي .ان ڪري سماج جي شڪتي گهٽجي وڃي ٿي .

هن منتر ۾ قوت وجهندڙن کان آگاهہ ڪندي چيو ويو آهي تہ اسان منتر جي شروڻ موجب هلون ٿا يعني جيئن منتر ۾ ،ويد ۾ چيل آهي ،تيئن ساريءَ اِنسان ذات ڪي هلڻ گهرجي .ڀڳوان ماڻهو جي ڀلي لاءِ ويد واڻي بخش ڪئي آهي .ويد ۾ منتر ڪي گرو بہ چيو ويو آهي .يعني جتي ڪرتويہ ۾ اَڪرتويہ جي ڄاڻ نہ ٿئي ،اُتي منتر جو شرڻ وٺڻ گهرجي .منتر جو هڪ ارٿ ويچار بہ ٿئي ٿو يعني بنا ويچاري ڪو بہ ڪم نہ ڪرڻ کپي .

هن منتر جي آخر ۾ چيو ويو آهي تہ ڪکن سمان تيڃ ساٿين سان هڪ ٿي زور سان ڪاريہ ڪريون ٿا يعني ڪنهن کان بہ نفرت نہ ڪرڻ گهرجي .ڪنهن ڪي بہ گهٽ نہ ڄاڻڻ گهرجي .تيڃ ۾ تيڃ پڌارٿ ڪي بہ پنهنجي اهميت آهي .سياڻا ان کان بہ ڪم وٺن ٿا .مطلب تہ هن منتر جي سڪيا موجب سماج ۾ اوُچ نيچ جا سندا نہ هئڻ کپن .

## 45. جيوَن _ يڌ

**ارٿ : شرير ڌاري ڏينهن کي سنا ڏينهن ڪرڻ لاءِ پيدا ٿئي ٿو .اهو جيون سنگرام لاءِ اُپديش پراپتيءَ لاءِ هر طرح وڌي ٿو .ڌياني لوڪ ٻڌيءَ سان ڪرمن کي پوتر ڪن ٿا ۽ ٻڌيمان برهمڻ دويہ ڪامنا ،سان واڻيءَ جو اُچارڻ ڪري ٿو .( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : ماڻهوءَ جو جنم ڏينهن کي سنا ڏينهن ٺاهڻ لاءِ ٿئي ٿو. پسون وغيره چوٽين ۾ پکوان جي آراڌنا ڪرڻ جا ساڌن ڪين هئا. انهيءَ ڪري جنم سڦلو ڪري نہ سگهيو .ڏينهن کي سنا ڏينهن نہ ٺاهي سگهيو .اُهي ائين ئي هليا ويا .هاڻي بہ جي ڪوشش نہ ڪري تہ ڪڏهن ڪندو ؟

هيءُ جيون معمولي ڪين آهي .سنگرام (لڙائي ) آهي .انهن ۾ گهڻن کي گڏجي لڙڻو پوي ٿو .بنا يڌ جي سني زندگي نہ ٿيندي، ڏينهن سنا ڏينهن نہ ٿيندا .سچ چيل آهي تہ ” Move or die “ اڳتي وڌندا يا مري وڃو .جيڪي آلسي ٻڌجي سڪہ ونڻ ٿا چاهين ،اُهي دوکي ۾ آهين.

رگ ويد ۾ ئي ٻئي هنڌ چيو ويو آهي تہ محنت بنا بہ دئوي شڪتيون بہ متر نہ ٿيون ٿين .”نئو شرمو نہ وشرام “ يعني محنت نہ تہ آرام نہ .جيڪي جدوجهد ڪندا ،اُهي ئي سڪہ ماڻيندا .

رڳو پيدا ٿيڻ سان ڪجهہ نہ ٿو ٿئي ،جيسين پرشارٿ نہ ٿو ڪيو وڃي .پرسارٿ کان سواءِ جيون ئي نہ ٿو هلي سگهي ،سنا ڏينهن بڻجڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي .محنت ۾ جيون آهي ،اُنتي آهي .ڏنو ويو آهي تہ جيڪو ٻار هڻ پٺ نہ ٿو ڪري ،ان جي واڌ روڪجي وڃي ٿي .تندرست ٻار تہ سمحئي پئي بہ هٿ پير هلائيندو رهندو آهي .وڏڻ جو مطلب آهي تہ لڙڻ ،پرشارٿ ڪرڻ .ائين بہ آهي تہ جي سچو جيون لڙڻ ۾ ئي گزريو ۽ پراپتي ڪجهہ بہ نہ ٿي تہ چئبو تہ اُهو وئرٿ ويو.

انڪري انڌو ٿي نہ لڙڻو آهي .لڙڻ لڙڻ واسطي ڪين آهي .لڙڻ ذريعو آهي ۽ نہ مقصد .انهيءَ ڪري هن ويد منتر ۾ چيو ويو آهي تہ ٻڌيمان منن شڪتيءَ سان ،ويچار شڪتيءَ سان ڪرمن ڪي پوتر ڪن ٿا .

گيان سان ڪرم ڪندڙ ودوان ڪي برهمڻ چئبو آهي .اهڙو برهمڻ اجايو نہ ڳالهائيندو آهي .هو جڏهن ڳالهائيندو آهي تڏهن سارپريل وچن ئي چوندو آهي .منش جنم جي سڦلتا ديو بڻجڻ ۾ ئي آهي .ديو بڻجڻ بنا دئوي واٽي ڪيئن ڳالهاءِ سگهندو ؟

” ديو “ ستيہ سروپ ٿيندا آهن .ماڻهو اَنيڪ ڀيرا ستيہ خلاف ڪرم ڪري ٿو ،مگر ديون جي جيون ۾ اَستيہ جو ذرو بہ نہ هوندو آهي .انهن جيون وهنوار ستيہ سان ڀريل ٿئي ٿو .مانو جيون جو لکش ( اَديش ) ديو جيون آهي .ان لاءِ ستيہ ڌارڻ ڪرڻ ضروري آهي .ان کان سواءِ ديوتا پڻو پراپت ٿي ڪين سگهندو .

# 46 . ست مارگ تي هلون

**ارٿ : هي پرميشور ! اسان ست مارگ کي ڇڏي نہ هلون .ائشوريہ وارا ٿي اسان يگيہ کي ڇڏي نہ هلون .دان نہ ڏيڻ جو ڀاو اسان ۾ نہ رهي . ( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ پرڀوءَ کي پراٿنا ڪيل آهي تہ اسان سدائين ست ماگ تي هلندا هلون .يگيہ کان ڪڏهن پري نہ ٿيون .يگيہ جو مطلب آهي پر اُپڪار .ايشور کان جيڪو ائشوريہ مليو هي ،سو ڀوڳيون .جيڪو يگيہ نہ ٿو ڪري ،سو گويا چور آهي .اراتيہ جو ارٿ دشمن بہ آهي .اسان جي ڀڳوان کي اها بہ وينتي آهي تہ دشمن اسان جي اندر ۾ نہ رهن .دان نہ ڏيڻ جو ڀاو بہ دشمن آهي .دان ڏيڻ جو ڀاو هوندو تہ يگيہ ٿيڻ ممڪن ڪين آهي .ان ڪري ئي چيو ويو آهي تہ اَندر جو اِهو دشمن نہ رهي .يگيہ ڪرڻ آهي ست مارگ تي هلڻ .شل اسين پراپڪار ڪندي دان ڏيئي ست مارگ تي هلندا هلون .

# 47. پوتر واٽي ڪلياڻ ڪاري

**ارٿ : جتي ڏير پرش ڇاڻيءَ مان ڇاڻيل ستوءَ سمان ،من سان پوتر ڪندي واٽي ڪن ٿا يعني ڳالهائين ٿا ،هتي متر مترتا کي پليءَ پت ڄاڻن ٿا يعني انيوُ ڪن ٿا .ان جي واٽيءَ ۾ ڪلياڻڪاري لڪشمي نراس ڪري ٿي.** ( **رگ ويد** )

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ اپديش ڪيو ويو آهي تہ منن روپي ڇاڻيءَ سان واٽيءَ جو استعمال ڪريو .جيئن ست ڇاڻيءَ مان ڇاڻي ،صاف سندر ،ڪائڻ لائق بڻايوي ويندو آهي ،تيئن انسان گهرجي تہ هو پنهنجي من دوارا سوچي ويچاري من کي مڌر پوتر ۽ پياري بڻائي، پوءِ ان جو استعمال ڪري .ستيہ ۽ وڻيہ واٽيءَ ۾ موهني شڪتي ٿئي ٿي .انسان پنهنجي پياريءَ ۽ موهيندڙ واٽيءَ سان اُهي ڪاريہ بہ آسانيءَ سان ڪرائي وني ٿو ،جن لاءِ ڪافي محنت ،وقت ۽ ڏن جي ضرورت ٿيندي آهي .

ڏنو ويو آهي تہ منو ٻوليندڙ ،ستيہ وادي ۽ ٻين ڪا تمام جلد پنهنجي طرف ڇڪي وننڊو آهي ۽ ڪين پنهنجو پڪو ساٿي بڻائي وننڊو آهي .جيڪي ماٺهو پليءَ پت ويچاري سمجائي پوتر ۽ مڌر واٽيءَ جو استعمال ڪندا آهن ،انهن جا منورٿ ۽ ڪاريہ تمام جلد پورا ٿيندا آهن ۽ جيڪي بنا ويچار اسهاءِ ۽ اپريہ واٽيءَ جو استعمال ڪندا آهن ،اُهي ٻين کي پنهنجو دشمن بڻاءِ ڇڏيندا آهن ۽ وڏين

مصيبتن ۾ ڦاسي ويندا آهن .اها ڳالهہ سدائين ياد رکڻ گهرجي تہ ٻاڻن جي پيٽ ۾ واٽيءَ جاٻاڻ تمام زهريلا ۽ خراب نتيجي وارا ٿيندا آهن .چوندا آهن تہ ”تلوار جو گهاءُ جلد ڇٽي پر واٽيءَ جو گهاءُ عمر پر نہ ٿو پرجي .“ انهيءَ ڪري سوچي سمجهي ڳالهايو .اهڙي واٽي نہ ڳالهايو ،جا ٻين کي نقصان يا دکہ پهچائي ٿي .منو مهاراج چيو آهي تہ :

”””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””””

سچ ڳالهايو ،پر ٻڌايو .ستيہ بہ اپريہ (اَڻ وڻندڙ ) **لفظن** ۾ نہ ڳالهايو ۽ پريہ بہ ڪوڙ نہ چئو ،اهو ئي سناتن ڌرم آهي .ستيہ ۽ پريہ واٽي سچ پچ ماڻهوءَ لاءِ ڪامڌينوُءَ سمان آهي ،جنهن سان من جون سيئي مرادون پوريون ٿين ٿيون .انهيءَ ڪري ماڻهوءَ کي گهرجي تہ هو ويد ۾ ٻتايل واٽيءَ جو ئي استعمال ڪري .ياد رکو تہ مڌر ۽ پوتر واٽي ٻوليندڙ جي واٽيءَ ۾ ئي ڪلياڻڪاري لڪشمي ءَ جو نراس آهي .

## 48. انتيءَ جي راهه

**ارٿ : ديو (مستڪ) ڪي مٿي پختو ڪر. انترڪش (هردي) ڪي چڱي طرح پر. چمڪندي پرٿوءَ تي وڌ. پون (هوا) جو جهوٽو توڪي اُچل ڏياري، پرڳتيءَ وارو ڪري. سوريه ۽ چندرما توڪي ڏرو (اٽل) ڌرم وارو ڪري. گيان سيوي (استعمال ڪندڙ)، ٻل سيوي توڪي مان پورڻ نشچيه سان چوان ٿو ته برهم (گيان) ڪي وڌاءِ، ٻل ڪي وڌاءِ جيون ڪي وڌاءِ جنتا ڪي وڌاءِ. (يجرو ويد).**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ انتيءَ جون راهون ٻڌايون وين آهن. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي مستڪ جا دواربند رکندو ته انسان پنهنجيءَ ٻڌيءَ کي تالو لڳائي وهندو. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي ويچارن ئي تنگ ٻڻائيندو ته هو پنهنجي جيون ۾ ترقي ڪري نه سگهندو. اها ڳالهه جيتري هڪ شخص لاءِ ستيه آهي، اوتري ئي سماج ۽ راشٽر لاءِ به ستيه آهي. کليل دماغ وارا شخص ئي سماج ۽ راشٽر جي اُنتيءَ جي ڏاڪڻ تي چڙهي سگهن ٿا ۽ نه ٻيا.

انسان جي ٻڌي ئي ستيه اَستيه، مناسب غير مناسب، صحيح ضلط، نيا اَنيا، پوري اَپوتر، آچاري دراچار، فرض نه فرض جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ فيصلو ڪري سگهي ٿو.

جيڪو گهر ڪليل نٿو رهي ،ان ۾ شڌ هوا ۽ پرڪاش جو پرويش نہ ٿو ٿئي ،نتيجو اهو ٿو نڪري ،اهو بدبودار ۽ بيماري پيدا ڪندڙ ٿي پوي ٿو .اهڙيءَ طرح جنجا مستڪ سدائين ڪليل نہ ٿا رهن ،انهن جي ويچارن ۾ آزاد چنتن جي ڪمي رهي ٿي .سندن دماغ ڳريل سڙيل ٿي پون ٿا ۽ نتيجو اهو نڪري ٿو ،جو سندن ويچار بانسي ۽ بيمار ٿي پون ٿا .گندن مستڪ سان ڪنهن بہ قسم جي اُنتي ٿيڻ ناممڪن آهي .اُهي تہ گراوٽ جا باعث ئي بڻجن ٿا .

بنا هردي وارو ماڻهو بلڪل خشڪ ،بنا آنند وارو ۽ ڪنجوس ٿئي ٿو. بي دل انسان ڪجھ بہ شڀ سريشٺ ۽ سندر ڪرڻ ۾ اسمرٿ ٿئي ٿو .هر ڪنهن جو هردو نشنا ،شرڌا ،اُدارتا ،ديا ،ويرتا،بي ڊپائي ،نرملتا ،آشا ۽ ڀڳتيءَ سان ڀرپور هئڻ ڪپي .اهڙو ئي هردو اُنتيءَ جي راھ ۾ هلڻ لاءِ مستڪ جو ساٿ ڏئي ٿو .ڪليل مستڪ ۽ پريل هردي ٻئي گڏجي .ي پورن انتي ڪري سگهن ٿا .

دل ۽ دماغ جي مهما جي سيني ڪي سڌ آهي ،پوءِ بہ ماڻهو انهن جي سمنويہ (ميل) تي ڌيان ڪونہ ٿا ڏين .دل ۽ دماغ وارا ماڻهو ئي سنسار ۾ سج ۽ چنڊ جيان چمڪن ٿا ۽ اُنتيءَ جي چوٽيءَ تي رسن ٿا ۽ ٻين بہ هو اُنتيءَ جي راھ ڏسين ٿا .

سدائين اوچي چڙهڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ اَٽلتا جي ضرورت رهي ٿي .بناپختائيءَ جي دائمي اُنتي ناممڪن آهي .سج ۽ چنڊ اٽل (ڌرو) رهڻ ۽ واڌاري جا آدرش آهن .سج سدائين پنهنجي گهيري ۾ هلندو رهي ٿو .وقت تي اپري ٿو ۽ وقت تي لهي ٿو ۽ سنسار ڪي پرڪاش

ڏيندو رهي ٿو .چندرما بہ مقرر وقتن تي ڪڙي ٿو ۽ گم ٿئي ٿو چندرما پرٿويءَ تي چانڊوڪي ۽ رس جو ڦهلاءُ ڪري ٿو .

پرگتي (ترقيءَ )جي ڪابہ آخرين ريڪا ڪانہ ٿئي ٿي ۽ اُنتيءَ جي آخرين چوٽي ڪانہ ٿي ٿئي .پرگتيءَ ۽ انتيءَ جو آخرين لڪش ضرور آهي ،پر اهو آهي پرم جي پراپتي .پرم (پرماتما )جي پراپتي ٿيڻ تائين ساڌڪ کي لڳاتار اوڏانهن وڌڻو آهي .پرم جي پراپتيءَ لاءِ ساڌڪ کي برهم سيوي (گيان گڏڪندڙ ) کشتر سيوي (ٻل سمپادڪ) ائشوريج جي پشٽيءَ جو استعمال ڪندڙ ٿيڻ گهرجي .

گيان ،ٻل ۽ ائشوريہ جو سمپادڪ رهندي ،تون تيستائين ساندهہ پنهنجي برهم ٻل ۽ جيون کي اوچو، ڪندو هل ،جيستائين توکي پرم جي پراپتي نہ ٿئي .جيون نالو ئي پرم جي ياترا جو آهي. جيڪو پرم طرف گتي نہ ڪري رهيو آهي ،جو ان ڏانهن وڌي نہ رهيو آهي ،اهو جيون تہ جيون ئي ناهي .

پرم طرف پرگتي ڪندي ۽ وڌندي تون فقط سوَ (خود )۽ سوارٿ تي ئي نظر نہ رک ،بلڪ پرجا کي بہ پرگتيءَ ڏانهن وڌائيندو هل .خود وڌ ۽ ٻين کي وڌاءِ تہ اُنتي اوس تنهنجا چرن چمندي .

## 49 . دکيءَ جي پڪار.

**ارٿ : مان اهو آهيان جيڪو اڳئين يڳيہ (وقت ) ۾ هوس .مان ڪجهہ بہ ڳالهائيندو رهان ٿو ،بگهڙ جيئن اجايل هرڻ کي (پڪڙي ٿو) تيئن ئي چنتائون مون کي گهيري رهيون آهن .آڪاش ۽ پرٿوي (بہ رئڻ وارا من ۽ بڌي ) منهنجي انهيءَ اوستا _ پيڙا جو ورتانت ڄاڻ.( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ ستي لفظ آيو آهي ست لفظ جو يرٿ آهي اَن يوڳن جو وقت .يوڳن ڪرڻ جا ٽي وقت آهن _ صبح،منجهند، شام .رات جو ءوڳن نہ ڪيڙ گهرجي انڪري ان جو ذڪر ساسترن ۾ ڪونهي .اهڙي طرح جيون (زندگي ) جا بہ ٽي وقت آهن _ ٻال اوستا، جواني ۽ پيري .ست گزريل ڏينهن کي بہ چئبو آهي .

ورڪ چئبو آهي بگهڙ کي ورڪ جو مول ارٿ آهي هنسڪ يا ماس آهاري .ماس _اَهاري ضرور هنسڪ ٿئي ٿو .ماس آهاريءَ جي يوڄن لاءِ پسن جي هنسا ڪئي وڃي ٿي .ماس آهاري ۽ هنسڪ هئڻ جي ڪري ئي بگهڙ کي ورڪ چيو وڃي ٿو .بہ آهن جي جيون درگتيءَ تي پيڙا ۽ پشتاءَ جا لڙڪ لاڙين ٿا ،اُهي آهن من ۽ بڌي ،دل ۽ دماغ .انهن جي پڇتاءُ ڪرڻ ۽ روئڻ مان ئي منش جو اُتم ڪلياڻ ٿئي ٿو ۽ زندگيءَ جي اَملهہ گهڙين جو سٺو خرچ ٿئي ٿو .انهن ٻن جي روئڻ سان وويڪ پيدا ٿئي ٿو .من جو پڇتاءُ ۽ بڌيءَ جو وويڪ

بئي گڏجي جيون ۾ نئون ورڪ ورائين ٿا .ويد جو هي منتر اُتم ۽ نريڪشڻ ـپنهنجي تپاس ڪرڻ جو منتر آهي .هرهڪ ماڻهوءَ کي هن منتر جي سهاري سان آتم نريڪشڻ ڪرڻ گهرجي .هن منتر چيو ويو آهي تہ منهنجا من !منهنجي بڌي (آڪاش ۽ پرٿوي )منهنجي زندگيءَ جي حقيقي حالت کي ڄاڻو ۽ ان جو علاج ڪريو . بڌيءَ جو ڪاريہ آهي ٻوڌ ،گيان ،چنتن ۽ من جو ڪاريہ آهي سنڪلپ .دماغ جو ڪاريہ آهي پڇاڻ ڪرڻ ۽ دل جو ڪم آهي علاج ،بڌي ڄاڻي ٿي ۽ من ڪري ٿو .بڌي چتاءُ ڏئي ٿو ۽ بڌي پريرڻا ڏئي ٿو .آتم نريڪشڻ بڌيءَ زريعي ٿئي ٿو ۽ هن زندگيءَ جي اوڻائين جو چنتن ڪري ۽ هي من! منهنجي اوڻائين جو علاج ڪر .

چنتن ۽ سنڪلپ اِهي ٻہ مهان شڪتيون آهن .جنجي ذريعي منش ناممڪن کان ناممڪن اَپلاڪان بہ ممڪن بڻائي سگهي ٿو .منهنجا چنتن ۽ سنڪلپ !منهنجو علاج ڪر يو ، منهنجي هن جيون جو نرماڻ ڪريو ،اِها آتما جي پڪار آهي .

”مان اهو ئي آهيان جو اڳئين ڏينهن هوس .“آتم چنتن ڪندي، ساڌڪ سوچي ٿو تہ ڇا مان اهو ئي آهيان ،جو اڳئين ڏينهن ( وقت ۾) هوس .ڇا مان اهڙي جو اهڙو آهيان ،جو اڳئين ڏينهن هوس يا اُن کان هاڻي بهتر بڻيو آهيان ؟

ساڌڪ هروز پاڻ کان پڇي ٿو تہ مون ڪالهہ کان اڄ اُنتي ڪئي آهي يا نہ ؟جيڪي ٻال اوستا ۾ هوس ،اُن کان زيادهہ اُنتي جوانيءَ ۾ ڪئي اتم ۽ پيريءَ ۾ جوانيءَ کان ڪيترو مٿي چڙهيو آهيان .آتن نريڪشڻ سان ئي ماڻهو سچو انسان بڻجي ٿو .

واٽي آتن نريڪشڻ جي ٻي  وشيہ آهي .ماڻهوءَ جي سنئي اوسٿا يا بريءَ اوسٿا جي ڪارڻ مان مڪيہ ڪارڻ واٽي آهي .واٽي ڪلياڻڪاري بہ آهي  تہ وناش ڪاري بہ .اُها واٽي دوست وڏائي تي تہ اُهائي دشمن بہ وڏائي سگهي ٿي .

واٽي اهو پروانو ڪانہ ٿي ڏئي تہ ”تہ مان ڪجھ بہ ڳالهائيندو رهان.“ڳالهائڻو آهي تہ ضرورت وقت ۽ خبرداريءَ سان .صرف ڳالهائڻ لاءِ ڳالهائڻو ڪين آهي .جيڪي جيءُ ۾ اچي سز گوجل نموني ۾ اچلڻو ڪين آهي .بنا سچ ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ سان ماڻهوءَ جي زواليت اچي ٿي .هونئين بہ ماٺ ۾ مزو آهي .بڪوادي ٿيڻ بجاءِ ٿورو ڳالهائوُ ٿيڻ ڪپي .گهڻو ڳالهائيندڙ ٿاٻڙندو بہ .گهڻي ڳالهائڻ سان وڏاءُ ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جي بہ عادت پوي ٿي .ٿورو ڳالهائو ئي ستيوادي ۽ مٺر ٻوليندڙ ٿي سگهندو .بڪ بڪ ڪندڙ جو ڳالحائڻ اثرائتو ڪين ٿي سگهندو .ٿورو ڳالهائُوءَ جا وچن اثرائتا ٿي سگهن ٿا .

توهان جا وچن توهان جي اوچايءَ ۽ نيچائيءَ جي شهدي ڏين ٿا .چاڪاڻ تہ ماڻهوءَ جي امدر ۾ جيڪي هوند آهي ،اهو ئي اچل ڏيئي واٽيءَ ذريعي ٻاهر ايندو آهي .واٽيءَ جي ساڌنا ڪرڻ ضروري آهي .ماڻهو جو هڪ هڪ ملفظ املھ آهي ،اُهو اجايو ورجائڻ نہ گهرجي .

تلاءُ تي پاٽي پيئندي هرڻ کي جيئن بگهڙ ڪائي ويندو آهي ،اهڙي طرح چنتا روپي بگهڙ وشيہ _ ترشٽا ۾ ڦاٿل منش کي ماري ڪائي وجي ٿو .ان ڪري تُتم نريڪشڻ سان اهو بہ ڏسڻ گهرجي تہ

مون کي چنتائون تہ گھيري کين رهيون آهن .جيڪڏهن چنتائون ستائين ٿيون تہ چئبو تہ اسان جيون ۾ اُنتي نہ ڪئي آهي .اگياني ئي چنتائن جو شڪار ٿيندو آهي .چنتائون جيون کي چٽ ڪري ڇڏين ٿيون .هونئين بہ چنتاءِ چکيا ( چتا ) ۾ هڪ ٻبڪي جو فرق آهي .چتا تہ مرڻ بعد جلائي ٿي پر چنتا جئري جلائيندي رهي ٿي .ان ڪري اسان کي خبردار ٿي چنتا چنبڙيءَ کان پاڻ کي آجو ڪرڻو آهي .

هونئين بہ يوڳي چنتا ڪندا آهن ۽ يوڳي چنتن ڪندا آهن. چنتن پلي ڪجي پر چنتا نہ ڪجي .اُپدائين ۾ يوڳي چنتا ۾ ٻڏي وجي ٿو ،پر يوگي اپدائن ۾ چنتن ڪري اُپاءُ ڪري ٿو .ڦاسيءَ جي تختي تي هوندي بہ يوگي ڪا چنتا نہ ٿو ڪري ،يوڳي ٿوريءَ سختيءَ اچڻ تي بہ چنتائن جي چڪر ۾ ڦاسي وجي ٿو .پاپي چنتائن جو شڪار ٿئي ٿو ،مگر پڇ آتما سداچاريءَ چنتائون ستائي نٿيون سگهن.

هن ويد منتر پٿاندر آتم نريڪشڻ ڪريو ۽ ٽي سوال پاڻ کان پڇيو :

(1) ڇا مان اهو ئي آهيان ،جيڪو يا جهڙو ڪالهہ هوس ؟
(2) ڇا مان بنا سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهايان ٿو ؟
(3) ڇا مون کي چنتائون ستائن ٿيون ؟

جيڪڏهن انهيءَ سوالن جا جواب ” هائو “ ۾ آهي تہ توهان جي حالت رحم جوڳي آهي ،توهان اُنتي ڪندڙ ڪونہ آهيو .پر جي جواب ” نہ “ آهي تہ چئبو تہ توهان ڌنيہ آهيو .هن ويد منتر تي غور ڪري سجاڳ ٿيو ۽ اُنتيءَ جي ڏاڪڻ تان مٿي چڙهندا هلو ۽ پنهنجو جيون سڦل بڻايو .

## 50 . پرڀوءُ کان طلب.

**ارٿ : چيتن سروپ _چيتنا پردان ڪندڙ!مان ڀاڳيہ رهت _اَڀاڳو ٿي، پري ويندي ،تون مهان جي ٻل ڪان پري _جدا ٿي رهيو آهيان .تون من ۾ وس .مون توڪي رسايو آهي .پنهنجي جيون سان ٻل دان جي ڏيڻ لاءِ مون وٽ اچ .( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : اڀاڳ انيڪ آهن جن رهت ٿيڻ اڀاڳ ( بدنصيبي )آهي ڌن هيڻ ٿيڻ اڀاڳ آهي .وديا رهت ٿيڻ اڀاڳ آهي .گهر رهت ٿيڻ اڀاڳ آهي .چوتر هيڻ ٿيڻ اڀاڳ آهي .يگيہ هيڻ ٿيڻ اڀاڳ آهي .پد_ عزت هيڻ ٿيڻ اڀاڳ آهي .سڀني ڪم نصيبين ۾ وڏي ڪم نصيبي آهي چيتن سروپ پرڀوءَ ڪان پري ٿيڻ ۽ مهان سواميءَ جو ڪم نہ ڪرڻ .

ڀاڳ خوش نصيب انيڪ آهن .پريوار پرپور هجي اهو ڀاڳ آهي .ٻل، ڌن ،وديا ۽ گهر وارو هئڻ ڀاڳ آهي .چوتر پش ،راج ،پد ۽ عزت جو هئڻ ڀاڳ آهي .پرچيتہ پرڀوءَ جي ويجهو ٿي ،خود پرڀوءَ جو ڪاريہ ڪرڻ ،لاشڪ ڪنهن جي بہ شيوا ڪرڻ ماڻهوءَ جو ڀاڳ آهي. ڀڳوان جي شيوا ڪرڻ انسان جو مهان ڀاڳ آهي .

مايا جي ڀول ڀلئيان ۾ ۽ سنسار جي ٻين پر پنجن ۾ انسان پرڀوءَ لان پري هليو وڃي ٿو ۽ ان جو ڪاريہ شيوا نہ ڪري ،مايا جي چاڪري ڪري ٿو پر ڀڳوان تہ پرچيتا _چيتنا ڏيندڙ آهي .هو انيڪ نمونن سان اسان کي چتاءُ ڏيدو رهي ٿو .انسان کي ڀٽڪي ڀٽڪي

نيٺ چيتنا اچي ٿي ۽ پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندي ،هو ورلاپ ڪرڻ لڳي ٿو ۽ چوڻ لڳي ٿو تہ مان ڏاڍو بدبخت آهيان ،جو توهان ڪان پري هليو ويس .اف ! مون تنهنجي شيوا نہ ڪري ،مايا جي چاڪريءَ ۾ لڳي ،پنهنجو املهہ جيون برباد ڪري ڇڏيو .پوءِ هو پڪاري چوي ٿو تہ هي منوهر ! منهنجي من ۾ نراس ڪر .مون ڪرم هيڻ ٿي تو ڪي پلائي ڇڏيو .تڏهن تون بہ تہ سدائين منهنجي من ۾ پنهنجيءَ ڪلياڻڪاري چيتنا سان مون ڪي نوڪرون ڪارائي خبردار ڪندو رهئين .پنهنجي جيون جي هن سنديا ۾ پاڻ ڪي اڪيلو محسوس ڪري رهيو آهيان .مون ۾ سمايل چيتنا ڏيندڙ ! تنهنجي چيتنا مون ڪي اڄ سجاڳہ ڪري ڇڏيو آهي .

انسان پاڻ ڪي ڏيرج ڏيئي ٿو .هو پنهنجي سواميءَ ڪي پراٿناڪري ٿو تہ گذري سا گذري .هاڻي ٻل ڏيڻ لاءِ مون وٽ اچ .مون ڪي اهڙو ٻل پردان ڪر .جو منهنجي جيون جا جيڪي چار ڏينهن باقي آهن ،اُنهن ۾ مان تنهنجو ئي خوف ڪاريہ ڪريان ۽ تنهنجي شيوا ڪريان .

## 51. ڪرٽي .شڪشا ۽ جوتيءَ ڏي !

**ارٿ : هي گهٽو پڪاريو ويندڙ اِندر ! جيئن پتا پٽرن لاءِ ،تيئن تون اسان لاءِ ڪرم ڪرڻ لاءِ يوگتيا ،ڪرٽي _ ڪرم ۾ هوشياري پراپت ڪراءِ .هن انڌڪار واري (سنسار ) مارگ تي اسان کي شڪشا ڏي. اسان انسان جوتيءَ کي پراپت ڪريون. ( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ پرماتما کي ٻن نالن اِندر ۽ هوت سان ياد ڪيو ويو آهي .اِندر جو ارٿ آهي دشمنن کي چيڙيندڙ ۽ ڦاڙيندڙ ،ويرين کي ناس ڪندڙ .ڪجهه اهڙا دشمن آهم جن کي اسان هٿيارن سان ناس ڪري سگهون ٿا .مگر ڪجهه اهڙا دشمن آهن ڪنهن هٿيارن سان ناس ٿي نہ ٿا سگهن .جيئن تہ ايرڪا _دويش ،وڪار واسنا اِهي بہ اسان جا وڏا دشمن آهن ۽ اندريان دشمن آهن .پرماتما ئي هن، جو اسان کي اندرين دشمنن کي مارڻ لاءِ ٻل ڏئي ٿو .انهيءَ ڪري اندرين دشمنن کي ناس ڪندڙ سبب پرماتما کي اِندر چيو ويو آهي .
هن منتر ۾ پرماتما کي پرهوت يعني گهٽو پڪاريل بہ چيو ويو آهي .جنهن کي سڀ پڪارين اهو پر هوت آهي .پرماتما کي سيئي نہ تہ گهٽي ڪان گهٽا پڪارين ٿا ۽ وري وري پڪارين ٿا .دڪ ۾ تہ ان کي سيئي پڪارين ٿا .پلا اُهي اهن جيڪي سک ۾ پرماتيا کي نہ ٿا وسارين .سچ چيل آهي تہ : .

دک ۾ سمرن سڀ ڪرين ،سک ۾ ڪري نہ ڪوءِ ،
جو سک ۾ سمرن ڪرين ،تو دک ڪاهي ڪو هوءِ .

سچا ڀڳت ڏک چاهي سک ۾ ۽ هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪندا آهن .هرڪو پنهنجي ٻوليءَ موجب جدا جدا نالن سان ڀڳوان کي ياد ڪري ٿو .ڪو ان کي لارڊ ۽ گاڊ چوندو آهي ته ڪو ان کي خدا يا الله نالن سان ياد ڪندو آهي .ڪو ان کي اوم يا رام نالن سان پڪاريندو آهي .پر پڪارين سڀئي ان کي ٿا .

ساڌڪ پرماتما کي جڏهن پڪاريندا آهن ،جڏهن اُتم ساڌنا ۾ هُو گهور جدوجهد ڪندا رهندا آهن .پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته پڪاريا يا پراٿنا ،وينتيءَ يا نمرتا جي روپ ۾ ڪرڻ گهرجي .نمرتا ،پراٿنا جو اموگهہ ساڌن آهي .نيزاريءَ واري پراٿنا ئي سڦل ٿئي ٿي .نيزاريءَ ۽ نمرتا کان سواءِ پراٿنا انهيءَ ڪسي وڻ سمان آهي ،جنهن ۾ ڪو ڦل ڪونہ ٿو ٿئي .انڪري ڀڳوان کان گهرو ،پر نهايت نيزاريءَ ۽ نمرتا سان .

ويدڪ پراٿنائون شڪشا ،پريرڻا ۽ پرسارٿ سان ڀريل ٿينديون آهن ،ويد جي شئلي (ڍنگہ )ئي پراٿنا ميہ آهي پريرڻا پائي ،پرشارٿ ڪيو وجي تہ چاهيل جي سڌي ٿئي ٿي ،اهو هڪ ڪن لاءِ بہ ڪڏهن ڀلائڻ نہ گهرجي .ڪوري زباني پراٿنا کي ڪا معنيٰ ڪانهي .

پراٿنا هڪ تمام اعليٰ ساڌنا آهي ،جنهنجو سنبنڌ نہ ٻڌيءَ سان آهي ۽ نہ ميڌا سان ،نہ من سان آهي ۽ نہ چت سان ،نہ واڻي سان آهي ۽ نہ آواز سان .پراٿنا جو سنبنڌ تہ اندر سان آهي ،آتما سان آهي .اها آتما جي پڪار آهي .

پراٿنا ٻن قسمن جي ٿيندي آهي .هڪ شزصي پراٿنا ،ٻي ساموُهڪ ( گڏيل ) پراٿنا .هن منتر ۾ گڏيل پراٿنا آهي .پراٿنا جي بهاني هن منتر ۾ تي پريرٽا دائڪ سکيائون ڏنيون ويو آهن .پرماتما کي چيو ويو آهي تہ جيئن پتا پترن لاءِ ،تيئن تون اسان کي کرت ( پراپت کراءِ .کرت چئبو آهي کرم جي يوگيتا يا ڪرٽيءَ کي، وهنوار ۾ آٽڻ جي شکتيءَ کي .پتا پترن جي جيڪا ايما ڏني ويئي آهي ،ان ۾ شڪشا ،پريرٽا ۽ پرسارٿ جو ميل سمايل آهي .ننڍڙو ٻار وهڻ جي ڪوشش کندو آهي ،پتا ڪيس سهارو ڏيئي وهاري ڇڏيندو آهي .ٻار وهڻ سکي اُٿڻ جي ڪوشش کندو آهي تہ پتا ڪيس سهارو ڏيئي ڪڙو کندو آهي .بيهڻ سکي هو هلڻ جي ڪوشش کندو آهي تہ پتا سندس آڱريون پکڙي ،ڪيس هلائيندو آهي .هلڻ سکي پوءِ هو ڊکڻ ڊوڙڻ ،ٽپڻ ،ڪڏڻ ۾ لڳي ويندو آهي .اهڙي طرح پتر جي ڪوشش پٽاندڙ پتا ڪيس انيڪ طرح جا ڪرتويہ کرم سيکاريندو آهي ۽ پٽ پرشارٿ سان هرهڪ کرم کرڻ لڳندو آهي .اهڙي طرح جڏهن اسان چيشٽا ۽ پرسارٿ ڪريون ،تڏهن اندر اسان جي کرم کرڻ جي شکتي بخشيندو ۽ نہ ٻيءَ حالت ۾ .پتراٿنا پٽاندڙ چيشٽا ۽ پرشارٿ کرڻ سان ئي پراٿنا ڦل واري ٿئي ٿي .

اهو سچ آهي تہ دنيا ۾ کرٽي ( کرم کرڻ ) تي نعمت آهي ۽ نہ کهٽي .کرٽي (رهت ) ئي شخصن پريوارن ،سماجن ۽ راشٽرن کي اوچو بڻائي ٿي .کرم کرڻ جي شکتي ئي ڪماليت ڏانهن وٺي هلي ٿي ۽ کٽني (کهٽي ) زواليت ڏانهن نئي ٿي .ٿوٿن پاشٽن مان ڪجھ نہ ٿو وري ،جيستائين علم سان عمل شامل نہ ٿو ٿئي تيستائين جيون ڪامياب ٿي نہ سگهندو .ڪير ڪيڏو بہ ويد گياني

هجي ،سنو وياکيا ڪرتا هجي ،(ڪرم هيڻ ) نيتا هجي ،اُهي سمورا بار روپ آهن .اهو ئي سبب آهي ،جو هن منتر ۾ اندر ڪي ڪرم ڪرڻ جي شڪتي ۽ يوگيتا لاءِ پراٿنا ڪئي وئي آهي .

ليکڪ اڪثر ڪيترا ڪتاب لکي ٿو .پانڪ ڪيترا ئي گرنٿ واچي ٿو پر جي اهو وهنوار ۾ نہ ٿو اچي تہ سڀ اجايو آهي .اڄ ڪلھہ ائين ئي ٿي رهيو آهي .اُپديشڪ اُپديش جهاڙيندو وجي ٿو ۽ شروتا (ٻڌندڙ )صرف ٻڌندو وجي ٿو ،ٻئي اُتي جو اُتي ئي رهن ٿا .نيتا لوڪ ڀاشڻ ڪن ٿا ۽ جنتا تاڙيون وڄائي پنيرائي ڪري ٿي پر ماڻهن جي جيون ۾ ڪا جوڙ جڪي اُنتي ڪانہ ٿي اچي .آچار ڪان سواءِ ڪو اُپچار (علاج ) ڪونهي .سداچار ڪان سواءِ اُنتي ڇاجي ؟مانوتا جو بيڙو تہ تڏهن ٻني لڳندو ،جڏهن انسان ڪرم ڪرڻ جي يوگيتا رکندڙ ٿيندو ۽ ورشارٿ ڪندو .جڏهن ڪهڻيءَ موجب ماڻهن جي ڪرڻي ٿيندي ،تڏهن انسان زات جو ڀلو ٿيندو .چوڻ صرف چوڻ لاءِ نہ پر ڪرڻ لاءِ آهي .

ٻي شڪسا آهي تہ هي اندر ! هن پريڪشا جي ڪيتر ۾ اسان کي شڪسا ڏي ،اسان لي چتاءُ ڏيندو هل ۽ اسان کي پرڪاش پردان ڪندو رهہ .انڌڪار وارو رستو تہ اوڙاهہ ڏانهن وٺي ويندو ،رواجي طرح سنساري رستو سونهري آهي ،جيڪو اسان کي زواليت ڏانهن وٺي ويندو .هي سنسار سندر ۽ هوهيندڙ آهي ،جو ڀوُل ڀلئيا سان ڀريل آهي .هتي قدم قدم تي ماڻهوءَ جي ستيہ جي پريڪشا ٿئي ٿي. هن ۾ تہ اهو ڪامياب ٿئي ٿو ،جيڪو ڀڳوان جو آڌار وٺي جيون، مارگہ ۾ وڌي ٿو ،نہ تہ هتي تہ وڏا وڏا ڊنگہ ،رشي مهاتمائون سڌجندڙ بہ ڪريا آهن ۽ ڪري رهيا آهن .

هي سنسار پريکسا جو استان آهي .هتي هي نوکر سان انيو پراپت ٿئي ٿو .جيکڏهن توهان اکيون کولي ڏسو ٿا تهکن کولي بڌو ٿا ۽ ڌيان سا چنتن کرڻ ڄاڻو ٿا تہ هر هڪ پريکشا توهان جي آزمودي ۽ واڌاريو کري ٿي ۽ توهان کي پاس يا ناپاس کري رهي آهي .هتي پريکشا ۾ اُهي ئي پاا ٿين ٿا ،جيکي اندر کي سدائين ساڻ سمجهن ٿا ،ان جو سمرن کن ٿا ۽ اندر کان پريرڻا پراپت کندا رهن ٿا .ياد رکو ٿتہ پڳوان 40 سيکڙو ماکن يا مقرر سيکڙي تي پاس نہ کندو آهي پر جڏهن اسان 100 سيکڙو مارکون کڻون ٿا، تڏهن پاس کري ٿو .

منتر جي ٿين شکتا آهي اسان سيئي انسان جوتي پراپت کريون .اسان انڌکار کان کنارو کري پرکاش سان پاڻ کي پُر کريون .گيان ۽ وويڪ ئي اها جوتي آهي ،جنهن جي تجلي سان پريکشا جي استان تي قدم قدم تي پاس ٿيندا ويندا سين .اُهي ڌنيہ آهن ،جيکي کرم جي شکتيءَ سان هن اسکول ۾ شکشا پراپت کري ،وويڪ جي جوتي پراپت کن ٿا ۽ انهيءَ جوتيءَ جي سهاري آڌ کان انت تائين هر هڪ پريکسا ۾ پاس ٿيندا ،هتان روانا ٿين ٿا .
هي جوتي سروپ پريو ! شل اسان انسان صرف کهٽيءَ جي عادت کان کنارو کري کرٽيءَ جي سهارو وني جوتيءَ کي پراپت ٿيون، تون اسان جو مارگ روشن کر .

## 52. سهيوگ جي سکيا.

**ارٿ : توهان جي جل شالا هڪ ٿئي ،ان جو ورهاڪو ساٿ دساٿ ٿئي. هڪ ئي پاڃاريءَ ۾ مان توهان کي گڏ جوٽيان ٿو ،.جيئن ڦيٿي جا آرادن ( وچ ) جي ۾ چو طرف کان جڙيل ٿيندا آهن ،تيئن توهان سڀئي ملي ،گيان سروپ پرڀوءَ جي پوڄا ڪريو .**

**( اٿرو ويد)**

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ سنگهنن جي سکيا ڏني وئي آهي .اٿرو ويد ۾ سنگهنن جي بابت منترجي ڪمي ڪانهي .جل ۽ اگني صفائي آڻڻ واريون وستو آهن .شڌ هرديه ئي هڪ ٻئي سان ملي ويندا آهن .هن منتر ۾ جل جو ورنن سيني ڪان اڳ آيو آهي .شخصي گڻن ۾ پهريون گڻ شوُچ (صفائي ) آهي .جل سان سنان ۽ اگنيءَ سان يگيه ٿيندو آهي .سنان ٻاهرينءَ صفائيءَ يا شاريڪ شڌيءَ لاءِ يگيه آتمڪ شڌي ء لاءِ ٿيندو آهي .

شوُچ جهڙي شخصي گڻ جي مغربي ملڪن ۾ ڪجھ ڪمي هئي .انهن ملڪن ۾ ساريرڪ شڌيءَ کي وڏيڪ ضروري تڏهن کان سمجهيو وجي ٿو ،جڏهن کان 1918 _ 19 14 جي مهاياري لڙائي لڳي .لڙائيءَ جي ڏينهن ۾ ڪنهن يورپين کي سنان لاءِ چيو ويو .هو آفريڪا مان پارت ۾ آيو هو .هن ٻڌايو ته ” مون تي چڱا ڏينهن ٿي ويا ته آفريڪا ۾ سنان ڪيو هو .“

جنهن انگريز جوڙي نيپولين کي جيتيو هو ،اهو پارت ۾ رهڻ ڪري سنان ڪندو هو .اَنيڪ انگريز چوندا هئا تہ ويلنگٽن پارتيہ تي ويو آهي ،هو وري  وري سنان ڪري ٿو .

سن 1951 ۾ ادمشماريءَ موجب لندن شهر ۾ هڪ انگريز پنجن سالن تائين سراسري هڪ دفعو سنان ڪندو هو .فرانس ۾ بادشاھ چوڏهون لئي سال ۾ هڪ ڀيرو سنان ڪندو هو .هو پنهنجو منهن بہ روزانو نہ ڌوئيندو هو .

انگريز بادشاھ هيري ڇهين جي پيرن مان ڏاڍي بدبوءِ ايندي هئي .جنهن راڻي ايلزبيٿ کي ديوي ڪري مڃيو ويندو هو ،اُها چاهي سندس درٻاري پنهنجي بدن جي بدبوءِ مٽائڻ لاءِ عطرن جو استعمال ڪندا هئا .يورپي لوڪن ۾ پوءِ سنان جي عادت پيئي .هندن ۾ باهرين چاهي اندروني شڌيءَ لاءِ جل کي مکيہ ساڌن سمجهيو ويندو آهي .ساهو ئي سبب آهي جو ارين جا وڏا وڏا شهر ندين ،ڍنڍن ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي هوندا هئا .وويڪ ڪال ۾ جتي ڪٿي جل الائون هونديون هيون .هن ويد منتر مان ڏسبو تہ شهر واسيءَ جي ضروري رستن ۾ جل شالا جو شمار ٿيندو هو .

هن منتر ۾ اَن جي پوري سڪيا ڏني وئي آهي .اَن ماڻهوءَ روپي اِنجڻ جو ڪوئلو آهي .اهو بڪہ مٽائي ٿو.ڪڏهن ڪڏهن ڏڪر ۾ اَن جي ڪمي ٿي ويندي آهي ۽ پئسن سان بہ اَن نہ ملندو آهي .اَن تہ هرڪنهن کي کپي .بڪيا اَن جا پندار لٽيندا آهن .ويد چوي ٿو تہ ”اَن

جو ورهاڱو ساٺ ساٺ ٿئي .اَن ڪي نياءَ سان ورهايو .پيٽ لاءِ ئي دنيا ۾ جهڳڙا ٿيندا آهن . “چوٽي بہ آهي تہ : .

.........    ......    ..........

بليو ماڻهو کهڙو پاپ نٿو ڪري اَن آهي تہ ايمان آهي .بکئي کي گيان ٻڌڻ جي صبر ڪٿي ؟سماج ۾ شانتي سک رهي ،اَن لاءِ پوڄن سيني کي ملڻ کپي .

ماڻهو هڪ سماجڪ پراڻي آهي ،هن کي ساٿين جو سهارو گهرجي .هڪ ٻئي جي سنگہ مان ئي انسان گهڻو ڪجهہ سکي ٿو. منش منش جو ساٿي متر آهي .ويد ۾ انهي ڪري ملي رهڻ جي آگيا ڪئي وئي آهي ۽ گڏجي پريوءَ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. سنسارم رهندڙ انسانن کي سهيوگہ سان رهڻ کپي .ويد ڀڳوان ڪان

اسان کي ايڪتا جي رسيءَ ۾ ٻڌجي رهڻ جو اُپديش ملي ٿو . بالڪ جو سنبنڌ ماءُ پيءُ وڏي ڀاءُ ڀيڻ سان آهي ٻال اوستا ۾ ڪو بہ آزاد رهي نٿو سگهي .وڏو ٿي آزاد رهي سگهي ٿو ،پر تہ بہ ٻين جي سهيوگہ ڪان سواءِ سندس جيئڻ بہ پريو اسانجو پتا آهي ۽ اسان سندس ٻار .اسان کي جڳائي تہ سندس نيمن جي ٻنڌن ۾ رهون .سنسا چڪر جو دن (ڪيندر )

پاڻ پرماتما آهي .گڏ سنان ڪرڻ ،گڏ ڪائڻ ۽ گڏ پراٿنا ڪرڻ سان اسان هڪ ٻئي کي ويجها اچون ٿا ۽ ٻلان ٻڌجون ٿا. شل سنگهنن ۾ رهي آنند جو مزو ماڻيون .

## 53. تون ئي اسان جو ماتا پتا

**ارٿ : هي ساري جڳت کي وسائڻ وارا پربھو ! تون ئي اسان جو پتا آهين .جڳت جي اُتپتي ،استتي ۽ پرليہ وغيره سوين ڪريائن جا ڪندڙ جڳديشوُر ! تون اَسانجي ماتا آهين .انهيءَ ڪري اسان تنهنجي آشيرواد چاهيون ٿا .(اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** : .هن ويد منتر ۾ ايشور کي پنهنجو ماتا پتا سڏيو آهي. ماتا پتا جهڙي نعمت دنيا ۾ بي ڪا ڪانهي .ماءُ پيءُ ڪيئن نہ ٻار جي هر گهرج جي پورائي ڪن ٿا .ماءُ پيءُ جو ديا پربھو هٿ سنتان تي نہ هجي تہ هوند ان جي پالنا ئي مشڪل ٿي پوي .جڏهن اِنسان پرماتما جي سرشٽي تي نظر وجهي ٿو ۽ پنهنجي سهنجائيءَ ۽ سک جون سموريون وستوانهيءَ ريت ڏسي ٿو ،جهڙيءَ ريت گهر ۾ ماتا پتا پنهنجي سنتان جي سک سهوليت لاءِ انيڪ نمونن جي سامگري گڏ ڪن ٿا تہ اهو آنند ۾ پرجي وجي ٿو ۽ سندس مک مان اچانڪ ئي پريم پريا لفظ نڪرن ٿا تہ هي پربھو ! حقيقت ۾ تون ئي اسان جو پتا آهين .اسان توهان جي آشيرواد جا بکيا آهيون ،اسان کي پنهنجي آشيرواد ڏيو .

دنيوي ماتا پتا سنتان لاءِ ايترو ڪجھ نہ ٿا ڪري سگهن ،جيترو پرميشور اسان جي جيون لاءِ ڪري ٿو .هوا ،پاڻي اَن وغيره

قيمتي پڌارٿ آهن ،جن کان سواءِ اسان جو جيئڻ هوند جنجال ٿي پوي .پر آگياني جيو اَن حقيقي ماتا پتا کي بہ پلايو وهن .

ديالو پرماتما تہ اسان مٿان جاڳندي ڇا پر اسان جي ننڍ پيءُ سڌ هوندي بہ پنهنجيءَ ديا روپي ورکا وسائيندو رهي ٿو .اُن ديا ۽ ڪرپا جو احساس ڪندي ڀڳت جي منهن مان بي اختيار نڪري وڃي ٿو :.

،،،،،،،،،،،،،،،،

” تون ئي منهنجي ماءُ آهين ،تون ئي منهنجو پيءُ آهين ،تون ئي منهنجو ڀاءُ ۽ متر آهين ،تون ئي منهنجي وديا ۽ ڌن آهين .تون ئي منهنجا ديو ! منهنجو سڀ ڪجهہ آهين .“

هن منتر مان اها بہ سکيا ملي ٿي تہ سنتان کي گهرجي تہ هو پنهنجي ماتا پتا کي پنهنجين شيوائن سان پرسن ڪري ،سندن سدائين آسيس پراپت ڪندو رهي .ماتا پتا جون شڀ ڪامنائون سنتان جي اُنتي ۽ سندس ڪلياڻ ڪرڻ ۾ تمام سهائڪ سڌ ٿين ٿيون .

پر جيڪڏهن انسان کي جڳت جنني ۽ پرم پتا جي آشيرواد پراپت ٿي وڃي تہ انجو ڪيترو ڪلياڻ ٿي سگهي ٿو ،ان جي ڪلپنا بہ ڪري نہ ٿي سگهجي .پرميشور اسان جو ماتا پتا آهي ۽ سيئي ان جو پياري سنتان آهيون .تيئن اسان کي گهرجي تہ اسان پريوءَ جي آگيا موجب پاڻ ۾ پريم سان رهون ۽ پراڻي ماتر جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪريون ۽ سپاتر ٿيون ،جنهن ڪري اسان کي جڳت جنني جڳت پتا جي آشيرواد پراپت ٿيندي رهي .

# 54. ديوتا

**ارٿ : سٺي مک وارا گياني ! اُهو منش ديوتا آهي ،جيڪو ساڌوان آهي ۽ جيڪو اتما ۾ هون ڪري ٿو .اُهو ديوتا آهي ،جنهن وٽ ارٿارٿي گياني پچندي اچي ٿي .اُهو گهرجائوءَ کي ڏارڻ ڪري ٿو.** ( **رگ ويد** )

**سمجهاڻي** : سٺي مک وارا يعني سندر سندرتا بناوٽي ساڌنن سا ن ڪاڻ اچي سگهندي آهي ،پر اها ايندي آهي شڌ آچار ۽ سٺن ڪرمن سان.

سنسار ان جو ئي درشن ڪري ٿو ،جيڪي پراُپڪاري،گياني، ڌياني،شڌ آچار وارا ،سٺن ڪرمن وارا ۽ سيني جو ڀلو چاهيندڙ هوندا آهن .جيڪو روپ ۾ ته سندر آهي پر برا ڪرم ڪندڙ آهي ،اهو دئت آهي .ديوتا اهو آهي ،جيڪو سندر به آهي ۽ سٺا ڪرم ڪندڙ به آهي .

هن ويد منتر ۾ صاف ٻڌايو ويو آهي ته ديوتا ڪو عرش ۾ ڪونه رهندا آهن ۽ ديوتا منش ئي آهن جيڪي پرٿويءَ تي رهندي سندر ڪرم ڪن ٿا .دئتن کي به ڪي سڱ ڪونه ٿيندا آهن اُهي به ماڻهو ئي ٿيندا آهن پر ڪڪرمي هوندا اهن .ديوتا ٿيڻ جو پهريون گڻ آهي سندر ٿيڻ .

ديوتا دنوان ٿيندو آهي .ڏن لاءِ ”ريہ “ لفظ ڪم آندو ويو آهي ،جنهن جو مطلب آهي شڌ ۽ پوتر ڏن .جيڪي ڌرم سام ڏن ڪمائين ٿا ،جيڪي شڌ اپاون سان ڏن ڏڪمائين ٿا ،جيڪي ڌارمڪ ڪمن ۾ ئي پنهنجو ڏن خرچ ڪن ٿا ،سنسار انهن کي ديوتا جو لقب ڏئي ٿو .جيڪي پاپ سان ڏن ڪمائي ٿو ۽ ڏن سان انرٿ ڪري ٿو ،اهو دئت آهي .ديوتا ٿيڻ جو ٻيو گڻ آهي ڌرم سان ڏن ڪمائڻ .

هن ويد منتر ۾ امرتيہ لفظ ڪم آيو آهي جنهن جو مطلب آهي نہ مرڻ وارو يعني امر .شرير تہ موت ئي پراپت ٿيڻ وارو ئي آهي پر آتما امر آهي .جيڪو منش مرڻ واري شرير ۾ يوڳن جون آهوتيون ڏيندو رهي ٿو ،اهو دئت آهي .جيڪو منش ستيہ جي آچرڻ سان پنهنجي شرير ئي شڌ ،پوتر ،صاف ۽ تندرست رکي ٿو ۽ شرير ڌاري آتما ۾ يوگہ ساڌنا ،سواڌيايہ ،پريو ڀڳتي وغيره سامگريءَ جون اهوتيون ڏيندو رهي ٿو اهو ئي ديوتا آهي ..شرير تن آتما جو نواس اِستان آهي ،ان کي صاف ۽ سندر رکڻ لاشڪ ضروري آهي .مگر ان ۾ نواس ڪندڙ آتما جي سندرتا ،پوترتا ڏانهن لاپرواهہ رهڻ تمام خراب آهي .اهو پڪ ئي پڪ ديوتا آهي ،جيڪو مرڻ واري شرير کي ڌرم ساڌن بڻائي امر آتما جي پوڄا ،عزت ۽ مهماني ڪري ٿو .ديوتا ٿيڻ لاءِ ٽيون گڻ آهي ،آتم ساڌنا .

گياني کي لوڪ اپڪار جي لاءِ ڏن جي ضرورت ٿيندي .جنتا جي ڀلائي ڪندڙ ۽ پراڻي ماتر جي شيوا ڪندڙ سوريہ سمان تيجسوي رشي ،جنهن جو نالو ڀچائيندي ڀچائيندي ،جنهن جي در تي اچن ٿا ،اهو ماڻهو سچ پچ ڀڳوان آهي .اهڙيءَ طرح ديوتا بڻجڻ جو

چوٿون گڻ آهي پراُپڪاري مهاتمائن کي ڏن ڏيڻ .ڏن ڪمائڻ سان گڏ دان ڏيڻ بہ ضروري آهي .

وَس چئبو اهي گذاري جي ساڏن کي .جيڪو بڪايلن کي پوڄن ،ننگن کي ڪپڙو ۽ بي اَجهن کي اَجهو ،غريبن کي مددءِ اَناٿن جي رکسا ڪري ٿو ،اُهو ديوتا آهي .ديوتا بڻجڻ جو پنجون گڻ آهي گهرجائن جي گهرجي پوري ڪرڻ .

مٿي ذڪر ڪيل پنجن گڻن وارا ماڻهو ديوتا سڏجي ٿو .

## 55. جيئرن وانگر جيءُ

**ارٿ :جيون سمپادن ڪرڻ وارن جي جيون سان جيءُ .جيون وان ٿي جيءُ ،مرنہ .آتم سنمانين جي پراڻ سان جيءُ .موت جي وس نہ ٿيءُ .( اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** :هن منتر ۾ چتايو ويو آهي تہ زندھ ماڻهن وانگر جيءُ. مڪلن وانگر جئيڻ بہ ڪو جيون آهي ؟

زندگي زندھ دلي ڪا نام هئہ ،مردھ دل خاڪ جيئا ڪرتي هئن .

جتي امنگ ،اتساهہ ۽ اُنتي آهي ،اتي ئي جيون آهي .جتي اُمنگ ناهي ،اُتساهہ ناهي ،اُنتي ناهي ،اها جيون جي مئل اوسٿا آهي . اُمنگ ۽ اُتساهہ سان ئي جيون جي اُنتي ٿي سحي ٿي .ٻي حالت ۾ زندگي گندگي بڻجي پوي ٿي .مهان اُبلاڪا اُنتيءَ جي ماءُ آهي .نيچ اَبلاڪائون جيون کي کيرائين ٿيون .ڪابہ ابلاڪا اُمنگ ،۽ اُتساهہ کان سواءِ ڦلوتي ٿي نہ ٿي سگهي .

ڪابہ مهان اُبلاڪا اهڙي ناهي ،جيڪا پرشارٿ سان پوري نہ ٿي سگهندي هجي .پرشارٿ سان ناممڪن بہ بدلجي ممڪن ٿي سگهي ٿو .ناممڪن (اڻ ٿيڻي ) لفظ فقط بيوقوفن جي ڊڪشنريءَ ۾ ٿيندو آهي .مهان ابلاڪا ئي انتيءَ جي ڏاڪڻ آهي ،اُمنگ اُتساهہ ۽ پرسارٿ سان اوچيءَ ڪان اوچي منزل تي پهچي سگهجي ٿو ،انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي .

جيئرن وانگر پنهنجي جيون جي نرماڻ ڪري ،جيون جي هر کيتر ۾ سڦلتا ۽ آنند پراپت ڪري سگهجي ٿو .مئلن وانگر جيئندڙ ساري ڄمار بدنصيبيءَ ۽ حالتن جو رودن روئندا رهن ٿا .زندگيءَ کي ناهڻ جي اون رکندڙ پنهنجي جيون کي ناهي ئي ڏيکارين ٿا .ساڌن نہ هوندي بہ هو پنهنجو جيون لگن ۽ تپسياسان ناهي ئي دم پٽين ٿا .اُداسين ۽ آلسين تہ ساڌنن ميسر هوندي بہ پنهنجو جيون ناهي نہ ٿا سگهن .

ويد چوي ٿو تہ جيءُ پر جئيرن وانگر جيءُ .جيئن تيئن مڙيئي جيئڻ بہ ڪو جيئڻ آهي ؟اَهو ئي جيون وان آهي ،جيڪو مردهہ دلين ۾ بہ جيون ڦوڪي ٿو ،مرنہ ،ڊڄ نہ .جيڪڏهن ڪو تنهنجو ساٿ نہ ٿو ڏئي تہ تون خود ئي پنهنجو ساٿ ڏئي .جيڪڏهن تنهنجو ڏيان ناس ٿي ويو تہ تون فڪر نہ ڪر .زندگيءَ روپي مها ڏن تہ تون وٽ آهي .جيڪڏهن حالتون تنهنجي لاءِ سٺايون نہ آهن تہ پوءِ ڇا ڪجي ؟سمت تہ تو وٽ آهي ؟جيڪڏهن رنڊڪن تنهنجو رستو روڪيو آهي تہ پرواهہ نہ ڪر ،تون پنهنجي همت جي ٽڪرن سان انهن کي ڌڪي پري ڪر ۽ پنهنجو مارگ صاف ڪر .

گهبراءِ نہ ،شنڪا نہ ڪر .آتم سنمانين وانگر پنهنجو آتم بل سنڀال ۽ جيءُ ناٺ باٺ سان .جيئري ئي مرڪين .شان مان سان جيءُ ۽ سوڀارو ٿيءُ .ڪائر وري وري مرندا رهن ٿا پر جيون وان زندهہ دليءَ سان جيئن ٿا ۽ مري بہ امر بڻجي وڃن ٿا .

## 56.. پرڪاش جو دان

**ارٿ : اُهي ئي پومي جا سپتر آهن ،جيڪي مانو جيون لاءِ اکيہ پرڪاش پردان ڪن ٿا .( يجر ويد )**

**سمجھاڻي** : يومي ماتا جا سپتر ڪير آهن ؟ ويد ماتا چوي ٿي تہ يومي ماتا جا پتر اُهي ئي اهن ،جيڪي منش جي جيون لاءِ ساندھ جوتي پروان ڪندا رهن ٿا .انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ جوتيءَ جو دان سڀ ڪان اُتم ۽ سڀ ڪان وڌيڪ قيمتي آهي .پيڪاش دان جي برابر ٻيو ڪو يگيہ ڪونهي .

پرڪاش دان ئي راشٽر جي ،ديش جي ،سنسار جي ،دنيا جي انسان جي سٺي ،حقيقي ۽ سريشٽ شمع آهي .ديش راشٽر ۽ وشو جا ڏنيہ پتر اهي ئي آهن ،جيڪي انسان کي جوتي پردان ڪري، انسانيت جي رڪشا ڪن ٿا .پرڪاش ئي جيون آهي ،پرڪاش ئي سرڳ آهي .پرڪاش ئي امرت آهي .پرڪاش ئي سک آهي پرڪاش ئي آنند آهي ،پرڪاش ئي اُنتي آهي ۽ پرڪاش ئي پرڳتي آهي .

پرڪاش ۾ ئي ڪوجنائون ٿينديون آهن ،پرڪاش ۾ ئي وگيان ڦلي ڦولي ٿو .پرڪاش ۾ ڪلا ڪوشل وڌن ويجهن ٿا .پوڪاش ۾ ئي نرماڻ ٿيندو آهي .پرڪاش ۾ ئي راشٽر اوچاٿين ٿا ۽ اُڳتي وڌن ٿا .
مگر پرڪاش پردان ڪري سگهندا آهن ۽ جوتيءَ وارا ئي جوت ڦلائي سگهندا آهن .اڄ پرڪاش جي سخت ضرورت آهي .اڄ سنسار مها انڌڪار ۾ ڦاٿل آهي .ماڻهو پرڪاش لاءِ تڙڦي رهيا آهن .انڌڪار ۾ سک ڪٿي ؟انڌاڪار ۾ ئي پاپ ٿيندا آهن .انڌڪار ۾ئي ماڻهو ڊڄندا آهن .

گهر گهر ۾ انڌاڪار ڇانيل آهي .انسان اوندھ ۾ گهٻرائي رهيو آهي .پرم ،يوم ،يوڳ پرانتيءَ سندي انڌڪار انسان کي ڏاڍو

دکي ٻڌايو آهي .انڌا نيتا ماڻهو کي وڏيک ۾ وڏيک انڌڪار جي کڏي ۾ اڇلائي رهيا آهن .ماڻهو راهه ڀلجي ويا آهن ،ان کري سخت دکي آهن .

هي يومي پترو ! جاڳو ! اُٿو 1 اکيه (نه ناس ٿيندڙ )پرڪاش کٽي ،اڳتي وڌو .ويد جي گيان سان آتم پرڪاش پراپت کري سگهجي ٿو ،جنهن جا کرڻا گهور انڌڪار کي ناس کري وشو ۾ سڪدائي پرڪاش ڦهلائيندا .انهيءَ پرڪاش ۾ سنسار جون سيئي ساڌنائون ۽ ڪامنائون پوريون ٿينديون .يوميءَ جون سپتريون! سنجم،سداچار ،وويک ۽ شيوا ساڻ کري اڳتي وڌو .پاڻ پرڪاش پراپت کريو ۽ پوءِ ٻين کي پرڪاش پردان کريو .

گرو ڇاکي ٿو چئجي ؟جيکو انڌڪار دور کري ،گيان جي جوت جڳائي پر اڄ گروءَ جي پوتر نالي ۾ گرو ئي سمپردايه ۽ اَنڌ وشواس جا ڄار ڦهلائي ،لوڪن کي گهمراهه کري انڌڪار ۾ اڇلائي رهيا آهن .پرڪاش ۽ جوت ۾ سڪ آهي ،ان کري سپتر ته پرڪاش جو دان کرڻکي پنهنجو ڌرم سمجهن ٿا .

## 57 .مهمان جي مهما

**ارٿ : جڏهن وير ۽ شاهوڪار جي گهر ۾ سک سان سمهندڙ ، سنتوشي مهمان ڄاتو وڃي ٿو ۽ ان جو آڌر ڀاءُ ڪيو وڃي ٿو ،تڏهن اُهو گياني ، مهمان گهر ۾ پرسن ٿي ،سک چاهيندڙ منش لاءِ ورڻ ڪرڻ يوگيہ ائشوريہ پردان ڪري ٿو .(رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : اُهي ودوان ،ساڌو ۽مهاتما جيڪي سنسار جي ڪلياڻ لاءِ سدائين رٿن ڪندا رهن ٿا ،اُهي اتٿي (مهمان ) سڏبا آهن .اَتٿي معني جنهن جي اچڻ وڃڻ جي ڪابہ تٿ مقرر ڪيل نہ هجي .جيڪو خبر ناهي تہ ڪڏهن بہ اچي وڃي ۽ ڪڏهن بہ هليو وڃي .منتر ۾ مهمان کي سک سان سمهندڙ چيو ويو آهي ،ڇاڪاڻ تہ اَتٿيءَ کي سنسار جون چنتائون ۽ ترشنائون ۽ واسنائون نہ ستائيندويون آهن. اهڙو گياني پرش ئي بي فڪر ٿي سک سان سمهي سگهندو آهي .سنسار ماڻهو جي وشين ۾ جاڳندا رهندا آهن ،گياني اَتٿي اُنهن وشين کان سدائين اُداس رهندو آهي .

غريب،شاهوڪار ،راجا رنڪ کي سک سان سمهندڙ _سنتوشي مهمان جي تمام شرڌا سان سواگت ۽ مهماني ڪرڻ جڳائي. مهمان نوازيءَ کان پرسن ٿي ،گياني مهمان ميزبان جي گهر ۾ ائشوريہ پردان ڪندو آهي .مهمان جو ستڪار ڪندڙ سدائين سکيا ستائبا

رهندا آهن ۽ سندن سنتان به وير ۽ ڌن دولت واري ٿيندي آهي،ڇاڪاڻ ته مهمان خوش ٿي ،دل سان ميزبان کي آشيرواد ڪندا آهن .

تڏهن توهان به شرڌا سان مهمان جي شيوا ڪري ،دل گهريو ڦل پراپت ڪريو .هن مهانگائيءَ جي يگيه ۾ سچا اَتٿي به مهانگا ٿي پيا آهن .ويد جا ودوان ،سداچاري ،تياگي ،پراپڪاري ،سنجمي ،ويد پرچارڪ اَتٿي ڪٿي آهن ؟اهڙا مهمان ورلي ئي ڪنهن وڏڀاڳيءَ جي گهر ۾ اچن ٿا .اهو صحيح آهي ته ڪنهن ڀاڳن واري جي گهر ۾ مهمان ايندا آهن .اهڙو مهمان اچي ته دل و جان سان ان جي شيوا ڪري اسيس پراپت ڪرڻ گهرجي .

## 58. ڪٽنب ۾ آنند

**ارٿ : انسان ديو پٽين ،پٽرن ،ڀائرن ۽ ائشوريه سميت اُنهيءَ آنند کي گرهڻ ڪندي ،سڪرت جي لوڪ ۾ ٽئين آڌار تي پرڪاش جي چمڪ مٿان هلون .( يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : پرڪوتي ست آهي .پرڪوتيءَ جي ستا آهي مگر ان جي ستا جڙ آهي ۽ نه چيتن .شرير پرڪوتيءَ جي پنجين تتوَن مان ٺهيل آهي .انهيءَ ڪري جو ڪجهه پرڪوتيءَ سان پيدا ٿيل آهي ،اهو سڀ

فقط شرير ذريعي واپرائڻ يوگيہ آهي .پرڪوتيءَ مان نهيل پدارٿن جو استعمال فقط شرير کي تندرست ۽سندر ۽ سکي رکي سگهي ٿو .

اتما ست چت آهي ،اها ست آهي ۽ ان جي ستا چيتن ۽ غير جسماني آهي .انهيءَ ڪري اها نہ پرڪوتيءَ جا پدارت واپرائي ٿي ۽ نہ انهن سان ڪيس سکہ ملي ٿو .سکہ شرير سان لاڳاپو رکي ٿو ۽ نہ آتما سان .شرير جي لڳاتار سنگہ سبب اَتما شرير جي سکي هئڻ تي پاڻ تي سکہ انيوهہ ڪري ٿي .غير جسماني هئڻ سبب اُها پاڻ جسماني پدارٿن جو استعمال ڪانہ ٿي ڪري .

جيون چئجي ٿو شرير ۽ آتما جي ميلاپ کي .جيون ۾ شرير لاءِ سکہ گهرجي ۽ آتما لاءِ آنند .شرير ۾ سکہ ۽ آتما ۾ آتما هئڻ جي اوستا کي "ناڪ " چئجي ٿو ،سکہ ۽ آنند جي ميل سان جيون ۾ جيڪا پورنتا اچي ٿي ،انکي "ناڪ " چئجي ٿو .سکہ پرڪوتيءَ مان پراپت ٿيندو آهي ۽ آنند ،آنند سروپ پرماتما کان .

سکہ ۽ تما سان پريل جو "ناڪ " آهي ،ان جي پراپتيءَ لاءِ اسان کي گهر ٻار ڇڏي نہ پريت تي چڙهڻ جي ضرورت آهي ،نہ جهنگل ۾ وجي رهڻ جي .آنند اوستا جي پراپتيءَ لاءِ نہ راج پاٽ تياڳڻ جي ضرورت آهي ،نہ سون _ ائشوريہ جي ڇڏڻ جي .پتي پتنيءَ ،پتر پتريءَ ،ياءَ پرائيءَ ،ڪٽنب عزيز ۽ ڏن ائشوريہ جي وچ ۾ رهندي ئي آنند اوستا جي پاپتي ٿي وجي ٿي ۽ ڪرڻ گهرجي .

چئني ويدن ۾ ائين ڪٿي بہ لکي ناهي تہ برهڻ ۽ برهمانند جي پراپتيءَ لاءِ ست ڪرم ۽ سڪرت جي ڪرڻ لاءِ يا لوڪشيوا لاءِ

ڪٿنب ،عزيز ۽ ڏن ائشوريہ جو تياڳ ڪرڻ گهرجي .ويد ۾ ڪٿنبي جيون ۽ ڏن ائشوريہ ڪي تيچ نہ پر شرييہ ( ڪلياڻڪاري ) بتايو ويو ويو آهي .وريوار ۽ ڏن آهي بہ حقيقت ۾ شرييہ ،جيڪڏهن ڪٿنبي جيون سنجمي ۽ ساڏنا وارو هجي .

جتي سڪرت ڪيا وجن ٿا اهو ئي سڪرت جو لوڪ آهي. جنهن گرهستث آشرم ۾ پريوار جا نندا ،وڏا سيئي ياتي مريادائن جو پالن ڪندي ۽ اُتي پرم پرائون نباهيندي ،سڪرت جي مارگہ تي هڪ بئي جي پوئواري ڪن ٿا ۽ ساڻ گڏ ڌرم پوروڪ ڌن ڪمائيندي ،ڌرم ۾ ڏن جو سنو استعمال ڪن ٿا ،جنهن ڪري مانو جيون سڦل ۽ سجايو ٿئي ٿو .

هن منتر ۾ پرشث لفظ (آڌار " لاءِ ڪم آيل آهي .ٿي آڌار تمو ،رجو ۽ ستو آهن .جن مان "ستو "ئي اوچي ۾ اوچو آڌار آهي .ستي جو اعليٰ پرڪاش ئي اعليٰ آڌار آهي .ان جي ونڻ سان ئي پريوار جا سيئي ياتي آنند جي اوستا ۾ رهن ٿا .

ڪنهن جو اندر ٻاهر چمڪائڻ ۽ صاف ڪرڻ سان جيڪا چمڪ ٿئي ٿي ،ان ڪي سنسڪرت ۾ "روچن " چيو ويو آهي .جسماني پرڪاش سان تہ انتهڪرڻ نہ ٿو چمڪي .اهو تہ اڌ ياتمڪ پرڪاش آهي ،جنهن سان جيون جو اندر ٻاهر ڀهڪي ٿو ۽ جيون ۾ دويہ چمڪ جڳمڳائي ٿي .پريوار جا ياتي هر قسم جي چمڪ سان پُر ٿي ،سڪہ ۽ آنند ماڻين ٿا .جنهن ڪري انسان ڪي اتم شنتوش جو اَملهہ خزانو پراپت ٿئي ٿو .

## 59 . ڪال جي مهما

**ارٿ : سنن ڪرڻن وارو ،هزار اکين وارو ،ڪڏهن به ٻڍو نه ٿيندڙ، تمام ٻلوان ،تيز هلندڙ ڪال يا وقت لڳاتار وهي رهيو آشهي .اُنهيءَ وقت تي گياني ،ودوان .لوڪ سوار ٿين ٿا ،مالڪي پراپت ڪن ٿا. سيئي لوڪ لوڪانتر اُن جا ڦيٿا آهن . ( اٿرو ويد )**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ وقت يا ڪال جي مهما ڳائي ويئي آهي. ڪال جي پهرين صفت آهي اَشوَ يعني تيز هلندڙ .وقت اهڙءَ تيزيءَ سان ڊوڙي ٿو ،جو تيز ڪان تيز سواري به انجي برابري نه ٿي ڪري سگهي .ڪن ۾ وقت گزري وڃي ٿو .اسان ان کي روڪي نه ٿا سگهون .ان ڪري وڌت وڃائڻ وڏي غلطي آهي .شيڪسپيئر وقت وڃائيندڙن کي پنهنجي جيون جو اَنڀوُ ٻڌائيندي چيو آهي :.

I wested time and now both time waste me .

يعني ”مون وقت کي ناس ڪيو ۽ هاڻي وقت مون کي ناس ڪري رهيو آهي “

جڏهن وقت جي سوچنا ڏيندڙ گهڙيال وڄي ٿو ،تڏهن سمجهو ته جيون ۾ ”موت “ هڪ ڪلاڪ پار ڪري چڪو آهي .جيون جي وستار ۾ هڪ وڏي ڪمي ٿي چڪي آهي .

جتي بڙهتي هئہ ،اتي گهٽتي هئہ ،

زندگي آپ هي آپ گهٽتي هئہ .

وقت ڏاڍو تيزيءَ سان گزري رهيو آهي ،اهو ڪنهن جو انتظار ڪين ٿو ڪري .

گزر گئي هئن جو دن ،ڦر نہ آئينگي هر گز ،
ڪ ايڪ چال فلڪ هر برس نهين چلتا .

گزريل وقت ۽ وات مان ڪڍيل لفظ وري نہ واپس ايندا آهن. ايندڙ "سيپيان "اسان ڪروڙن روپيا ڪمائي سگهون ٿا ،پر گزريل "ڪالهہ "اسان خرچ ڪري بہ واپس آڻي نہ ٿا سگهون .ماڻهو جڏهن آزرين پساهہ ڪٽي ٿو ،تڏهن ساري دنيا جو ڏن خرچ ڪري بہ گزريل وقت پراپت ڪري نہ ٿو سگهي ،گزريل وقت هڪ سپنو ٿي وجي ٿو .انگريزيءَ ۾ بہ چوڻي آهي تن " وقت ۽ ساگر جون لهرون ڪنهن جو انتظار ڪين ٿيون ڪن ."فرئنڪلن نيڪ چيو آهي : .

Do not squander time for thar is the stuff life is made of .

يعني " وقت برباد نہ ڪريو ،ڇاڪاڻ تہ جيون ان مان ٺهيو آهي . "

ان ڪري انسان کي سجاڳہ ٿي گپ شپ ۽ اجاين ڪمن ۾ وقت نہ وڃائڻ گهرجي .

هڪ شاعر ٻن سٽن ۾ ڪهڙو نہ سندر چتاءُ ڏنو آهي :

غافل تجهي گهڙيال يهہ ديتا هئہ منادي ،
گردوُن ني گهڙي عمر کي اِڪ گهتادي .

ٻئي ودوان خبردار ڪندي چيو آهي :

بهت هئي ٿوڙي رهي ، منوا اب تو چيت ،
ڪال چڙيا چگ رهي ،نش دن اَيوُ _ڪيت .

اسانکي وقت جي اهميت سمجهي ،پنهنجي جيون ۾ هڪ مقصد بنائڻ گهرجي تہ ”جيون ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو مهان ڪم ڪري وڃو ،جنهن ڪري اسان جو جيون سڦل ٿئي . “
اُڙدو شاعر نيڪ ئي چيو آهي :
هميشہ ڪي لئي رهنا نهين اِس داري فاني ۾ ،
ڪڇ اڇي ڪام ڪرلو چار دن ڪي زندگاني ۾ .

هن ويد منري ۾ وقت لاءِ ”وهتي “ڪريا (فعل )آئي آهي جيئڻ پاڻي وهندو رهندو آهي ،تيئن وقت جي ڌاري وهندي رهي ٿي .وقت جي ٻي صفت “سپت رشمي “يعني ستن ڪرڻن واري آهي .سج جا بہ ست ڪرڻا آهن .مکيہ مکيہ رنگ بہ ست آهن .اهڙيءَ طرح ڪال جا بہ ست رنگ آهن يا گهڻا رنگ آهن .يعني سنسار جون سيئي وچتر وستون انهيءَ ڪال ۾ قائم آهن .ڪال جي ٽين ڦفت آهي ”سهسراڪش “يعني ان ڪي گهڻيون اکيون آهن .ڪوبہ ان جي اکين کان لڪي نٿو سگهي .اهو ”پورريتا “ يعني تمام ٻلوان آهي .ڪال کان وڌيڪ ڪوبہ ٻلوان ڪونهي .اهو ايتريءَ تيزيءَ سان ڊوڙندي بہ ٻڍو نہ ٿو ٿئي .سندس زير سايع سيئي جيو ۽ شيون ٻڍا ۽ ٻڍيون ٿي وڃن ٿيون پر هي سدائين جوان رهي ٿو .

هن منتر جي ٻئي حصي ۾ ڪال جي رٿ سان ڀيٽ ڪئي ويئي آهي .جهڙي طرح رٿ جا ڦيٿا ٽيندا آهن ،تهڙيءَ طرح هي سڀ

لوڪ لوڪانتر ڪال روپي رٿ جا ڦيٿا نهايت تيزيءَ سان هلي رهيا آهن .

اهڙي تيز ڊوڙندڙ ڪال تي ڪير چڙهي سگهي ٿو ،ان جو جواب ويد منتر ڏئي ٿو تہ فقط ودوان ۽ پر گياني پرش ئي ڪال تي سوار ٿي سگهن ٿا .جيڪي ودوان ناهن،اُهي تہ انهيءَ رٿ جي ڦيٿن هينان چيٿاڙجي وڃن ٿا .وقتب جيڏانهن انهن کي وائي ويندو آهي، اُهي اوڏانهن وهي ويندا آهن پر جيڪي تارون هوندا آهن ،سي نديءَ جي وهہ ۾ وهي ويندا آهن ،هو وهڪري جي ابتڙ بہ پنهنجي ٻل سان وڃي سگهندا آهن .تيئن ڪال بہ گياني پرشن جو ڪجهہ بگاڙي نہ ٿو سگهي .

ڪال روپي رٿ انهن ودوانن جي چڙهڻ لاءِ ئي آهي .هو ڪال کي پنهنجي وس ۾ ڪري ،پنهنجي اِڇا موجب انهيءَ ڪان ڪم وٺن ٿا .

ڪال جي ڳڻن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي .ڪال جي مهما اُپار اهي .ڪنهن ڪويءَ چيو آهي :

سب سي بڙهہ ڪر سميہ هئہ ،سيي ڳڻون کي کان ،
ڪري سميہ ڪا مان جو ،وهي پرش مهان .

جيون ڇڻڪ ڀن ڏينهن جو ميلو آهي .ساگر جي چنچل لهرن سمان ئي چنچل آهي .

"Life is short art is long and time is fleeting .

جيون ٿورو آهي ڪاريہ گهڻو آهي ۽ وقت پڄندو وڃي رهيو آهي . ”هي انسان ! سيان ڪنهن ڏنو آهي ؟ جيون ڪي اجاين ڳالهين ۾ گذارڻ سياڻپ ڪانهي .جيون ان جو سڦل ٿئي ٿو ،جو وقت جي قيمت س ۾جي ،پنهنجو جيون سندر ،پوتر ۽ پراُپڪار جي ڪارين ۾ لڳائيندي ،پراڻي ماتر جي بنا ڪنهن سوارٿ جي شيوا ڪندي ”ستيم،شوَم ،سندرم “جي سڪيا مورت بڻجي وڃي ٿو .

## 60. ڪلياڻ مارگ تي هلو

**ارٿ : سوريہ ۽ چندر سمان اسان ڪلياڻ مارگ تي هلون ۽ وري وري ڏيندي ،هنسا نہ ڪندي يعني ڪنهن کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچائيندي ۽ گيان پراپت ڪندي ،پليءَ پت سنگهتن ۾ رهي هلون.( رگ ويد )**

**سمجهاڻي** : هن ويد منتر ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ تہ اسان سنسار ۾ ڪيئن هلون ؟پهريائين چيو ويو آهي تہ سوريہ ۽ چندرما سمان ڪلياڻ جي مارگ تي هلون .سوريہ ۽ چندر ما دنيا جي پر ٻنڌ جا بہ سمان پرڪاش پنج (ڪيندر ) آهن .سوريہ خود ئي هڪ تيجسوي پنڊ آهي ۽ چندرما ان کان پرڪاش گرهڻ ڪري ،پرڪاشت ٿي رهيو آهي.

ٻئي اٽل نيمن ۾ ٻڌجي ،پنهنجي مارگ تي هلي رهيا آهن. سوريہ روزانو بانيم صبوح جو اڀري ٿو ۽ شام جو لهي ٿو .اهڙيءَ طرح سرشٽيءَ جي آڏ ڪان ڏينهن بعد رات ۽ رات پنيان ڏينهن جو سلسلو هلي رهيو آهي .سوريہ جي ڪشش سان پنهنجي گهيري ۾ پرٿوي نيم سان سوريہ جي چوطرف گهمي رهي آهيۦ چندر ما وري سدائين پرٿويءَ جو چڪر لڳائي رهيو آهي.

سوريہ ۽ چندرما ٻئي نيم سان پدارٿن ۾ گويا پراڻ ڦُڪي رهيا آهن .جيڪڏهن سوريہ نہ نڪري تہ هوند اسان جو جيئڻ محال ٿي پوي .سوريہ چندرما کي پرڪاش ڏئي رهيو آهي ۽ ٻئي گڏجي پرٿويءَ کي پرڪاش ڏيئي رهيا آهن .ٻئي پنهنجي پنهنجي مارگ جو تياڳ نہ ڪندي ۽ هو هڪ ٻئي کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچائيندي هلي رهيا آهن تہ مقرر ماڳ تي وڃون .جهڙيءَ طرح سوريہ ۽ چندرپنهنجا پنهنجا ڪاريہ نيم سان ڪري رهيا آهن ۽ ڪنهن بہ طرح مريادا جو اُلنگهن ڪونہ ٿا ڪن .اهڙيءَ طرح اسان سيني انسانن کي بہ پنهنجا پنهنجا ڪاريہ نيم سان ڪرڻ گهرجن .

هن منتر ۾ اگيا ڏني وئي آهي تہ سوريہ ۽ چندر کي آدرش ٻڻائي ،اسان کي ڪلياڻ جي مارگ تي هلڻ جي پرتگيا ڪرڻ گهرجي. جڏهن اسان چوطرف نظر ڊوڙايون ٿا ،تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ سنسار جو نظام ڏيڻ ونڻ سان ٿي رهيو آهي .ونڻ سوارٿ لاءِ ٿئي ٿو .انسان سماجڪ پراڻي آهي .سماج بنا هن جو ڪاريہ هڪ ڪن لاءِ هلي نہ ٿو سگهي .انهيءَ ڪري ان ۾ ويڪتي (شخص ) ۽ شمشٽي (سماج ) ٻنهي جي ڪلياڻ جي ڀاونا هئڻ کپي .جيڪڏهن انسان وڃڻ جي

سوارٿي ڀاونا ۾ لڳو رهي ۽ ڏيڻ جي پرمارٿ ڀاونا جو بلڪل تياڳ ڪري ڇڏي تہ سماج جو سروپ ئي ڀگهڙي وڃي ۽ انسان ذات لاءِ اَشاقنتيءَ جو ڪارڻ بڻجي وڃي .

انهيءَ منتر جي آخرين حصي ۾ چيو ويو آهي تہ اسان وري وري ڏيندي ،ڪنهن ڪي نقصان نہ پهچائيندي (هنسا نہ ڪندي )۽گيان پراپت ڪندي ڀليءَ ڀت اڳتي وڌون .گنيپرتا سان ويچار ڪرڻ تي معلوم ٿئي ٿو تہ دان ڏيڻ سان ئي ساماج ۾ سمتا (برابري )اچي ٿي .جيڪڏهن گياني پنهنجو گيان ،ڌنوان پنهنجو ڌن ۽ ڪسان پنهنجو اَن ٻين کي نہ ڏئي تہ هوند سناج ۾ برابري ختم ٿي اسمانتا جو ئي بول بالا ٿي وڃي ۽ ڏينهن رات پاڻ لڙائي جهڳڙا ئي ٿيندا رهن.سماج ۾ ڪلياڻ لاءِ هر هڪ کي پنهنجيءَ مشڪلات وانگر ئي ٻين جي مشڪلاتن جو بہ احساس ڌارڻ گهرجي ڪپي ۽ سندن ڪشٽن ڪٽڻ لاءِ پنهنجون چيزون کين ڏيڻ ڪپن .مهرشي ديانند سرسوتيءَ چيو آهي تہ ”هر هڪ کي پنهنجيءَ اُنتيءَ ۾ ئي راضي رهڻ نہ ڪپي، بلڪ ٻين جي اُنتي ۾ پنهنجي اُنتي سمجهڻ ڪپي .“

دان ڏيڻ جي وڏي مهما آهي .دان ڏيڻ سان منش سيني جو پيارو ٿئي ٿو .پرجا پتيءَ ديوتائن ،منش ۽ دئتن کي ٽن الرن ” د _ د_ د “ ۾ اُپديش ڏنو ويو آهو :دمن ،دان ۽ ديا ڪريو .انهيءَ ۾ منش کي خاص طرح دان جي آگيا ڏني وئي هئي .دان سبب انسان جو راڪشي ڀاونائون پيدا ٿين ٿيون .

رواجي طرح هر هڪ ماڻهو چاهي ٿو تہ ڪيس نہ ڪوئي ماري ۽ نہ ڪنهن قسم جي هاڃي رسائي تہ ڪيس بہ گهرجي تہ هو نہ ڪنهن کي ماري ۽ نہ ڪنهن کي هاڃي رسائي .جڏهن انسان فقط پنهنجي خود غرضيءَ جي پورائي ۾ محو رهي ٿو ۽ ٻين جي فائدن جي ڪا پرواهہ نہ ٿو ڪري ،تڏهن سندس اخلاقي گراوٽ ٿيڻ لڳي ٿي ۽ هو پنهنجي سوارٿ لاءِ ٻين جي فائدن جو بہ ناس ڪرڻ لڳي ٿو .هڪ وقت اهڙو بہ اچي ٿو ،جڏهن هو گراوٽ جي حد تائين پهچي وڃي ٿو ۽ خوام خواهہ ئي ٻين جي فائدن کي ناس ڪرڻ لڳي ٿو.

ڪنهن سنسڪرت ڪويءَ نيڪ چيو آهي _ ”اهي انسان سجن پرش آهن ،جيڪي پنهنجي سوارٿ جو تياڳ ڪري ،ٻين جو ڀلو ڪن ٿا ۽ رواجي ماڻهو تہ اُهي آهن ،جيڪي پنهنجي سورٿ جي وروڌ نہ هئڻ تي ئي ٻين جي ڀلي لاءِ ڪوشش ڪن ٿا ،اُهي منش راڪش آهن ،جيڪي پنهنجي سوارٿ لاءِ ٻين جي ڀلي جي آڏو اچن ٿا .پر جيڪي خوام خواهہ ٻين جو نقصان ڪن ٿا ،اُهي ڪير آهن ،انهن کي ڪهڙو نالو ڏجي ،اسانکي خبر ناهي .“

انهيءَ ڪري ويد آگيا ڏئي ٿو تہ اسان کي سيئي ڏينديءِ ،ڪنهن کي هاڃي نہ پهچائيندي ۽ گيان پراپت ڪندي ،ڀليءَ پٽ ۾ رهي ،فرض جي مارگہ ۾ هلندا هلون .

شل ٻاجهارو سائين اسان کي شڪتي ڏئي ،جو اسان سيئي گڏجي ،وشو جي ڪلياڻ لاءِ سوريہ چندرسمان انجي ذريعي مقرر ويدڪ مارگہ تي اڳتي ۽ اڳتي وڌندا هلون .

## 61. اَن ۽ ان دانيءَ جو پرتاپ

**ارٿ : ان پتي ! اسانکي بيماري دور ڪندڙ ،ٻل ڏيندڙ ان جو دان ڪر .داتا ! اَن دانيءَ کي وڏيڪ وڏيڪ وڌاءِ .اسنکي ٻن پيرن واري ۽ چوپائي مال لاءِ پراڪرم ڏي. ( يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : اَن پتيءَ جو ارٿ آهي ان جو سوامي ،پرماتما .سيئي سمپتين ۾ ان سمپتي ئي سيني کان سريشٽ آهي .اَن ئي پراڻ آهي. اَن ئي ويريہ ۽ ٻل آهي .ان سان پراڻ ،ويريہ ۽ ٻل جو واڌارو ٿيندو آهي .

اَن (پوڄن ) کهڙي قسم جو استعمال ڪيو وڃي ،ان جو هن منتر ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي .ويد ۾ چيل آهي تہ پوڄن اُهو هئڻ گهرجي ،جيڪو بيماري دور ڪندڙ (صحت بخش )۽ طاقت وڌائيندڙ هجي .جيڪو پدارٿ بيماري ڪندڙ ۽ ٻل ناس ڪندڙ هجي ،اُنجو ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪريو .

اَن داتا جو هرطرح واڌارو ٿئي ٿو .اَن واري کي گهرجي تہ پنهنجي اَن (پوڄن ) سان مهمان جو آڌر سان ستڪاري ڪري .جيڪو اهڙيءَ طرح مهمان جو آڌر ڪري ٿو ،ان جي سک ۽ ائشوريہ جو واڌارو ٿئي ٿو .

ماڻھو ۽ پکي ٻہ پيرا ٿين ٿا ۽ گيانوان گھوڙا وغيره چوپيرا ٿين ٿا .ماڻھو ،پسن ۽ پکين سيني کي قحت بخش ۽ طاقت وارا کاڌي جا پدارٿ واپرائڻ گھرجن .ائين ڪرڻ سان پرشارٿ ۽ پراڪرم جو واڌارو ٿئي ٿو .کاڌي جي شڌيءَ سان صحت ۽ طاقت سان پراپتي ٿئي ٿي .صحت ۽ طاقت سان پرشارٿ ۽ پراڪرم وڌي ٿو .

## 62. پرڀوءَ جي شڪتي

**ارٿ : ھڪ ڪريا ڪان رھت ھوندي بہ من کي ويگ وان آھي ۽ اڳيئي موجود ھوندي بہ دويہ شڪتيءَ واريون اندريون اُنکي پراپت نہ ٿيون ٿين .اُھو سروپ سان اَچل ھوندي بہ ٻين تيز گتيءَ وارين اندرين ڪان لنگھي وڃي ٿو يعني اندرين جي جتني پھچ نہ ٿي ٿئي ،اُھو ان ڪان بہ پري موجود آھي ۽ اُھو ئي سروويا پڪ اُنھن اِندرين وغيره ديون ۾ ڪرم ڪرڻ جي شڪتيءَ کي ڌارڻ ڪرائي ٿو يعني اِندر ۾ جيڪا شڪتي آھي ،اُھا پرڀوءَ جي ڏنل آھي. ( يجر ويد )**

**سمجھاڻي** : پرش جي من ۾ سريشٺ ڪرم ڪندي ڪڏھن اَھنڪار پيدا ٿي ويندو آھي ،ان کي دور ڪرڻ لاءِ ھن منتر ۾ اپديش ڪيو ويو آھي تہ اھو پرڀو من ۽ اِندرين سان پراپت ٿيڻ جھڙو ڪين آھي

.اُهو ئي اُن جي شڪتيءَ ڪان پري آهي .نہ فقط ايترو بلڪہ اُنهن اِندرين ۾ جيڪا ڪاريہ شڪتي آهي ،اُها بہ پريوءَ جي ڏنل آهي ۽ پريوءَ جي ڏنل شڪتيءَ سان ئي پرش ڪرم ڪرڻ۾ سمرٿ ٿئي ٿو ،نہ تہ منجهس شڪتي ڪانهي .

چيو ويندو آهي تہ مهاراج شيواجي ڪو قلعو نهرائي رهيو هو .هزارين ماڻهن کي ان ڪم ۾ لڳل ڏسي ،شواجيءَ جي من ۾ اهنڪار پيدا ٿيو تہ منجهس شڪتي ڏينهون ڏينهن ڪيتري نہ وڌي رهي آهي !هاڻي مان هزارين لکن ماڻهن جي پالنا ڪري رهيو آهيان .ايتري ۾ گهمندي گهمندي سندس گرو رامداس اُتي پهچي ويو هو شيواجيءَ کي ڏسي ،سندس من جي اوسٿا سمجهي ويو .مگر شيواجيءَ کي ڪجهہ نہ چئي هن ڪيس هڪ وڏي پٿر جي ٽوڙائڻ جي آگيا ڪئي .جڏهن اهو پٿر ٽوڙيو ويو ،تڏهن ان جي وچ ۾ ٿوريءَ پوريءَ جاءِ تي هڪ ڏيڏر ۽ پاڻي ڏسڻ ۾ آيو .گرو رامداس چيو :

”شيوا ! تنهنجي شڪتي اَپرمپار آهي .تون هن پٿر ۾ وينل ڏيڏر کي بہ پاڻي پهچائين ٿو .“

اهوبڌندي شيواجي گروءَ جي چرنن ۾ ڪري پيو ۽ ڪائنس پنهن جي ڏوهہ لاءِ معافي گهريائين .پوءِ گرو رامداس کيس اُپديش ڏنو تہ ”تو کي پنهنجيءَ شڪتيءَ واڌارو ڏسي ايمان ٿي رهيو اهي،پر اها تنهنجي شڪتي ناهي ،اها تہ انهيءَ سرو وِيڪ ۽ شڪتيوان پريوءَ جي شڪتي آهي ،جنهن تي سموري جڳت ( ظاهر چاهي لڪل ) کي پيدا ڪيو ويو آهي ۽ سڀني وراٽين جي پالنا ڪري رهيو آهي ..

پريو ئي پنهنجي شڪتيءَ جو ڪجھ حصو ڏئي ست ڪرمن ڪرڻ جو توکي وجھ ڏئي رهيو آهي .جيڪڏهن تون ان کي وساري اَهنڪار ڪندين تہ پريو تو کان اُها واپس وٺي ڇڏيندو .ان ڪري سيني ماڻهن کي اَيمان کان ڪنارو ڪري سريشٽ ڪرمن جو سهارو وٺي ،پنهنجو ڪلياڻ ڪرڻ جڳائي .

---

## 63 . پاڻ تي آڌار

---

**ارٿ : عجيب ڪرم ڪندڙ** (سج چنڊ) **!اسان شرير سان ڪنهنجو دان يا پيٽا نہ ڀوڳيون ،ورٺي ۾ مليل ڌن سان نہ ڀوڳيون ،سنتان جي ڪمائيءَ سان نہ ڀوڳيون.** (رگ ويد)

**سمجهاڻي** : سج چنڊ پنهنجو سڀ ڪجھ ٻين لاءِ ڏيندا رهندا آهن .سج پنهنجو پرڪاش ۽ چنڊ پنهنجي چاندوڪي دنيا جي ڪلياڻ لاءِ ڏيندا رهندا آهن .هو ڪجھ وٺندا ڪونہ آهن ،سيني کي سڀ ڪجھ ڏيندا رهندا آهن .جيڪڏهن پاڻي اَزخود ڇڪجي کين پراپت بہ ٿيندو آهي تہ هُو اُنکي پاڻ نہ ڀوڳي ،سيني جي ڀلي لاءِ برسات جي روپ ۾ يا ونسپتيءَ جي پاڙ ۽ پنن ۾ واپس ڪندا آهن .

هن منتر ۾ سچ ۽چنڊ کي سمبوڌن ڪيو ويو آهي ،جو تمام نيڪ آهي .سج پچ سوريہ چندرما اسان لاءِ آدرش آهن .اسان انجو آدرش رکي سنسار ۾ هلون .اسان بہ انهن وانگر پراُپڪاري بڻجون .

پرشارتي سو هٿن سان ڪمائيندا آهن ۽ هزارهٿن سان لٽائيندا آهن ،چاڪاڻ تہ هو پنهنجي پرشارٿ سان هر هند ۽ سدائين گڏ ڪري رکڻ جي شڪتي رکندا آهن .جيڪي پرشارتي نہ هوندا آهن، سي ميڙي رکندا آهن ،چاڪاڻ تہ منجهن گڏ ڪري سگهڻ جي شڪتي نہ هوندي آهي .

اسانجو جيون ٻين تي آڌار رکندڙ نہ ٿئي ،ٻين جي ڪمائي اسان نہ کائون .پنهنجي شرير سان ڪمايل پنهنجي شرير جي پوکڻ ۾ ڪم ايندو .

شرڌا مليل دان يا پيتا بہ پنهنجي ڪم نہ آڻيون .اُهي لوڪن جي ڀلي لاءِ ئي ڪم آڻيون .پوجنيہ گرو وغيره شخصن پدارٿن جو استعمال نہ ڪريون .

اَباڻي ڪمائي اسان جي پنهنجي ڪمائي ناهي .اُن ڪري اُها اسان پنهنجي ڪم نہ آڻي ،جنتا جي شيوا ۾ لڳايون .
اسان سنتان جي ڪمائيءَ تي بہ ڪڏهن آڌار نہ رکون .جيڪڏهن سنتان ڪجهہ ڏئي تہ اهو بہ اسان کي راشٽر ۽ وشو جي ڀلي لاءِ ڪم آڻڻ گهرجي .پنهنجو شرير تہ پنهنجو شرير جي پورهئي سان ڪمايل کي پوکڻ جو اَڌڪاري آهي .”پراڻي آس ،ڪني جي لاس ! “ٻين جي ڀاڙڻ

۾ عزت ڪانہ رهندي .ان ڪري جيڪڏهن چاهيون ٿا تہ زندگي سو مان سان گذاريون تہ سدائين پاڻ تي ڀاڙڻ جي عادت پاڻ ۾ وجهون .

---

## 63. مهمان ٿيڻ جو مارگ

---

**ارٿ : هي برهمڻس پتي ! اُٿ ديون ڪي يگيہ سان جاڳاءِ ۽ آيوُ ،پراڻ پرجا ،پشوُ ڪيرتي ۽ يجمان ڪي وڏاءِ. ( اٿرو ويد )**

**سمجھاڻي** : هن ويد منتر جو ڀاو ڀليءَ ڀت سمجهڻ لاءِ ڀهريائين برهمڻس پتي ،ديو ۽ يگيہ اُنهن ٽن لفظن جي ارٿ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي .

برهمڻس پتي ،برهمڻ +پتي پدن سان ٺهيو آهي يعني برهم جو پتي .برهم لفظ ويد گيان يگيہ ،برهمڻ اَن ۽ پرميشور وغيره اَنيڪ ارٿن ۾ ڪم ايندو آهي .رواجي طرح برهم وڏو هئڻ يا وڏائيندڙ هئڻ ڪري برهم سڏجي ٿو .پتيءَ جو ارٿ آهي سوامي يارکشڪ .اهڙيءَ طرح برهمڻس پتيءَ جو ارٿ ٿيو ويد رکشڪ ،گيان رکشڪ ،يگيہ رکشڪ ،اَن رکشڪ وغيرھ .

ديو لفظن جا بہ اَنيڪ ارٿ ٿيندا آهن .رواجي طرح جن ۾ دويہ گڻ هجي يا جيڪي ٻين گيان ،ڌن ،ٻل ،پرڪاش وغيرھ ڏين ٿا،

انهن کي ديو چوندا آهن .جسماني يا غير جسماني ٻنهي قسمن جا پدارٿ ديو چيا ويندا آهن .جيئن تہ سوريہ ،اڳني ،وايو، چندر، اِندر، پرڻ، متر ،ودوان وغيرهہ .

هن منتر ۾ کم آيل يگيہ لفظ وڏيک اهميت ڀريو آهي .هن جا ٽي ارٿ آهن .ديو پوڄا ،سنگتي کرڻ ۽ دان .يگيہ اُهو کرم آهي ،جنهن ۾ ديو جي پوڄا ٿئي ،ساڌو سنت مهاتمائن جي سنگت پراپت ٿئي ۽ فرض سمجهي ،ٻين جي سهائتا لاءِ جيون واسطي کارگر پدارٿ ڏنا وڃن ٿا .رواجي طرح پراُپکار جا جيترا کرم آهن ،اهي سڀ يگيہ سڏجن ٿا پر خاص روپ ۾ يگيہ لفظ جو استعمال اگني هوتر کان وٺي اَشوَ ميڌ تائين ٿيندڙ اگني کرمن لاءِ ٿيندو آهي ڇاکاڻ تہ اگنيءَ کي ئي يگيہ جو پروهت ،ديو ۽ دوت چيو ويو آهي .انهن سيني يگيهن ۾ اگنيءَ نيم موجب ٻاريو ويندو آهي ۽ اَن ۾ سڳنڌي ،بيمارين کي ناس کندڙ ،طاقت ڏيندڙ ۽ مٺن پدارٿن جو آهپتيون ڏنيون وينديون آهن ۽ شرڌا سان يگيہ کرتائن ساڌو سنت ۽ ودوانن جو اَن ،وستر ۽ ڌن وغيرهہ دان دوارا يٿا يوگيہ ستکاري کيو ويندو آهي .اُنجو اديش جل .وايوَ ۽ اَنترکش کي شڌ کندي پراڻي ماتر جي ڀلائي کرڻي آهي ۽ ويد جي ڄاڻڻ مهاتمائن جي سنگ ۽ اديش سان پنهنجو ديو شکتين کي جاڳائي ،چاهيل سکن جو اَڏکاري ٿي ،ان کي پراپت کرڻو آهي .

ڀڳوان شري کرشن گيتا ۾ چيو آهي تہ ” پراڻي اَن مان پيدا ٿيندا آهن ،اَن جي اُتپتي بيسات سان ٿيندي آهي ،برسات يگيہ سان ٿيندي آهي ۽ يگيہ کرم سان ٿيندو آهي . “

هن ويد منتر ۾ منش برهمڻس پتي ڪري سڏيو ويو آهي .ان جو مطلب آهي ته انسان برهمڻس پتي ٿي سگهي ٿو .منتر انسان کي چتاءُ ڏئي ٿو ته " اي انسان ! تو ۾ اَننت شڪتيون لڪل آهن .تو ان جي وڪاس سان پاڻ کي اوچو ڪر ۽ اَن ،ڌن ،گيان وغيره جو سوامي ۽ رکشڪ بڻجي سچو برهمڻس پتي ٿيءُ .اُت ۽ خبردار ٿي يگيه سان يعني پراُپڪار جي اُتم ۾ اُتم ڪرمن ذريعي پنهنجين سمهيل شڪتين کي جاڳاءِ ۽ اُنهن جي سهائتا سان فرض پالنا ڪندي، آيوَ ،پراڻ ،پرجا ،پشوَ ،اَن ۽ ڌن وغيره جو واڌارو ڪر .ساڻ گڏ اُتم ڪرم ڪندڙ يجمان جو به واڌارو ڪر .

اهڙي طرح هن منتر مان اسان کي سکيا ملي ٿي ته اسان يگيه دوارا نه فقط پنهنجي عمر ئي وڌائي سگهون ٿا بلڪ پنهنجي پراڻ ،پرجا ،پسون ،ڪيرتي ،ڌن دولت انهن سڀني کي به وڌائي سگهون ٿا .يگيه ڪندڙ جو سنبند ويد جي ڄاڻو ودانن سان ٿيندو آهي ،جنجا اپديش ۽ آچار سندس جيون کي فرض جي پالنا ڪندڙ بڻائين ٿا .

يگيه سريشٽ ۾ سريشٽ ڪرم آهي .اُن ۾ خاص طرح گڏيل اُنتيءَ جي ڀاونا سمايل آهي .ان ڪري اهو اسان کي پريرڻا ڏئي ٿو ته سماج ۾ جيڪا پاڻ کي ڀاڳوان بڻايو ،جيڪي پاڻ سمان آهن ،انهن جو سهيوگ پراپت ڪيرو ۽ جيڪي پاڻ کان گهٽ آهن ،انهن جي هر طرح سهائتا ڪريو .جڏهن ماڻهو ائين ڪرڻ لڳي ٿو،تڏهن انجون دويه شڪتيون جا ڳي اُٿن ٿيون ۽ اُهو حقيقت ۾ برهمڻس پتي بڻجي مهان ٿئي ٿو .

اِنڪري مهان ٻڌجڻ جي خواهشمندن کي ٻه پراُپڪار جي سڀ ڪان سريشٽ ڪرم دوارا پنهنجين دويه شڪتين کي جاڳائڻ گهرجي ۽ پرڀوءَ جي واٽيءَ ذريعي ٻين کي ٻه مهان ٻڌجڻ جي پريرٽا ڏيڻ گهرجي .

## 65. ڪهڙو يگيه سڦل ٿيندو ؟

**ارٿ : اُهوئي يگيه دويه ڦل ڏئي ٿو ،هي اَگني ! جنهن برائيءَ رهت يگيه کي تون وياپين ٿو .** (**رگ ويد**)

**سمجهاڻي** : هن منتر ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙو يگيه سڦل يعني ڪامياب ٿئي ٿو .يگيه جو ارٿ اگني هوَن يگيه ڪين آهي پر جيون يگيه .اسان کي هي منش _ جيون يگيه شالا روپي آهي ،جنهن کي اسان کي يگيه ميه بڻائڻو آهي .يگيه جو ارٿ آهي پراُپڪار ،ست ڪرم،قربانيءَ وارو ڪرم .اُهي ڪرم ئي دويه يعني سندر شوڀينڪ يا دئوي آهن .اهڙو جيون گذارڻ نه فقط پنهنجي نه جيئڻ ،پنهنجي وڏاري ۽ سک ۾ سنتوش ڪري نه وهڻ ،پر سڀ جي ڀلي ۾ جيون صرف ڪرڻ واري حياتي ئي اهو رنگ لائي ٿي ،جا سدائين چمڪ واري ٿئي ٿي .پر اَن يگيه ،اَن پراُپڪار ميه جيون ۾ جي برائي نه آهي .جتي برائي اچي ٿي ،اُتي سروپ پرماتما جو اُتي ئي واسو ٿو ٿئي ،جتي برائي نه آهي .جتي برائي اچي ٿي ،اُتي اگني يعني پرماتما

جو پرڪاش نہ تو ٿئي ۽ اهو جنم سڦل تي نہ سگهندو .اهو يگيہ ڪامياب ڪين ٿيندو .ان ڪري ويد جي آگيا آهي تہ نبرائي ،تياڳي، جيون يگيہ ميہ ٻڌائي سڦلتا کي پايون .

---

## 66. تپسوي جيوَن

---

**ارٿ** : **شرم ( محنت ) تپسيا سان يڪت رهو .ڏن ۾ وويڪ جي سهاري سان سدا چار ۽ اِسٿت رهو** .( **اٿرو ويد** )

**سمجهاڻي** : شرم ،تپ ،وويڪ ۽ رتو (سداچار )هي چار اُتم ساڌنائون آهن ،جنجو اپياس هڪ ئي گرهست آشرم ۾ ڪري سگهجي ٿو .عام طرح چيو ويندو آهي تہ آشرم چار آهن ،پر حقيقت ۾ مکيہ آشرم تہ گرهست آشرم ئي آهي .باقي ٽي آشرم تہ ننڍا آشرم آهن ،چاڪاڻ تہ اهي پوريءَ طرح گرهست آشرم تي ئي آڌار رکن ٿا .

گرهست آشرم اهو آشرم آهي جنهن ۾ گهور محنت ڪرڻ گهرجي .هرهڪ شخص گهر ۾ ئي پلجي ٿو ۽ وڏو ٿئي ٿو ،گهر ۾ ان جو جهڙو سنسار ۽ اپياس ٻڌجي ٿو ،اهو هرهنڌ انهيءَ موجب هلي ٿو .اُهي گهر جا هلائيندڙ پائر ۽ پينرون ڏنيہ آهن ،جيڪي پنهنجي پنهجني گهر جي واتاورڻ کي زندھ رکي ،پريوار جي سيني پاتين ۾

محنت ،تپ ،وويڪ ۽ سداچاري جو ٻج ڇٽي ،سندس جيون شاندار بڻائين ٿا .

شرير سان شرم ( محنت ) من سان تپ ،ٻڌيءَ سانوويڪ ۽ آتما سان رتوُ (سداچاري )اَختيار ڪرڻ گهرجي .

شرن جو ارٿ آهي شرير سان محنت ۽ تپ جو ارٿ آهي من جو سنجم .جنهن جو پنهنجي من تي جيترو سنجم هوندو ،اوترو ئي هو پنهنجي شرير سان محنت ڪندو .تپسيا سان پوتر ٿيل شرم ئي حقيقي شرم آهي .ٻيءَ طرح محنت محنت نہ رهي ،بيڪار بڻجي پوي ٿي .من جو سنجم پرسنا بخشي ٿو .

گهر ماڻهوءَ جي آڌي ۽ اَنادي پانشالا آهي .تپسيا سان پوتر ٿي، جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪيتر ۾ پوريءَ طرح محنت ڪئي وڃي ٿي، تڏهن سيئي چاهيل سمپدائون سولائيءَ سان پراپت ٿين ٿيون .جنهن گهري جا سيئي ياتي 16 ڪالڪ ڪم ۽ 8ڪلاڪ آرام ڪن ٿا ،جنهن راشٽر ۾ پريوار پريوار ڪري سيني ناگرڪن کي سنجم ۽ محنتي بڻايو وڃي ٿو ،اُهو ئي راشٽر هر قسم جي اُنتي ڪري ٿو .

شرم ۽ تپ سان جڏهن ڌن جي پراپتي ٿئي ٿي ،تڏهن برهم (وويڪ ٻوڌ ) جي ضرورت پوي ٿي .وويڪ رهت انسان ئي ڪٽنب ڌن حاصل ڪري ،حرصن ۽ ولاسن ۾ ڦاسي ،چوتر وڃائي وهي ٿو .انهيءَ ڪري ويد فرمائي ٿو تہ ڌن جي پراپتيءَ تي وويڪ جي آڌراڻ سان رِت جي اِستتي ٿيڻ گهرجي .

رت جا ٿي مشھور ارث آھن _صحيح ،سداچاري ،ٿورو خرچ ماڻھو جڏھن وويڪ کان ڪم وني ٿو ،تڏھن ھو پنھنجي ڌن جو. صحيح استعمال ڪري ٿو ۽ ٿورو خرچائو رھي ٿو .ھٿ ڦاڙ ڌن جو ابتو استعمال ڪري ٿو ۽ ھو داراچاري ٿي پوي ٿو .ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ساھوڪار گھڻو ڪري حصن ۽ ولاسن ۾ غرق ٿي وڃن ٿا ،داراچار ۽ چوتر ھيڻتا جا شڪار ٿين ٿا .ھو قدم قدم تي غلط ڪم ڪن ٿا. انھيءَ ڪري ڪٽنبن جا ڪٽنب ناس ٿي وڃن ٿا .

اھو بہ ڏسڻ ۾ آيو آھي تہ تپ ۽ شرم جي سھاري جتي ڌن ڪمايو وڃي ٿو ،اُتي وويڪ محفوظ رھي ٿو .مگر جن ڪي بنا شرم ۽ تپ ڪئي ئي مفت ۾ ڌن ملي وڃي ٿو يا جيڪي غير مناسب طريقن سان ڌن ڪمائين ٿا اُھي آرام طلب ۽ ولاسي ٿي ،ڌن ڪي تہ ناس ڪن ٿا ،پر خود بہ ناس ٿي وڃن ٿا .سچ چيل آھي تہ ” ڌن ويو تہ ڪجھ ڪين ويو ،پر جي چوتر ويو تہ سڀ ڪجھ ويو .انھيءَ ڪري ويد جي مٿينءَ سکيا تي عمل ڪري شرم ،تپ ،وويڪ ۽ سداچاري ڪي پنھنجي جيون ۾ آڻڻ گھرجي .

## 67. بي داغ جيون

**ارٿ : مان توکي يم لاءِ ،توکي مک (يگيہ) لاءِ ،توکي سوريہ جي تپ لاءِ ارپڻ ڪريان ٿو .منهنجا جيون ! پرڪاش سروپ پرماتما توکي مڏوءَ مان ميناج سان ڀري .منهنجي اتمن ! پرٿويءَ جي سپرش کان جيون کي بچاءِ. ( يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : جيون ساڌڪ پنهنجي جيون کي پڪاريندي چوي ٿو تہ مان توکي يم جي آرپڻ ڪريان ٿو . يم لفظ جو استعمال هتي "شانتي جي پراپتي "جي ارٿ ۾ ٿيو آهي .يوڳ موجب اهنسا، ستيہ، استيہ (چوري نہ ڪرڻ )،برهمچريہ ۽ لوڀ نہ ڪرڻ ."انهيءَ پنج ساڌنا کي لوپ چئجي ٿو .يم جي انهن ئي پنجن انگن ۾ پالڻ سان ظاهر ظهور شانتيءَ جي سڌي ٿئي ٿي ."مک "لفظ جو اِستول ارٿ يهگہ آهي .مک لفظ جو پر يوگ هن ،منري ۾ گتي ،پرگتي ،وياپڪتا ۾ ٿيو آهي .سانت آتما ئي گتي ،پرگتي ،وياپڪتا کن ٿا .
ڪرڻن ذريعي سيني هنڌ ڦهلجي وشوَ کي سدائين تيج ۽ پرڪاش پردان ڪندو رهڻ تي سوريہ جو تپ آهي .

پنهنجي املهہ جيون جي وڏائي سمجهندي جيون ساڌڪ چئي رهيو آهي ،"منهنجا جيون !مان توکي شانتي ڌام بڻائڻ لاءِ شانتي پوروڪ يگيہ جي سڳنڌ سمان وشو ۾ ڦهلجڻ لاءِ ۽ وشو ۾ ڦهجي انسانن ۾ تيج ۽ پرڪاش جو ڦهلاءُ ڪرڻ لاءِ ساڌيان ٿو .

بنا تيج وارن ۾ تيج جو سنچار ڪرڻ ۽ آگيا روپي انڌڪار ۾ ڀٽڪندڙن ڪي گيان روپي پرڪاش پردان ڪرڻ مانوَ جيون جي سڀ ڪان اوچي ساڌنا آهي .

پنهنجيءَ زندگيءَ جو ملھ سمجھو .سرشٽيءَ ۾ توهانجي پنهنجي جيون کان وڌيڪ موليہ وان وستوُ ٻي ڪا ڪانهي .پنهنجي جيون ۾ شانتي آڻيو .شانتيءَ سان گڏجي جيون کي يگيہ ميہ بڻايو .ان سان سنسار ۾ سڳنڌ ڦهلايو .سڳنڌ ڦهلائيندي وشوَ ۾ تيج ۽ پرڪاش جو پاچار ڪريو .جيون روپي اَملھ خزانو ويرٿ وشين ۾ نہ وڃايو .

ويد جي هن منتي ۾ پڇاڙيءَ جي ۾ ميناج جي مهما ڳائي ويئي آهي .سيني شيِ سريشٽ ۽ دويہ ايلاشائن جي ساڌنا جو ۽ سنسار ۾ يم (شانتي )،مکہ (يگيہ ) ۽ تپ (تيج جي پرڪاش )جي ڦهلاءُ جو پختو آڌار فقط ماڌريہ ( ميناج ) آهي .ڪجھ بہ ڪيرو تہ مڌرتا سان جدا ٿيو .سماڌريہ انسان جو سوم آهي ،مانو جيون جو ڪير آهي .انتهڪرڻ جو اَمرت آهي .پنهنجي جيون جي ڪڻ ڪڻ ۾ ماڌريہ پريو .پنهنجي ميناج سان ڪوڙي سنسار کي مڌو بڻايو .ڪوڙاڻ ساڌنا کي ڪاٽڻ واري ۽ مڌرتا ساڌنا کي ساڌڻ واري آهي .

پرٿويءَ جي پرش کان بچائڻ جو مطلب آهي سنسار ي ولاسن، پوڳن،وشين ۽ واسنائن کان جيون کي پري رکڻ .سيني براين کان آجو جيون کي ڏنيہ آهي .پنهنجي زندگيءَ کي آڌ کان اَنت تائين بي داغ رکو .جيڪڏهن ان ۾ داغ ٿين بہ کٽي تہ اُهي آتم ساڌنا سان

ڏوئي صاف ڪري ڇڏيو .بي داغ جيون سان ئي منتر ۾ چيل اَپلاسائن جي سڌي ٿيندي .

ويد سانڪي دلاسو ڏئي ٿو ،”اي آتما ! تون لاشڪ پنهنجو جيون بي داغ بڻائي سگهين ٿي .پنهنجي سروپ ڪي سڃاڻ .تون شڌ ڪندڙ آهين ،تون تپ آهي . “

آتما اها جوالا آهي ،جيڪا سيني برائين ڪي ڀسم ڪري سگهي ٿي .آتما اهو شعلو آهي ،اُها اگني آهي ،جيڪا سيني داغن ڪي مٽائي ،جيون ڪي پوتر ڪري سگهي ٿي .آتما اهو تپ آهي ،جو جيون ڪي تپائي سچو سون بڻائي سگهي ٿي .

## 68. ڪلياڻڪاري ويچارن وارو من

**ارٿ : جنهن دوارا اپسہ شيل منيشي يگيہ ۾ ڌير ماڻهو گيان يگين ۾ڪرم ڪن ٿا ،جيڪو پرجائن جي اندر لاثاني يڪش آهي .اهو منهنجو من شوَ سنڪلپي رهي .( يجر ويد )**

**سمجهاڻي** : اَپسهہ پرواهہ(وهڪري )ڪي چئبو آهي .پرواهہ ٻہ آهن جل جا ۽ ڪرمن جا .اَپسهہ اُنهن ودوان پرشن ڪي چئجي ٿو ،جيڪي جل جي پرواهن وانگر ڪرمن جي پرواهن ڪي سدائين وهائيندا رهن ٿا

جل جا پرواھ جھڙي طرح شڌ ،شيتل کيتين کي ريج کندا آھن تھڙي طرح اَپسن جا ڪرم پرواھ مانوَ سماج کي شڌ ،سانت ۽ پاڻي ڏيڻ جو ڪم کندا آھن .انسان ذات کي شڌ رکڻ ،مانوَ جاتيءَ ۾ مانوتا آڻڻ ۽ مانو سماج ۾ سانتي قائم رکڻ اَپسن جي ايلاسا ٿئي ٿي .اُھي ودوان ٻہ سدائين پاڻيءَ وانگر شيتل ،سانت ۽ نمرتا وارا (ھيٺ ھندڙ) ٿيندا آھن .پاڻي سدائين ونسپتيءَ جي چرنن ۾ پرويش ڪري،انکي وڌائيندو آھي .اَپسہ شيل انسان ٻہ نندن وڏن سيني ماڻھن جي چرنن ۾ نمندي،اُنھن جي پاڙن کي پاڻي ڏيئي ،انھن جي انتي کندا آھن .

”منيشي “ويچار شيل ،من تي ضابطو رکندڙ ،پڪي نشچي وارن کي چونداآھن .جيڪي ماڻھو جل سمان شيتل ۽ شانت ٿيندا آھن ،اُھي ئي پڪي نشچي وارا ٿيندا آھن .تڏو لوھ ئي گرم لوھ تي جيت پائيندو آھي .گرم لوھ ڪڏھن ٻہ شيتل لوھ تي سوپ ڪين پائيندو آھي .تڏو لوھ ئي گرم لوھ کي ڪتيندو آھي .شيتل ۽ شانت ماڻھو ئي اتوَت پختائيءَ سان ڪرم پرواھ جاري رکي ٿو .جو شيلو ۽ اَشانت ماڻھو ائين نہ ٿو ڪري سگھي .منيشي اَپسہ شيل ماڻھن جي ڪرم پرواھن کي يگيہ چيو ويو آھي .

يگيہ اُنھن ڪرمن کي چئجي ٿو ،جن ۾ ستڪار ،دان ۽ سنگتي ڪرڻ (ميل ) اُھي ٿي ڪرپائون ٿين ٿيون .ستڪار سيني جو آڌر کندي ،سيني جو ميل ڪرڻ ۽ سيني کي ست ڪرم ۽ سيني کي ست ويچار جو دان ڏيڻ اھو ئي منيشي اَپسہ شيل ماڻھن جو يگيہ آھي .يگيہ لفظ جو جنھن ڌاتوءَ مان جنم ٿيو آھي ،اُھا ڌاتو آھي

يچ،جنهن جو ارٿ آهي پوڄا ،سنگتي ڪرڻ ۽ دان .منيشِ ست ويچار کي چئبو آهي .اَپس شڏ جل ۽ ست ڪرمن کي چئبو آهي .ست ويچار ۽ ست ڪرم دان کي يگيہ آهي ،لاثاني يگيہ آهي .ست ويچار ۽ ست ڪرمن جي پريرڻا سان مانو سماج کي يگيہ ميہ بڻائڻ کي يگيہ آهي . لوڪ هت ۾ جيڪا گيان سمپادڪ ساڌنا ڪئي وجي ٿي ،انکي "ودٿ" چيو ويندو آهي .اَشڪشا ،اگيان ،انيايہ ،اڀاوَ ،اتياچار ،داراچار کان چنتا جي رکشا لاءِ جيڪا مهان ساڌنا ۽ ڀاري جدو جهد ڪئي وجي ٿي،ان کي ودٿ چئجي ٿو .يگيہ ڍير پرش ئي ڪري سگهندا آهن .

من تہ سيني جي اندر آهي .سيني جو من سنڪلپ ڪندو رهندو آهي .پوءِ سيئي ماڻهو چونہ اَپسہ شيل ،منيشي ۽ ڌيرج ٿين؟ اهو هڪ نيڪ سوال آهي ،جو هتي ٿي سگهي ٿو .سنڪلپ من جو ڌرم آهي .ٻين گڻن سان گڏ ضروري آهي تہ من شو سنڪلپن ( شيِ ۽ ڪلياڻڪاري ويچارن )وارو هجي .اُهي نر ۽ ناريون شڏ ،شانتي وڌائيندڙ ٿي سگهن ٿيون ،جن جو من شوَ سنڪلپن وارو ٿئي ٿو .

هتي "پرجائن " لفظ اندرين لاءِ ڪم اندو ويو آهي .شڏ ۽ پوتر اندريون من جي پرجا آهن ۽ من انجو يڪش (پوجيہ پرڌان )آهي .يگيہ جا ٻہ ارٿ آهن ،پوجيہ ۽ اڌيڪش .پوجيہ کي ئي اڌيڪش بڻائڻ کپي ۽ اڌيڪش کي پوجيہ ئي ٿيڻ گهرجي .شو سنڪلپ وارو ٿي ئي من يڪش ٿئي ٿو .من جي بگڙڻ سان ماڻهو بگڙجي وجي ٿو .انهيءَ چوڻ ۾ وڌاءُ ناهي تہ "من جيتي ،جڳ جيت . "

ستيہ ،سنجم ،پختائي ،پوترتا ،امرت جي ميل کي ” شوَ “ چئجي ٿو .جنجو من شرڌا وارو ۽ سوَ سنڪلپن وارو آهي ،فقط اُهي ئي اَپسہ شيل ،منيشي ۽ ڌيرج ٿي سگهن ٿا .جنجو من اشڌ ۽ اوتر ويچارن وارو ۽ شرڌا رهت آهي .اُهي تہ ڪروڌي ،اوويڪي ،جوشيلا ۽ بي صبر ٿين ٿا .اُهي يگيہ ڪرڻ بجاءِ اتيچار ۽ انرٿ ئي ڪن ٿا .اِنڪري ضروري آهي تہ اسين سڀيئي سنڪلپ وارا ٿيون .

## 69. سوپ جو راز

**ارٿ :اِندر! منهنجي ،پنهنجي پنهنجي ستيہ ،_ طرف _ ڌرم يڌ ۾ ۽ سنگرام _ راج يڌ ۾ لڙائي ٿي ،ماڻهو توکي انيڪ قسمن سان پڪارين ٿا .جيڪو يگيہ ڪندڙ _ ٻليدان ڪندڙ آهي ،اُنکي پرڀوَ هتي سنسار ۾ _ جدو جهد ۾ _ سنگرامن ۾ پنهنجو ساٿي بڻائي ٿو .وير ( پرڀوُ ) يگيہ نہ ڪندڙ _ ٻليدان نہ ڪندڙ سان مترتا نہ ٿو چاهي.** ( **رگ ويد** )

**سمجهاڻي** : هميشہ ديوتا ۽ دئيت ۾ جدو جهد تيندي آئي آهي .ديوتا تہ اِئين چوي ٿو تہ مان ڌرم جو طرف ونان ٿو .اُن جي چوڻ ۾ وڏاءُ ڪونہ ٿو ٿئي پر جڏهن دئيت چوي ٿو تہ مان ايشور يا ڌرم جي حق

۾ آهيان ،تڏهن هو اَنرٿ ڪري ٿو .جيڪو حاڪم خود خراب ٿئي ٿو، اهو قانون ناهي ٿو ته اسان کي ڇهڻ نه گهرجي .جيڪو ناستڪ آهي، اهو ڌرم استان تي وڃي وڏا وڏا ليڪچر ڪري ٿو ۽ ڌرمي پوڄا کي پنهنجي طرف جهڪائي ٿو .

ڪو لڙاين کان ڪيترو به پڇي پر هو انهن کان بچي نه ٿو سگهي .جيڪو بچندو انجو ڌرم ۽ هستي سلامت رهي نه سگهندا .لاين بند ڪرڻ لاءِ ڪيترو به پرچار ڪيو وڃي پر ڪوبه دنيا کي لڙاين کان آزاد ڪري نه سگهيو آهي ۽ نه مستقبل ۾ ائين ڪري سگهندو .اها سياويڪ ڳالهه آهي .سنسار سنگرام آهي ،جنگ جو ميدان آهي .سنگرام ٻن قسمن جا ٿين ٿا _ هڪ ڌرم يڌ ،ٻي راج يڌ .سيئي پنهنجي پنهنجي ڌرم کي ستيه ۽ پنهنجي جدو جهد کي سچ تي بيٺل ٻڌائين ٿا .هاڻي اندر ڪنهن کي جيتائي ۽ ڪنهن جو ساٿ ڏئي ؟

ڏن جي ٻل کان ناستڪ آستڪ هئڻ جو دم پري ٿو ۽ پنهنجو مطلب پورو ڪري ٿو .ان ڪري ماڻهن لاءِ اهو ڄاڻڻ آسان ناهي ته سچو ڪير آهي ۽ ڪوڙو ڪير آهي ؟

هڪ پرماتما آهي ،جيڪو انترييامي هئڻ ڪري هر هڪ جي دل جي سچي حالت ڄاڻي وٺي ٿو .هو يگيه ميه جيون واري جي ئي سهائتا ڪري ٿو .اهڙن کي دشٽن کان الڳ ڪرڻ گهرجي ،وير ( پريوُ)ڪڳانئر جو متر نه ٿو بڻجي .ديوتا ۽ وير پريوءَ جو پيار ٿئي ٿو ۽ نه ڪانئر ۽ دئت ،جو پريو وير ۽ ديوتا جو رڪشڪ آهي .ائين محسوس ڪري دنيا ۾ بي ڊپو ٿي هلڻ جڳائي .

هتي صاف چتاءُ ڏنو ويو آهي تہ ”.......“ سچ جي ئي جئہ ٿئي ٿي ۽ نہ ڪوڙ جي ،ائين چئي ماٺ ڪرڻ سان ڪجھہ نہ ورندو . ستيہ از خود سوپارو ڪين ٿيندو آهي .چوندا آهن تہ ڌرم کي پير نہ ٿيندا آهن ،اهو لنگڙو ٿيندو آهي .پنھنجي پرچا لاءِ ڌرم ڌرم ڪلھن تي چڙهي ،ديش ديشانتر ۾ ويندو ۽ ڦهلجندو آهي .اهو خيال بلڪل پرم پريو آهي تہ ڌرم ۽ ستيہ جي از خود جيت ٿي ويندي آهي .ست پرشن جي سنگھنت شڪتيءَ ۽ سندن ٻليدان سان ئي ستيہ جي سوڀ ٿيندي آهي .ائين آهي تہ ستيہ سندر ۽ شڪتي وان ٿئي ٿو .پر ان جي جئہ تڏهن ٿئي ٿي ،جڏهن ستيہ جو طرف وننڌڙ يا ڌرم پرچارڪ شرير ۽ آتما جي ٻل سان پر ٿي ،سنگھنت شڪتي ۽ قربانيءَ جي پاونا سان ستيہ جي ڦهلاءَ ۽ ڌرم جي استاپن ڪرڻ ۾ لين ٿي لڳي وڃن ٿا .قومي ۽ راشٽريہ سنگرامن لاءِ بہ اها ئي ڳالھہ لاڳو ٿئي ٿي .

ياد رکو تہ سوڀ ستيہ جي ٿئي ٿي ۽ نہ اَستيہ جي .سوڀ نہ ڌرم جي ٿئي ٿي ۽ نہ اَڌرم جي .سوڀ نہ اَستڪ جي ٿئي ٿي ۽ نہ ناستڪ جي .سوڀ نہ ڌرماتما جي ٿئي ٿي ۽ نہ پاپيءَ جي .سوڀ تہ سنسار ۾ قربانيءَ جي ٿئي ٿي .

اچو تہ اسان ستيہ ۽ ڌرم جي راھہ ۾ ٻليدان پاونا سان ٽپون ۽ جيون _ سامگرين جون آهتيون ڏيئي اٽل ڪاميابي ۽ سوڀ پايون .اچو، سنسار جي سکن ۽ پوڳن کان منھن موڙيون ،مٽن مائٽن جو موھہ ٽوڙيون .يد جي ميدان ڏانھن روانا ٿيون .اچو تہ وشيہ وڪارن کي تياڳيون ،اِڇائن ترشنائن کي آگہ لڳايون ۽ ستيہ لاءِ جدو جھد ڪريون .اچو تہ راس ليلا ،سئنيما ،ٿئيٽر جي هولي جلايون ،ولاس ۽

سينگار کي جلايون ،آلس ،سستي ، نراشا ڪمزوريءَ کي سمنڊ ۾ ٻوڙيون ۽ ڪيسري پوشاڪ پائي ،پنهنجي ستيه لاءِ سنگرام ڪري، سوپ پايون .

## 70. ٽي رنڌڪون

**ارٿ : من سان اسان گڏجون ،ٻڌيءَ سان گڏجون ،دئوي من کان ڪڏهن الڳ نه ٿيون ۽ نه ڪڏهن مهاوناش ۾ ،دانهون ڪريون ۽ نه ڏينهن ٿيڻ تي اِندرجي ڪروڌ جا شڪار ڪنهن به ڏينهن ٿيون. (اٿرو ويد)**

**سمجهاڻي** : حقيقت ۾ ايڪتا سرير جي هڪ جڳهه تي گڏجي وڃڻ سان نه ٿي ٿئي .جڏهن انيڪ وڻ بي رٿائتي نموني هڪ هنڌ هوندا آهن ،تڏهن اسان انهن وڻن کي بن چوندا آهيون . پر جيڪڏهن اهي وڻ ڦلن وارا هجن ۽ ڪنهن نيم سان رٿائتي نموني ڪنهن هنڌ لڳل هجن ته اُن کي باغ چونداسين ،گڏ هئڻ سان اُنهن ۾ ايڪتا جي شڪتي ڪانه ٿي اچي .اسين جڏهن به چاهيون ،تڏهن ڪنهن به وڻ جي پاڙ تي ڪهاڙو وهائي سگهون ٿا .ڪوبه ٻيو وڻ ان کي بچائي نه سگهندو .وڻن ۽ مردن ۾ ڪوبه فرق ڪونه ٿو ٿئي .هڪ ئي قبرستان ۾ هزارين مردا پيا هوندا آهن پر انهن ۾ ڪنهن به ڪسم جي شڪتي ڪانه ٿيندي آهي .

سرير زندهہ هحنءَ هلي هڪ هنڌ گڏجي سگهن ،تڏهن اسان ڪا آشا رکي سگهون ٿا تہ ڪڏهن منن ذريعي گيان جي جيڪا ايڪتا ٿيندي آهي ،ان کي پراپت ڪري سگهبو .ويد ڀڳوان اسان کي انهيءَ ايڪتا پراپت ڪرڻ لاءِ ئي آگيا ڪئي آهي .اسان ڪاٺ جي تيلن ،ڪلن يا پٿر جي مورتين وانگر چپ چاپ رهي نہ ٿا سگهون .اسان کي هڪ ٻئي سان وار تالاپ ڪرڻ ڪرڻ گهرجي .وڏا وڏا گياني ننڍي ءَ ننڍي ماڻهوءَ کان بہ سبق سکندا آهن .يُونان جو هڪ فلاسفر چوندو هو تہ مان ننڍن سان گڏجڻ گهڻو پسند ڪندو آهيان .مون کين گيان جون وڏيون ڳالهيون ڪندي ٻڌو آهي .

جڏهن اسين ويچار ڪريون ٿا،تڏهن جيڪا ڳالهہ هڪ ماڻهوءَ کي نٿي سجهي ،اُها ٻئي جي خيال ۾ اچي وجي ٿي ۽ سوچڻ سمجهڻ جي ڪرپا ڪجهہ سولي بہ ٿي پوي ٿي .سوچي سمجهي ڪيل فيصلو ئي مجڻ جهڙو ٿئي ٿو .

فقط دئوي من دوارا ڪاريہ ڪري ماڻهو ڌنيواد جو پاتر ٿي سگهي ٿو .آسري (دئتي ) من واتا تہ هلي نہ سگهندڙ وٽن يا قبرستان ۾ پيل مردن سمان ٿين ٿا .مردا قبرستان جي زمين خراب ڪري ڇڏين ٿا .راڪشي من وارا وڏن وٺ وجي ،انهن جي ڪاريہ وگهن وجهن ٿا ۽ اُنهن کان غير واجب ڪم ڪرائين ٿا .

من ۾ ب+يءَ سان گڏ ڪاريہ ڪندڙن جو ڪم سڪرت سڏجي ٿو .سڪرت ڪندڙن کي آرام ڪٿي ؟پتاجيءُ جي آگيان اکين تي نہ رکي ها تہ شري رام چندر کي 14سال بنن جي خاڪ ڇائڻي نہ پوي ها.

هندن ۽ مسلمانن ۾ ست ياءُ قائم ڪرڻجي ڪوشش نہ ڪري ها تہ مهاتما گانديءَ ڪي سيني ۾ گوليون ڇڏڻ هنيون وڃن ها ؟جيڪي لوڪ اپڪار ڪرڻ نڪرن ٿا ،اُنهن ڪي ڪشٽ قبولڻ ئي گهرجي.انڌڪار جو راج ٿيڻ لڳي تہ ماڻهوءَ ڪي سڪرت ڪندو ئي هلڻ گهرجي .جيڪڏهن صبر گنوائي دانهون ڪندو ڪرڻ لڳي تہ ويچاروان ماڻهن جي قطار ۾ نہ گهٽبو پر ٻار سڏبو .ٻار ئي لوهہ پٿر سان ڪيليندي ڪيليندي ،پنهنجيءَ آڱر ڪي چوٽ پهچائي رئڻ رڙڻ لڳندا آهن .اسان ڪي ست مارگہ تي هلڻو آهي تہ اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ هاڻي ڏڪ لڳندو .اسان جيڪي وڏا آهيون ،سي ٻين ڪان مارجڻ تي بہ دانهون ڪين ڪندا آهيون .

رندڪن ۽ مشڪلاتن جو مقابلو ڪندڙ دنيا ڪي اُنتيءَ تي چاڙهيءَ تي چاڙهين ٿا .جدو جحد جو جيون آهي .قسمين قسمين ڪوجنائون ڪندڙ ڀيانڪ حالتن سان لڙن ٿا،پنهنجي گهر جو سارو ڌن ڦوڪي ڇڏين ٿا ،تڏهن وڃي اهڙي ڪوجنا ٿئي ٿي ،جنهن مان ساري سنسار جا لاڀ پراپت ٿين ٿا .

جڏهن لاڀ پراپت ٿئي ٿو ،تڏهن هرهنڌ آنند ئي آنند پاسي ٿو .اَنڌڪار ڪان سواءِ پرڪاش جو اچڻ اَڻ ٽر آهي .ڪشٽ سهي سهي ،جڏهن ترقيءَ جي اوستا ڪي آندو وڃي ،تڏهن ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ جدوجهد جو خاتمو ٿي ويو .آزاديءَ بعد ڪانگريس جي لوڪ پريتا گهٽ ٿي ويئي آهي .ڇاڪاڻ تہ ستا هٿ اچڻ بعد اڪثر ڪانگريسي آرام پسند ٿي ويا آهن .

اسانکي جدوجهد کندو ئي رهڻ گهرجي .پرٿوي هلندي ئي رهي ٿي،ان کري ئي ان جي اَڏ کي سدائين پرکاش ملندو رهي ٿو .جيکڏهن اها بيهي وجي تہ هوند هاها کار مچي وجي ،اسان کي ڏينهن اچڻ تي دکہ جي اوندھ هٽڻ تي ،آرام پسند ٿي ،پنهنجي ناستيءَ کي خود ئي کوٽ نہ کرڻ گهرجي .رومن جاتي وشوَ تي سوپ پائي،عيش آرام ۾ ڦاسي ويئي هئي .ان جو اهو ڏاڍو خراب نتيجو نکتو،جو هن اَزخود انگريزن جي ملک ۾ حکومت کرڻ ڇڏي ڏني .ٻلوان جوڌا کمزور ٿي ويا .رومن لوک اندر جي ڌنش جا نشان بڻيا .جڏهن کو اِندر جي کروڌ جو پاتر بڻجي ٿو،تڏهن اُنجي زواليت ٿي وجي ٿي.اسان شل اهڙو ڏينهن نہ ڏسون، جڏهن اندر کروڌي روپ ڌارڻ کري شل اسان سڀئي ڏينهن کاريہ کرڻ ۾ مشغول رهون.

هن منتر ۾ ٿي پيرا "ما" (نہ) آيو آهي جيکڏهن اسانجو ڌيان انهيءِ طرف وجي تہ اسان سمجهي وينداسون.....

(1) آسري من سان ايکتا قائم کرڻ جي کوشش نہ کرڻ گهرجي جيکڏهن دئري من سان هک ٻئي سان گڏباسين تہ پوءِ جهڳڙو ڇو ٿيندو ؟

(2) کشٽ اچڻ تي اسانکي دانهون نہ کرڻ گهرجن.

(3) سوپارو ٿيڻ بعد بہ محنت کرڻ جڳائي.

# 71.خبردار

**ارٿ: ائشوَريہ وارا پيارا! مھانتالاءِ، وڏي ٿيڻ لاءِ، پاڻ ۾ ھوشياري آٽيو. سيني شڪتين ۽ ائشوريہ لاءِ ساڌنا ڪريو. ٿارڻ وارو ئي جئہ پراپت ڪري ٿو. ٿارڻ وارو ئي آباد رھي ٿو ٿارڻ وارو ئي وڏي ويجھي ٿو. ديو سريشٽ (اُتم) انسان دراچار (خراب ھلت) ۽ پرشتا چار (بد صحبت) ڪان ڪنارو ڪن ٿا. (رگ ويد)**

**سمجھاڻي:** ھن ويد منتر ۾ اسانکي چتاءُ ڏنو ويو آھي تہ ڪاريہ يا ساڌنائون شروع ڪرڻ تہ آسان ڪم آھي پر انھن ڪي پڇاڙي تائين ڪندي رھڻ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ تمام خبرداريءَ جي ضرورت آھي. جڏھن ڪاريہ پورو ٿئي ٿو تڏھن واھ واھ ٿئي ٿي. ڌن دولت حاصل ٿئي ٿي ۽ پرت جو ياءُ اٿڻ لڳي ٿو ۽ جدا جدا قسمن جو لالچون للچائڻ لڳن ٿيون پوءِ تہ ڪم ڪندڙ ايرڪادئيش جي وس ٿي پارٽين ۾ ورڇجي وجن ٿا ۽ پارٽي بازي جي چڪر ۾ ڦاسي ھڪ ٻئي ڪي ڪيرائڻ ۽ مٽائڻ لڳي وجن ٿا.

اھو ئي سبب آھي ، جو ھن ويد منتر جي شروعات ۾ چيو ويو آھي تہ پاڻ ۾ وڙھو نہ پاڻ ۾ ميل ميلاپ ھوندو تہ متحد رھنداسين پر جيڪڏھن ورڇجي ويندا سين يا نفاق جا شڪار ٿينداسين تہ ڪري پونداسين. پارٽيون نہ ناھيو، دل بنديءَ ۾ نہ ڦاسو. ھڪ ٻئي ڪي بدنام نہ ڪريو. ھڪ ٻئي جي خامين، گھٽتاين ۽

ڪمزورين کي پريم ۽ پريرڻا ذريعي دُور ڪري سيني کي ساڻ ڪري اڳتي وڌو. جيڪو جنهن لائق آهي ان پٽاندر انکي ڪم ڏيو. وڙهڻ مان نہ توهانکي سک ملندو ۽ نہ ٻئي کي. ويتر دک ئي پراپت ٿيندو.

ڪي چوندا آهن تہ ٻين کي نہ کيرائيندا سين تہ اڳتي ڪيئين وڌنداسين. ويد ماتا ان لاءِ سندر جواب ڏئي ٿي تہ مهانتا لاءِ پاڻ ۾ هوشياري آڻيو. مهان ٿيڻو. اتو تہ پاڻ ۾ مهانتا آڻيو. ٻئي جي ليک کي ننڍي ڪرڻ يا مٽائڻ جي ضرورت ڪانهي. صرف پنهنجي ليک وڏي ڪيو ٻين کي ڇيڙڻ بنا پنهنجي نمرتا، شيوا ۽ ساڌنا کي جيترو وڌائيندا اوترا ئي وڏا ٿيندا.

**گراتا هئي جو اورون ڪو، سويم وه هي گرتا هئہ،**

**بڑهاتا هئہ جو اپني ساڌنا ڪو، اونچا اٹتا هئہ**

شاعر اڪبر الہ آباديءَ نيڪ چيو آهي:

**هجومِ بلبل هئا چمن ۾، ڪييا جو گل ني جمال پيدا،**
**ڪمي نهين قدردان ڪي، 'اڪبر' ڪر تو ڪوئي ڪمال پيدا.**

جڏهن باغ ۾ گل جوين ۾ اچي ٿو ۽ خوشبوءِ پکيڙي ٿو، تڏهن قدردان بليليون اچي اتي مڙن ٿيو. ضرورت ڪمال پيدا ڪرڻ جي آهي.

هونئن ٻہ سهڻو ۽ سڌو پڌر ڪڌهن ٻہ رستي ۾ ڏکا ڪائيندو نظر ڪين ايندو ماڻهو ان کي ڪٽي جوڳي جاءِ ڏيندا انسان مهان ٿيندو تہ سپاويڪ ماڻهو ان جو قدر ڪندا .

سوال آهي تہ هوشياري ڪيئن اچي؟ ان لاءِ ضروري آهي تہ پاڻ ۾ لائقي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هر انسان ۾ يوگيتا (اهليت) سمايل آهي. ضرورت آهي تہ اها آتم ساڌنا ذريعي حاصل ڪجي. آتم جوتي ۽ آتم ٻل ئي آتما جي دولت آهي آتما جي شڪتي تلوار جي شڪتيءَ کان وڏيڪ طاقتور آهي آتم جوتي سيني آنڌڪارن کي ناس ڪري ٿي انڪري آتم ساڌنا وسيلي آتم جي دولت ڪٺي ڪئي وڃي.

هن ويد منتر ۾ تارڻ واري ٻيڙي ٺڄڻ لاءِ چيو ويو آهي. سنسارحرص ولاسن ۽ پاپن ۾ ٻڏي رهيو آهي. توهين انسانن کي تاريو. پنهنجي پريم ۽ شيوا سان سندن ڪشٽ دور ڪريو. تارڻ وارو ئي جيت پائي ٿو ۽ جيئري خواهہ موت بعد ٻہ انجي جئہ جئڪار ٿئي ٿي. تارڻ وارو ئي وڏي ويجهي ٿو. منتر جي پڇاڙيءَ ۾ چيو ويو آهي تہ دراچار کان هٽي سداچاري ٿيو. ديو ۽ ديويون سداچاري ٿيندا آهن. سداچاريءُ جو ٻيو نالو ديو آهي. جيڪي سداچاري ٿين ٿا سي پاڻ ۾ وڙهن نٿا ۽ هوشياريءَ ۽ يوگيتا جا مالڪ ٿين ٿا ۽ ٻين کي تارڻ جي شڪتي منجهن موجود رهي ٿي.

## 72. پتي پتنيءَ جا فرض

**ارٿ: ستيوادي پتي پتني توهان ٻئي وڏڙن جا سوڀاڳيہ ڏيو، ٻڪايل جا ٻہ رکشڪ ٿيو، پاپيءَ جا ٻہ رکشا ڪندڙ ٿيو. انڌن جا سار لهندڙ ٿيو، ڪمزور جا ٻہ رکشا ڪندڙ ٿيو. ماڻهو توهان ٻنهي کي ئي انڌي جو ٻہ، ڪمزور جو ٻہ، بيمار جو ٻہ، علاج ڪندڙ چون ٿا. (رگ ويد)**

**سمجهاڻي:** هن ويد منتر ۾ گرهستيءَ ( پتي پتنيءَ) کي سندن ڇهن فرضن  کان آگاهہ ڪيو ويو آهي. هن منتر ۾ جوڙي کي "ناستيا " لفّظ سان ياد ڪيو ويو آهي نہ استيا يعني جيڪي پتي پتني ستيہ وادي، ستيہ اچاري من وچن ۽ ڪرم سان شڌ سداچار سان پرپور هجن هن منتر ۾ هيٺيون ڇهہ آگيائون پتي پتنيءَ کي ڏنيون ويون آهن.

(1) نربل وڏڙن جي سار لهو. جيڪي ساڌڪ (سگها) ۽ سمرٿ (پاڻ وهيٽا) ٿيندا آهن سي تہ وانپرسٿ جي ديکشا وٺي ويد جي پرچار ۽ دنيا جي سڌار کي لڳي ويندا آهن. پر جيڪي ڪمزروهوندا آهن انهن کي تہ گهر ۾ ئي رهڻو پوندو آهي. انهن جي شيوا ڪري سندن درياڳيہ کي سوڀاڳيہ ۾ بدلائڻ ۽ ڪين هر پرڪار سکي ۽ راضي رکڻ گرهستيءَ جي هڪ سندر ساڌنا آهي. جيڪي پتي پتني ائين ڪن ٿا اهي وڌن ويجهن ٿا.

(2) بکايل جا رکشک ٿيو. شيخ سعديءَ جو چوڻ آهي تہ ماڻهوءَ جي سکہ جو مول پيٽ آهي بکئي پيٽ سان ڀڳتي بہ ٿي نٿي سگهي ان جي کميءَ ۾ ڏکر سبب بکايلن جو تعداد وڏي وجي ٿو. پتي پتني جو فرض آهي تہ ان پاڻيءَ سان ماڻهن جي بک ۾ اج مٽائين.

(3) پاپيءَ جا بہ رکشک ٿيو. پاپ کان نفرت کجي ۾ نہ پاپيءَ کان. پاپي شيوا ۾ علاج جو پاتر آهي. پاپ انتهکرڻ جي بيماري آهي. جيکو پاپ کان دکي آهي، انکي پيار ڏيو ۾ سنئين رستي تي هلڻ جي پريرڻا کريو. سندس سڌاري کرڻ ۾ سهائک بڻجو.

(4) انڌي جا بہ رکشک ٿيو. لولن لنگڙن، جڏن جي وکاس ۾ اُنتيءَ ۾ مددگار ٿيڻ پچ جو کم آهي. پتي پتني ڏکين جي ڏک دور کرڻ ۾ لڳا رهن، ان ۾ ئي سندن سک سمايل آهي.

(5) کمزور جا بہ رکشک ٿيو. جيکي شرير کان کمزور آهن، انهن کي کمزور کين ٿو چئجي. پر جن جي سماجک حالت کمزور آهي، اُهي بہ کمزور آهن. دربل جي نہ بي عزتي کريو ۾ نہ انکي ستايو کمزورن جي تن، من، ڌن سان شيوا ۾ سهائتا کريو، اهو انساني فرض آهي.

(6) روڳ ۾ روڳيءَ جا بہ علاج کندڙ ٿيو. رُت جا بہ ارٿ آهن _ روڳ ۾ روڳي. روڳ جي علاج کرڻ ۾ روڳيءَ جي شيوا سمايل آهي. سداچاري پتي پتنيءَ دوارا ئي شخصي، کٽنبي، سماجک، راشٽريہ بيماريون، برايون ۾ وکار دور ٿيندا. يٿاشکتيءَ بيمارن جي ضرور شيوا کرڻ جڳائي. انهن جي آسيس سان سک ۾ واڌارو ٿيندو.

کھڙو نہ چڱو ٿئي جو گرھستي مٿين ڳالھين جي پيروي ڪري، ٻين جو ڀلو ڪن تہ سندن بہ ڀلو ٿئي.

## 73. دل جو پيالو

**ارٿ: ھي ھردو آتما جو اھو برھم پان ڪرڻ جو پيالو آھي، جنھن سان پريہ امرت پان ڪيو وڃي ٿو، انھيءَ پيالي سان آتما پرسنتا لاءِ ديوَ برھم کي پوريءَ طرح پرسن ڪري اسان انسانن مان دويش دور ڪري پاپ کي الڳ ڪري (رگ ريد)**

**سمجھاڻي:** شڌ پيالي ۾ شڌ، پوتر جل ڀري رکو. ان ۾ توھان پنھنجي صورت پسي سگھو ٿا. ان ۾ توھان سُوريہ، چندر ۽ آڪاش جي ڇاپا ڏسي سگھو ٿا ۽ پياس لڳڻ تي ان پيالي جو پاڻي پي، توھان پنھنجي پياس ٻجھائي سگھو ٿا.

اي انسان! جيڪڏھن تون پنھنجي ھردي روپي پيالي کي بلڪل شڌ ڪري ان ۾ شڌ پرتر ڀڳتيءَ روپي امرت ڀري ڇڏين تہ اُن اَمرت ۾ تون آتم درشن ڪري سگھين ٿو. ان ۾ تون برھم

ساڪياتڪار ڪري سگهين ٿو ۽ انجو پان ڪري، هر پياس شانت ڪري سگهين ٿو.

اڙي تون ڪتيرو نہ اگياني آهين ! اهڙي پوتر پاتر ۾ تو گندين واسنائن، اپوتر اڇائن ۽ وشئي ڀاونائن جو گندو ۽ ميرو پاڻي ڀري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري تون ترشڻا جي تاپ، مايا وڪار ڪان دکي ٿي رهيو آهين.

انهيءَ ميري پاڻيءَ کي ٻاهر اُڇل. پنهنجي پيالي کي مَلي صاف ڪر ۽ ان ۾ شڌ امرت ڀر. آتم انڀوتيءَ ۽ برهمانند سان پُر ٿي، انهي امرت سان پنهنجي برهم سکا کي پرسن ڪر ۽ پرسن ٿيءُ .

جڏهن تنهنجو پيالو امرت تار رهندو تڏهن تون ٻين انسانن جي دويش کي دور ڪري سندن پاپ (وڪار) ڇڏائي، سندن پيالن ۾ بہ امرت اوتي سگهندين.

---

## 74.هيڪڙائيءَ کي پرايت ڪر

---

**ارٿ: ڏک نہ ڄدا نہ ٿيءُ. يجمان جو يگيہ، اڀلاکا رهت ۽ پرجا نشکام هئڻ گهرجي. توکي ٽٽانيءَ (انيکتا) لاءِ نہ بلکہ هيکڙائي لاءِ ارپڻ ڪريان ٿو (يجرريد)**

**سمجهاڻي:** هن منتر ۾ ويد پنهنجي شخصيت جي نرماڻ ڪندڙ ساڌک کي چئي رهيو آهي تہ تون دنيا جا جهنجهٽ، گوڙ گنبوڙ، چترايون، چالاڪيون، دک درد وغيره ڏسي 'ڏج نہ'، کو ڊپ نہ ڪر، انهن کي ڏسي گهر ٻار، مال ملڪيت، ڪم ڪار وغيره 'ڇڏي جدا نہ ٿيءُ'، تياڳي ڦٽا نہ ڪر، جنگ جي ميدان کي ڇڏي ڀڄي نہ وڃ. هيءُ جيون روپي جنگ جو ميدان ڇڏي جيڪو ڀڄي ٿو وڃي، سو ڪانئر آهي. سنسار ۾ 'يجمان' يعني يگيہ ڪندڙ يا ساڌک کي وير ٿي هر ڳالهہ کي منهن ڏيڻ کپي. ڇا دنيا جي ڪارين کي ڇڏي وڃڻ سان توکي شانتي ملندي؟ نہ، ساڌنا روپي يگيہ ۾ لڳل، سچيءَ انتي لاءِ يتن ڪندڙ کي تہ پنهنجي انتيءَ ۽ پرجا يعني لوڪن جي ڀلي روپي يگيہ يا ڪاريہ اڀلاکا رهت ڪرڻ کپي. 'اڀلاکا رهت' جو ارٿ آهي اناسکت ٿيڻ، موهہ نہ رکڻ، ڦل جي اِڇا نہ ڌارڻ.

هن منتر ۾ اِن سان گڏ چيل آهي تہ پرجا نشکام هئڻ گهرجي. پرجا جي معنىٰ آهي سنتان، گهر ٻار، ساٿي سڄڻ سنٻنڌي. اُهي بہ نشکام يا اناسکت، نرموهہ هئڻ گهرجن.

'اناسکت' جو ارٿ پريم رهت ٿيڻ ڪين آهي. پريم خراب ڪين آهي، پر پريم سان گڏ جڏهن ممتا يا پنهنجائيءَ جي ڀاونا زور وٺي ٿي، جڏهن سمجهي ٿو تہ هي سڀ منهنجا آهن، تڏهن پريم

وڪاري ٻڌجي ٿو. پريم جي جاءِ آسڪتي وٺي ٿي، جا ئي دک جو ڪارڻ آهي. انڪري ويد چوي ٿو ته يگيه ڪندڙ يجمان يا ساڌڪ  کي پاڻ ته اناسڪت يا موهه رهت ٿيڻ کپي پر ان سان گڏ سندس پرجا يعني ڪٽنبي سنگي ساٿين کي به موهه رهت ٿيڻ کپي.

ويد پڙهندڙ توکي نه فقط اناسڪت ٿيڻو آهي پر ان کان وڌيڪ ڳالهه آهي هيڪڙائيءَ کي پراپت ڪرڻ جي: سنسار ۾ ٽنائي آهي پرڪرتي، آتما ۽ پرماتما.  اناسڪتيءَ سان مايا اتيت ٻڌجڻ کپي، پرڪرتيءَ کان مٿي ٿيڻ گهرجي. ان بعد اهنڪار کي ماري، مان ۽ منهنجو وڃائي، دئيت کي ڏڪي، هيڪڙائيءَ کي حاصل ڪرڻ جڳائي. آسڪتي ويئي، مان ۽ مهنجو ويو ته باقي پرماتما ئي رهيو. پرماتما کي پراپت ڪرڻ آهي هيڪڙائيءَ کي حاصل ڪرڻ ڪيوليه اوستا ’بڌ اوستا‘ کي پائڻ. اها ئي آهي مڪتيءَ جي اوستا.

## 75. **پسن سان پيار**

**ارٿ: گاهه _ آهاري ڪک کانا کائيندڙ، هنسا نه ڪندڙ پکين کي پڪاريون ٿا. هن منتر جو هي به ارٿ آهي ته اسان اوديا روپي دک ٿيڻ کان الڳ ٿي، برابر پريت جو سيون ڪرڻ، دوش يا دشمنن کي ناس ڪرڻ ۽ پکل پدارٿن جي پوڄن ڪرڻ وارن مهمانن ۽ يگيه ڪندڙ وداوانن کي ستڪار سان سدائين گهرايون ٿا.**

**سمجهاڻي**: ويد ماتا منش ماتر سان پيار سان هلڻ، هڪ ٻئي سان همدردي رکڻ، هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جي سکيا تہ ڏني آهي پر جيو ماتر جي رکيا ڪرڻ لاءِ بہ هن ويد منتر ۾ چيو ويو آهي تہ جيڪي پسون يعني جانور گاهہ، ککہ کانا کائين ٿا، کنهن کي رنجائين نٿا تن کي اسين پڪاريون ٿا، انهن سان پيار ڪريون ٿا. ڳانيون، بيل، مينهون، ٻڪريون، رڍون، گهوڙا، گڏهہ، خچر، هاٿي وغيره اهنسڪ پراڻي 'جيوَ' آهن. انهن جو گذر گاهہ، پُوسي، سبزين وغيره تي آهي، ان ڪري انهن لاءِ پراچين ڪال کان اسين نہ رڳو پيار ڏاريندا هئاسين. ڳانيون، مينهون، ٻڪريون، رڍون وغيره جانور تہ اسان کي کير ٿا ڏين، جنهن مان ڏڌ، مکڻ ملائيوغيره طاقتور پدارٿ اسان کي پراپت ٿين ٿا. گهوڙا، گڏهہ، خچر، هاٿي وغيره اسانجي سواريءَ جا ساڌن آهن ڍڳا تہ اسانجي زمين جو آڌار آهن انهن سڀني سان پيار رکڻ انهن جي سنڀال ڪرڻ اسانجو پرم ڌرم هئڻ کپي.

پر اسين انهن جا احسان ڀلائي هنسڪ پسن کان بہ پري ڀڄي پيا آهيون. انهن کي مارئي انهن جو ماس کائڻ واجب پيا سمجهون. ماس کائڻ تہ ويدن شاسترن جي سکيا موجب دئيتن جو ڪاڌو آهن. ماس کائڻ نہ رڳو بي رحميءَ جو ڪم آهي ، پر من ۽ تن کي وڏو هرج رسائيندڙ آهي. منش جو سڀاويڪ ڪاڌو ان، ڀاڄيون، ميوا، کير، مڻايون وغيره آهي، جو ماڻهو کي ٻل ۽ سٻڌي بخشي ٿو. ماس من ۽ تہ جا روڳہ پيدا ڪندڙ آهي، اها ڳالهہ هن وقت والايت جا وڏا وڏا ڊاڪٽر بہ وڏي واڪي چئي رهيا آهن.

انکري جي اسين شانتي ٻل ۽ ٻڌي چاهيو ٿا تہ ويد جي آگيا موجب ماس آهار کان پري رهون ۽ اهنسڪ پن جي پالنا پنهنجو پرم ڌرم سمجهون.

هن منتر جي ٻئي ارٿ پٽاندر گرهستين کي گهرجي تہ وئديہ شو رویر ۽ يگيہ سڌ ڪندڙ ودوانن کي گهرائي، سندن ستڪار سان شيوا ڪري انهن کان اتم وديا يا سکيائون سدائين گرهڻ ڪن.

---

## 76. **پڪار**

---

**ارٿ : هي مترو! آڪيري (نواس) وارا، من وارا ٿي اتم ٻوڌ پراپت ڪريو يعني جاڳو. اگني ٻاريو. مان ، سوريہ ۽ اُشا ديويءَ کي توهان اندر وانن لاءِ سدائين پڪاريان ٿي.**

**سمجهاڻي:** هي ساري پرٿوي گويا هڪ آڪيرو آهي ۽ ان تي نواس ڪندڙ سڀيئي انسان پرٿريءَ روپي سمان آڪير جا نواسي آهن هن منتر ۾ سموريءَ پرٿويءَ کي هڪ گهر ۽ ان ۾ سڀني رهندڙن کي پريوار مڃيو ويو آهي. سمان آڪيري جا نواسي هئڻ ڪري جي انسان پاڻ ۾ متر، هڪ جهڙيءَ مشهوريءَ وارا آهن. انسانيت ئي انسان جي مشهوري آهي، مانوتا ئي منش جو يش آهي. انسانيت ئي انسان جي

سچي سچاٽپ آهي. انسان ئي، جنهن انسانيت جي مشهوري حاصل نہ ڪئي آهي، انجون ٻيون سڀئي مشهوريون بيڪار آهن.

اِندر چئبو آهي اندرين جي سوامي آتما کي. اِندراوت جو مطلب آهي آتما وارا، جيئرا جاڳندا آتما وارا. سموريءَ پرٿريءَ تي جڙواد ۽ ڀوڳ واد جو انڌڪار ڇانئجي ويو آهي. انسان ذات جي اندر ۾ يوگ واري جيون لاءِ هڪ ڏيمي آگ ٻري رهي آهي. انسان جي آتما انهي جوتي وان اُشا جي درشن لاءِ تڙڦي رهي آهي، جنهن جي پنيان انسانيت جو ڀاڳيہ _ سوريہ اڀري ٿو.

سمهي اٿڻ کي جاڳڻ ڪونہ ٿو چئجي. گيان ۽ وويڪ جي پراپتيءَ سان جيڪو ٻوڌ ٿئي ٿو، جيڪو آتم جاڳرڻ ٿئي ٿو، انهي کي جاڳڻ ٿو چئجي. جاڳي، جنهن اُگنيءَ کي ٻارڻ لاءِ چيو ويو آهي، اها اگني آهي مانوتا اگني، انسانيت جي آتش، مانو پريم جي اگني. مانوتا جي اگني ٻرندي تڏهن، جڏهن پرٿريءَ جا نواسي سڀئي انسان سمان ٿيندا. سمان من وارا ٿيندا، دل وارا ٿيندا، پنهنجي من کي ادار ۽ وشال بڻائيندا. اڄ انسان ذات بي مني ٿي رهي آهي. هردي هيڻ ٿي رهي آهي ۽ انهي ڪري انسانيت جي اگني وسامي رهي آهي ۽ دئت پڻي جي آگ ٻري رهي آهي.

سوريہ ئي اگني آهي، پنهنجي محور تي گتي ڪندڙ آهي ۽ دويہ سندرتا هئڻ ڪري اُشا کي ديوي چيو ويو آهي. سوريہ، اُشا، چندرما، پرٿوي اگني، جل، هوا، آڪاش، لوڪانتر سڀئي ديو سيني مانوديون جي سمان روپ سان رکشا يا شيوا ڪري رهيا آهن. ڪوئي ڪهڙي بہ ديش يا سمپردايہ جو ڇو نہ هجي، اهي سيني جي سمان

روپ روپ سان جيون رڪشا ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح سڀيئي انسان انسانيت جي ناتي بنا ڪنهن ڀيد ڀاو جي هڪ ٻئي جي پريم سان هڪ ٻئي جي رڪشا ۽ شيوا ۾ سهائتا ڪن.

سڀني انسانن ڪي اِندروان چئي ويد ماتا اڻ ورڇيل انسانيت ڏانهن تمام سندر اشارو ڪيو آهي. سڀيئي انسان آتما وارا آهن. هر منش جي شريو ۾ آتما آهي آتما جي درشتيءَ ڪان سڀنئي انسان سمان آهن سڀني انسانن جو شرير ٻه ته پنجن تتن جو ٺهيل آهي ۽ هر منش جي شرير ۾ سمان چيتن آتما آهي. انڪري انسانو! جاڳو، وويڪ ۽ گيان پراپت ڪريو.

---

## 77. گيان جو دان!

---

**ارٿ: تون يگيه جي رڏي آهين. اسان جوتيءَ (گيان) ڪي پراپت ٿياسين ۽ امر جيوت وارا ٿي وياسين. پرٿويءَ ڪان، انڏڪار ڪان ديو لوڪ، پرڪاش ڏانهن اڏڪار سان چڙهياسين. ديون ڪي، دويه گڻن ڪي، آنند ڪي ۽ پرڪاش ڪي پراپت ڪيوسين. (يجرويد)**

**سمجهاڻي:** هن منتر ۾ ستر لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جو مطلب آهي ڏکھو يگيہ، 12 ڏينهن يا ان کان وڌيڪ عرصي تائين جيڪو يگيہ هلندو رهي، ان کي ستر چئبو آهي. لوڪ اپڪار جو نالو يگيہ آهي. گيان رهت ماڻهو لوڪ اپڪار ڪري نٿو سگھي ، ڇاڪاڻ تہ جي اها ڄاڻ ناهي تہ ماڻهن جي حالت ڪهڙي آهي، ڪهڙيءَ ڳالھ جي منجهن ڪمي آهي، ڪهڙيءَ شيءَ جي ڪين ضرورت آهي، تہ پوءِ ماڻهو ٻين جو اُپڪار ڪيئين ڪري سگھندو؟ ماڻهن جي حالت جو جيترو وڌيڪ گيان هوندو، اوترو وڌيڪ اُپڪار ٿي سگھندو. ڀڳوان انڪري اپديش ڏنو آهي تہ تون پراپڪار جِي، يگيہ جي رڌي، اُنتي ڪرڻ وارو آهين.

گيان جي مهما جو ورنن ڪير ڪري سگھي ٿو؟ گيان، جوتي جيون آهي ۽ اگيان موت. پسن ۽ پکين ۾ سپاويڪ گيان ٿيندو آهي پر منشن ۾ سپاويڪ گيان تہ ٿيندو آهي پر هو سکيا ۽ سنگ سان بہ گيان پرپت ڪري سگندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو ڏينهون ڏينهن انسان گيان حاصل ڪري وڌيڪ ۽ وڌيڪ ترقي ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ سک سهنج ميسر ڪري رهيو آهي.

سرشٽيءَ جي آد ۾ ڀڳوان انسان کي زبان ( واڻي ) ۽ ويد گيان جو دان ڏيئي ، سڀني جيو ڌارين جو شرومڻي بڻائي ڇڏيو. آوائل ۾ تہ ماڻهوءَ وٽ ريل، جهاز ۽ هوائي جهاز تہ ڇا پر ٽانگو (بگي) ۽ بئل گاڏي بہ ڪانہ هئي، ڪٿي وڃڻ لاءِ ٽنگون ئي هيون. اڄ گيان جي واڌاري سان وٽس موٽر ۽ هوائي جهاز آهن، جن سالن جي

مسافريءَ کي کن ڏينهن جو بڻائي ڇڏيو آهي. اها کنهنجي ڪرپا آهي ؟ جوتيءَ جي _ گيان جي.

کنهن بہ درشتيءَ کان ويچاريون تہ اڄ جو انسان شروعات جي انسان کان وڌيڪ ائشوريہ شالي آهي. اڄ جي انسانن جي سامگري، شرير جي گذاري لاءِ انيڪ ساڌن ميسر آهن. اها ڪنهنجي ڪرپا آهي ؟ گيان جي. انهي ڪري اڄ جو انسان فخر سان چئي سگهي ٿو تہ اسان گيان پراپت ڪيو ۽ انڪري اسان امرت زندهہ ٿي وياسين. موت جي قاسيءَ کان نڪري وياسين. اڄ گرميءَ ۽ سردي سبب موت ڇڻڪ ناممکن ٿي پيو آهي، چاڪاڻ تہ سخت گرميءَ سخت سرديءَ سبب موت جي واڌ بہ گهٽجي ويئي آهي.

جهڙيءَ طرح هن دنيوي گيان جي واڌاري سبب يوتڪ (جسماني) موت جي ساڌنن (طريقن) ۾ ڪمي آئي آهي، تهڙيءَ طرح آتمڪ گيان جي انتيءُ سان آتمڪ موت جي ڪارڻن جي ڪمي بہ ممڪن آهي. جيڪي آتم جوتي (روحاني علم) پراپت ڪن ٿا، اهي امر ٿي وڃن ٿا.

يجر ويد جي چاليهين اڌياءَ ۾ سمجهايو ويو آهي تہ ” جيڪو گيان ۽ ڪرم جي گڏوگڏ پيروي ڪري ٿو اهو ڪرم جي عمل سان موت کي پار ڪري، گيان دوارا امرت _ موڪش امرت جيون پراپت ڪري ٿو“ . موت سان گڏ جنم لڳو پيو آهي پر گيان _ آتم گيان ماڻهوءَ کي امر جيون بخشي ٿو. اهو ڪيس جنم مرڻ جي چڪر ڇڏائي ڇڏي ٿو.

ماڻهو پرٿريءَ تي بانبڙا پائي هلندو هو، ريڙهيون پائيندو هو منجهس ۽ ڪيڙن ۾ گويا ڀيد ڪونہ هو. گيان سبب هو پرٿويءَ ڪان اٿي، اڏامي آڪاش ۾ هليو ويو آهي. اڏامي تہ پکي بہ ٿو پر اهو سهج گيان سبب. پکيءَ جي اڏامڻ ۾ ڪا چترائي ڪانهي پر منش تہ پريوءَ جي ڏنل گيان جو استعمال ڪيو ۽ هو بہ پکيءَ وانگر آڪاش ۾ آڏامڻ لڳو. پکي اڪيلو اڏامندو هو ٻئي ڪي آڏائي نہ سگهندو هو پر ماڻهو تہ انيڪ ٻين ڪي بہ ساڻ آڪاش ۾ وني وڃي ٿو پکي هيٺ ڪاڏي جي شيءَ ڏسي ٿو تہ لامارا ڏيندو لهي اچي ٿو پر انسان مٿي قادر جي قدرت، روشن گرهہ وغيره ڏسي ٿو ۽ منجهس انهيءَ ڄاڻڻ جي جڳياسا (خواهش) جاڳي ٿي تہ انهن سج، چنڊ ۽ تارن جو آڌار ڇا آهي؟ انهي جڳياسا ڪيس برهم جو ٻوڌ (سڄاڻپ) ڪرايو، تڏهن هن مستيءَ ۾ اچي چيو تہ مان هن پرٿويءَ ڪان، انڌڪار ڪان مٿي چڙهيو آهيان ۽ ديون ڪي، دويہ گڻن ڪي ۽ آنند ڪي پراپت ٿيو آهيان. سچ تہ گيان آهي پرڪاش ۽ پرڪاش ۾ آهي آنند سمايل.

---

## 78. وڏيءَ عمر جو راز

---

**ارٿ: جيئرن جي جوتيءَ ڪي سامهون ٿي، اُدم سان پراپت ڪر. توکي سو ورهين لاءِ آڻيان ٿو. گندگيءَ روپي موت جي ڦندن ڪي دور ڪري توکي تمام وڏي عمر ڏيان ٿو. ( اٿرو ويد)**

**سمجھاڻي:** ويد ۾ وڏيءَ عمر جي پراپتيءَ جو ڪيترن هنڌ ذڪر ڪيل آهي جلد مرڻ ۽ ننڍيءَ عمر ۾ مرڻ ويد جي سکيا جي ابتڙ آهي ويد ۾ وري وري ڊگهي عمر پراپرت ڪرڻ ۽ انجي ساڌنن ڪرڻ جو اپديش ڏنل آهي ويد ۾ منش جي ساڌارڻ (اوست) عمر 100 سالن ٻڌائي ويئي آهي. هن منتر ۾ ئي ڏسو تہ چيل آهي تہ ” مان توهان کي هن جڳت ۾ 100 سالن لاءِ آڻيان ٿو“

اڄڪلهہ ڪيترن ۾ اهو خيال ويهجي ويو آهي تہ وڏي عمر ماڻي ڇا ڪبو؟ وڏي عمر ماڻهن کي دکدائي ڀاسي ٿي، مگر اها نراشا ڀري ڀاونا ويد جي خلاف آهي ويد ۾ تہ 100 سالن تائين جيئڻ جي اڇا جو اپديش آهي جيئن تہ ”منش هن سنسار ۾ ڪرم ڪندي ئي 100 سال جيئڻ جي اڇا ڪري“ ( يجرويد)

جيئڻ جي اڇا ڪرڻ جو اپديش ڪيل آهي ۽ نہ مرڻ جي اڇا ڪرڻ جو. هائو هڪ ڳالهہ تي زور ڏنو ويو آهي تہ ڪرم _ ست ڪرم ڪندي جيئن جي، 100 سال جيئڻ جي اڇا ڪري. اڄ ويد کي مجيندڙ پارٽي بہ 50 ورهين جي عمر ۾ پاڻ کي ٻڍو مڃڻ لڳي ٿو ! اهو خيال ويد جي ورڌ (ابتڙ) آهي. ويد تہ صاف اڳيا ڏئي ٿو تہ ‘سامهون ٿي جيئرن جي پرڪاش کي پراپت ڪر’ مري ويلن جي چنتن ڇا جو؟ اهي هاڻي اسانجو ڪو ڀلو ڪري نٿا سگهن. ٻڌائي ۽ يگاڙي تہ جيئرا ئي سگهندا آهن. انهيءَ ڪري سامهون اچ ۽ جيئرن جاڳندن کان پرڪاش وٺ. ڏس تہ جيئرن ڪيئن جوتي پراپت ڪئي، تون بہ ائين ڪر ۽ وڏي عمر پراپت ڪر.

هيءُ ويد جو اپديش صرف شخص لاءِ نہ پر جاتين لاءِ بہ اوترو ئي ڪارگر آهي. انتيءَ جي ڪامنا ڪندڙ قوم ڪي مثل، شڪست ڪاڏل ۽ سنسار مان گم ٿي ويل قومن ڪي پنهجو آدرش نہ بڻائڻ گهرجي، بلڪ جيوت جاڳرت، ترقيءَ جي راهہ تي وڌندڙ قومن ڪي سامهون رکڻ گهرجي. اهو آهي بہ سياويڪ، ڏسو ٻالڪ پنهنجن وڏن جيئرن جو نقل ڪري ٿو. اهو ڪنهن مئل جي ڪلپنا (تصور) بہ نٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري ويد سامهون ٿي جيئرن ڪان پرڪاش پراپت ڪرڻ جي پريرڻا ڪري ٿو .

عمر ڪي گهٽائيندڙ پدارٿ بيماريون ، شوڪ وغيره آهن. بيماريون (بدني بيماريون ) شرير ڪي گندي رکڻ سان پيدا ٿين ٿيون. شوڪ وغيره مانسڪ بيماريون من جي گندگيءَ سان ٿين ٿيون. جيڪو بدني ۽ من جي بيمارين ڪان بچڻ چاهي، انکي شاريرڪ ۽ مانسڪ گندگي دور ڪرڻ گهرجي. اهو ڀاو ويد هنن لفظن ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ 'گندگي روپي موت جي ڦندن ڪي ڇڏيو'. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ گندگي موت آهي ۽ موت ڪان سڀيئي بچڻ چاهين ٿا !

ويد ۾ هڪ هنڌ چيل آهي تہ 'تنهنجو شرير پٿر سمان ٿئي' پٿر سمان شرير تہ صاف سٿرو رکڻ سان ئي ٿيندو. اُتم ڀوڄن، نيمائتي ڪسرت ۽ پراڻايام جي ڪرڻ سان ٿيندو. ڪسرت ڪندڙ منش جي عمر، تيج، جس ۽ شڪتي وڌن ٿا. انڪري وڏي عمر چاهيندڙ ڪي ڪسرت ضرور ڪرڻ جڳائي.

لوهہ جيڪو پٿر ڪي بہ ڪاٽي ڇڏيندو آهي، اهو زنگ ( ڪٽ لڳڻ سان ناس ٿي ويندو آهي. انهي ڪري پٿر سمان شرير جي ڪامنا

رڪندڙن ڪي گهرجي تہ هو ويچار، گندگي وغيره ڪان هڪدم پري رهن. اُهي سدائين ياد رکن تہ گندگي موت آهي.

' آتم انتي ' جي ڪانڪين ڪي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ، اهنڪار وغيره وڪارن جو بلڪل تياڳ ڪرڻ گهرجي. انهن جي تياڳ ڪرڻ ڪانسواءِ آتم اڌار ٿي نہ سگهندو. انڪري وڏي عمر ۾ آتمڪ انتي چاهيندڙن ڪي هر پرڪار جي گندگي ڪان بچڻ گهرجي. پڳوان تہ اسانکي وڏي عمر ڏئي ٿو پر اسان ڪي پاڻ ڪي يوگيہ بڻائي اها ماڻ ڪپي ۾ الٽيءَ چال سان انکي گهٽائي نہ ڪپي.

## 79. اڪيلو ڪائيندڙ پاپي

**ارٿ: ڪم عقل ماڻهو اجايو يوڳہ سامگري (ان) حاصل ڪري ٿو. سچ ٿو چوان تہ اُها يوڳہ سامگري انهي ماڻهوءَ لاءِ موت روپ ٿئي ٿي، انجو ناس ڪندڙ ٿئي ٿي ! اهڙو ڪم عقل نڪي تہ يگيہ ذريعي آريہ مانيہ ورن وغيره جي پالنا ڪري ٿو ۽ نڪي مترن جي پالنا ڪري ٿو .سچ پچ هو فقط اڪيلو ڪائيندڙ ( يوڳہ ڪندڙ) ماڻهو رڳو پاپ ئي يوڳيندڙ ٿئي ٿو. ( رگ ويد)**

**سمجهاڻي:** سنسار ۾ شاهوڪار ڏسڻ ۾ ايندڙ ڪم عقل ( پاپ بڌيءَ وارن _ آپ سوارٿي ) ماڻهن وٽ جيڪو جهجهو ان ۽ انيڪ قسمن

جي ڀوڳ سامگري ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ڇا اها ڀوڳ سامگري آهي؟ اهو ڀوڳ ولاس جو سامان ته سندن موت آهي. اهي ڀوڳ وستو نه آهن مگر ڪين ڳرڪائيدڙ آهن. ائين چوڻ نيڪ ٿنيدو ته منوهر روپ ڌاري آيل سندن ڪال آهي.

توهانکي ان تي وشواس نه ٿيندو هوندو پر اهو سچ آهي ته پاپي، ڪم عقل انسان وٺ جمع ٿيل سارو دنيوي ڀوڳ جو سامان ، سندس موت جو سامان آهي انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

ڌن جو صحيح استعمال انهيءَ ۾ آهي ته اهو پاڻ لاءِ ڪم آڻجي ، پر ٻين معزز ڌرماتمائن ۽ مترن جي پالنا ۾ به لڳائجي.

## 80. ‘سواڌيايہ’ ڪريو

**ارٿ : جيڪو سڀ کي پوتر ڪندڙ ايشور جي ڏنل ۽ رشين دوارا گڏ ڪيل رچائن جو اڌيين ( اڀياس) ڪري ٿو اهو پوتر آنند رس جو پان ڪري ٿو (رگ ويد)**

**سمجهاڻي:** ويدن ۽ ست شاسترن جي اڀياس کي ‘سواڌيايہ’ چيو ويو آهي. هن ويد منتر ۾ ڏيکارو ويو آهي ته جيڪو ‘سواڌيايہ’ ڪري ٿو ، اهو آنند جي رس پيئي ٿو. پراچين رشين منين به ‘سواڌيايہ’ ڪرڻ تي ڏاڍو زور ڏنو آهي انکي انهن وڏي تپسيا مڃيو آهي. انهيءَ

’سواڏيائي‘ لاءِ ماڻهو پنهنجن  پران پيارن پترن ۽ پترين کي شهرن ۽ ڳوٺن کان پري جهنگلن ۾ وهاريندا هئا.

انساني زندگيءَ کي چئن آشرمن ۾ ورهايو يو آهي. انهن مان ٽن آشرمن برهمچريہ، وانپرست ۽ سنياس ۾ تہ فقط ’سواڏيايہ‘ ئي ٿيندوهو. گرهست لاءِ ’سواڏيايہ‘ ضروري فرض هو. تڏهن تہ **اچاريہ ديکشانت** ڀاشڻ ۾ پنهنجي سناتڪن (ششن) کي چوندو هو.

”سوڏيايہ ۽ ويد اپديش ۾ ڪڏهن بہ سستي نہ ڪجي“

سواڏيايہ پنهنجي زندگيءَ لاءِ آهي بہ تمام ضروري. جهڙيءَ طرح بدني اُنتي لاءِ يوجن ضروري آهي، نيڪ اهڙيءَ طرح آتمڪ انتيءَ لاءِ سواڏيايہ بہ ضروري ۽ لازمي آهي. سواڏيايہ سان ويچارن ۾ پوترتا اچي ٿي گيان جو واڌرو ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن تلاءَ ۾ نئون پاڻي اچڻ بند ٿي وڃي ٿو تہ ان ۾ ڪيڙا پئجي وڃن ٿا. انجي مٿان سينوَر ڇائنجي وڃي ٿو ۽ پاڻيءَ مان بدبوءِ اچڻ لڳي ٿي. نيڪ اهڙيءَ طرح سواڏيايہ جي بند ٿي وڃڻ سان اسان جون مانسڪ ورتيون خراب ٿي وڃن ٿيون، اسانجو گيان محدود ٿي وڃي ٿو ۽ اسان کوھ جا ڏيڏ بڻجي پئون ٿا. جيڪڏهن هرزور ڪلاڪ بہ سواڏيايہ ڪئي وڃي ۽ هڪ ڪلاڪ ۾ 20 صفحن جو پاٺ ٿئي تہ هڪ مهيني ۾ 600 صفحن جو گرنٿ پڙهي سگهجي ٿو. ذرا سوچيو تہ اهڙيءَ طرح سواڏيايہ ڪرڻ سان توهانجي گيان ۾ ڪيترو نہ واڌارو ٿيندو ؟

سواڌيايہ جي شڪتيءَ سان هڪ معمولي ماڻهو بہ مهان ٿي سگهي ٿو سواڌيايہ جي ٻل تي انيڪ شخص اعليٰ درجي جا ودوان بڻجي پيا جيڪڏهن اسان اتهاس جي پنن کي ورايون تہ اسانکي اهڙا انيڪ مثال ملندا ؟

برمونٽ (اميريڪا) ۾ هڪ موچي هو، نالو هوس چارلس سي فراسٽ. هن پنهنجي ڪم مان هرروز هڪ ڪلاڪ ڪڍي ڏهن سالن تائين نيم سان ڳڻت (حسابن) جو اڀياس ڪيو. فقط هڪ ڪلاڪ روز سواڌيايہ ڪرڻ سان هو ڏهن سالن ۾ ئي اعليٰ درجي جو حساب دان ٿي پيو.

آريہ جڳت جي مشهور ودوان **پنڊت ڪيم ڪرڻ داس** 55 سالن جي عمر ۾ سنسڪرت پڙهڻ شروع ڪري اٿروَ ويد تي ڀاشيہ ڪيو، جو اڄ بہ تمام سٺو ليکيووجي ٿو. اسان کي سدائين سٺن گرنٿن جو اڀياس ڪرڻ جڳائي. **سوامي شوانند** هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”ست گرنٿ هن لوڪ جون چنتامڻيون. آهن انهن جي اڀياس سان سڀيئي چنتائون مٽجي وڃن ٿيون. شڪ روپي راڪاس ڀڄي وڃن ٿا ۽ سٺا ڀاو جاڳن ٿا ۽ پرم شانتي پراپت ٿئي ٿي

**لوڪمانيہ تلڪ** لکيو آهي تہ ”مان نرڪ ۾ بہ سٺن پستڪن جو سواگت ڪندس، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ اها شڪتي آهي جو اهي جتي هوندا اتي سرڳ بڻجي ويندو“

ويد سنسار ساهتيہ جو سرتاج آهي. سنسار جي پستڪاليہ ۾ ويد سڀني کان پراچين پستڪ آهي. نہ فقط ڀارتييہ وادوانن بلڪ اولھہ جي وادوانن بہ ويد جي سريشت (مهان) هئڻ جا گيت ڳايا آهن. ويد جي ابياس سان ماڻهو وڏن پاپن کان بچي وڃي ٿو اها ڳالهہ صحيح آهي. سنسار جي سڀني پاپن جي پاڙ آهي من جي اپوترتا. سواڌيايہ وسيلي من ڌوپي شڌ ۽ پوتر ٿئي ٿو، پوءِ ماڻهو پاپن طرف ڪيئن جهڪي سگهي ٿو؟

گندا ناول ۽ ناٽڪ، اجايا قصا ۽ ڪهاڻيون پڙهڻ سواڌيايہ ڪين آهي. انهن سان ماڻهوءَ جو ڪلياڻ ڪين ٿو ٿئي. جيون پوتر ڪندڙ، آتما جو ڪلياڻ ڪندڙ گرنٿ ئي پڙهو. سنسار جي مها پرشن جي جيونين جو ابياس ڪريو. اپنشد، منوسمرتي، راماپڻ ۽ مهاڀارت وغيره گرنٿ پڙهو. ستيارٿ پرڪاش، سنسڪار وڌي، رگ ويد، آدي ڀاشيہ ڀومڪا، ويوهار ڀانوُ وغيره پستڪ پڙهو.

پيارا پڙهندڙو ! توهان جيڪڏهن مهان بڻجڻ چاهيو ٿا، قسمين قسمين وديائن ۾ پڙ ٿيڻ چاهيو تہ هڪ ڳالهہ ياد رکو تہ سواڌيايہ ڪرڻ پنهنجي جيون جو انگ بڻايو..

Dear hashmat

This book titled ‘Ved Parkash’ was authored by Deep Chander Belani, and this electronic version is being sent to you for uploading by esaakhi, an ebooks section of saakhi sangat ( kitab dost, book friends ).

This pre publication version is sent for review by visitors of ur website to have their views before its publication.

Moreover any one interested for its publication is welcome and may please contact us.

esaakhi@gmail.com